

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

دي ناک 109

Denok 109

(ناول)

منظور کوهيار

کنول

پبليڪيشن 2022ع

BOOK NO: (348)

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: **ڊي ناڪ 109**

موضوع : (ناول)

ليکڪ: **منظور ڪوهيار**

سنڌي،پهريون چاپو: نومبر 2022ع

ٽائيٽل: شيراز ڪوهيار

چپيندڙ : **ڪنول پبليڪيشن**

ڪنول پبليڪيشن/ پرنٽر & بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي ڪاتو۔ حيدرآباد.

: 0333-7523132

قيمت: 600 روپيه

Denok 109

(Novel)

MANZOOR KOHYAR

1st Edition: NOVEMBER 2022

Published by: Kanwal Publication

ISBN: 978-969-2252-27-0

اداري جو ليکڪ جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي.

ڪتاب ملڻ جا هنڌ،

ڪنول پبليڪيشن& بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي ڪاتو۔ حيدرآباد.

پٽائي بڪ اسٽور، ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد ۔ رومي ڪتاب گهر، گدو چونڪ حيدرآباد ۔ دانيال ڪتاب گهر، قاسم آباد. نئون نيپو ڪتاب گهر، سچل ٻوٽ ڪراچي. الاحسان ڪتاب گهر، ميڙ ۔ مرڪ پبليڪيشن هائوس، ڪراچي ۔ ڪانيواڙ بڪ شاپ، اردو بزار ڪراچي ۔سنديڪا بڪ شاپ، لاڙڪاڻو ۔ رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو. المعراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ ۔موڪي بڪ هائوس ڪيڑا بازار مورو۔ سليمان برادرس، نواب شاه ۔ مدني بڪ اسٽور، دادو ۔ سنديڪا ڪتاب گهر سکر۔ سارنگ ڪتاب گهر، سکر ٽرڪتاب گهر، مني۔ سنڌ بڪ اسٽور پڪا چانگ، سراج بڪ اسٽور ، قنبر علي خان

ياران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، جامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

پنهنجي والد
ولايت حسين خان

جي نانءُ

Acknowledgement

I would like to start by thanking all my incredible friends from IHS batch Rotterdam, for sharing their memories to help write the novel "Denok 109" in Sindhi language.

I am also thankful for the impressive bunch of ladies from Africa at the IHS hostel, whose positive attitude and generous behavior inspired the central idea of this novel.

I am eternally grateful to my daughter Gul Kohyar and literary batchmate , Maria Eugenia Sbrocco for encouraging me to complete this Novel.

It is a brihgt hope that someday that I shall be able to write novel series on the stimulating experiences , I have encounterd with my best friends and family.

Manzoor Kohyar

دوستاڻو تعارف

محمد حسين "سهيل"

منظور ڪوهيار ۽ منهنجو گهر گهر جي سامهون ۽ در در جي سامهون، ٻاروتڻ کان وٺي، پنهنجو اٽڻ ويهڻ، پڙهڻ کيڏڻ گڏ رهيو آهي. پوءِ اهي لاهوري محلي لاڙڪاڻي جون گهٽيون هجن، جتي اک ٻوٽ کان وٺي، 'آپٽان آپٽان ڪرڙا گهٽا' راند ڪرڻ يا گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو وسيع ميدان تي، ڏکي ڏکر، ونجهه وٺي، ستڻ ڪُٽڻ، ڪرڪيٽ، فوٽ بال، هاڪي يا رائيس ڪئنال ۾ تڙڳڻ ۽ ترڻ هجي. جيئن ته ٻنهي جي خاندانن جو لکڻ پڙهڻ ۽ اسپورٽس سان واسطو رهيو آهي. منظور جو والد پوليس آفيسر ۽ ڇوڪان جو پليئر ۽ منهنجو والد ايجوڪيشن آفيسر ۽ لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ جي ڪرڪيٽ ۽ فوٽ بال ٽيم جو راندڳر هيو. ان ڪري اسان کي کيڏڻ ڪرڻ کان ڪا جهلَ پَلَ نه هئي.

راندين جي حوالي سان، مختصر پس منظر بيان ڪجي ته گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ پڙهائي دوران منظور چار سال ڪرڪيٽ جو ڪيپٽن رهيو ۽ مان ايٿليٽڪ ٽيم جو. ڪمشنر ڊويزن اليون جو منظور آفيشل ڪوچ هيو ته مان مئنيجر. 1976ع ۾ منظور ڪرڪيٽ تڏهن ڇڏي، جڏهن هو سکر ڊويزن جو اوپنر بئٽسمئن ۽ فل فارم ۾ هيو. ان زماني ۾ ٽيسٽ ايمپائر عمر خان جي سرڪردگي ۾، لاڙڪاڻي اسٽيڊيم ۾ ڪئمپ لڳي هئي. هن عمر خان کان پڇيو" سر! ڪيا مين نيشنل ٽيم ۾ شامل هوسڪتا هون ؟ " عمر خان چيس،" اگر تمهاري پاس بڙا پئسا اور سفارش هئي، تو هوسڪتي هو. ورنه نهين ! "

اهو ٻڌي، منظور ڪرڪيٽ ڇڏي ڏني. پر ايٿليٽڪ نه ڇڏي. سنڌ يونيورسٽي ۾ پهچڻ کان پوءِ اها به ڇڏائجي ويس، جو اتي غير نصابي سرگرميون نالي ماتر ٿيندیون هيون. جڏهن لاڙڪاڻي ايندو هيو ته چوندو هيو ته: " يار! اسپورٽس ايڪٽويٽيز کان سواءِ منهنجيون شامون اداس گذرن ٿيون! "

منظور ڪوهيار 1978ع واري بئچ ۾ آرٽس فئڪلٽي جو گولڊ ميڈلسٽ ٿي رهيو. پوءِ، هن ارازمس يونيورسٽي روٽرڊم مان هائوسنگ پلاننگ اينڊ بلڊنگ جو پوسٽ گريجيويٽ ڊپلوما ڪيو.

لاڙڪاڻي ۾ اسان ٻنهي جڻن ڪيترن راندين جا بنياد وڌا. مثلن: هئنڊ بال، جوڊو ڪراٽي، رگبي، ٽرو بال وغيره. اهڙي طرح منظور ڪوهيار سنگت کي گڏ ڪري 1987ع ۾ ميگھ ملهار ڪلچر اينڊ لٽرئري سرڪل لاڙڪاڻي جو بنياد وڌو ۽ 1996ع ۾ رائٽرس ڪلب لاڙڪاڻو جو. جيڪا اڄ به عنايت ميمڻ جي سرڪردگي ۾ ، بغير فارين فنڊنگ جي زور شور سان هلندي رهي ٿي.

منظور ڪوهيار آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جو بنياد وجهندڙن ۾ مک ۽ اهم رڪن رهيو آهي. جنهن جي پهرين ميٽنگ، کهڙو اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ ٿي هئي. وڏو شاهد لاڙڪاڻي جي ڊان اخبار جو بيوروچيف مشهور صحافي مولا بخش ڪلهوڙو آهي، جو اهو پڙ بنيادي ميمبرن منجهان هڪ آهي. منظور نه صرف بنيادي ڪم جنهن ۾ آئين لکڻ، ميمبر شپ فارم ٺاهڻ، متعلق ادارن سان لک پڙهه ڪرڻ، ميٽنگس ڪنڊڪٽ ڪرڻ، منٽس آف ميٽنگ تيار ڪرڻ، رجسٽريشن ڪرائڻ وغيره جهڙا ڪم ڪيا. پر هن ڪڏهن به دعويٰ نه ڪئي ته مان آرٽس ڪائونسل جو بنياد وجهندڙ واحد فرد آهيان. چوندو آهي، ته اهي سيئي بنيادي ميمبر آهن، جن پهرين ميٽنگ ۾ شامل ٿي ڪري ، سڏ ۾ سڏ ڏنو. هو هميشه We feelings جو قائل رهيو آهي. چوندو آهي، ته تنظيمون گڏيل ماڻهن جو ڦل هونديون آهن، نه ڪي ڪو هڪڙي ماڻهوءَ جو ڪارنامو. مون کي افسوس تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن ڪو جاهل اها دعويٰ ڪندو آهي، ته الاٽو فلاٽو آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻي جو بنياد وجهندڙ آهي. اهڙن کان جيڪڏهن آرٽس ڪائونسل جي وصف پڇجي ته اها به نه ٻڌائي سگهندا.

ادبي حوالي سان منظور ڪوهيار جا ڪالم ڪهاڻيون، مهاڳ، مضمون، استيج ڊرامه يا ناول با مقصد ۽ با مطلب هوندا آهن، جو هو لفظي عياشي جو نه، پر مقصديت جو قائل آهي. سندس پهريون سفري ناول JourneyNovel

"طريقت جو سج" ۾ 13 صديءَ جي تاريخ، سماجيات ۽ صوفي نظريہ جو شاهڪار آهي. ڪنهن درباري نقاد ان کي سفرنامو پئي سڏيو جڏهن تہ اها سفري ناول جي سنئين سڏي صنف آهي. مون يار کي چيو هيو تہ ان ناول جي مهاڳ ۾ سفري ناول تي ۽ ڪجهہ لکي ڇڏي ها، تہ بهتر هيو. هن جو جواب هيو تہ 'ڇڏ منڊي کي واريءَ ۾...!' پر هن پيري منهنجو اصرار اٿس، تہ مهاڳ ۾ ڊائري ناول تي ضرور لکي، جيئن ادبي جستجو رکندڙن کي تہ معلومات ملي سگهي.

هن ناول ۾ جنهن خاص ڳالهہ مون کي متاثر ڪيو اهو يورپ جي تعليمي ادارن جي نصابي ۽ غيرنصابي سرگرمين جي حوالي سان مڪمل ڄاڻ جو ملڻ آهي نہ تہ مون جيڪي ۽ ڪيمپس ناول پڙهيا آهن، انهن مان تہ صرف ائين محسوس ٿيندو آهي، جڻ اسان جي تعليمي ادارن ۾ صرف عشق يا سياست هلندي آهي. ادب جو هڪ ڪارج ڄاڻ ڏيڻ ۽ آهي، مثلن: حقيقت پسندانہ ناولن (Realistic Novels) ۾ اوهان کي زندگي جون حقيقتون ملنديون آهن. جنگي ناولن War Novels ۾ اوهان کي Facts and figures (حقيقتن سان گڏ انگ اکر) ملندا آهن. ۽ سائنس فڪشن تي لکيل ناولن ۾ اوهان کي Systematic Knowledge (منظم ڄاڻ) ملندي آهي.

منظور ڪوهيار جو لکيل، هي ڊائري ناول، ۽ حقيقت ۽ افساني جو مجموعو آهي. هڪ اهڙي اسپورٽس مئن (ايٿليٽ) جي ڪهاڻي آهي، جيڪو "هارائڻ ۽ کٽڻ" کي راند جيان زندگيءَ جو حصو سمجهي ٿو. پر جڏهن اهو اسپورٽس مين (ايٿليٽ) عشق جي آري ۾ اچي ٿو تہ استاد بخاري جي ڪلام جي ان بند وانگر ٿي پوي ٿو تہ:

حسن باز آ، مگر عشق وڏي آفت آ،
مون ڏٺو آ، تہ ڪڏهن باز ۽ جهتجي ٿو وڃي.

حبيب ئي هادي ٿيو !!!

صوفي ذلف علي

اينٽراپالاجي يا علم بشريات جي ماهر مارگريٽ ميڊ کان ، سندس شاگرد پڇيو تہ ''هوءَ ثقافت ۾ تهذيب جي شروعات ڪيئن ٿي سمجهي؟'' شاگرد کي اميد هئي تہ مارگريٽ ميڊ مڇيءَ جي ڪنڊن، مڻيءَ جي ٽانون يا پٿرن سان پيسائيءَ جي شروعات بابت ڳالهائيندي.

پر ائين نہ ٿيو. مارگريٽ ميڊ چيو تہ: ''قديم ثقافت ۾ تهذيب جي پهرين نشاني (فيمر) ران جي هڏي هئي، جيڪا ڪٿي پئي ۽ پوءِ جڙي ٺيڪ ٿي وئي هئي.'' مارگريٽ ميڊ وضاحت ڪندي ٻڌايو تہ: ''جانورن جي بادشاهي ۾ جيڪڏهن، توهان جي ڪنگ ڪٿي پوي، تہ توهان کي مرڻو پوندو ۽ توهان خطري کان ٻچي نہ ٿا سگهو. پاڻي پيئڻ لاءِ درياهہ ڏانهن يا کاڌي جي ڳولا ۾ وڃي نہ سگهندا. توهان خونخوار جانورن لاءِ گوشت مثل آهيو. ڇو تہ ڪٿل ڪنگ سان ڪو بہ جانور ايتو ڊگهو جيئرو نہ رهندو آهي، جو ان جو هڏ شفايابہ ٿي سگهي.

هڪ ڪٿل ران جو هڏو (فيمر) جيڪو شفايابہ ٿي ڇڪو تہ اهو ثبوت آهي تہ ڪنهن ماڻهو پڳل هڏ واري سان گڏ رهڻ لاءِ وقت ڏنو. زخم کي پٽي ڪرڻ ۽ ان شخص کي محفوظ رکڻ ، ان جي سنيال ڪرڻ لاءِ وقت ڏنو آهي. مصيبت ۾ ڪنهن ٻئي جي مدد ڪرڻ سان تهذيب جي شروعات ٿئي ٿي.''

مارگريٽ ميڊ جي ان انومان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اها عورت هئي، جنهن تهذيبي شروعات جي پيڙهہ جو پٿر رکيو. جيڪو اڳتي هلي Cognitive revolution ۽ پوءِ زرعي انقلاب جو سبب بڻيو. زرعي انقلاب اٽڪل 12000 هزار سال اڳ شروع ٿيو هيو. اهو آخري برفاني دؤر جي پڄاڻي ۽ موجوده جيولوجيڪل دؤر جي شروعات سان هليو. ان دؤر انسان جي رهڻي ڪهڻي، کائڻ پيئڻ ۽ لهہ وچڑ ۾ اچڻ جو جديد تهذيب لاءِ رستو هموار ڪيو. نيولٿڪ دؤر ۾ شڪاري دنيا ۾ کاڌي گڏ ڪرڻ لاءِ گهمندا ۽

رلندا وتندا هيا. پوءِ هڪ ڊرامائي تبديلي آئي. مال چارڻ وارا هاري بڻجي ويا. شڪار ڪرڻ واري طرز زندگي کان منظم آبادي ۾ تبديل ٿي ويا. ان تهذيبي اٽل پويان عورتن جو عمل دخل هيو. هاڻي جڏهن دنيا انفارميشن ٽيڪنالاجي جي انقلاب واري ٽين لهر ۾ داخل ٿي چڪي آهي، تہ ان ۾ انساني زندگي ۾ بدلاءُ جاري آهي. جيڪو سائنس جي مرهون منت آهي ۽ اهو وحدت الشعور جي فڪر جو پهريون ڏاڪو آهي.

عورتن جي حوالي سان اسان جو روايتي تصور عمومن سطحي رهيو آهي. جڏهن تہ اسان اهو وساري ويٺا آهيون. تہ عظيم فلاسافر سقراط جي استاد به هڪ عورت ڊئي ٽيما (Diotima) هئي. شيخ الاڪبر محي الدين ابن عربي جي مرشد به قرطبہ جي مشهور روحاني شخصيت فاطمہ بنت ال مثني هئي. 5 صدي عيسوي ۾ مصر جي اسڪندريہ شهر جي وڏي درسگاه جتي مئٽ فلاسافي ۽ فلڪيات جو علم پڙهايو ويندو هيو ان جي مهتمم ۽ عظيم استاد هائيپيشيا (Hypatia) هئي. اهڙي طرح بصره جي پاڪباز هستي رابعہ العدويہ جنهن جي خانقاه مان ڪيترائي طالب اڇي فيضياب ٿيندا هيا . هندوستان جي عظيم شاعره ۽ حقيقي عشق جو آشرم هلائيندڙ ميران ٻائي به هڪ عورت هئي. الجزائر ۾ فرينچ سامراج جي خلاف جنگ جوٽيندڙ لالہ فاطمہ نسومر به هڪ عورت هئي. اهڙي ريت ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٿا.

ڪردار نگاري ۽ مقصديت جي حوالي سان هي هڪ بهترين ناول آهي. جنهن جا هڙئي ڪردار انساني ورتاءَ جي حوالي سان پنهنجا اصلي رنگ روپ ۾ ظاهر ٽين ٿا. "ڊيناڪ 109 " ناول هڪ اهڙي اسپورٽس مئن جي مرڪزي ڪردار تي آڌاريل آهي. جيڪو اسپورٽس مئن اسپرٽ Sportsman spirit جو تہ قائل آهي، پر مرداڻي معاشري جي ڏنل ترغيب Temptation تحت ٻي عورت ذات کي عاميانہ اک سان ڏسي ٿو. پر جڏهن سندس واسطو بين الاقوامي ليول تي سجاڳ عورتن سان پوي ٿو تہ سندس روايتي رويي ۾ تبديلي اچي وڃي ٿي ۽ هو رومي ۽ جي انهيءَ شعر مطابق ٿي وڃي ٿو تہ:

گر تو سنگ و خارا، و مر مر شوي
نزد صاحب دل رسي. گوهر شوي

(جي تون پٿر، ڪنڊي يا سنگ مرمر مثل آهين، صاحبِ دل ماڻهن وٽ پهچي گوهر ٿي ويندين.)

هن ناول ۾ جن ڪردارن مون کي وڌيڪ متاثر ڪيو، انهن مان هڪڙو مالي ملڪ جي چوڪري "سيرا" جو آهي. جيڪا صوفي خيالن جي آهي، جنهن پنهنجي ورتاءَ ۾ نظريي جي پختگيءَ سان پنهنجي روم کي هڪ ننڍڙي خانقاه ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. جتي هوءَ چانهه پيارڻ جي بهاني هاسٽل ۾ رهندڙ ساٿين کي گڏ ويهاري محبت ۽ ملنساري جو سبق ڏي ٿي. سندس زباني، آفريقه جي عظيم صوفي عورتن جي باري ۾ به ڄاڻ ملي ٿي، جنهن ۾ لالہ فاطمہ، لالہ زينب، لالہ مريم ۽ ايبر هارت ازبيل عرف سئي محمود سعدي جهڙا تاريخي ڪردار اچي وڃن ٿا.

ٻيو ڏيان ڇڪائيندڙ ڪردار حقيقت پسند انقلابي چوڪري نگستي جو آهي، جيڪا ناول جي مکيہ ڪردار دلمراد کي عشق جي روگ ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿي ۽ هو مريضِ عشق بڻجي، آتشِ فراق ۾ تڙپندو رهي ٿو. پر آخر ۾ اهائي پنهنجي مثبت رويي ۽ عمل سان پٺائي جي ان بيت جيان، سندس رهبري ۽ رهنمائي ڪري ٿي:

حبيب ئي هادي ٿيو، رهنما راحت،
ٻيڙا نيائون پاڻ سين، لاهي ڏيئي لت،
سپيريان صحت، ڏنيمِ منجهان ڏکندي.

ڪليم الله لاشاري

سنڌي لاشڪ هڪ پراڻي ٻولي آهي، ان جو تعلق هند - يورپي ٻولين واري گهراڻي سان ٻڌايو ويڃي ٿو. سالڪن وٽ ان ڳالهه متعلق ڪيترا ئي سنا رايا آهن. ٻولين جي جوڙ جڪ تي ڪم ڪندڙن دنيا ۾ رائج زبانن کي مختلف درجن ۾ ورهايو آهي. پراڻي هند - يورپي (Proto Indo- europian) کي (PIE) ٻه سڌيو ويڃي ٿو. جنهن متعلق اهو خيال آهي ته ان جي اوسر چار هزار ڀي ٽي هزار سال قبل مسيح جي وچ واري زماني ۾ انطاليه (ترڪيه) ۾ ٽي جتان ان مشرق ڀ مغرب ٻنهي طرفن ڏي پنهنجو سفر جاري رکيو.

جديد تحقيق مطابق ايران ڀ ڏکڻ هندوستان ۾ ان جو ورود "آريائي قومن جي هٿ ٿوکيل آمد (1800 ق م)" کان گهڻو اڳ مڃڻ ۾ اچي ٿو. صوتياتي ترڪيبن ڀ صرف و نحو جي اصولن تي ڪم ڪندڙن جا رايا قديم ڊي اين اي (DNA) تي هلندڙ جاچ ان ڳالهه جا مستحڪم اشارا ڏنا آهن ته سنڌو تهذيب جو دؤر دراوڙي سان گڏ (PIE) جو امتزاج هيو.

بهرحال هيڏي ساري وڏي عرصي ۾ هندوستان جي علائقائي لهجن ٻاهران آيل پرديسين جي اثر هيٺ ڪيئي ور وکڙ ڪاڏا هوندا. ٻوليءَ جي ماهرن جو اهو چوڻ آهي ته ان ٻولي تي عام لوڪن جي هر تجربي جو اثر گهٽو ٿيو. اهي عام ماڻهو جن حاڪمن جي حاڪمي جو ڪو گهٽو اثر نه ورتو هيو ڇو ته ٻهراڙي سماج ۾ ايتري سگهه هوندي آهي جو اهو پنهنجي پيرن تي بيٺو رهي، جيڪو ڪم شهري سماج ۾ گهٽي ياڳي نظر نٿو اچي.

لکپڙهه جي شروعات کان ادب جي عروج تائين هندوستان ۾ ڪيئي شهپارا تخليق ٿيا. ويدن کان وٺي منو سمرتي تائين ڀ ادبي ميدان ۾ شڪنتلا جهڙا ڪيڏ به ڪيڏيا ويا. پر سنڌي ۾ اڄان سوڌي پراڻي ٻولي جو گهٽو ادب سهيڙي نه سگهيا آهيون. جديد زماني ۾ جيترو به ادب تخليق ٿيو آهي اهو حقيقتن ايترو گهٽو نه آهي جو ان کي اطمينان بخش چئجي. تنهن

هوندي به اها حقيقت آهي ته ٿورا ڪي گهٽا جيڪي به تجربا ٿيا، اهي ڏيکارين ٿا، ته سنڌي زبان ۾ وڏي سگهه آهي، ۽ اديبن ۾ پڻ هنر جي گهٽتائي ناهي.

ناول

اسان وٽ اڃان هالپٽي ۾ آهي، پران جي پالنا ڪرڻ وارا بيشڪ موجود آهن ۽ انهن جي هٿ هنر کي ڏسي اسان کي ناول جي اوسر تي ايمان آڻڻو پوي ٿو. اڃوڪي دؤر ۾ آکاڻي يا ڪهاڻي يا افسانو جڙ ته هڪ ئي صنف جا ٻه نالا ٿي پيا آهن، جن جون ڪي جدا جدا سرحدون چٽي طرح متعين ٿيل ناهين، تنهن هوندي به اهو افسانو بلوغت واري حدن کي اورانگهي هاڻي پنهنجي سگهاري وجود سان اسان جي ادب جي خزاني ۾ ٽامي، چاندي ۽ سون جي سکن جو دان ڏيندو ٿو رهي.

منظور ڪوهيار

افساني جي ڪيتر مان سرخرو ٿي، هن وقت ناول جي سرزمين تي پڻ پنهنجي تواني وجود سان نمايان آهي. سندس ناول "طريقت جو سچ" سچ پچ ته صبح جي سچ جيئان ادب جي افق تي پنهنجي تابناڪي وکيري رهيو آهي. ناول جي دنيا ان ڪري ڏکئي سمجهي ويجي ٿي جو ان جون گهرجون فني طور تي تمام گهٽيون آهن ۽ انهن کي پنهنجي پورائي لاءِ ڪجهه هنري معاملا نبيرڻا ٿا پون. ناول اهڙي دنيا آهي جت رت ۽ گوشت جا ڪردار ساه کڻن ٿا، انهن جي سوچ جو سفر هلندو ٿو رهي، هو ڪٿي عمل پيرا ٿين ٿا، ته ڪٿي قدم کڻندي هيڪڻ ٿا، مصنف انهن جي جذبن جو امين بڻجي عمل ۽ فڪر جو اهڙو تاڃي پيٽو اٿي ٿو جو پڙهندڙن ۽ ڪردارن جي وچ ۾ ڪو وار سندو ويچو نه ٿو رهي.

موجوده ناول "ڊي ناڪ 109" جو ميدان اديب کي نهيل نڪيل مليو هيو. اتي تعليم ۽ تربيت جي گڏيل مقصدن جي حصول لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن مان جوان ۽ اڌ عمر ڪردار به اچي گڏ ٿيا، اديب پاڻ به انهن مان هڪ هيو اها حقيقت هئي. ان حقيقي دنيا ۾ ادب جنم ٿو ونڊي... هاڻي اديب لاءِ ڪجهه سرحدون اهڙيون هيون جن جي حدن ۾ رهڻو به ضروري هيو.

۽ وري انهن حدن جي اندر رهندي فني قدرن تي ڪاربند رهڻ واري سختي ۽ ادبب کي سهڻي پئي. منظور ڪوهيار خوشگوار موسم ۾ ڪانڊيرن وچ ۾ سنياڻي وکون کنيون ۽ پڙهندڙ اهو محسوس ڪندو ته هو نه صرف وڃي پار پيو بلڪ هڪ فن پاره تخليق ڪري ويو آهي. ڪوهيار انساني کي جنهن طرح نيايو اهو ۽ ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته جڏهن سندس پهريون مجموعو ڇپيو هيو ان تي هڪ نشست لاڙڪاڻي ۾ ٿي، دوستن ڪهاڻي جي ميدان جي مول متن کي سامهون رکندي، سندس هٿ هنر جو ذڪر پئي ڪيو. مون کي ڪوهيار کان اڳ واري منظور سان ۽ واقفيت هئي، هو ته هميشه کان هڪ سنو "آبزرور" هيو. پنهنجي مشاهدي ۾ آيل شين تي سوال ۽ اٿاري سگهندو هيو ۽ انهن جا جواب هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ۽ ڪندو هيو.

مون کي ياد آهي ته پنهنجي ڳوٺ ڏي ويندي ۽ شهر واپس ورندي، سنڌي سماج جي ٻنهي جهانن مان واقف ٿيو. معاشري جي هلت چلت کي پنهنجي سوچ جو اپٽار ڪندي جنهن طرح بيان ڪندو هيو، اهو انداز ٻن خاص فڪري ڏارائن جو مظهر هيو. منٽو جيان سڏو ۽ ڪڙو ڪرشن چندر جيترو رومانوي ۽ شيرين. هو اسباب ۽ علل جي جهان کي سمجهندڙ شخص آهي، اهو ۽ هڪ سبب آهي ته سندس افسانا قدري ڊگها هوندا آهن.

تحقيق جي ضرورت کي تڪراري نقطو ناهي، کي ۽ لکت لاءِ ان جي اهميت کان انڪار ڪرڻ جي همت نه ڪندو پر تفتيش جو هنر ۽ تحقيق لاءِ پيار ڪوهيار کي منظور کان مليل آهي، جيڪو پنهنجي ان ڊگهي سفر ڪري سندس طبيعت ۾ رچي راس ٿي ويو آهي.

زندگيءَ جو سفر هر حال ۾ جاري و ساري رهي ٿو ڪنهن کي زندگي گهارڻي ٿي پئي ته ڪو ان کي ملهائي ٿو ڪو گهلبو ٿو هلي ته ڪو ان کي ڌاڪ تي ڪنيو ٿو وڃي. هر قدم تي نوان تجربا ۽ نوان مرحلا درپيش آهن. سڪڙ سيڪارڙ جو عمل ۽ جاري ۽ ساري آهي. منظور ڪوهيار هڪ فعال زندگي گذاري هٿ پهتو آهي، هو پنهنجي قلم کي ڪنهن هوشيار ڪاريگر جي اوزار جيان استعمال ڪندي، ڪرت جي مثالي نموني جي تشڪيل

ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سندس تخليقن جي صورتگري بالڪل فطري لڳي ٿي، سندس بيان ۾ ڏيگهه ۽ تمثيل جي پيچيدگي بالڪل نظر نٿي اچي.

چون ٿا ته لکڻ لاءِ فطري صلاحيتن جو هجڻ ۽ ضروري آهي، اسان کي اها ڳالهه مڃڻ ۾ ڪو تامل ناهي، پر ڪنهن سٿي افساني، ناٽڪ يا ناول لاءِ گهري مشاهدي جي ضرورت کان ۽ انڪار نٿو ڪري سگهجي. ان ناول جو مصنف اسان جي دنيا جي گهٽن گهيڙن گهاتن تان ڦري آيو آهي. دنيائي معاملن کي منهن ڏئي ڪيترين چيڙيون نبيري، هو موجوده ماڳ تي پهتو آهي. سندس گهڻ رخي شخصيت جو لاڀ سنڌي ادب جي تجربن ۾ اضافو ڪري ٿو.

منظور راند جي ميدان ۾ ۽ اهڙي طرح مصروف ۽ متحرڪ رهيو جهڙي طرح هو علمي يا سماجي معاملن کي نپائڻ لاءِ ڏميوار نظر اچي ٿو. اسان ساڳئي شهر ۾ هڪ ئي اسڪول ۽ڪاليج ۾ ڪجهه تفاوت سان تعليم حاصل ڪئي. راند جي ميدان ۾ ۽ گهٽي ياڳي ساڳيون راندیون کيڏندا هياسين. اهائي هڪ ''قدر مشترڪ'' هئي جنهن عمر جي ٿوري گهٽي تفاوت کي ختم ڪندي برابري ۽ رواداري جي جهان جي تخليق ڪئي. اهو زمانو ڪيترين الڳ قسم جي سڃاڻپن ۽ انهن جي مجوتي جو پاڪستان ۾ شايد آخري دؤر هيو. چو ته ان بعد هڪ اهڙي درد ناڪ وقت جو سڪو جاري ٿي ويو جتي مال ملڪيت جي پليت پوت سڀ ڪنهن جا هڏ سڪائي ڇڏيا. اهوئي سبب آهي جو منظور جڏهن ڪوهيار بڻيو ته هن جي ذات ۾ اهڙو شعوري وهڪرو آيو جنهن بنا ڪنهن تعصب يا هيڪ جي سماجي ربط کي قائم رکيو.

ڪوهيار وٽ جيڪو مزاح جو پهلو آهي اهو ڪيترن ئي ٿريلن، معتبرائپ جي ماريل ڪردارن کي هڪ دفعو ٻيهر زندگي جو دان بخشي ٿو. جڏهن ڪنهن ناول جو مک ڪردار جيڪو ڪهاڻي جو بيان ڪندڙ آهي، هروپرو " وڏيرو- خان " بڻجندو آهي ته هو هڪ مختلف ماحول پيدا ڪندو آهي ، جو گهٽي ياڳي پڑهندڙن کي مايوسي جي ڌٻڻ ۾ اڇلينڊو آهي. پر

جيڪڏهن ڪنهن ڪردار ۾، جيڪو ناول جي معاملي جي مرڪز ۾ يا ان جي ويجهو هجي، پنهنجين ڪمزورين جو ادراڪ رکندو هجي. ته قاري ۽ ڪردار جڙ ته هڪ ٿي پوندا آهن. اهوئي لمحو لکندڙ جي فتح وارو هوندو آهي. ڪوهيار کي فتح مبارڪ...!

ڊيناڪ 109 جي صورت ۾ ڪوهيار جن تجربن جي بنياد تي داستان کي کنيو آهي اهي قاري کي اوپرا نٿا لڳن. جو اهي اعليٰ تعليمي اداري جي ڏنل وائنل اڳڻ تي پيش ٿا اچن. ادب اهڙو ميدان آهي. جيڪو هرانسان اندر غير محسوس طريقي سان جذبن جي وڏي ڦندار کي وائرڙ ۾ مدد ڪري ٿو اهو داڻي ۽ بهہ کي جدا جدا ڪري ٿو. اهڙي طرح انسانن جون ناتمام خواهشون،جن جا سور ۽ اذيتون لاشعور ۾ هر دم موجزن هوندا آهن. انهن سورن تي ٽاڪور ٽيو وجي ۽ رهجي ويل زخمن تي جڙ ته ڦوڦجي ٿو وجي.

هن دفعي ڪوهيار اهڙو بندوبست ڪيو آهي، جو پڙهندڙ جا ڪيئي رهيل معاملا هڪ با معنيٰ لطف انگيز تجربي ۾ تبديل ٿي ويندا.

ڊائري ناول

هيءُ منهنجو سفري ناول Journey Novel "طريقت جو سج " کان پوءِ ٻيو ناول آهي. ''طريقت جو سج'' ناول جي حوالي سان مون کي ته صاحبِ علم ماڻهن وٽان گهڻي پذيرائي ملي. پر ڪن فيشني نقادن جي ڪمينٽس کي منهنجي دوست محمد حسين "سهيل" گهڻو دل تي ورتو ۽ چيو ته : مون کي سفري ناول جي حوالي سان مهاڳ ۾ ڪجهه نه ڪيڻ لکڻ گهربو هيو. سمجهايومانس. ته: جي اهي عقل ڪُل. تڪليف فرمائي گوگل ڪن ها. ته به کين سفري ناول جي اها وصف ملي وڃي ها. ته :

" A journey novel is typically centered on one hero. The hero`s journey begin in one world and travels to another."

پر جي سفري ناولن جي فهرست ڏسڻ چاهين. ته صرف The list of Journey Novels لکي. گوگل ڪن. ته به سندن سامهون سوين ناول اچي وڃن. ياد ڏياريو مانس. ته مون پنهنجي صوفي ڪهاڻين جي ڪتاب ''فراق جي منزل'' جي مهاڳ ۾ صوفي ڪهاڻي جي وصف سان گڏ ڪوڙ حوالا به ڏنا هيا. پوءِ به چوندا وتندا هيا. ته : " صوفي ڪهاڻي ٽيندي آهي. چا ؟"

بهرحال مانواري دوست سهيل مڪاني جي اصرار تي. ڊائري ناول جي حوالي سان ڪجهه معلومات شيئر ڪجي ٿي.

ڊائري ناول جي هڪڙي وصف اها به آهي ته : "هڪ ڪردار جي تفصيلي ڪهاڻي. جنهن جي خيالن ۽ واقعن کي لکيل ڊائري جي حوالي سان. افسانوي انداز ۾ بيان ڪجي."

ڊائري ناول جو اصطلاح. 1989ع ۾ پهريان پينسلوانيه يونيورسٽي جي Literary theoretician (ادبي نظريه ساز) ڊاڪٽر جيرالڊ جي پرنس Gerald J. Prince پنهنجي هڪ مضمون ۾ ڏنو هيو. هن ان جون ٽي خصوصيتون بيان ڪيون آهن. پهريون ته ضمير متڪلم ۾ هجي. ٻيو افسانوي بيان سلسليوار هجي. ٽيون ٻڌائيندڙ ۽ ٻڌندڙ ليڪ پاڻ هجي.

ڊائري ناولن جي تاريخ تہ پراڻي آهي. پهريائين انهن کي ڊائري ناول جي اصطلاح سان نہ سڏيو ويندو هيو. انهن کي موضوعاتي لحاظ سان ورهايو ويندو هيو. مثلن: 1719ع ۾ ڇپيل، ڊينيئل ڊيفو Daniel Defoe جو رابنسن ڪروسو Robinson Crusoe کي مهم جوئي ناول Adventure Novel يا سفري ناول Journey Novel جي ضمري ۾ آندو ويو. 1905 ۾شايع ٿيل، سويڊش ناول نگار يلمر سوڊربرگ Hjalmar Soderberg جو ڊاڪٽر گلاس Doctor Glos کي رومانوي يا سنسني خيز Thriller ناول ڄاڻايو ويو. 1967ع ۾ ڇپيل، آمريڪي ناول نگار ايوَن ايس. ڪونل Evan S. Connell جو The Diary of Rapist کي سئڪالاجيڪل ناول جي ڪئٽيگري ۾ شامل ڪيو ويو. 1938ع ۾ ڇپيل، فرينچ ناول نگار جين پال سارتري Jean Paul Sartre جو Nausea، کي فلسفيانہ ناول سڏيو ويو. جاپاني ناول نگار جونيشرو تانيزاڪي Junichiro Tanizaki جو The Key کي جنسي ناول سڏيو ويو. پر اهي سڀ ناول، صنف جي حوالي سان ڊائري ناول جي اصطلاح جا پيشرو آهن. ڊائري ناول کي ڪي نقاد Quasi –literary genre (بظاهر ادبي صنف) ٻہ سڏين ٿا.

ادب ۾ جيئن جيئن واڌارو اچي ٿو تيئن تيئن ادبي اصطلاحن ۾ ٻہ اضافو ٿئي ٿو. مون اهڙي قسم جا پهريان ناول جيڪي پڙهيا. انهن ۾ 1719ع ۾ ڇپيل، ڊينيئل ڊيفو Daniel Defoe جو ناول رابنسن ڪروسو Robinson Crusoe هيو جنهن ۾ ڊائري ناول جون جهلڪيون ملن ٿيون . رابنسن ڪروسو هڪ اهڙو ڪردار آهي. جيڪو دور دراز علائقن ۾ بحري ٻيڙن تي چڙهي قسمت آزمائي ڪري ٿو. باوجود ان جي تہ سندس مٽ مائٽ ڪيس پرخطر سفر کان منع ڪندا رهن ٿا. بدقسمتي سان پهريون سفر ٻہ ڏکن ڏاکڻن وارو ٿئيس ٿو. پوءِ ٻہ هو نہ ٿو مڙي، ٻيهر نڪري پوي ٿو. جنهن بحري ٻيڙي تي سوار آهي. اهو هڪ ويران جزيره جي پرسان ساموندي طوفان ۾ تباهہ ٿي وڃي ٿو. جنهن ۾ هو اڪيلو بچي ٿو. پوءِ هو ساحل تي پيل ڪاٺ ڪباڙ مان ترهو ٺاهي، پڳل جهاز مان ڪافي ڪجهہ بچيل شيون ڪڍي

اچي ٿو جن ۾ ڊائري، قلم ۽ مس بہ شامل آهن. پوءِ هو جزيره ۾ ٽيندڙ مشاهدن ۽ واقعن کي قلمبند ڪري ٿو. ايستائين جيستائين مَس نہ ٽي ڪٽيس.

سندس ڊائري جي حوالي سان ڪجھ ننڍا ٽڪرا پيش خدمت آهن:

1 آڪٽوبر، 1659

هر روز صبوح جو مان پڪين جي هولين تي جاڳان ٿو. ناشتو وٽن جي ميون ۽ ناريل جي پاڻي سان ڪيان ٿو. مان انهيءَ دؤران هڪ ترهي جي تياري ۾ لڳان ٿو. جيڪو مون کي سموند ۾ بينل ٽنڊ جهاز تائين پهچائي سگهي. شام جو جزيره تي گهمي ڦري جائزو وٺان ٿو. آهستي آهستي اندازو ٿئي ٿو تہ مان ڪو اڪيلو ناهيان.

25 ڊسمبر، 1659

اڄ ڪرسمس واري ڏينهن آهي ۽ مينهن وسي ٿو. مان صبوح جو پاڻ کي تنها محسوس ڪيان ٿو. مان شيون رکڻ لاءِ بہ تاڪ تيار ڪري ورتا اٿم. صفائي ڪرڻ کان پوءِ تنبو ڪڙو ڪيو اٿم. مون وٽ هاڻ ٻارڻ لاءِ موم بتي بہ آهي. پوءِ مون لکڻ شروع ڪيو. هاڻ فرحت محسوس ڪيان ٿو. سخت محنت مون کي پرسڪون بڻائي ڇڏيو آهي.

1 جنوري، 1660

حيرت جهڙي ڳالھ تہ اڄ مون کي هڪ ڪتو ملي ويو...! اهو ننڍو ناسي رنگ ۽ ڪارين اکين ۽ دوستاڻي ورتاءَ وارو ڪتو آهي. مان هن کي 'پال' ڪري سڏيان ٿو. مان چاهيان ٿو تہ هن کي شڪار ڪرڻ سيکاريان.

14 مئي، 1660

هر ڏينهن تي، هرقسم جي شئي ميسر آهي. جڏهن مچي کائڻ تي دل ڪيي ٿي، تہ اها ملي وڃي ٿي. منهنجي ٺهيل باغ ۾ مون کي کائڻ لاءِ چانور ۽ مڪئي موجود آهن. جزيره ۾ مختلف قسم جا ميوا، ناريل جا وڻ ۽ ڪمند موجود آهن. پر پوءِ بہ مان هر وقت جزيره تان نڪرڻ جي باري ۾ سوچيندو رهان ٿو.

23 جون، 1660

مان گھٹو ڪري ٿہ مري رهيو آهيان. جسم ٿڏو ٿي، وري گرم ٿي وڃي ٿو. سڄو جسم ڏکي رهيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي منهنجي ڊائري هٿ اچي ٿہ منهنجي مائٽن کي ٻڌائي ڇڏي، ٿہ مون کي سندن نصيحت تي عمل نہ ڪرڻ جو افسوس آهي.

اهڙي طرح ٻيو مڪمل ڊائري ناول Beatrice Spar'ks جو Go Ask Alice جيڪو 1971ع جو ڇپيل آهي. اهو پندرنهن سالن جي هڪ حساس چوڪري بابت آهي. جيڪا گهر ۽ اسڪول جي ماحول مان غير مطمئن هئڻ ڪري، بي قرار رهي ٿي. پوءِ بري سنگت جي صحبت ۾ اچي ڪري نشو واپرائڻ شروع ڪري ٿي ۽ مينٽل هاسپيٽل ۾ ڪجهہ وقت گذارڻ کان پوءِ ٻيڪ ٿي گهر پهچي ٿي. تن هفتن کان پوءِ، سندس والدين، جڏهن هڪ شام جو فلم ڏسي گهر موٽن ٿا ٿہ کيس ڪمري ۾ مئل حالت ۾ ڏسن ٿا. هي ناول هڪ سچي ڪردار تي ٻڌل آهي. جنهن جي ڊائري مصنفہ کي ملي هئي. جنهن ڪردارن جا نالا، تاريخون ۽ ڪجهہ واقعا تبديل ڪري لکيو. 1973ع ۾ هن تي ٽيليويزن فلم ۽ 1976ع ۾ اسٽيج ڊرامو بہ ٺهيو. هي ناول 2009ع تائين مقبول ترين ناول رهيو. ناول جا ننڍڙا ٽکرا مثال طور پيش ڪجن ٿا:

سيپٽمبر، 16

ڪالهہ مون هيءَ ڊائري خريد ڪئي، چاڪاڻ جو مون سمجهيو ٿہ گهٽ ۾ گهٽ مان ڪجهہ اهو چئي سگهان ٿي. جيڪو قابل قدر بهتر ۽ ذاتي هوندو جيڪو مان ٻين سان شيئر نہ ٿي ڪري سگهان.

25، سيپٽمبر

پياري ڊائري، هفتي کان وڌي مون ڪجهہ ناهي لکيو. ڇو جو ڪا خاص دلچسپ ڳالهہ نہ ٿي هئي. ساڳيائي عمر رسيده گونگا ۽ ٻوڑا استاد، جن ساڳيائي گونگا مضمون پڙهايا. منهنجي هرشئي مان دلچسپي گهٽبي ٿي وڃي. پهريان مون سمجهيو هيو ٿہ هاءِ اسڪول ۾ ڪو چس هوندو پر اهو ٿہ بي چسو آهي.

1، اپريل

اسڪول جي پڙهائي ختم ٿي چڪي آهي. صرف ٻه مهينا بچيا آهن. مان انتظار نه ٿي ڪري سگهان. ٿِم (نندو پاءُ) ۽ اليگزينڊريا (نندي پيٽ) منهنجي لاءِ مصيبت بڻيل آهن. امان مستقل چيپندي رهي ٿي. ته هي نه ڪر...! هو نه ڪر ....! هينئن ڪر ...! هونئن نه ڪر ...! توکي خبر هجڻ گهرجي ته توکي چا ڪرڻو آهي ...اڄا تائين ٻاراڻيون ٿي ڪرين.....هوءَ هميشہ ٿم ۽ اليگزينڊريا سان منهنجي پيٽ ڪندي رهي ٿي.

ٽيون ڊائري ناول جيڪو منهنجين نظرن مان گذريو سو هيو 1987ع ۾ جرمن ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل رفيق شامي Rafik Schami جو لکيل Eine Hand Voller جيڪو آصف فرخي اردو ۾ "مٺي پر ستاري" جي عنوان سان ترجمو ڪيو. جيڪو 1997ع ۾ فضلي سنز (پرائيويٽ) لمٽيڊ ڪراچي، چپرايو هيو. (مرحوم آصف فرخي جا ٿورا، جنهن چپچڙ کان پوءِ فورن مون کي موڪلي ڏنو)

آصف فرخي جو ناول متعلق لکيل دلچسپ تعارف جو اقتباس پيش خدمت آهي:

"پل پل گذرندڙ زندگي. پنڌتي لوڙهڻي ڏسجي ته حيرت ٿئي ٿي، 'اڄا ايترو وقت گذري ويوا' ۽ غور ڪيون ته اهو سمورو وقت، 'سال، مهينا، هفتا، ڏينهن ۽ پل پل ٿي گذريا آهن. اڻ ڳڻيا پل، جيئن آسمان تي وکريل ستارا. اگر انهن مان چند پل، اسان محفوظ ڪرڻ چاهيون ته چا ٿي پوي..؟ جيئن ڪو چاهي ته آسمان جي طرف هٿ وڌائي. جيترا ٻه ستارا مٺ ۾ اچي سگهن، کڻي وٺي. دمشق شهر ۾ چوڏنهن سالن جو هڪ چوڪرو اها ڪوشش ڪرڻ چاهي ٿو. هن هڪ ڏينهن اخبار ۾ ڊائري لکڻ جي فائدي تي هڪ مضمون پڙهيو. ڪيس احساس ٿيو ته روزانو ٽيندڙ خاص واقعا ۽ اهم ڳالهيون، ڊائري ۾ لکڻ سان اهو فائدو ٿئي ٿو ته پوءِ وسارن جو ڀئو نه ٿو رهي. جڏهن به ماٺهو چاهي ته پنڌتي مڑي ڏسي سگهي ٿو ته گذريل ڏينهن کهڙا ۽ ڪيئن گذريا."

ملاحظہ ٿئي، ڊائري ناول جي پهرين تاريخ :

۱ جنوري

هڪ ڏينهن منهنجو هڪ ساٿي، جيڪو مون کي ايترو ته سٺو لڳندو آهي، جو مان کيس "چاچو سليم" سڏيندو آهيان. مون کي چوڻ لڳو ته : "ڪيتري نه افسوس جي ڳالهه آهي ته مان لکي نه ٿو سگهان. مان وڏن وڏن تجربن مان گذريو آهيان. هاڻي مون کي اهو پتو نه ٿو پوي ته آخر ڪهڙي سبب منهنجي راتين جي نند حرام ٿي وئي آهي."

"پر اوهان کي ته گهڻو ڪجهه معلوم آهي، چاچا" مان ان جي ڳالهه ڪٽي.

"نه منهنجا دوست" ان چيو. "جيڪي منظر ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ان ۾ صرف پهاڙ رهجي ويندا ۽ ان بعد انهن جون صرف چوٽيون نظر ايندیون. باقي سڀ ڪجهه ڏنڊ ۾ گم ٿي ويندو. اگر مان لکڻ سکيو هجي ها ته مون وٽ به ايتري طاقت هجي ها ته انهن پهاڻن کي محفوظ ڪيان ها ۽ گڏوگڏ انهن کيتن، وادين ۽ گلاب جي ٽارين جي هڪ هڪ ڪنڊي کي به....چين جا ماڻهو به ڪمال جا آهن!"

مان حيران هيس ته ڳالهيون ڪندي چين جو ذڪر ڪٿان کڻي آيو. پچيومانس ته چيائين : "چينن ڪاغذ ايجاد ڪري، لکڻ پڑهڻ کي علمائن جي خانقاهن ۽ بادشاهن جي محلن مان ڪڍي عام ماڻهن تائين پهچائي ڇڏيو."

اهڙي طرح چاچي سليم وٽ چانهه پيئڻ کان پوءِ مون فيصلو ڪيو ته ڊائري لکندس. مان گهڻيون ڳالهيون وساري ويهان ٿو. مون کي پنهنجي هڪ دوست سمير جي والده جو نالو به ياد ناهي رهيو. منهنجو مٽو چاٽيءَ وانگر ٿي پيو آهي. مان هر روز لکڻ چاهيان ٿو.....!

پوءِ اهو چوڪرو، جڏهن صحافتي دنيا ۾ داخل ٿئي ٿو، ته خبر پويس ٿي، سچ لکڻ لاءِ هڪ صحافي کي ڪيڏن نه ڪٺن مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. ان حوالي سان هن ڊائري ناول جي آخري تاريخ جو ٽڪرو پيش ڪجي ٿو :

14، جولاءِ

اسان ڊير تائين مشوره ڪندا رهياسين. محمود ءِ مان سوچ ۾ پئجي وياسين، جڏهن نادير پڇيو: " توهان جي خيال ۾ حبيب اسان کي ڇا ڪندي ڏسڻ چاهيندو هوندو؟"

"هڪ ٻي اخبار جي تياري ڪندي" اسان هڪ زبان ٿي چيو.

"بالڪل، هڪ ٻي اخبار۔ انهن قاتلن کي معلوم هجڻ گهرجي ته اگر جي هڪ حبيب کي ختم ڪن ٿا ته ان جي جڳهه تي ڪيئي حبيب اٿي ڪڙا ٿيندا."

هاڻي نادير ٻه ان اخبار ۾ مدد ڪندي. اها عورتن جي باري ۾ هڪ مضمون لکندي . محمود بغاوت جي اندروني واقعن جي باري ۾ لکي رهيو آهي. مان حبيب جي باري ۾ لکندس. حبيب جيڪو اسان جي ملڪ جو وڏي ۾ وڏو دليير صحافي آهي...."

دراصل اهڙي قسم جا ناول ئي جديد ڊائري ناولن جا پيشرو بڻيا. جن جو ذڪر ڪرڻ مهاڳ جي طوالت جو باعث بڻبو.

1992ع ۾ ماهوار هزار داستان ڊائجسٽ جي اسسٽنٽ ايڊيٽر يوسف سنڊيءَ، يورپ جي پس منظر ۾ "گڏيا يورپ گس ۾" جي عنوان سان لکيل منهنجي سفري ناول کي شايع ڪيو . جنهن جون ست قسطون ته ڇپجي ويون هيون، پر پوءِ محسوس ڪيم ته تر ءِ بر وڏو ڇڪي ويو آهيان. نتيجي ۾ اهو ڪو 1500 صفحن تي لکيل 'داستان در داستان' ٿي ويندو. ان ڪري ٻُوتو نہ پائنيم ءِ هٿ ڪيي ويس. ائين وقت گذري ويو. جيڪو به ذهن ۾ هيو سو گهٽو ٽٽو ميڙجي ويو...

ارازمس يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ فار هائوسنگ اينڊ اربن ڊيولپمينٽ اسٽڊيز جي هڪ بئچ مئٽ، مارچ 2016ع ۾ نيس بوڪ تي IHS 1991 Batch نالي سان ڪلوزڊ گروپ ٺاهيو. شامل ٿيڻ کان پوءِ پراڻي سنگت سان حال احوال ڏيندي ونڊندي ڪافي يادون وري آيون. ويتر جو اها ڊائري لڀي پئي، جنهن ۾ ترتيب وار اڪيڊمڪ ڳالهيون لکيل هيون ته اهي

واقعا، منظر ۾ ڪردار چٽاپٽا ٿي ويا. جن منهنجي زندگيءَ تي گهٽو اثر ڇڏيو هيو. پر هاڻي لکجي ته ڪيئن لکجي...؟

مون پهريان سوچيو ساروٽيون ڪري لکجن. پر سچائيءَ سان ساروٽيون لکڻ ڏاڍو اوکو ڪم آهي. ڇو ته انسان خوبين ۽ خامين جو امتزاج آهي. هر ڪو روسو Rousseau ته ٿي نه ٿو سگهي، جو Confessions جهڙو ڪتاب لکي، پنهنجيون اوٽايون پوٽايون ظاهر ڪري. اسان وٽ ته جيڪو به ساروٽيون يا آتم ڪٿا لکي ٿو ته پاڻ کي نٽشي جو 'انسانِ برتر(Ubermensch) يا اقبال جو 'مرد مومن' ڪري پيش ڪري ٿو. توهان سياستدانن، رٽائرڊ جنرلن، بيوروڪريٽس، يا اديبن جون ساروٽيون يا آتم ڪٿائون ته پڙهيون هونديون. ائين لڳندو آهي ته سيئي فرشتا آهن. لاڙڪاڻي جي هڪ سياسي سماجي ۽ گهڻ پاسائين شخصيت جي ساروٽين تي مشتمل ڪتاب جي مهورت هئي. سنگت ساڻ ته ڪک رکي ويس. پر هڪ نوجوان خوبصورت انداز ۾ تبصرو ڪيس."سائين، جو يادگيرين تي زبردست ڪتاب لکيل آهي. پڙهڻ کان پوءِ اندازو ٿيو ته سڄي لاڙڪاڻي ۾ سائين ئي واحد انسان هيو جيڪو ايماندار ۽ سچو هيو."

ڪي ڊائريون ته بي مقصد ۽ بي مطلب لفاظيءَ جو مجموعو هونديون آهن. نه مقصد، نه مطلب، رڳو ڳالهه مان ڳالهوڙو. ان جو وڏو سبب اهو آهي، جڏهن ڪو 'مان!' ڪري لکي ٿو ته پوءِ 'مان!' کان شروع ٿي، 'مان!' تي دنگ ڪري ٿو. ان 'مان' واري ڳالهه تان ڳالهه ياد آئي، منهنجي ننڍپڻ جي دوست ڊاڪٽر خادم حسين جي والد محمد حاجن سومري جي، لاهوري محلي لاڙڪاڻي جي اوطاق تي، صوفياڻو راڳ ويراڳ ٿيندو رهندو هيو. اتي، وريل فقير ابڙي جي فرزند فقير علي نواز جو ڪلام، هڪڙو راڳي فقير اڪثر ڪري ڳائيندو هيو:

مان جهڙو حرامي، ڪاڻي ڪو نه ڪو ڏسان ٿو،
خود خدائي ساريءَ کي، پيشاني پسان ٿو.

نوجوان سنگت ٿهڪ ڏئي ڪلندي هئي ته : ڏسو! پنهنجو پاڻ کي ڪيئن نه خوار خراب ٿو ڪري . پر جڏهن صوفي رمزن کي سنجيدگيءَ سان

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سمجهيوسي تہ جاڻ ملي، 'مان'، مان مراد آپيپڻو ۽ نرگسيت آهي. جيستائين انسان مان اها نہ ٿي وڃي، تيستائين، خوامخواه واري معترائپ ۾ نہ ٿي وڃيس.

حقيقي ڊائري، ساروٽين يا آتم ڪٿائن جي ڳالهہ ڪجي، تہ ادبي نقادن ۽ ادب شناسن جي گڏيل راءِ آهي، تہ انهن کي لکندي پنهنجين ڪمزورين يا غلطين کي ڇپڻ ڪرڻ بد ديانتي آهي. ڇو تہ ڪوڙ ڪُٽڻ يا مبالغي آرائي ڪرڻ کا وڏا ماٺهائپ ڪونهي. پر انسان هين کي ڏوکي ڏيڻ کان اڳ، پاڻ کي ڏئي ٿو. دنيا جا اهي ملڪ جتي کليل سماج (Open Society) آهي. اتي جيڪڏهن ڪو سچائي سان پنهنجي غلطين جو اعتراف ڪري ٿو تہ اها سندس بي باکي (Boldness) ۾ شمار ٿئي ٿو. پر جتي بند معاشرو (Close Society) آهي. اتي ڪنهن جي غلطي جو اعتراف ڪرڻ ڏنول جو باعث بڻجي ٿو. ان ڪري بند معاشري ۾ ڪي ڳالهيون ڪرڻ ۽ ڪي نہ ڪرڻ جهڙيون هونديون آهن. پرافسانوي ادب جي ذريعي اهو ممڪن آهي، تہ ليڪڪ سڌيءَ طرح نہ سهي، پر اڻ سڌيءَ طرح گهٽو ڪجهہ چئي وڃي ٿو.

بقول سعادت حسين منٽو جي تہ:

" ادب هڪ فرد جي پنهنجي زندگيءَ جي تصوير ڪونهي. جڏهن ڪوئي اديب قلم کڻي ٿو تہ پنهنجن گهريلو معاملن جو روزنامچو پيش نہ ٿو ڪري. پنهنجي ذاتي خواهشن، خوشين، رنجشن، بيمارين ۽ تندرستيءَ جو ذڪر نہ ٿو ڪري. ان جي قلمي تصويرن ۾ گهٽو ممڪن آهي تہ ڳوڙها ان جي ڏکايل پيٽ جا هجن، مرڪون اوهان جون ۽ ٿهڪ هڪ خستہ حال مزدور جا هجن. ان ڪري پنهنجين مرڪن، پنهنجن ڳوڙهن ۽ پنهنجن ٿهڪن جي تارازي ۾ انهن تصويرن کي تورڻ وڏي غلطي آهي. هر ادب پاره هڪ خاص فضا، هڪ خاص اثر، هڪ خاص مقصد لاءِ پيدا ٿئي ٿو. اگر ان ۾ اها خاص فضا، خاص اثر ۽ خاص مقصد محسوس نہ ڪيو وڃي تہ هڪ بي جان لاش جيان ٿي ويندو."

منظور حسين "ڪوهيار"

03337534610

دي ناک 109

Denok 109

(ناول)

منظور کوهیار

راتہ جا سوا ٻارنهن ٽي رهيا آهن. هو لاڙڪاڻي واري گهر جي لِونگ روم Living Room ۾ شيشي جي دريءَ جو پردو هٽائي، ايندڙ ويندڙ گاڏين ۽ چنگچين کي تڪيندي وقت پاس ڪري رهيو آهي. شهر جي مين روڊ تان، آهستي آهستي گوڙ ۽ گهمسان ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي.

سمورا گهر ياتي شاديءَ جي سڏ ۾ ويل لاءِ ڳوٺ ويل اٽس. جيئن ته هو سنڌن جي سور Arthritis جو مريض آهي، ان ڪري شادي غمي ۾ گهٽ اٿي ويهي ٿو. ٻيڊ تي سمهڻ کان اڳ، هو اينڊرائڊ فون تي، هڪ ڪلوزڊ گروپ IHS 1991 Batch جي ٽائيم لائين کولي ڏسي ٿو. ايڊمن 'سريش' اڄ هڪ اهڙو فوٽو رکيو آهي، جنهن سنڌس اندر ۾ هلچل مچائي ڇڏي آهي. ڪافي عرصي کان وٺي هن کي ان فوٽوءَ جي تلاش هئي، جنهن ۾ هوءَ سنڌس ڇيلهه ۾ ٻانهن ورائي بيٺي آهي. پس منظر ۾ ميونخ جو اولمپڪ ٽاور جڙ ته سلطاني گواهه لڳو بيٺو آهي. هو مسلسل فوٽوءَ کي گهوريندو رهي ٿو. پوءِ چشمو لاهي، ٽشو پيپر سان اکهي وري پائيندي، پنهنجي منهن ڊبرڙ شروع ڪري ٿو

" ڇا ائين چئي سگهجي ٿو ته:

Let bygones, be bygones

(گذري وئي، سا گذري وئي؟) "

پوءِ پنهنجي سوال جو پاڻ ئي جواب ڏي ٿو:

"هرگز نه ! هن عمر ۾ ته ماڻهو نه وسرندڙ يادن جي سهاري ئي جِي سگهي ٿو. "

هڪدم اٿي، پنهنجي سمهڻ واري ڪمري جي اها الماري کولي ٿو جنهن ۾ سنڌس پراڻيون ڊائريون، رٽائرمينٽ جا ڪاغذ ۽ تعليمي سندون پيل آهن. انهن منجهان سال 1991ع جي ڊائري ڳولي ڪڍي ٿو. جڏهن پڙهڻ شروع ڪري ٿو ته هر صفحي تي لکيل لفظ ۽ جملا جڙ ته ڪنهن ناول جا باب بڻجندا وڃن ٿا....

15 جنوري، اڱارو

هوڏانهن مڊل ايسٽ ۾ عراق جي صدر صدام حسين ۽ آمريڪي صدر جارج ڊبليو بش جي اتحادين وچ ۾ ٽيندڙ جنگ جو بگل وڄڻ شروع ٿيو. هيڏانهن مان رات جو ايئر فرانس جي ايئر بس تي چڙهيس. جيئن ئي جهاز چوٽ چڙهيو تہ مون کي بہ گذريل ڏينهن جون ڳالهيون ۽ مليل توايون ياد اچي ويون.

ڏهہ ڏينهن اڳ ارازمس يونيورسٽي روٽرڊم طرفان ليٽر مليو تہ مون کي يونائيٽيڊ نيشنس فار هيومن سيٽلمينٽ (UNCHS) جي اسڪالرشپ تحت انسٽيٽيوٽ فار هائوسنگ اينڈ اربن ڊيولپمينٽ اسٽڈيز ' ۾ داخلا ملي چڪي آهي. ان ڪري 16 تاريخ تي هر صورت ۾ حاضر ٿيڻو آهي.

ٻئي ڏينهن تي، لوڪل آفيس جي ساٿ کان موڪلائي، واءَ مينهن ڪندي، ننڊپٽ جي دوست دمساز جي ڪراچي ۾ ڪلفٽن واري فليٽ تي رسيم. جڏهن کيس ٻڌايم تہ هن نہ رڳو واڌايون ڏنيون، پر ان خوشيءَ ۾ 'مري مالٽ وهسڪيءَ' جا بہ ٽي پيگ بہ هٽائي ڇڏيا.

ٽئين ڏينهن تي صبوح جو تيار ٿي، متعلق ادارن ۽ پنهنجي مرڪزي آفيس مان اجازت نامو (NOC) ۽ ڪليئرنس ونڊ لاءِ نڪتس. جيئن چئبو آهي، تہ پير پنو خاشو پير پني جي گهِلَ بچڙي، ان گهل گِهلاڙي ۾ پورا ٽي ڏينهن هليا ويا.

ڇهين ڏينهن تي، دمساز جي صلاح سان ايئر فرانس آفيس مان ٽرانزٽ فلائيٽ جي ٽڪيٽ بوڪ ڪرائڻ لاءِ ويس. سندس چوڻ هيو تہ ٽائيم شيڊيول جي لحاظ کان اها بهتر آهي، جيڪا وقت سِر روٽرڊم پهچائيندي. اتي اتفاق سان ڪائنٽر تي هڪ همراه سان ملاقات ٿي، جنهن جي منزلِ مقصود بہ ساڳي هئي. هم سفر ڏسڻ ۾ ئي تيز طرار پئي لڳو. هڪدم پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيائين، "مون کي عقيان شاه چوندا آهن!"

"دلمراد حسين!" هٿ ملائيندي چيومانس.

پچيائين، "چا اوهان جو تعلق اندروني سنڌ سان آهي؟"

"ڀ اوهان جو؟" پچيومانس.

"ڪراچي سان!" هن پنهنجي وچڙيل ڏاڙهيءَ کي هٿ سان سنوارينديءَ وراٽيو.

"اوهان چا ڪندا هيئو؟" پچيائين.

"زوحان اينڊ ڪمپني ۾ اربن سوشالاجسٽ هيس!" وراٽيم.

"ڀ توهان؟"

ٻڌايائين، "مان الرخم ايسوسيئٽس ۾ آرڪيٽيڪٽ هيس!"

ستين ڏينهن تي نيڊر لينڊس جي سفارتخاني ۾ گهربل ڪاغذ پٽن سميت پهتم. اتي سفارت خاني جو عملو هڪڙي ڏينهن هڪڙو ڪاغذ گهري ٿو پي ڏينهن ٻيو. اندازو ٿي ويو ته اسڪالرشپ ملڻ سؤلو پر ويزا ونڊ پلصراط پار ڪرڻ آهي. انهيءَ ڏکي مرحلي مان گذرڻ کان پوءِ سنپاليم ته باقي هڪ ڏينهن بچيو هيو.

دمساز جيئن ته ڪراچي جي هڪ ٽاپ مارڪيٽنگ ڀ ايڊورٽائيزمينٽ ايجنسيءَ ۾ اسسٽنٽ مئنيجر آهي. هن دنيا جا ڪافي ملڪ گهمي ڏٺا هيا، جن ۾ نيڊرلينڊس به شامل هيو. تنهن ڪري ڏينهن تي، پنهنجي تجربي ڀ مشاهدي تحت ايتريون ته صلاحون ڏنيون. جيڪي نه صرف هن سفر، پر منهنجي آخرت واري لاءِ به ڪافي هيون.....

روانگي واري ڏاڙي، شام جو ٽيليفون تي گهر پاتين کي 'خدا حافظ!' چئي، ڪراچي ايئر پورٽ تي دمساز سان گڏ پهتس. سندس صلاح سان پهريان پاڪستان ڪرنسي ايڪسچينج تان روپين جي بدلي آمريڪي ڊالر ورتم. ايئر پورٽ تي الوداع ڪرڻ کان اڳ دمساز هڪ ناسي رنگ جي نٽين نڪور ڊائري ڏيندي چيو"هن تي هرروز جي ڪارگذاري لکجانءِ، خاص ڪري لوَ اسٽوريز (Love Stories) لکڻ نه وسارجانءِ، ته جيئن پڙهي

اندازو ڪري سگهان، ته تو اتي ڪهڙا ڪارنامہ ڪيا هيا." پوءِ رازداري سان سمجهائيندي چيائين، "چريا! جيڏانهن وڃين ٿو اهو جنسي لذتن جو جهان آهي. جي هتان وانگر، بہ اتي ڪجهہ نہ ڪري سگهين ته پوءِ تنهنجي زندگيءَ تي بي شمار آ!"

جهاز ۾ ويني، اهڙيون ڳالهيون ورجائيندي اکيون آهستي آهستي ٻوٽجڻ لڳيون. پوءِ اهڙي ننڊ آئي، جو خبر ئي نہ پئي ته ڪيئن وقت گذري ويو. جاڳ تڏهن ٿي، جڏهن ايئرهوسٽس اٽارينديِ چيو"مسٽر! هوائي جهاز'چارلس ڊيگال ايئر پورٽ' تي لهڻ وارو آهي، مهرباني ڪري سيفٽي بيلٽ ٻڌي ڇڏ!"

16 جنوري، اربع

جهاز جڏهن رن وي تي لٿو تہ ڪو مسافر خوشيءَ مان تہ ڪو ٽڪل ٽٽل لهي رهيو هيو. اسان ٻئي شولڊر بيگس ڪلهن ۾ لڙڪايون، پير پير ۾ ڏيندي ائين لڳاسين، جڙ ايئر پورٽ جي معائني تي آيل هجون. ڏاڪڻين تان لهندي، عقيان شاه وائڙائپ واري انداز ۾ چيو "پائي جان! سمجهه ۾ نہ ٿو اچي تہ ڪهڙي طرف هلجي؟"

"تون ٻہ مون وانگر نئون آن ڇا؟"

"جي، پائي جان!"

مون کي دمساز جي اها سمجهاڻي ياد اچي وئي، تہ"مُنجهي پئين تہ فرانس ۾ 'بيرودائيد' ۽ نيڊرلينڊس ۾ 'هلپ آن ڊي گبرائيڪر' جي نالن سان 'ڊيسڪ' تي ويندل عملي کان پڇي ونجانءِ!"

مون لوڻا هڻڻ شروع ڪيا تہ هڪ پاسي 'بيرودائيد' لکيل نظر اچي ويو. جتي هڪ گوري چٽي چوڪري ڪمپيوٽر کوليون ڊيسڪ تي ويٺي هئي. پڇڻا نہ منجهڻا تحت، اڳتي وڌي گذارش ڪئي مانس، "محترمہ، جيئن تہ پاڻ پرديسي آهيون، ڪي ايل ايم (KLM) جي ٽرانزيشن فلائيٽ ذريعي نيڊرلينڊس جي شهر 'روٽرڊم' پهچڻو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اوهان جي مدد جا طلبگار آهيون!"

هن ٽڪيٽ ڏسي ٻڌايو"سامهون بالڪل سامهون، هڪ بس اچڻي اٿق ان تي چڙهي، يارنهين نمبر ٽرمينل تي لهجو...! پن ڪلاڪن ڪانپوءِ 'ڪي ايل ايم' جو فوڪر ايندوَ!"

اسان سندس ڏنل ڏس تحت يارنهين نمبر ٽرمينل تي پهچي، هڪ خالي صوفي تي وڃي ٽانيڪا ٽياسين. مون پنهنجي گهڙي تي نظر ڦيرائي، تہ صبوح جا يارنهن ۽ وري جو سامهون ٽنگيل گهڙيال ڏٺم تہ ست ٽيا هيا. پهريان سوچيم، تہ شايد هي ٻہ سرڪاري آفيسن جي گهڙيالن جيان آهي. تصديق خاطر پنهنجي هم سفر کان پڇيم تہ هن ٻڌايو "بالڪل پورا ست

ٽيا آهن. جهاز لهڻ کان اڳ انائونسمينٽ ٿي هئي ته، پنهنجين گهڙين جو ٽائيم سيٽ ڪري ڇڏيو ليڪن تون ته گهوڙا وڪٽي ستو پيو هئين!"

جيئن ته 9 وڳي فلائٽ هئي، اسان کي ايجا به ڪلاڪ انتظار ڪرڻو هيو. وقت هيو جو سانپي وانگر پئي چريو. عقيان شاه کي خبر ناهي ته ڪهڙي شيءَ جي تلاش هئي، جو پنيوري وانگر هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦريو. انهيءَ دوران مان به صوفي جي چوڌاري پوئر وانگر پرندي مختلف ڏسائن ۾ پئي نهاريو ته من 'ايفل ٽاور' نظر اچي، جو اسڪول جي زماني ۾ جاميٽري باڪس تي چپيل تصوير جستجو ڏيارينديِ رهندي هئي. تلاش ۾ ڏيڊ ڪلاڪ ڪن گذري ويو پر ايفل ٽاور نظر نه آيو. تيسيتائين، فوڪر به رن وي تي لهي چڪو هيو. ڪل هارنهن ماڻهو چڙهيا. مان ته چيڙي ڪري هڪڙي دري ڪان ٽي وينس ۽ ڳولهڻ لڳس ايفل ٽاور کي. عقيان شاه وڃي ايمرجنسي گيٽ واري سيٽ سنياليِ. اتان ايئر هوسٽس اٽاريس ته ٽپو ڏيئي اپاهجن واري تي ٽي وينو. اتان به ڪيس عزت سان اٽاريائين ته منهنجي پٽيان اچي وينو.

"چا مسئلو آهي، شاه صاحب! ڏاڍا اتاولا ٿا لڳو؟"

ڪلنديِ چيائين. "يار! يورپ ڏسڻ جو شوق ويهڻ نه ٽو ڏيا!"

فوڪر هوا ۾ لامارا ڏيندو متي اڏامڻ لڳو انهيءَ دوران مون کي' ايفل ٽاور' جي هڪ جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي وئي. ائين خوش ٿيس، جيئن ڪنهن ننڍڙي ٻار جي گم ٿيل راندڪي تي نظر پئجي وئي هجي.

سوا ڪلاڪ جي سفر دوران منهنجيون نگاهون ڪڏهن سمنڊ جي چلندڙ چولين تي پئي ڪُتيون ته ڪڏهن پلاسٽڪ آف پيرس جهڙن ٽهيل گهرن جي ماڊلس تي. ڪڏهن ڪسين ۾ ٽلڪندڙ رنگ برنگي ڪاغذي ٻيڙين تي. جڏهن فوڪر آهستي آهستي هيٺ لهڻ شروع ٿيو ته سيئي شيون سائز ۾ ازخود وڌيون ٿي ويون. اتي پڪ ٿي ته منزل تي پهچڻ وارا آهيون.

جيئن ئي فوڪر مان روٽر ڌم جي هوائي اڈي تي لٽاسين ته ٻئي ڇٽا يخ هوائن جي گهيري ۾ اچي وياسين. سخت سيءَ ڪري جاڙيون ڪڙڪڻ

لڳيون. اميگريشن وارن پاسپورٽ ڏسندي ٻين مسافرن مان ته هٽ ڪيو، پر اسان کي جڙ خاص مهمانن جي حيثيت سان ٻيهاري ڇڏيائون. پوءِ ڊڇ هولي ۾ ڪنهن سان فون تي"يا، يا!" ڪندي پاسپورٽ موتائيندي چيائون،"اوهان هاٿي وڃي سگهوتا!" اسان کي انهيءَ وقت پنهنجي سبز رنگ جي پاسپورٽ جي عزت ۽ وقار جو اندازو ٿي ويو. جڏهن روٽردم جي لگيج بيلٽ تان سامان ڪٽي ٻاهر نڪتاسين ته ڪجهه ماڻهن جي هٿن ۾ جهليل پلي ڪارڊ هيا، جن تي لهندڙ مسافرن جا نالا لکيل هيا. اسان کي به خوشفهمي ٿي ته شايد آڏر پاءُ لاءِ ڪو ٻيٽو هوندو. جُوهه پائي هرهڪ پلي ڪارڊ کي ڏٺوسين، پر اسان جو نالو ڪنهن ڪنڌ تي به لکيل ڪونه هيو.آخر مايوس ٿي، 'هلپ آن ڊي گبرائيڪر' واري ڊيسڪ تي ويڙل هڪ قدآور گوريءَ کان 'انسٽيٽيوٽ' جو پتو پڇيوسين. جنهن ٽيليفون ڊائريڪٽري اٽلائڻ کان پوءِ، هڪ چٽڪي تي ٽيليفون نمبر لکي ڏيندي چيو "هن نمبر تي رابطو ڪري معلوم ڪيو!"

مون پهريان روٽردم ايئر پورٽ جي ڪرنسي ايڪسچينج سروس GWK Travelex تان سؤ ڊالرن جو نوٽ، نيڊرلينڊس جي سِڪي ۾ مٽايو. سؤ ڊالرن جي هڪ نوٽ بدلي 1250 گلڊرن جا نوٽ ۽ باقي 20 گلڊرن جا سِڪا مليا.

ٽيليفون بوٿ ۾ گهڙي، هڪ گلڊر وجهي نمبر گهمايم ته جلترنگي آواز آيو "مارٽا اسپيڪنگ فرام انسٽيٽيوٽ فار هائوسنگ اينڊ اربن ڊيولپمينٽ استڊيز! ..ڪئن آءِ هيلپ يو؟"

هڏايومانس،"ميڊم، اسان ۽ پاڪستاني اسٽوڊنٽس روٽردم پهچي ويا آهيون."

ڏاڍي پاڻهه سان وراڻيائين، " پوءِ هليا اچو نہ!؟"

" پر ڪيئن؟"

" ٽئڪسي يا ٽرام وسيلي!"

" ائڊريس ڪهڙيءَ تي؟"

"مشهور پارڪنگ بلڊنگ جي سامهون، انسٽيٽيوٽ جي مشهور رائونڊ بلڊنگ اٿوَ!" مارٽا ائين چئي فون بند ڪري ڇڏي.

مون جڏهن اها ڳالهه عقيان شاه کي ٻڌائي ته هن ٽوڪيندي چيو" تون به عجيب شخص آهين، مارٽا تي زور رکين ها ته گاڏي موڪلي ها!"

مون محسوس ڪيو ته جتي سندس ڪم جي ڳالهه آهي ته اتي 'پائي جان!'، پر جتي ناهي ته اتي تحڪمانه انداز ۾ "تون!" ڪري ڳالهائي ٿو. مون کي ٿوري مٺيان لڳي ته چيومانس، " پاڻ ڳالهائينس ته بهتر آهي!"

هڪدم نرم لهجي ۾ وراڻيائين،"پائي جان! آڳ لڳاءِ مارٽا کي، ٽئڪسي ۾ ٽا هلون!"

ايئر پورٽ ٻاهران ٽيڪسيون بيئيون هيون. هڪ ٽئڪسي ڊرائيور کي ائڊريس ٻڌائي. ڊرائيور اسان کي پندرنهن منٽن ۾ اچي پارڪنگ بلڊنگ وٽ پهچائي 30 گلڊر ڪرايو ورتو. پوءِ اشارو ڪندي ٻڌايائين،ته:" اها سامهون احاطي اندر رائونڊ بلڊنگ آٿوَ!"

سڏ پنڌ تي واقع رائونڊ بلڊنگ ديسي آني جيان پئي لڳي. شولڊر بيگس ڪلهن ۾ لڙڪائي، ٽرالي بيگس گهليندي چنگهي سنگهي پهتاسين ته منجهس هلڪي ناسي رنگ جو دروازو به نظر اچي ويو. عمارت اندر پهچندي ٻئي پگهر ۾ شل ٿي وياسين. ڪجهه دير ساهي پٽڻ کان پوءِ مون کي ان ڪن رس ڏينڏڙ آواز واري 'مارٽا' سان ملڻ جي خواهش جاڳي. هڪ ٻن کان پڇڻ تي خبر پئي ته جيڪا مائي صاحبه رسيپشن ڊيسڪ تي ويٺل آهي، اها'مارٽا' آهي. شوق ۽ جستجو ۾ جو نگاهه ڊوڙايم ته ارمان ئي پورا ٿي ويا. گهنڊجيل چهري واري مائي ستر کان به مٿي چڙهيل پئي لڳي. اندازو ٿي ويو ته آواز جو ڪٽيو پئي کاڌائين. پاسو ونڊي پنهنجو ۽ ملڪ جو تعارف ڪرائيندي پڇيو مانس،"ميڊم! ٻڌاءِ ته هاٿي چا ڪجي؟"

جواب ڏنائين، "هاٿي ٽڪ اَن ڪئنٽين (Tuk Inn Canteen) ۾ ٻين سان گڏ ويهي ڪريو انتظار!"

"ڪنهن جو؟"

"پارٽيسپنٽس آفيسر جو جيڪا پوري 12 وڳي اوهان سان اچي ملندي!"

ٽڪ اِن ڪئنٽين، شيشي جي ديوارن مان صاف نظر اچي رهي هئي. جنهن ۾ ڏهه هارنهن سانوري رنگ جا آفريقي چوڪرا ڪرسين تي ويٺل ۽ ڪي بينل هڪ ٻئي سان گپ شپ ڪندي نظر پئي آيا.

ڪئنٽين ۾ گهڙڻ کان پوءِ سامان پاسائتو رکي، اسان به انهن جي پرسان ويهي رهياسين. عقيان شاه پنهنجو تعارف ڪرائيندي، هڪڙي کان نالو ۽ ملڪ بابت پڇيو. تنهن ٻڌايس ته سندس نالو عمر فقيه ۽ ملڪ تنزانيه آهي. هن اهو ٻڌي هڪدم اٿي ٻک هنيس، "يو آر مسلم، آءِ ايم مسلم، برادر برادر! " ٻک نڪتا ته ٻي کان پڇيائين. ٻئي ٻڌايس، " ابراهام فرام اٿوپيا!"

"يو آر مسلم، آءِ ايم مسلم ! برادر، برادر!" هن ٻي کي به ائين هنيو ته هن هڪدم وراڻيس، " آءِ ايم نات مسلم!" عقيان شاه جو ٻک انڊي وارو ثابت ٿيو.

ڪئنٽين ۾ آهستي آهستي وڻ وڻ جي ڪاني گڏ ٿيندي وئي. عقيان شاه ڪئنٽين ۾ هر نئين همراه سان اٿي گرمجوشي ڏيکاريندي پئي مليو. پر هاڻي چالاڪي کان ڪم ونندي، اهو ضرور پئي پڇيائين، "آر يو مسلم؟"

"يِيس!" چوڻ تي ٽڪاءُ ٻک ۽ "نوا" چوڻ تي، "اوڪي! اوڪي!" چئي پري ٿي پئي ويو. آخرڪار هڻي هنڌ ڪيائين، مليشيا جو ٻچي ڏاڙهي وارو 'يونس ڪاشف' نالي همراهه ملي ويس. پوءِ ٻئي جڳا ڪنڌائتي ٽيبل تي ٿي ويٺا. ائين پئي لڳا، جڻ سالن جا وڇڙيل هجن. ڪئنٽين ۾ پهريان آواز جيڪي صرف مڪين جي "يون! يون!" جيان ٻڌڻ ۾ پئي آيا، سي مڇي مارڪيٽ واري شور ۾ تبديل ٿي ويا.

انهيءَ دؤران هڪ سانوري، ٻلو اسڪني جين ۽ سفيد سوئيٽر پهريل سانوري چوڪري جڏهن وچ ڪئنٽين ۾ ٽيلار ڪندي اچي بيني ته سندس گهنڊيدار وارن، چابڪ چيلهه ۽ پريل اُرهن جو مرداڻين نظرن پيڇو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. آفريقي ته مورڳو چتا ٿي پيا. گهٽن واري واري سان وڄي هٿ ملايس. پر جيتري تيزي سان وبا پئي، اوتري ئي تيزي سان موٽيا پئي، جيڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي. عمر فقيه جي پرسان بينل هڪ ٽانگڙ نوجوان به وڃي، زور ڪري مليس ۽ پوءِ پڇندو موٽي اچي، ڪنهن اجنبي

هوليءَ ۾ عمر فقيه کي ڪجهه ٻڌايائين. مون صرف ٻه لفظ سمجهيا،" الحبشه اريتيريا!"

عمر فقيه کل ۾ ٻڌجي ويو ته پچيومانس،" ان جي چوڻ جو ڇا مطلب آهي، ۽ تون ڇا تي ٿو ڪلين؟"

اشارو ڪندي ٻڌايائين، "هي بهونيا آهي، جيڪو منهنجو هم وطن آهي. تنهن سواحليءَ ۾ پئي ٻڌايو ته ان چوڪريءَ جو تعلق، اٿوپيا جي صوبي اريٽيريا سان آهي."

" پوءِ ڇا ٿيو!؟"

"وڌيڪ، ابراهام ٻڌائي سگهي ٿو!" فقيه مشڪندي، ابراهام ڏانهن ڏٺو.

ابراهام وراڻيس،" تون چو نه ٿو ٻڌائينس؟"

" ان تي تنهنجا ئي حق واسطا آهن، جو تنهنجي ملڪ جي آهي!"

" تون مون کي چريو سمجهيو آ ڇا!؟"ابراهام مشڪندي وراڻيو.

مان سندن ڳالهه نه سمجهي. پر ايترو ضرور سمجهيم ته چوڪري پراسرار آهي....!

اوچتو ئي اوچتو ٻاهر برف باري شروع ٿي وئي. ڪئنٽين جي شيشي جي شفاف ديوارن مان ڪپهه جهڙا برف جا گولا ڪرندي نظر پئي آيا. مان هڪدم اُٿي شيشي جي هڪ دريءَ پرسان پيل ٻن خالين ڪرسين مان، هڪ تي ٽي وينس ۽ جهوت پائي، ان منظر کي ڏسڻ لڳس. شاگردن آهستي آهستي شيشي جي درين پرسان پيل ڪرسين کي والارڻ شروع ڪيو. شايد ته اهو منظر ڪن لاءِ بالڪل نئون هيو. ٽڏ وڏڻ جي ڪري، گهٽن جا هٿ ازخود بغلن ۾ هليا ويا. مون محسوس ڪيو ته سردي جڙ منهنجين رڳن مان ٽيندي، هڏن ۾ گهرندي پئي وڃي، پر فطرت جي ان دلڪش منظر اُٿڻ نه پئي ڏنو.

"مان هن ڪرسيءَ تي ويهي سگهان ٿي؟"مون ڪنڈ ورائي ڏنو ته اها ئي بي چين سانوري مٽان اڇي بيٺي هئي.

"چو نه!"

هن ويهندي چيو"اسان جي ملڪ ۾ برف ناهي ڪرندي، برف جي ڪرڻ جو منظر ڪيڏو نه وٽندڙ آهي!"

پچيومانس،" اوهان جو نالو؟"

" نگستي!"

"ءِ اوهان جو نالو؟" پڇيائين.

"دلمراد حسين!"

"نالو ڪجهہ وڏو ناهي؟"

"اوهان صرف دل يا مراد چئي سگهو ٿا!"

نگستي سيسراٽي پريندي چيو"اوهان کي شايد سيءَ نہ ٿو ٿئي، جو اوهان جي علاقي ۾ برف ڪِرندي هوندي؟"

" جنهن علاقي ۾ مان رهندو آهيان، اتي ناهي پوندي!" وراٽيم.

وڏندڙ سيءَ ڪري ، هوءَ ڪرسي سوري پرسان ٽي ويئي. مون کي ائين لڳو، جڙ پر ۾ پيڙ هري ويو هجي. ٽوري جهٽ کان پوءِ محسوس ڪيم، تہ جڙ کي اکيون مسلسل گهوري رهيون آهن. ڪنڌ ورائي ڏٺم، تہ آفريقي نوجوانن جون نظرون اسان ۾ ڪتل هيون. ان وقت مون کي دمساز جي اها خاص هدايت ياد اچي وئي، تہ: "يارا جي يورپ وڃي ٿو تہ متان مسيت جو ڪک ٿي رهين!.."

ٻاهر برف، ڪپهہ جي گولن جيان هيٺ ڪِرندي ڏرتيءَ تي سفيد چادر وڇائي رهي هئي. مون اک ٽيٽ ڪري ڏٺو تہ اندر ڪئنٽين ۾ڪي شاگرد وڏندڙ سردي ڪري ٽڙڪي رهيا هيا. پر منهنجي اندر ۾ تہ مچ مچي ويا هيا. زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن صنف نازڪ سان ٻڌُ ٽي، برفباري جو ائين منظر نہ ڏٺو هيم. انهيءَ منظر ۾ ڏسڻ ۾ ايترو تہ محو هيس، جو پٺيان هڪ زوردار آواز ڇرڪائي وڌو: " ڊيئر پارٽيسپنٽس ! مهرباني ڪري، مون ڏانهن ڏسو ۽ توجهہ ڏيو!"

مون ڇرڪي پنتي ائين لوٽو هنيو جڙ ڪنهن چوري پڪڙي هجي. هڪ پوري ۽ پريل جسم واري جوانڙي ڪاري لباس ۾ بيٺي هئي. ان بوبني پنهنجو تعارف ڪرائڻ شروع ڪيو "منهنجو نالو 'ايوا' آهي. مان اوهان جي پارٽيسپنٽس آفيسر آهيان. مهرباني ڪري منهنجي پٺيان اچو تہ ڪانفرنس هال ۾ ويهي، کي ڪم جون ڳالهيون ڪيون!"

سندس پٽيان هلندي هڪ هال ۾ وڃي ويناسين. پهريان هن هلڪي ڪ٠گ ڪري سيني جو توجهه چڪايو "جيئن ته اوهان سيئي پروفيشنل ۽ ميچوئر آهيو ان ڪري اوهان استوڊنٽ نه، پر 57 انٽرنيشنل ڪورس جا پارٽيسپنٽس آهيوا"

انسٽيٽيوٽ طرفان شناختي ڪارڊ ٺاهي ڏيڻ جو چئي، لسٽ ڪٽي هرهڪ کي سڏيندي، فوٽوگرافر کان فوٽو ڪيرائيندي وئي. جنهن جي ڪري سيني جا هڪ ٻئي سان نالي ۽ ملڪ جي حد تائين ازخود تعارف ٿي ويا.

ان کان پوءِ 'ايوا' رهائش جي حوالي سان ٻڌائڻ شروع ڪيو:

"انسٽيٽيوٽ طرفان ٻن خانگي عمارتن 'استيٽنبم' ۽ 'ڊيناڪ 109' ۾ هاسٽل طور بندوبست ٿيل آهي، جن ۾ پارٽيسپنٽس کي رهايو ويندو. ان حوالي سان پهريان ڪٽا ڪيڊيا ويندا، جنهن جي نصيب ۾ جيڪا هاسٽل يا روم هوندي، اها ئي ان کي ملندي ته جيئن اعتراض جي ڪا گنجائش نه رهي. البته روم الاٽ ٿيڻ کان پوءِ، ٻن ڏينهن اندرهڪ ٻئي سان رضاڪارانه طور تي متا سٽا ڪري سگهو ٿا!"

پهريان ڊيناڪ هاسٽل جا ڪٽا ڪيڊيا ويا، مون کي 15 نمبر روم ملي. منهنجي دلي خواهش هئي ته جيڪر نگستي کي به اتي ملي، پر بدقسمتيءَ سان ڪٽن ۾سندس نالو نه نڪتو. جڏهن استيٽنبم هاسٽل لاءِ ڪٽا نڪتا ته نگستي کي 7 ۽ ابراهام کي 8 نمبر روم ملي. ايوا کين مبارڪ باد ڏيندي چيو "ائين گهٽ ٿيندوآهي، جو ساڳي ئي ملڪ جا پارٽيسپنٽس هڪ ٻئي جي پرسان رهن. اوهان کي هاڻ ثقافتي اٽڪلٽ وارو مسئلو اڳيان نه ايندو جو هڪ ٻئي جي ٻولي، رسمن ۽ رواجن کان خوب واقف هوندءِ!"

نگستي هڪدم هٿ مٿي ڪندي چيو "مان استيٽنبم ۾ رهڻ نه ٿي چاهيان!"

"پر ڇو؟" ايوا حيرت کائيندي سمجهايس، "ڊيناڪ هاسٽل ته انسٽيٽيوٽ جي بلڊنگ کان چڱي خاصي پري آهي. توهان کي اچڻ وڃڻ

لاءِ روزانو ترام جو ڪرايو پرڻو پوندو. بهتر آهي ته اوهان اسٽيٽنبم ۾ رهو جو اها رائونڊ بلڊنگ جي پر ۾ آهي. اوهان جو وقت ۽ پئسا بچي پونداا!"

"مان ڪنهن به صورت ۾ اسٽيٽنبم ۾ رهڻ نه ٿي چاهيان!" نگستي عجيب قسم جو ضد ڪيو.

"ڪو ڏيناڪ جو الاٽي اوهان سان روم تبديل ڪري ته مون کي ڪو اعتراض ڪونهي!" ايوا وراٽيو.

"مان تبديل ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!" نائيجيريا جي 'اوساٽو' هڪدم اُٽي چيو. جنهن کي ڪُٽي ۾ ڏيناڪ جي روم نمبر 18 ملي هئي. اهو ٻڌي مون کي خوشي گاڏڻ حيرت ٿي ...!

"بهتر!" ايوا هڪدم پنهنجي ڊائري تي نوٽ ڪندي چيو.

پوءِ ايوا جي زبان ڪٽنچي وانگر هلڻ لڳي:

" 15 جنوري کان 15 جون تائين ٻنهي عمارتن جي مالڪن سان معاهدو ٿيل آهي، جنهن مطابق هر روم جو لڳ ڀڳ 400 گلبر ڪرايو آهي. اليڪٽرڪ سٽي ۽ گئس چارجز اُن ۾ شامل آهن. روم ۾ هڪ بيڊ، ٻه ڪمبل، ٻه وهاٽا ڇوَ سوڊا، ٽيبل سان گڏ لئمپ، هڪ اسٽڊي چيئر، هڪ ايزي چيئر، هڪ الماري، شوز ريڪ، هڪ گئس هيٽر ۽ وچايل ڪارپيٽ موجود آهن. ڪامن ڪچن ۾ هر قسم جا ٽانو ٽپا ۽ اسٽور روم ۾ صفائي لاءِ بروم، ايئر ڪلينر ۽ ڪپڙن جي استري لاءِ آئرن ۽ ٽيبل رکيل آهن. عمارتن ۾ ڪشاده ٽي وي لائونج، جتي اوهان ننڍا ننڍا فنڪشن به ڪري سگهو ٿا. ان جي پر ۾ ميل باڪس پڻ موجود آٿوَ جتي اوهان جا ذاتي خط يا عمارتن جي مالڪن طرفان اطلاع اچي سگهن ٿا. هر هفتي چادرون ۽ وهاٽن جي تبديلي ۽ عمارتن جي صفائي مالڪن جي ذمي، رومس ۽ ڪامن ڪچن جي صفائي اوهان جي ذمي آهي!"

ان کان پوءِ اصلي ڳالهه تي آئي، جنهن کي ٻڌڻ لاءِ سيئي آتا هيا :

"اوهان کي ماهوار 1410 گلبر پيشگي اسڪالرشپ ملندي، جيڪا سياٽي اوهان شناختي ڪارڊ ونڊ کان پوءِ سينٽرل استيشن پرسان ايمرو بئنڪ مان ڪيرائي سگهو ٿا. اتي اسان اوهان جا اڪوات ئي اڪائونٽ

کولائي ڇڏيا آهن. ايمرو بئنڪ ٿوري پنڌ تي سينٽرل استيشن جي پر ۾ اٿو پر ان مان اوهان جي اڳوات ئي روم جو ڪرايو 400 سؤ ۾ گيرنٽي فنڊ 200 گلڊرز ڪٽيل آهن!"

پرسان ويٺل هندوستاني پارٽيسپنٽس ڪلپاج ۾ سريش کي ڏٺم ته اهي نهايت غور سان ٻڌندي ڪلڪيوليٽر تي حساب ڪندا پئي ويا. سريش، ڪلپاج کي هنديءَ ۾ ٻُڻ ٻُڻ ڪندي چيو " يار، وڏي خيال سي گُجارا ڪرنا پڙيگا!"

ايوا، ٿوري ساهي پٽڻ کان پوءِ وري ٻڌائڻ شروع ڪيو"ٻنهي هاسٽلس ۾ ٽيليفون بوٿ ۾ ٽيليفون ڊائريڪٽري موجود آٿوَ جن تان لوڪل ڪال، اوهان کي پنجويهه سينٽس، نيشنل ڪال هڪ گلڊر ۾ انٽر ڪانٽينل ڪال في منٽ پنج گلڊرس ۾ پوندي. ان ڪري اوهان کي سِڪا واليٽ ۾ هجڻ گهرجن. استيٽنڊم ۾ رهڻ وارا ته آرام سان پنڌ وڃي سگهن ٿا. جڏهن ته ڊيناڪ هاسٽل وارو علائقو 5200 زون ۾ اچي ٿو. اتي پهچڻ جو هڪ طريقو آهي، ته ٻه گلڊر پري ٽرام نمبر 4 تي چڙهو ۾ ٻيو اهو آهي ته ٻاويهن گلڊرن ۾ هڪ زون جي لاءِ مهيني جي ٽڪيٽ ٺهرايو. سڄو مهينو بي ڏڙڪ اڇ وچ ڪندا رهو!"

ان کان پوءِ ايوا، اٿي ڪري هڪ بروشر ورهايو جنهن ۾ ٻنهي هاسٽلن جي ائڊريس، پارٽيسپينٽس آفيسر ۾ انتظاميه جي خاص ماڻهن جا نمبر ڏنل هيا.

پوءِ هن ننڍي عمر هڻڻ جي باوجود وڏڙن واريون نصيحتون ڪرڻ شروع ڪيون : " جيئن ته اوهان مختلف ثقافتي پس منظر رکو ٿا، ان ڪري اوهان وچ ۾ ثقافتي اٽڪٻٽ ضرور ٿيندي. پر جيئن ته اوهان پروفيشنل ۾ ميچوئر آهيو اُميد آهي ته مشاورت سان مسئلن جو حل ڪڍي ونڊندئو. ٻيو ته اجنبين کي پنهنجين رومس ۾ نه رهائجو. هرهڪ روم جي چاهي در جي انترلاڪ ۾ لڳل آٿوَ جيڪا ڪڍي سنيالي رکجو. آخري ۾ اهم ڳالهه ته پنهنجي صحت جو خاص خيال رکجو. عام بيماري بڙيءَ ۾ اوهان جي اڳوات انشورنس ٿيل آهي. البته اوهان جي ڏندن جي انشورنس ناهي ٿيل، ان ڪري

اهو خرچ اوهان کي پاڻ پرڻو پوندو. وڌيڪ اهو ته پيٽ سان هوندئو ته پاڻ منهن ڏجو...!"

انهيءَ جملي تي سيني ٿهڪ ڏئي هڪ ٻئي کي ڏٺو. پوءِ ڪافي نظرون گول مٽول ۽ ننڍي قد واري هندوستاني راسو رام تي کپي ويون، جنهن جو پيٽ، پينٽ مان ستن مهينن جي ڳهراري عورت جيان نڪتل هيو. سوالیہ نظرن جو تاب نہ سهي، ڦڪي کل کلندي ڪنڈ هيٺ ڪري ويهي رهيو.

اهو ڏسي، ايوا سيني کي ٻڌايو ته: "راسو رام جيئن ته گذريل ٻئي جي، پوسٽ گريجيويٽ ڊپلوما ڪورس ۾ ڊسٽنڪشن حاصل ڪئي هئي. ان ڪري، ارازمس يونيورسٽي کيس اسپيشل پروگرام تحت ايڊوانسڊ پوسٽ گريجيويٽ ڪورس ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپ ڏئي گهرايو آهي." اهو ٻڌڻ کان پوءِ، سيني کيس عزت ۽ قدر جي نگاهه سان ڏسڻ شروع ڪيو.

ايوا، سيني کي عمارتن جي مين گيٽ جون چابيون ڏيندي چيو ته: "مان مهيني سوا ۾ هاسٽلن جو چڪر پئي هڻندس. ڪنهن سان ڪو به مسئلو درپيش هوندو ته حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. پر ايمرجنسي ۾ منهنجي نمبر تي ڪال ڪري سگهو ٿا. آخري ڳالهه ته ليڪچرهال ۽ هران هر پارٽيسپنٽس جي نالن تي ميل باڪس الاٽ ٿيل آهن جن ۾ اداري طرفان پڙهائي جو شيڊيول، نوٽيس، ميمو يا ڪو خاص اطلاع ڊراپ ٿيل هوندو. ان ڪري هر پارٽيسپنٽ کي روزانو پنهنجو ميل باڪس جاچڻ گهرجي ته جيئن اپڊيٽ رهي!"

اهڙين هدايتن ڏيڻ کان پوءِ هن موڪلايو ته پارٽيسپنٽس اٿي ڪڙا ٿيا.

پارٽيسپنٽس آفيسر جي ڏنل ائڊريس مطابق، ڊيناڪ هاسٽل جي الاٽين جون پاڻ ۾ صلاحون پئي هليون ته ٽيڪسيون ڪرائجن يا ٽرام تي هلجي. نيٺ گڏيل صلاح اها بيني ته ٽيڪسيون مهانگيون پونديون، بهتر آهي ته ٽرام تي هلجي. پوءِ سيئي رڙهي سڙهي سينٽرل اسٽيشن تائين پهتا، جيڪا رائونڊ بلڊنگ کان ٻگيرڙي پنڊ تي هئي. سينٽرل اسٽيشن تي پهچڻ کان پوءِ، هرهڪ پنهنجو سامان کڻي، ٻه گلڊر پري ٽرام نمبر 4 تي چڙهي ويو.

ڏنل ائڊريس مطابق جڏهن سيڻي'برگ وگ 'روڊ تي پهتاسين تہ اتي گهري ناسي رنگ جي پڪ سري عمارت 'ڊيناڪ 109'پاڻ جهڙين ٻين عمارتن سان ڪلهوڪلهي ۾ هنيون بيٺي هئي. جڏهن عمارت جي مين گيٽ مان لنگهي اندر داخل ٿياسين، تہ سيني سامان بيسمينٽ جي ٽي وي لائونج ۾ رکي هڪ دفعو هيٺ مٿي بلڊنگ گهمي ڏٺي. مون کي ائين لڳو جڻ ڊهلي نما واٽکي جاءِ ۾ پهتو هجان. جيئن تہ گهٽا پارٽيسپنٽس آرڪيٽيڪٽ انجنيئر هيا، تن ٻڌايو تہ هيءَ ٽريڊيشنل'ريڊ ڊچ برڪ ڊزائين' واري عمارت آهي. عمارت جا ٽي طبق جاڳايل هيا. زمين جي سطح کان هيٺ بيسمينٽ، ان کان مٿي فرسٽ ۽ سيڪنڊ فلور. اسان وانگر گرائونڊ فلور وارو اصطلاح موجود نہ هيو. بلڊنگ اندران ڪاٺ جي ڏانچي تي ٻيهر هئي. درن ۽ ديوارن کي ميٽوڙي رنگ ڏنل هيس. ڏاکڻيون سوڙهيون، مستطيل ڪمرا، گڏيل غسل خانہ ۽ ڪشادا بورچيخانہ هڪ بيسمينٽ ۽ ٻيو فرسٽ فلور تي موجود هيا. بورچيخانن آڏو ويٽنگ ايريا ۾ ڇهہ ڪن ڪرسيون پيل هيون. گهمي ڦري ڏسڻ کان پوءِ 'ٻهونيا 'راءِ ڏيندي چيو "چگو ٽيو جو مان بلڊنگ گهمي ڏٺي، نہ تہ ويڃاجي ويڃان ها!"

ٿهڪڙو مچي ويو جڻ تہ اها ڳالهہ گهٽن کي دل سان لڳي. پوءِ هرڪو پنهنجو سامان ڪٽي الات ٽيل روم ڏانهن هليو ويو.

جهٽ نہ گذري تہ سيڪنڊ فلور تي گوڙ ٿي ويو. عقيان شاهہ، مون وٽ سهڪندي اچي پهتو "پائي جان! هندوستانين منهنجي روم تي قبضو ڪيو آهي!"

مان اڃ ۾ ڪليل سامان چڏي، ساٿس ڏاکڻ چڙهندي مٿي پهتس. هندستاني سريش ۽ عقيان شاهہ وچ ۾ 21 نمبر روم جهڙو ڪشمير جو مسئلو بڻيل هيو. جڏهن تہ 25 نمبر روم خالي پئي هئي، جنهن ۾ ٻئي نہ ٻيا رهڻ چاهين. هڪ پاسي سريش جي رٽ جو سارٿي هيو ڪلپاج، ٻي پاسي عقيان شاهہ جو شتربان مان هيس. ٽيندڙ مهاپارت يا غزوه هندڪي تاريخ لاءِ فرسٽ ۽ سيڪنڊ فلور وارا وچ ۾ پيا. سيني ڪوشش ڪئي تہ ڪنهن هڪ ڪي هٽ ڪٽائين، پر ٻئي اڙيا بيٺا هيا. لڙ اجا وڌيو تہ فرسٽ ۽ سيڪنڊ فلور وارن رومس

مان چوڪريون ٻه نڪري آيون. ڪجھ ديرتائين تہ حيرت وچان نروٽن کي لفظي جنگ ڪندي تڪيندين رهيون. نيٺ نگستي اڳتي وڌي، مون کي چيو"پليز ان جھڳڙي کي ختم ڪراءِ، نہ تہ هتي منهنجو رهڻ ڏکيو ٿي ويندو!" هوءَ ائين چئي هلي وئي، پر مون کي جڙ ڇڳ مڙسي جي پڳ ٻڌائي وئي. مون ٻنهي دعويدارن کان پڇيو،"آخر، ان ۾ آهي ڇا، جو اوهان کٽي ڳٽِ ڏني آهي؟"

ٻنهي جي ڳالهائڻ مان اندازو ٿيو تہ انهن کي ان روم جي اها بالڪوني پسند هئي، جيڪا شاهراھ طرف پئي کلي. مون سوچيو تہ اهو ئي ڪنهن جي دل وٺڻ جو بهترين موقعو آهي، جنهن لاءِ دمساز خاص الخاص تاڪيد ڪندي چيو هيو" ڪنهن ٻه من موهڻيءَ کي متاثر ڪرڻ لاءِ، پهريان اهڙو تاثر ڇڏجانءِ، جيئن هوءَ توتي انڊو اعتماد ڪري. پوءِ منزل آسان ٿي!"

ان ڳالهہ کي ذهن ۾ رکي، ٻنهي کي چيم،" بس، ڳالهہ ٻه اها ...! اوهان مان هڪ همراه مون واري روم نمبر 15 تي هليو اچي، ان جي بالڪوني ٻه شاهراھ طرف آهي. مان ئي کٽي روم نمبر 25 ۾ ٿو رهان!"

مون محسوس ڪيو تہ سريش ۽ ڪلپاج جي چهرن تي جڙ فاتحانہ مرڪ اچي وئي هئي. عقيان شاه ٻه ٽپڙ کٽي هيٺ لهڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي. نتيجي ۾ مون کي پنهنجو سامان کٽي فرسٽ فلور جي 25 نمبر روم تي وڃڻو پيو. جڏهن پهچي جائزو ورتم تہ اندازو ٿيو تہ شايد سڄي بلڊنگ جي واهيات ۾ واهيات روم اها هئي. هڪ مٿين فلور تي، ٻيو ڪنڊائتي، ٽيون بالڪوني جي عدم موجودگي، چوٽون شيشي جي درين مان رڳو عمارتن جون رت ورنيون چتيون نظر پئي آيون. پنجون چت ۾ لڳل هڪ ٽيڊو شهتير، جنهن کي ٻن پتين جي آهون سامهون وارين ڪنڊن ۾ جڙ ڪنهن زوري ڦاسايو هجي. پوءِ ٻه خوش هيم، بقول ڪنهن گمنام دانشور جي تہ: "ڪجھ حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪجھ وڃائڻو پوندو آهي!"

ڪجھ دير کان پوءِ دروازي تي دستڪ ٿي. دروازو کوليم تہ نگستي بيٺي هئي. ڏسي، چيو مانس،" اندر اچو!"

اندر اچي پڇيائين،" اوهان سيڪنڊ فلور تي ڇو هليا آيئو؟"

" توهان جو چيو تہ جھڳڙو ختم ڪرايو!"

"منهنجي چوڻ جو مطلب هيو تہ اوهان پارٽيسپنٽس آفيسر کي ٽيليفون ڪري تصديق ڪري ونو ها، تہ انهن کي ڪهڙيون رومس ڪُٽي ۾ آيل آهن تہ مسئلو حل ٿي وڃي ها!"

هوءَ اهو چئي هلي وئي. مون پنهنجي عقل تي ماتم ڪندي سوچيو تہ هاڻ چا ڪجي...؟ زبان ٿي وئي، سا ٿي وئي، سا بہ هيڏن ماڻهن جي آڏو...! ڏڏو ڪير تڪين ڪيئن پئي...؟.

17 جنوري، خميس

9 وڳي صبوح جو ليڪچرهال ۾ ڊائريڪٽر'جئڪ گراف' انسٽيٽيوٽ جو تعارف ڪرائيندي ٻڌايو تہ: "روٽرڊم شهر جيڪو هي جنگ عظيم ۾ مڪمل تباهہ ٿي چڪو هيو تنهن کي نئين سري سان اڏڻ خاطر 1958ع ۾ 'انسٽيٽيوٽ فار هائوسنگ اينڊ اربن ڊيولپمينٽ اسٽڊيز ' جو بنياد رکيو ويو. پهريان صرف هڪ 'انٽرنيشنل ڪورس آن بلڊنگ' ڪرايو ويندو هيو ۽ هاڻ مختلف سبجيڪٽس تي 'ارازمس يونيورسٽي' جي سهڪار سان اسپيشل ڪورسز ڪرايا وڃن ٿا."

ان کان پوءِ هڪ هي پروفيسر 'ڊيوڊسن' مختلف ڪورس يونٽس ۽ ورڪ شاپس ڪورسز جو جنرل انٽروڊڪشن ڏنو.

لنچ ٽائيم ڏيڍ کان هي وڳي تائين هيو. ڪئنٽين ۾ لنچ ڪرڻ کان پوءِ ايوا جي آفيس آڏو قطار ٺاهي، پارٽيسپنٽس شناختي ڪارڊ ونڊڻ شروع ڪيا. ڪارڊ ڏيڍ کان اڳ، ايوا پچيو "ڪالهہ عقيان شاه ۽ سريش ٽيليفون تي ٻڌايو تہ تون پنهنجي رضا خوشيءَ سان روم نمبر 15 چڏي 25 ۾ هليو ويو آهين، چا اهو صحيح آهي؟"

هارايل جواري وانگر وراڻيم، "ها، صحيح آهي!"

"خير، تنهنجي مرضي! هاڻي روم جي ڪرائيدار جي حوالي سان ايگريمينٽ جي شقن کي چگيءَ ريت پڙهي، ٽن ڪاپين تي صحيح ڪري پنهنجي ڪاپي کڻ، ۽ باقي بہ ڪاپيون عمارت جي مالڪ ۽ انسٽيٽيوٽ

وارن جون آهن!" ايوا ايگريمنٽ جون ڪاپيون اڳيان رکندي چيو. مان بغير پڙهڻ جي صحيحون ڪري، پنهنجي ڪاپي کڻي ورتي.

"پنهنجو شناختي ڪارڊ ۽ ونڊي چڏ! چاهين ته هاٿي ٽي وڃي ايمرو بئنڪ مان گلبر ڪيرائي سگهين ٿو."

ايوا شناختي ڪارڊ ڏيڻ کان اڳ، هڪ اهڙي ڳالهه ٻڌائي، جنهن منهنجا لڳ ڪانڌاري چڏيا. "توکان پهريان25 نمبر روم ۾ گذريل ٻڌ جو هڪ چيني پارٽيسپنٽ 'فينگ' رهندو هيو. هو پهريان ته نارمل انسان هيو. پر پوءِ آهستي آهستي تنهائيءَ جو شڪار ٻڌجي ايبنارمل ٽي ويو. ان ڪيو جو آخري ڏيهاڙن ۾ رسو کڻي شهتير ۾ ٻڌي. سرڪڻ ڪاهي ناهي خودڪشي ڪري چڏيا!"

"سبب؟"

"شايد ته تنهائي ڪيس سخت ڊپريشن ۾ مبتلا ڪري چڏيو هيو. منهنجي صلاح اها ٽي ته توکي گهٽ ۾ گهٽ هڪ گرل فرينڊ ضرور رکڻ گهرجي، جيڪا توکي تنهائي جو شڪار ٽيڻ نه ڏي!"

ائين چئي، ايوا مشڪندي شناختي ڪارڊ هٿ ۾ ٽمائي چڏيو.

اها ڳالهه ٻڌي ڪائي سان ڪلندي، " ڊئونٽ وري! " چئي ٻاهر نڪري آيس ۽ دل ۾ چيم، " چگ مڙسي ته ڳچيءَ ۾ پئجي وئي....!"

جيڪي پارٽيسپنٽس ايوا جي آفيس مان فارغ ٿيا هيا، انهن رسيپشن تي اچي 'مارٿا' جو مٿو پئي ڪاڏو ۽ ڪائنس ايمرو بئنڪ جي ائڊريس بار بار پئي پڇيائون. خاص ڪري شام جي عابيه عربي لهجي واري انگريزي سان پنڊي ٻاريون بينڊي هيس. پر انهيءَ دؤران سريش وچ ۾ ٻيهي اعلان ڪيو " جيئن ته هو ايمرو بئنڪ مان هاٿي هاٿي ٽي آيو آهي، ان ڪري گائيڊ بٽجي سگهي ٿو!"

اهو ٻڌي عابيه، مارٿا کي چڏي، سريش کي چنبڙي پئي. پوءِ جيڪي پارٽيسپنٽس اتي ٻيٺا هيا، انهن ۾ سريش جي اڳواڻي ۾ ايمرو بئنڪ طرف 'ڪوئڪ مارچ' ڪيو. ايمرو بئنڪ، سينٽرل اسٽيشن کان ٿوري پنڌ تي

هئي. پارٽيسپنٽس اتي پهچي، پنهنجي پنهنجي حساب سان پئسا ڪيرايا ۽ ڪن رڳو اڪائونٽس چيڪ ڪيا، جن ۾ مان به شامل هيس.

هاسٽل تي موٽڻ کان پوءِ، ايزي چيئر تي آهلجي روم جو هڪ دفعو ٻيهر جائزو ورتم. خبر ناهي ته ڇو عجيب قسم جي گهُٽَ پئي محسوس ٿي. شايد اهو نفسياتي اثر هيو يا ڪو ٻيو سبب... ؟

جيئن ته مان آرڪيٽيڪٽ نه پر 'اربن سوشيالاجسٽ' هيس، ان ڪري چت ۾ لڳل ان ٽيڊي شهتير جو سبب به سمجهه ۾ نه پئي آيو. جَڪ ڪائيندي سوچيم پئي ته عقيان شاه ۽ سريش کي هتي گهلي اچي سٽيان ۽ پاڻ پنهنجا ٽپڙ کڻي 15 نمبر روم تي هليو ويجان.....!

اندر ۾ اهڙي آندّ ماندّ جاري هئي ته اوچتو دروازي تي 'ٽڪ ! ٽڪ!' ٿي. مون کي پڪ هئي ته 'نگستي' هوندي . دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي وئي. تڪڙ ۾ اُٿي دروازو کوليم ته هڪ پڪي رنگ جي، قديلي چوڪري بيٺي هئي. ڏاڍي آبائتي انداز سان تعارف ڪرايائين، "منهنجو نالو سيرا ۽ تعلق، آفريقي ملڪ 'مالي' سان آهي!"

مون به ساڳي انداز ۾ پنهنجو تعارف ڪرائي ڇڏيومانس.

" اوهان جي مناسب سمجهو ته منهنجي چانهه اچي پيئو. مان اوهان جي سامهون واري روم نمبر 24 ۾ رهان ٿي."

" ها، مان اچان ٿو!"

هوءَ هلي وئي ته روم اندر لڳل واش بيسن مان هٿ منهن ڌوئي، ٽوال سان اُگهندي سوچيم. ته: نگستي نه. ته سيرا ئي سهي! بقول پارٽيسپنٽس آفيسر جي ته: گهٽ ۾ گهٽ هڪ گرل فرينڊ ضرور رکڻ گهرجي!'

سيرا جي روم ۾ گهڙيم ته دنگ رهجي ويس. لڳو ته واقعي سگهڙ چوڪري آهي. بيڊ تي خوبصورت ڳاڙهي ۽ نيري رنگ جي چوڪڙين واري چادرچڙهيل، اسٽڊي ٽيبل تي فينستائيءَ سان ڪتاب رکيل، پرسان ايڪو الارم، پاسي کان ننڍڙو ٽيپ رڪارڊر ۽ ڪئسٽون سجايل هيون، وچ تي ڪارپيٽ مٽان رنگبرنگي غاليچو وڇايل، ان مٽان هڪ ٽري، جنهن مٽان گلن ڇاپ ڪٽلي ۽ به چيني جا جرڪندڙ ڪوپ پيل هيا.

سيرا غاليچي تي ويهڻ لاءِ چيو"پليز ويهو بينا چو آهيو؟"

دروازي جي پرسان رکيل شوز ريڪ ۾ چپل لاهي، غاليچي تي پلٽي هٽي وئنر. هوءَ به سامهون ٽي وينٽي. سفيد ڪٽليءَ ۾ڪاري ڪِٽ چانهه ڪوپن ۾ پيٽيندي پڇيائين." ڪنڊ جا ڪيترا ڪيوب؟"

"صرف هڪ!"

هن هڪ ڪيوب چانهه جي پيالي ۾ وجهي، چمچي سان آهستي آهستي گهمائڻ شروع ڪيو. منهنجون نظرون تجسس وچان ڦرندي ڪارنر ٽيبل تي ويڙهيل رنگبرنگي قالين جي هڪ ٽڪري تي پيون. چانهه جي سرڪي پريم تہ ڪجهه ڪساري لڳي. خيال مٽ ڪرڻ لاءِ قالين جي ٽڪري ڏانهن اشارو ڪندي پڇيم." اهو چا پيو آهي ؟"

"جي! اهو پريئر مئٹ (مصلو) آهي، جنهن تي اسان مسلمان پنج وقت عبادت ڪندا آهيون." هن ٻڌائيندي، پوءِ پڇيو "معاف ڪجو ڪنهن کان مذهب جي باري ۾ پڇڻ مناسب تہ ناهي، پر پوءِ به پاڙيسريءَ جي حيثيت سان پڇان تہ دل ۾ تہ نہ ڪندئو؟"

" نہ نہ!" وراڻيم.

" اوهان جو تعلق، ڪهڙي مذهب سان آهي؟"

" اسلام سان!"

"الحمد الله، ڏاڍي خوشي ٿي." پوءِ سيرا، حليمائي سان چيو" مان چاهيان ٿي تہ اوهان منهنجا ديني پاءُ بڻجو!"

مون کي انهيءَ وقت دمساز جي اها تنبيهه ياد آئي تہ: "يورپ ۾ متان ڪنهن کي پيٽ ٻڌايو ٿئي، قاسجي ويندين!" پوءِ هن پئرس ۾ ٿن ڏينهن جي ڪانفرنس اٽينڈ ڪرڻ وقت پنهنجو تجربو شيئر ڪيو هيس تہ: هو ڪيئن نہ مصر جي هڪ اخوان المسلمين جي ميمبر 'ڪلثوم' مان قاسجي ويو هيو. جيڪا پيٽ ٻڌجڻ کان پوءِ محتسب بڻجي ڪيس چرڻ پرڻ ئي نہ ڏيندي هئي.

مون هڪدم وراڻيو،"اصلي، نہ!"

"چو؟" هوءَ سراپا سوال بڻجي ڏسڻ لڳي.

"هڪ ٽه مان پنج وقت نمازي ناهيان، ٻيو ٽه پيئندو ڪندو آهيان. ان ڪري ان رشتي کي نيائڻ جي قابل ناهيان!" معذرت ڪندي چيم.

"شراب پيئڻ ٽه حرام آهي. تون ڪيئن ٿو پيئين؟" سيرا پڇيو.

"برابر آهي، پر منهنجي پير و مرشد رومي چيو آهي ٽه : مون کي وڌيڪ شراب ڏيو يا مون کي ڇڏي ڏيو!" مان رومي تي هٽي ڇڏيو. جو اهو ڊائلاگ ب دمساز کان پڏو هيم.

اهو پڏي، سيرا جڻ مايوس ٿي وئي.

چانهه جو آخري ڊڪ ڀرڻ کان پوءِ پنهنجي روم تي توائي ٿي موٽيم. دل ۾ چيم. "انڈو پيڄي کاهيءَ کان ... اهائي کاهي...! جي اهڙو صورتحال رهي ٽه پنهنجي خودڪشي پڪي آهي."

اهڙو خيال ايندي منهنجيون نظرون ازخود ٽيڏي شهتير تي کپي ويون. مون کي لڳو ٽه جڻ ٽيڏو اڪ ۾ ڪيون ويٺو آهي....

18 جنوري، جمعو

سيني پارٽيسپنٽس کي پنجن گروپن ۾ ورهائي، پروفيسرن صبوح جو 9 کان 11 وڳي تائين رائونڈ بلڊنگ جي اندر واقع آفيسن، ڪلاسن، جمانزم هال، ڪانفرنس هال، ڪمپيوٽر سيڪشن ۽ لائبريري جو چڪر هڻائي، ليڪچرهال ۾ آندو. جتي پروفيسر 'مئرين' نيڊر لينڊس بابت پنهنجي ليڪچر جو آغاز هڪ لوڪ آکاڻيءَ سان ڪيو:

"هڪ نما شام جو هڪ ڊچ ڇوڪرو جڏهن راند روند کان فارغ ٿي، گهر واپس پئي وريو ٽه سندس نظر واه جي ڏنل بند جي هڪ رُوڙ تي پئي. جتان پاڻي شرڙاٽ ڪري پئي اُڙهو. ڇوڪري پنهنجا هٿ روڙ مٿان رکي ڇڏيا ۽ سڄي رات اتي بيٺو رهيو. جڏهن صبوح سان ماڻهو لانگهائو ٽيا ٽه پڇيائونس ٽه اتي ڇو بيٺوآهين ؟'...ڇوڪري جواب ڏنن ٽه : روڙ کي هٿ ڏيون بيٺوآهيان ٽه جيئن پاڻي گهارو هٽي، ڳوٺ نه ٻوڙي وجهي...!' ماڻهن سندس فرض شناسي تي جس ڏيندي، روڙ جي مرمت ڪري ڇڏي، هاڻي اها

آکاٹي ڊڄ ڪلچر جو حصو ٿي وئي آهي. ان ڪري ڊيمر ٽيڪنالاجي ۽ نيڊرلينڊس دنيا جو سرواڻ ملڪ منجهان هڪ آهي!"

ان کان پوءِ نيڊرلينڊس جي ماڻهن جي سماجي نفسيات بابت ٻڌايائين، "هتان جا ماڻهو هروپرو ڏيکاءَ جا قائل ناهن. هڪ شخص جيڪو سائيڪل تي گهمي ٿو سو ضروري ناهي ته ڪو غريب غربو هجي، اهو ارب پتي به ٿي سگهي ٿو. ورتاءَ جي حوالي سان، هتان جا ماڻهو سنوان سڏا آهن. نه ڪنهن جي ٻن ۾ ٽن ۾، هرڪو پنهنجي ڏن ۾ هوندو آهي. جي ڪنهن بالغ مرد يا عورت جي ڪنهن سان سنگت ٿي ته بنا نڪاح جي عمر ۾ نپائيندا. پر جي نڪاح ٻڌل چنڊ تي اچن ته دير ئي ڪونهي. غيرشادي شده بالغ مرد يا عورت جتي مرضي پوين پيا وات ويڑهائين. پرجيڪڏهن ڪو مرد پنج منٽ پوئتي يا اڳتي آهي ته ڪنهن جي مٿي جو سور ناهي. جيڪڏهن ٻه عورتون تاڙيون آهن ته ٻڌيان ڄاڙي ئي ڪونهي. البته ڪنهن کي گهوري ڏسڻ، ٻڌيان پوڻ يا زور زبردستي ڪرڻ تي قانون حرڪت ۾ ايندو. ان ڪري ملڪي قانون تحت ڪير ڪنهن جي ذاتي زندگي ۾ مداخلت نه ٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪو ٻُهي ويو ته ٻُهي ويو نه ٻُهيو ته جوڳي رمتا ٻلا. ان ڪري اوهان کي هتان جي رواجن ۽ قانونن کي سمجهي هلٽو پوندو نه ته اوهان لاءِ مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا."

آخر ۾ هڪ دلچسپ ڳالهه ٻڌايائين ته: "نيڊرلينڊس ۾ جيترا ماڻهو آهن، ان کان وڌيڪ ڪتا آهن. جيتوڻيڪ ڪتن رکڻ تي ٽيڪس عائد ٿيل آهي. پر پوءِ به هتان جا ماڻهو ڪتن رکڻ جا ايڏا شوقين آهن، جو پاڻ نه پالن، پر ڪتا ضرور ڏارين. ان ڪري گذريل سال ڊڄ پارليامينٽ ۾ 'ڪتي جي گونهه' جي نالي سان بل پاس ٿيو هيو. شهر جي مختلف خالي ۽ ڪليل جاين تي ڪتن جا ڪاکوس خانه يعني 'هونڊر ٽوئليٽ' ٺهيل آهن. پر ڪتو ته ڪتو آهي، اجازت وٺي ته نه هنگندو. ان ڪري پبلڪ پارڪس ۾، اوهان کي احتياط سان هلٽو پوندو!" اهو ٻڌي پارٽيسپنٽس کلڻ لڳا.

ايستائين ته پارٽيسپنٽس جي دلچسپي قائم رهي، پر جڏهن هڪ ٻي پروفيسر 'پال بروس'، هالينڊ جي تاريخ، جاگرافي ۽ اقتصاديات تي ڳالهائڻ

شروع ڪيو تہ آهستي آهستي ڪيترن اوپاسيون ڏيڻ شروع ڪري ڏنيون. ان دؤران مون ڏٺو تہ نگستي جيڪا آڏو واري قطار ۾ ويٺي هئي، سا سيٽ تي ڪنڌ لاڙيون ستي پئي هئي. نائين کان ڏيڍ وڳي تائين، پروفيسرن جي ليڪچرس، ٻڌندڙن کي ساڻو ڪري وڏو هو. مان بہ رکي رکي پنڪي هٽي پئي ورتي. پروفيسر پال بروس پنهنجي ليڪچر جو انت، انهيءَ خوبصورت طنز سان ڪيو تہ: "مان انهن پارٽيسپنٽس جو شڪر گذار آهيان، جن مون کي ڏيان سان ٻڌو ۽ انهن جو بہ جيڪي ليڪچر دؤران ستا پيا هيا."

انهيءَ تي ليڪچر هال ۾ زوردار ٽهڪ گونجيا تہ ستل بہ اُٿي پيا.

پوءِ سيئي هال مان ائين نڪتا، جيئن ٻڪرين جي واڙ جو در ڪليو هجي.

لنچ تائيم کان پوءِ، ٽيون ليڪچر ڊچ ٻوليءَ بابت پروفيسر' ٽام استام' جو هيو. جنهن ٻڌايو تہ ڊچ ٻولي اولهہ جرمن ٻولين جي هڪ شاخ آهي. جيڪا نيڊرلينڊس ۽ بيلجم جي اڌ حصي ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ملڪ سرينام ۾ بہ ڳالهائي وڃي ٿي. سائوٿ آفريقا جي سرڪاري ٻولي آفريقانہ بہ ڊچ ٻوليءَ جي هڪ شاخ آهي، وغيره وغيره....اهڙي تعارف ڏيڻ کان پوءِ ' ٽام استام ' ضروري لفظ ۽ جملا ٻڌائڻ لڳو. ڪوشش جي باوجود ، مان چند لفظ ۽ جملا ئي ياد رکي سگهيس، مثلن: " يا (ها !)، ني (نہ !)، ڊانڪ يي (تنهنجي مهرباني !)، زي يي ليٽر (پوءِ توسان ملبو !)، اوڪئي (ٺيڪ)، هوئي (هاءِ !) ۽ ڊاخ (موڪلاڻي !) " پر آخر ۾ جڏهن 'ٽام استام' هڪ جملي، "اڪ هائو ون يائو ! "، جي معنيٰ "مون کي توسان پيار آهي! "ٻڌائي تہ ٻين سميت مون کان بہ ازخود نڪري ويو "واٽو... !!!"

ان جملي تي سنڊس ليڪچر ختم ٿيو. ليڪچر هال مان نڪرڻ کان پوءِ، هر ڪنهن پنهنجا ميل باڪس جاچيا تہ انتظاميہ طرفان هڪ اطلاع ڏنل هيو تہ سياڻي پارٽيسپنٽس کي روٽرڊم جو اسٽڊي ٽوئر ڪرايو ويندو.

19 جنوري، چنڇر

ڏنل پروگرام مطابق، صبوح جو سيڀي پارٽيسپنٽس، 9 وڳي رائونڊ بلڊنگ جي فرنٽ پورچ ۾ گڏ ٿيا. ۽ بسون آيون. هڪ بس تي چڙهڻ مهل مان هاسڪار نگستي جي پڻيان پئي هليس، ته جيئن سندس پاسي واري سيٽ تي ويهي سگهان. پر جيئن ئي هوءَ مٿي چڙهي ته سيرا ٻانهن کان ڇڪي پاڻ سان ويهاري ڇڏيس. مون کي مجبورن پڻيان واري سيٽ تي بوٽسوانہ جي ورونا سان ويهڻو پئجي ويو.

سوا نائين، ٻن بسن ۾ سفر شروع ٿيو. ورونا دريءَ کان ائين وات پٽي پئي ڏٺو جڻ پهريون دفعو شهر ڏٺو هجائين. جڏهن هڪ چؤڪ تان بسن جو گذر ٿيو ته پروفيسر مئرين اٽي بيهي مجسمي ڏانهن اشارو ڪندي ڏيان ڇڪايو. "هو ڏسو 'زادڪائن' جو مجسمو! ٻي مهاپاري لڙائي ۾ روٽرڊم مٿان جرمن جهازن جي خوفناڪ بمباريءَ جي ياد ۾ ٺهيل آهي. جنهن ۾ هن شهر جي صرف هڪ جاءِ بچي هئي!"

سيني جو ڪنڊ ڦري ان طرف ٿي ويو جتي قد آدم بت آسمان ڏانهن ٻئي ٻانهون ڦهلايون، حيرت وچان تڪي رهيو هيو. پارٽيسپنٽس وات سان شهر کي جهوت پائي ڏسندا پئي هليا ته کين بمباري جي تباه ڪاري ڏسڻ ۾ اچي. پر ڪو به اهڙو نشان نہ ملیو.

ويهن منٽن اندر بسن 'يورو ماس ٽاور' تي اچي لاٿو. ٽاور 'ماس' ندیءَ جي ڪاهي ڪناري تي زميني سطح کان 101 ميٽرس جي اوچائي سان بيٺل هيو. چڙهڻ کان پوءِ مون ڪوشش ڪئي ته نگستي جي پر ۾ ٿي بيهان، پر سيرا ۽ ورونا چيوگم وانگر چنبڙيل هيس. ورونا هڪ نظر ٽاور کان هيٺ وجهڻ کان پوءِ درڙي ڪائيندي چيو" منهنجو ته مٿو ٽو ڦري ! " پوءِ تڪڙو ريسٽورينٽ طرف هلي وئي. نگستي هيٺ نظر وجهندي اظهاريو "روٽرڊم جي زميني استعمال جي رڀابندي (Land Use Planning) ڪيڏي نہ خوبصورت آهي، جڻ ڪنهن آفريقي ناريءَ جي وارن ۾ وري آيل هجي."

" اوهان صحيح ٿا چئو!" مون سهمت ٿيندي ويجهي ٽيڙ جي ڪئي ته اوچتو ورونا آئي ۽ ٻڌائڻ لڳي."ريسٽورينٽ ۾ ويڊيو ذريعي روٽرڊم متعلق اهم معلومات ڏني پئي وڃي. اها هلي ڏسو!"

"اوڪي!" چئي، سيرا، نگستي کي ڪنڌ کان ڇڪيندي ريسٽورينٽ طرف گهلي وئي. سمجهي ويس ته هوءَ پاڻ نه ٻڌجڻ وارو پلئه ڪري رهي آهي. مجبوريءَ مان اڪيلو ٽاور تان زميني جائزو وٺڻ لڳس. منهنجي سامهون ماس ندي وڏي ماڻار سان وهي رهي هئي. لهرن وچ ۾ ٻيڙا، هوڙها، لانچون ۽ فرائيٽر جهڙ رنگ برنگي پکين جيان پئي تريا.

يوروماس ٽاور تان لهڻ کان پوءِ، شيڊيول مطابق بسون مختلف روڊن تي هلندي شهر جا اوسا پاسا گهمائي رهيون هيون. مان دريءَ کان ڏسندو پئي هليس ته وات تي نوجوان ۽ نوجوانڙيون هڪ ٻئي سان ٻٽ لڳا پئي هليا. جيڪڏهن ڪا نوجوانڙي ڪنهن سان گڏ نه هئي ته ڪنهن ننڍي وڏي ڪتي سان ضرور هئي ....

يارنهين وڳي، بسن گهمائيندي ڦيرائيندي ماس نديءَ جي هڪ بندرگاه تي پهچايو. نديءَ جي ڪناري تي اڳواٽ ئي هڪ بوڪ ٽيل اسٽيمر بيٺو هيو. بس مان نڪرندي ئي، تڏي ۾ تيز هوا پنهنجن بي رحم چپاٽن سان آجيان ڪئي. هڪ ٻئي پٺيان تيز وکون کڻندي سيڌي اسٽيمر ۾ گهڙي وياسين. ماس نديءَ جي باري ۾ اسٽيمر جي اندر ويٺل گائيڊ معلومات فراهم پئي ڪئي ته: "پاڻ ننڍڙي بندرگاه 'ڊيلفشيون' تان هلي رهيا آهيون. اصل بندرگاه اڃا اڳتي آهي. جتان هر سال ٽيهه هزار ٻيڙيون اچ وڃ ڪن ٿيون. اڄ به هتي ٻيڙين جي ذريعي مسافري ڪرڻ جو رواج آهي. هتان ٻُني ڪلاڪ اندر بيلجم جي شهر 'اينٽورپ' ۾ پهچي سگهجي ٿو."

پٽ انهيءَ ڪري به پئي آئي ته پنهنجين اکين سان فرائيٽر، ٽينڪر ۽ ماٺهو ڪٽندڙ لانچون ۽ ٻيڙيون گذرندي پئي ڏٺيوسين. جيئن ئي گائيڊ جو احوال ختم ٿيو ته هڪ چوڪري 'مئڊلين' اسپينش ۽ انگريزي ۾ سيني کي وڏي واڪي ٻڌايو ته: "اڄ سنڈس سالگره آهي. ڪوِش Wish ڪرڻ چاهي ته ڪري سگهي ٿو!"

اهو ٻڌي لاطيني آمريڪي، استيمر جي ڪئنٽين مان بيئر جا ٽن ۾ وائن جون بوتلون وٺي ڊيڪ تي چڙهي ويا. مان، عقيان شاه ۽ ڪجهه آفريقي ۽ رؤنشي ڪوڙيا بڌجي، سندن ڪيڊ لڳاسين. مٿيلين کي لاطيني آمريڪين جنگهن ۾ ٻانهن کان وٺي هوا ۾ پئي اڇلايو ۽ جهٽيو. ان کان پوءِ تاڙيون وڄائيندي پنهنجي انداز ۾ جهمريون هنيائون. آخر ۾ گروپ فوٽو ڪيڙ لڳا. جيئن ته عقيان شاه ۽ مون وٽ ڪئميرا نه هئي، ان ڪري ويچارا لڳا بيٺا هياسين. اوچتو عقيان شاه کي هڪڙي تلَ سُجهي، جيئن ئي ڪنهن فوٽو گرافر جي "ريڊي!" جو آواز پئي ٻڌائين ته هڪدم پاسو وٺي گروپ ۾ شامل ٿي پئي ويو. توٽي جو اهو انداز ڪن کي ناگوار پئي لڳو پر عقيان شاه پنهنجو ڪم ٽپائي پئي ويو. آفريقي پارٽيسپنٽس جيڪي ڪنن کان وٺي چوٽيءَ تائين گرم ڪپڑن ۾ ڍڪيل هيا، سي تيز سرد هوائن جي ست نه سهندي گهٽي دير بيهڻ ۾ جتاءِ نه ڪري سگهيا. مون کي به لڳو ته پنهنجو بيهڻ ائين آهي، جيئن" چج پرائي، احمق نچي!' ان ڪري هيٺ لهي آيس. البته عقيان شاه پنهنجي اٽل ارادي سان بيٺو رهيو.

هيٺ لهڻ کان پوءِ ڏٺم ته سپئي پروفيسر، بيئر جون بوتلون هٿن ۾ جهليون پاڻ ۾ گپ شپ ڪري رهيا هيا. مون بهتر سمجهيو ته انهن کان ماس نديءَ جو حال احوال وٺي پنهنجي جاڻ ۾ اضافو ڪجي. پاسڙو وٺي پروفيسر'مئرين' کان صرف ايترو پڇيم ته : "ماس نديءَ جي اوهان وٽ ڪهڙي اهميت آهي ؟"

منهنجو چوڻ ۾ پروفيسر صاحب کي چاهي اچي وئي"جي ماس ندي نه هجي ها ته روٽرڈ ۾ شهر جو وجود ئي نه هجي ها. هن ندي جي ايڏي اهميت آهي، جو اڄ به اسان بيلجم وارن سان انهيءَ ڳالهه تي ٽڪرا ٽا اچئون، ته جڏهن اها ندي بيلجم مان گذري ٿي. ته اتان جي انتظاميه صفائي ستڪائي جو خيال نه ٿي رکي. بيلجم سرڪار جو چوڻ آهي ته: 'جي پاڻي پيئڻ جو مسئلو آهي ته اها کين صاف پاڻي پائيپن ذريعي مهيا ڪري سگهي ٿي. پر اسان جو مؤقف آهي ته صرف پاڻي پيئڻ جو مسئلو نه، پران ۾ رهندڙ آبي جيوت جو به آهي، جيڪا صاف ستري ماحول ۾ رهڻ جو حق رکي ٿي!" مان حيرانگي وچان

ٻڌندو رهيس ۽ سوچيندو رهيس. اسان تہ پنهنجن درياهن ۽ واهن کي گٹر ۽ ونڊ ۽ ٻي زهريلو ڪري ڇڏيو آهي، پر ڏري جي پرواھ ناهي. هنن کي وري آبي جيوت جي لڳل آهي...!

'مئرين' بيئرجي بوتل مان ڊڪ پريندي وري شروع ٿي وئي، " هڪ ٻي ندي۽ تي بہ جهيڙو آهي، اها آهي 'شيلڊ'. بيلجم حڪومت جو پروگرام آهي تہ ان ندي۽ کي شهر' اينٽورپ' وٽ ويڪرو ڪجي، تہ جيئن اتان وڏا جهاز اڪارجن. پر اسان جو دليل آهي تہ ان رٿا تي عمل ڪرڻ سان، اسان جي ٻيلٽائي نظام کي نقصان رسندو. اسان کي يقين آهي تہ اسان جو اصولي مؤقف بيلجم جي حڪومت کي مجبور ٿيس تہ جنهن ملڪ ۾ پاڻي ئي پاڻي آهي ؛ اتي ٻيلٽائي نظام تي ايتري ڪٹتي...! جتي ٻيلٽائي نظام ئي تباھ ٿي چڪو آهي، اتي پنهنجن معتبرن جو چوڻ آهي تہ ٻيلٽا ۾ پاڻي ڇڏڻ، ضايع ڪرڻ آهي...!

ڪافي دير گهمائڻ ڦيرائڻ کان پوءِ استيمر موٽي اچي ڪناري سان لڳو. پروگرام مطابق پوري سوا ٽين وڳي، بسن کٹي رائونڈ بلڊنگ جي پورچ ۾ پهچايو. پوءِ هرڪو اتان چڙ وچڙ ٽيڙ ٽيڙ تي هيو تہ راسو رام ٻڌايو تہ: " اڄ روٽرڈم جي سينٽرم (مرڪزي حصي) ۾ اوپن مارڪيٽ لڳل آهي، جتي ياڄيون ڀٽيون سستيون ملنديون آهن. جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ مان اوهان جو گائيڊ ٿي سگهان ٿو...!"

سستائپ جو ٻڌي، مون سميت ڪافي پارٽيسپنٽس سندس ڪڍ لڳي پيا. پوءِ هو اسان کي اتي وٺي آيو ۽ چيائين،"پهريان آرام سان گهمي ڦري ڏسو. جتي شيون سٹيون ۽ سستيون لڳن تہ وٺجو!"

سيني سندس ٹورو مجيو تہ هن کلندي وراڻيو"ان ۾ ٹوري جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. مون کو مفت ۾ گائيڊ ناهي ڪيو. مان موڪل وارن ڏينهن ۾ رات جي ماني جي حوالي سان ڪنهن نہ ڪنهن جو مهمان ٻڌبس!"

سيني سندس سهڪاري ۽ خوش مزاجي وارو ورتاءَ ڏسي، ڪيس "ويلڪم!" چيو ۽ پوءِ هرڪو پنهنجي پنهنجي گهربل شين جي تلاش ۾ ٹڙي پکڙي ويو....

شام جو فرسٽ ۾ سيڪنڊ فلور واري ڪامن ڪچن ۾ رش لڳي پئي هئي. ڪي اندر رڌ پچاءَ ۾ مشغول هيا تہ ڪن ويٽنگ ايريا ۾ ڪرسين تي ويٺي انتظار پئي ڪيو. ڪامن ڪچن ۾ گئس جا ڏهہ ننڍا وڏا Burners (چلها) ٻري رهيا هيا. ان وقت ڪامن ڪچن اندر مون سميت ڇهہ ڇٽا بيٺا هيا. زيمبيا جي روز مئري مچيءَ جا ٻيرا ڪڪنگ آئل ۾ تري رهي هئي. ٽائيليند جي 'ياچاءِ' گوشت جون ننڍيون ننڍيون ٻوٽيون ناهيندي، ان ۾ مختلف قسم جا مصالحا پئي ملايا. برازيل جي'ادريانہ' ڪُنيين ۽ مٽرن جي ڪا ڊش پئي ناهي. مان بہ هڪ چلهي تي پَٽُ پئي رڌو ۽ ترڻ لاءِ پتاتا پئي وڌيا. منهنجي هڪ پاسي کان سيرا هڪ ٻاتي ۾ گوشت چاڙهيون بيٺي هئي. ٻي پاسي ڪلپاج واڳُٽن کي چير ڏيندي انهن ۾ ڪُٽيل ڳاڙها مرچ ۽ مصالحا پئي پريا. مون سوچيو تہ پتاتا ترڻ وقت کانئس ڳاڙهن مرچن جون ٻہ ٽي چهنڊيون وٽندس. جو مون کان اوپن مارڪيٽ مان وٺڻ وسري ويا هيا.

مون محسوس ڪيو تہ سيرا جي چهري تي خوشيءَ جا ڀاوَ هيا. پچيومانس، "اڄ اوهان ڏاڍا خوش ٿا لڳو؟"

ٻڌايائين، "ان جا ٻہ سبب آهن!"

"ڪهڙا؟"

"هڪ تہ اڄ مون کي ديني ياءُ ملي ويو!"

هڪدم تجسس وچان پچيومانس، "ڪير آهي، اهو خوشنصيب؟"

" تنهنجو هم وطن، نيڪ نمازي، محترم عقيان شاه، ٻيو ڪير!"

"ٻيو ڪارڻ؟"

"ٻيو ڪافي ڏينهن کان وٽي مان بيف (ڳائو گوشت) ناهي کاڌو. اڄ ڪائيندس. پر بيف هت ڏاڍو مهانگو آهي، ٻارنهن گلبر هڪ ڪلو!"

"او شٽ (Oh, Shit) ...!" ڪلپاج زور سان رڙ ڪئي.

ياچاءِ وچ ۾ ڳالهايو "پر هت پورڪ (سوئر جو گوشت) بيف کان سستو آهي. پورڪ جو هڪ ڪِلو اٽن گلبرز ۾ ملي ٿو. ڏسو مان وٽي آئي آهيان. ڪيڏو نہ صاف ستروآهي!" هن پليٽ کٽي ڳاڙهہ سرو گوشت سيني کي ڏيکاريو.

" شِٽ ! اهو ته اسان جي مذهب ۾ حرام آهي."سيرا بچان ڪائيندي وراڻيو.

" تو جو ڳائو گوشت چاڙهيو آهي. اهو ڪائڻ ته اسان جي ڌرم ۾ پاپ آهي!" ڪلپاج پنهنجي ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪندي ٻڌايس.

"هرڪو پنهنجو ڀڃ تيار ٿو ڪري. ڪير ڪنهن کي زوري ته نه ٿو کارائي!" ادريانه راءِ ڏيندي چيو.

"پر ٽانوَن ۾ ٽالهيون، چمچا، ڪانٽا، برتن وغيره ته ڪامن آهن. اهي ته خراب ٿيندا يا نه؟" ڪلپاج پنهنجو اعتراض ٻڌائيندي، جيئن ئي مصالحي سان پريل واڳڻ جا ٻه اڏ ڪٽي، فراءِ پان ۾ ٽڇڪندڙ تيل ۾ وڌا ۽ ڳاڙها مرچ سڙيا ته سيني کنگهڻ شروع ڪري ڏنو سواءِ منهنجي.

روز مئري رڙ ڪندي چيس،"هيءَ ڪهڙي قسم جي ڀڃ تيار ڪري رهيو آهين ...؟. اچلاءِ ان کي ٻاهر!"

ڪلپاج پهريان ته ڪيس دليل ڏنو "دراصل، برصغير جي هر ڀڃ ۾ ڳاڙهو مرچ استعمال ٿيندو آهي، ان ڪري اوهان کي برداشت ڪرڻو پوندو!" پوءِ مون ڏانهن ڏسندي، حمايت طلبيائين،"ڪيئن دلمراد؟"

مان سوچيم، پرائي باهه ۾ ڪير ٽو پئي. سو نه 'ها!' ڪيم، نه 'نه !' ڪيم. جيئن مرچن کي تئو ايندو ويو مرچ سڙڻ لڳا ته سيئي "شِٽ ! شِٽ!" ڪندا وڃي ٻاهر ٽپگا.

دل ۾ چيم،" ان ۾ ڪا ڀلائي هئي، جو ڪلپاج کان مرچن ڇهندبيون نه ورتم، نه ته مون کي به 'شِٽ ! شِٽ!' ٻڌڻي پوي ها!"

ڪامن ڪچن کان ٻاهر بيهي، سيني رڙيون ڪندي پئي چيو "اها بدبوءِ برداشت کان ٻاهر آهي!"

ٻاهر رڌپچاءَ جي انتظار ۾ صوفن تي بنگلاديشي ظاهر ۽ نگستي ويٺل هيا. ظاهر سيني کي تجويز ڏيندي چيو"وڙهو نه ! سياڻي رات 11 وڳي منهنجي روم تي ميٽنگ رکو ته مشاورت سان ان مسئلي جو ڪو حل ڪڍي ٿا وٺون ۽ ڪي ٻيا مسئلا به هجن ته انهن کي به سلجهايون!"

"مشاورت واري هدايت تہ پارٽيسپنٽس آفيسر ايوا بہ ڪئي هئي!"
نگستي، ظاهر جي حمايت ڪندي چيو.

تجويز سپني کي آڏي ڪلپاج بہ معذرت ڪندي فراءِ پان ۾ وڏل مرچ مصالحي وارا واڳڻ ڪٽي، ڪامن ڪچن جي گئلري ۾ رکيل ڊسٽ بن ۾ اڇلائي ڇڏيا.

20 جنوري، آچر

صبوح سان ئي هاسٽل جي ٽيليفون بوٿ تي رش لڳي وئي. مون کي ڪچڙي منجهند جو وارو مليو. پهريان گهر وارن سان ڳالهايم. کين خير خيريت سان پهچي ويڙ جو ٻڌايم. گهر جي هڪ هڪ ڀاتي ورائي ورائي ساڳي ڳالهہ پڇي، "ماني کاڌي ٿي ؟" پورا ٽيهہ منٽ ورتائون. نتيجي ۾ ڏيڊ سؤ گلبدر پرٽا پيا. دمساز سان ڳالهايم تہ ان پڇيو "ڪر خبر، ڪو پکي دکي ڦاسايو ٿي؟" ٻڌايومانس تہ: "ڏهي تہ اڏي اٿم. ڏسئون تہ ڪير ٿو ڊير ٿئي!" پوءِ تہ پندرنهن منٽ جٺ فٽ ڪيائين، "اڙي! مان تہ اڏندڙ جهاز تي ايئر هوسٽس کي ڳلٿو ٻڌي ويندو آهيان. تون آن جو يورپ جي دُنَ ۾ رهي ڪري، بہ ايجا ڪجهہ ناهين ڪري سگهيو...؟ جي اتي بہ ڪجهہ نہ ڪري سگهين تہ پوءِ حياتي تي حيف ٿي...! ٻيو ٻڌ...! اتي Fuck and forget واري نظريي تي هلجانءِ. جيئن مان هلندو آهيان، چار ڏينهن چاهہ جا، پوءِ وٺ پاسا واهہ جا ...! متان مجنون ٿي پاڻ ڦاسائين!"

بوٿ مان نڪرڻ کان پوءِ فيصلو ڪيم تہ اڳتي ڀُلجي بہ گهر وارن يا دمساز سان فون تي نہ ڳالهائيو. هرهفتي ڳالهائڻ جو مطلب، سوا بہ سؤ گلبدر چٽ ۾ مٽي جو سور الڳ. رابطي رکڻ جو ڪو ٻيو طريقو اختيار ڪبو..

راتہ جو 11 وڳي، سيٽي ظاهر جي روم نمبر 17 تي ڪنا ٽياسين. روم نندو هئڻ ڪري چوڪريون بيڊ تي، چوڪرا ڪارپيٽ تي تي وينا. بحثابحثي کان پوءِ اهو فيصلو ٿيو تہ : "اڳتي ڪو بہ ڳائو يا سوئر جو گوشت

نہ چاڑھيندو. جنهن کي کائڻو هجي، اهو کنهن ٻي هنڌ وڃي کائي. باقي جن آندو آهي، اهي ٻن ڏينهن ۾ پورو ڪن!"

جيئن ته ڪو به رڳو سبزي خور نہ هيو ان ڪري کائڻ پيئڻ جي حوالي سان اهو طئي ٿيو ته رڍ، ٻکري، ميڍي، آڏبون، بدڪون، انڊا، دالیون ۽ هر قسم جي پاڄي ۽ اناج کائي سگهجن ٿا، پر ڳاڙهي مرچ جي استعمال تي پابندي هوندي. آخر ۾ ڪلپاج تجويز رکي ته ڪامن ڪچن جي صفائي جيئن ته هاسٽل ۾ رهندڙن کي، پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ جي اصول تي ڪرڻي آهي. ان ڪري هر روز فرسٽ ۽ سيڪنڈ فلور تي رهندڙ هڪ چوڪرو ۽ چوڪري گڏجي، رات جو يارنهين وڳي کان پوءِ صفائي ڪري چڏين. جيئن ته اها تجويز معقول هئي، سو سيني حمايت ڪري چڏي.

"اڄ مان ۽ نگستي صفائي ڪنداسين!" مون تڪڙ ڪري نگستي تي هٿ رکيو ته متان ڪو ٻيو والار ڪري . نگستي، مشڪندي هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ته ڪلپاج وري ادريانہ لاءِ چيو"سياڻي مان ۽ ادريانہ صفائي ڪنداسين!" ادريانہ به ڪو اعتراض نہ واريو.

ان کان پوءِ سيرا اعلان ڪيو "مان ۽ پاءُ عقيان شاه، ٽين ڏينهن تي وارو ونندا سين!"

ائين ڪامن ڪچن جي صفائي جي حوالي سان بنگلاديشي ظاهر جو يوگنڊا جي ادنا سان، هندوستاني سريش جو ٽائيليند جي ياڄاءِ سان، سريلنڪا جي ارنگا جو زيمبيا جي روز مئري سان ۽ نيپالي سوياس جو بوٽسوانہ جي ورونا سان جوڙ نهي ويو.

آخر ۾ ظاهر خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو"جيئن ته سيئي معاملا طئي ٿي ويا. اڳتي به جيڪڏهن ڪو مسئلو پيدا ٿيو ته صلاح مصلحت سان طئي ڪري چڏبو. مان اوهان لاءِ ريفريشمينٽ جو بندوبست ڪيو آهي، کائي پي پوءِ وڃجو!"

هن پهريائين ڪارپيٽ تي هڪ دسترخوان وڇايو. پوءِ الماري مان ڊراءِ فروٽ ۽ بسڪوٽن سان گڏ ڪولڊ ڊرنڪ جون ٽِنس، ڊڄ وهسڪي جي هڪ بوتل، الڪوحلڪ بيئر جون بوتلون ۽ گلاس ڪيڊي ترتيب سان رکندو ويو.

آخر ۾ سيني کي گذارش ڪيائين،" جنهن کي جيڪا شئي وٺي، هٿ وڌائي ڪٽي. آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل ٿيندي"

مون حيران ٿي سوچيو اسان ته ڪين 'بوڪي بنگالي!' چئي ٽوڪيندا هياسين، پر هي ته حاتم طائي جو مائٽ پيو لڳي...!

ورونا، ياچاءِ، ادريانه ۽ ادنا بيئر جون الڪوحلڪ بوتلون ڪٽي پيئڻ لڳيون. ڪلپاج، سريش، ارنگا، نگستي، روزمئري ۽ منهنجيون نظرون ڊڇ وهسڪي تي هيون. سيني اٿي وهسڪي جو پيگ پاڻ ناهيو. پوءِ زور سان "چيئرس Cheers " چئي گلاس ٽڪرايا.

سيرا، عقيان شاه ۽ ورونا بسڪوٽ کائڻ ۽ ڪولڊ ڊرنڪس پيئڻ کان پوءِ ٽڪ ۾ موڪلايو. ٿوري دير کان پوءِ ادنا ۽ روزمئري بيئر جون بوتلون پي، ڊراءِ فروٽ کي چڱو پلو ڏئي اٿي ويون.

ارنگا، ظاهر کان پڇيو"راڳ رنگ جو پروگرام ڪٽي آهي؟"

ظاهر الماري کولي باجو ڪڍيو ته سريش حيران ٿي پڇيس، "چا اهو بہ بنگلاديش مان ڪٽي آيو آهين!؟"

"نہ صرف باجو، پر گٽار بہ آندي اٿم!" هن الماري کولي گٽار ڪڍي ڏيکاريس.

"پوءِ ته سامان جي گهٽي وزن سبب توکي پئسا بہ گهٽا ٻرٽا پيا هوندا؟"

"نا، مان صرف هينڊبئگ ۽ ساز ڪٽي آيو آهيان. ڪپڑن جا بہ ٽي جوڙا هتي وٽي ڇڏيا." ظاهر وراڻيو.

"تون ڪورس ڪرڻ آيو آهين يا ڪنسرٽ ڪرڻ؟" ارنگا ٽوڪيس.

"منهنجو بائول فقيرن جي خاندان سان تعلق آهي، سنگيت ئي اسان جو جيون آهي." ظاهر مشڪندي باجي تي سر چيڑڻ شروع ڪيا ته نگستي بيڊ تان لهي، ظاهر جي سامهون ٽي ويٺي.

ظاهر، باجي جا سُر ناهڻ کان پوءِ ٻڌائڻ لڳو "هي گيت 'گرو ديو رابندر ناٿ ٽئگور' جو رچيل آهي، ائين سمجهو ته اسان بنگالين جو قومي گيت آهي!"

پوءِ سر سان ٻڌائڻ لڳو:

بوڑو آشا ڪوري، ايشي چيگو ڪاشي ڏيکي لو
ڦرايو نا جناني، بوڑو آشا....
دينو هني ڪيهو چاهينا
تومي تاري راکيبي جانيگو ...!

سندس آواز ايڏو تہ منڍو هيو. جو پولي نہ سمجهڻ جي باوجود بہ گيت وٽيو پئي. نگستي، ظاهر کان پڇيو" انگريزي ۾ ان جو ترجمو ڇا ٿيندو؟"

ظاهر وراٽيو"ان جو گرودیو پاڻ ئي انگريزي ۾ ترجمو ڪيو هيو. چئو تہ ٻڌايانو؟"

ادريانہ اٺندي چيو"مان اجازت وٺان ٿي. جو مون کي پنهنجو پيڪ ٽيل سامان ڪيڊي سيٽ ڪرڻو آهي!"

اهو ٻڌي ڪلپاج بہ اٿي پيو"مون کي بہ روم جي چنڊ ڦوڪ ڪرڻي آ! "

پوءِ سريش ۽ ياچاءِ بہ اجازت ونڊي نڪري ويا. باقي مان ارنگا، سوباس ۽ نگستي بچياسين. اهو ڏسي ظاهر چيو"جي اوهان کي بہ ننڊ ٿي اچي تہ پل وڃي آرام ڪيو راڳ رنگ واري محفل ٻي دفعي...!"

سوباس ۽ ارنگا بہ اوباسيون ڏيندي موڪلايو. پرنگستي چيو " مان ٻڌي پوءِ ويندس!" نگستي ويٺي رهي تہ مان بہ گوڏا ورائي ويهي رهيس.

ظاهر ٽئگور جو گيت انگريزي ۾ گٽار وڄائيندي ڳائڻ شروع ڪيو:

With a high hope
I have come up to you, hold out your arm
O, Mother don't you send me back
No body likes to care for destitute
You will give the fuel
I know, well I know
I have no other desire in me
But to remain seated at your feet
I have no other crazen in me
Unless shelterd by you
Where O ! shall I get the home
Where shall I go about the weeping?
There is the lock
There is the lock
There is the thick and very thick

Darkness of the night
With high hope.....

جيئن ئي گيت ختم ٿيو تہ نگستي اٿي، ظاهر کي کاپي ۾ ساڄي ڳل تي داد طور ٻہ چميون ڏنيون. جيڪي منهنجو جيءُ جلائڻ لاءِ ڪافي هيون. مون کان سَنو نہ ٿيو: مون ٻاهرين دل سان چيو" ظاهر! تو سنو ڳايو توکي وري ٻي دفعي ٻڌبو !" پوءِ نگستي کي گهڙي ڏيکاريندي چيم،" اُٺ تہ هلي ڪامن ڪچن جي صفائي ڪيون ، سايا يارنهن ٿي رهيا آهن."

پر نگستي جي دل اڃا نہ پري هئي، تنهن وراڻيو"مان اهو گيت ٻيهر ٻڌڻ چاهيان ٿي. تون هن ڀيري صفائي ڪري ڇڏ، اڳلي واريءَ تي مان اڪيلي ڪري ڇڏيندس!"

نگستي جا اهي لفظ منهنجي دل ۾ ٿري نات ٿري رائيفل جي گولين جيان آر پار ٿي ويا. توائي مان پڙڪو ڏئي اُٺيس ۽ ڪامن ڪچن ۾ هليو آيس. هينڊ گلوز پائي، برووم کڻي صفائي ۾ لڳي ويم. ظاهر ۽ نگستي جو ڪورس واري انداز ۾ آواز صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيو.

دل ۾ چيم،"ظاهر ڇا ٿو سمجهي، تہ نگستي مان ائين تکڙو هٿ ڪيندم. مان بہ ڪٿي ڪل آهيان، ڪو جهڙو تهڙو تہ ناهيان.....!"

21 جنوري، سومر

اڄ ليڪچر هال ۾ مختلف پروفيسرن، مختلف ڪورس يونٽس ۽ ورڪ شاپس بابت ڄاڻ ڏيندي سمجهايو ، تہ : "پارٽيسپنٽس پنهنجي تعليمي لياقت ۽ پروفيشنل تجربي جي پس منظر کي سمجهي ڪري چونڊ ڪن تہ جيئن کين پوسٽ گريجويٽ ڊپلوما ڪرڻ ۾ آساني ٿئي!"

شام جو هاسٽل تي، اسپيشل پروگرام جو پارٽيسپنٽ راسو رام ڪهي آيو. هن تي وي لائونج ۾ ويهي ڪري، پارٽيسپنٽس کي سندن تعليم ۽ تجربي کي سامهون رکندي مفيد مشورا ۽ صلاحون ڏنيون.

اڄ هو سريش جو خاص مهمان ٻڌيو. جنهن کيس ٽائي ريسٽورينٽ تي وٺي وڃي ڊنر ڪرائي.

22 جنوري، اڱارو

ليڪچر هال ۾ پارٽيسپنٽس کي ويهاري، انسٽيٽيوٽ انتظاميہ طرفان هڪ فارم پُر ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو. جنهن ۾ پنهنجي تعليمي لياقت، پروفيشنل تجربي ۽ ٽن ڪورس يونٽس ۽ هڪ ورڪ شاپ جي، ترجيحي بنياد تي چونڊ ڪرڻ کان پوءِ جمع ڪرائڻ لاءِ چيل هيو.

مان راسو رام جي صلاح تحت ڪورس يونٽس جي حوالي سان پهريون 'ڪمپيوٽر ايپليڪيشن فار هيومن سيٽلمينٽ پلاننگ'، ٻيو 'ڪميونٽي اينڈ لوڪل گورنمينٽ' ۽ ٽيون 'اربن مئنيجمينٽ' ۽ ورڪ شاپ ۾ 'مئنيجمينٽ آف اربن ڊيولپمينٽ' کي ترجيح ڏني.

23 جنوري، اربع

ليڪچر هال ڪچا ڪچ پريو پيو هيو. آخري فيصلو ٽيڪنيڪل بورڊ کي ڪرڻو هيو. سيئي پارٽيسپنٽس انهيءَ پريشانيءَ ۾ هيا تہ ڪين ترجيحي ورڪ شاپ ۽ ڪورس يونٽس ملندا، ڪي نہ...؟

ڊائريڪٽر 'جئڪ گراف' ليڪچر هال ۾ اچڻ سان ئي پهريان تہ پارٽيسپنٽس کي نصيحتون ڪيون تہ: "اوهان کي حاضريءَ جو خاص خيال رکڻو آهي. پڙهائيندڙ پروفيسر اوهان جا ٽيچر نہ پر ڪو-آرڊينيٽرس آهن. 'ايجوڪيشن' ڊيڊ جو مطلب آهي، اوهان جي لڪل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ، نہ ڪي پنهنجا خيال ٺاهڻ آهي!"

پارٽيسپنٽس غور سان ٻڌڻ بجاءِ بوريت منجهان ڪيائيون پئي ڪنهيون. ڪم جي ڳالهہ ڪين تڏهن ٻڌڻ ۾ آئي، جڏهن هن پنهنجي گهڙي ڏسندي چيو "ڊيئر پارٽيسپنٽس! مون کي يقين آهي تہ اوهان جي ميل باڪسز ۾ ڪورس يونٽس ۽ ورڪ شاپ جي حوالي سان نتيجو ۽ ٻي ضروري معلومات، ڊراپ ٿي وئي هوندي. اميد تہ اوهان ارازمس يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ مان لاپ پرائي، اسان جو ۽ پنهنجي ملڪ جو مان مٿانهون ڪندا....!"

جيئن ئي سندس بيان ختم ٿيو تہ پارٽيسپنٽس ليڪچر هال مان ائين نڪتا، جيئن ڪوليون ۾ مان نڪرن. نڪرڻ سٽ هر ڪنهن پنهنجا پنهنجا ميل باڪس جاچيا. جنهن ۾ رزلٽ سان گڏ ڪلاس ميٽس ۽ ڪلاس ونڊرڊ پروفيسرن بابت جاڻ ڏنل هئي. اهو بہ ٻڌايل هيو تہ ڪهڙا ڪورس يونٽس ۽ ورڪشاپ، ڪهڙن رومس ۾ هلندا.

اڪثر پارٽيسپنٽس جي چهري تي خوشگوار تاثر هيا، سواءِ ٿورن جي. هرڪو جڙ گهٽي حد تائين مطمئن پئي لڳو. پر سيني کان عقيان شاه گهٽو مطمئن هيو. ڪارڊ پچيو مانس تہ ٻڌايائين، " الحمدالله ! فرسٽ چوائس وارو ورڪشاپ، 'لئنڊ مئنيجمينٽ اينڊ لئنڊ انفرمئشن سسٽمس' ۽ پسنديده ڪورس يونٽس ملي ويا آهن."

"پر ان ۾ منهنجي ايڊوائس بہ شامل آهي." راسو رام چيس.

"تنهنجي ايڊوائس پنهنجي جاءِ تي، مون استخاره ڪيو هيو." عقيان شاه وراڻيس.

"وات استخاره؟" راسو رام حيرانگيءَ جو اظهار ڪندي پچيس.

"توکي خبر نہ پوندي دلمراد کان پڇ!" ائين چئي، عقيان شاه کسڪي ويو.

پوءِ راسو رام، مون کان پچيو" توهان ٻڌايو اوهان کي منهنجي ايڊوائس ڪم آئي يا نہ؟"

"بالڪل آئي، ٿئنڪس!" مان سندس شڪريو ادا ڪندي چيو.

"هاڻ توتي ڊنر، ڊيو ٿي!" ائين چئي، انهن ڏانهن وڌي ويو جِن جِن کي مشوره ڏنا هيائين.

نگستي ڪاريڊور ۾ پنا هٽ ۾ ڪيون، ڪٿنٽين جي پر ۾ لڳل وينڊنگ مشين (Vending machine) طرف رڙهندي پئي وئي. پاسي کان گذرندي ڪافي پيئڻ جي صلاح هنئي مانس تہ هن وراڻيو "اوڏانهن ئي وڃان پئي!"

مون تڪڙ ۾ وينڊنگ مشين جي سِڪن وجهڻ واري سوراخ (Coin slot) ۾ واري واري سان بہ گلدر وجهي، ڪافي جا بہ ڊسپوزل ڪپ ڪڍي ورتا، هڪ نگستي کي ڏنو ۽ ٻيو پنهنجي لاءِ ڪنيو.

"تنهنجي رجسٽريشن ڪهڙي ورڪ شاپ ۾ ٿي؟" پچيومانس.

"هائوسنگ پاليسي اينڊ اوليوشن ۾."

"ابرهام'مئنيجمينٽ آف اربن ڊيولپمينٽ' واري ورڪشاپ ۾ ڪورسز ۾ مون سان گڏ آهي." ٻڌايومانس.

"چگو ٿيو جان ڇڏي!" نگستي ڪراهت وچان وراڙيو. پوءِ ڪافي جو آخري ڊڪ پريندي چيائين. "جيسين لنچ ٽائيم ٿئي، تيستائين هلي، ڇو نه اخبارون پڙهجن... ؟"

"مان پاڻ ان شهر سان تعلق رکان ٿو جتان جي ماڻهن جي ماني اخبارن پڙهڻ کان سواءِ هضم ناهي ٿيندي." ٻڌايومانس.

پوءِ ڏاڪڻيون چڙهندي سيڪنڊ فلور تي واقع لائبريري ۾ پهتاسين. لائبريري ۾ نيوز ليٽر، اخبارون، مئگزينون، ۽ ڊائجسٽون ٽيبلن تي ترتيب وار پيون هيون. هڪ نيوز ليٽر ۾ ڏيان ڇڪائيندڙ ڪارٽون هيو جنهن ۾ ڏيکاريل هيو ته سال1991ع هڪ هٽ ۾تابوت ۾ ٻئي هٽ ۾ زيتون جون ٽاريون ڪنيون اڇي رهيو آهي.

هڪ مئگزين ۾ ڪجهه پراڻي خبر به هئي ته 1991 جي سال جي آمد تي ملهايل جشن جي شروعات صحيح نه ٿي. نئين سال جو جشن ملهائيندي ڪافي ماڻهو ڦٽاڪا ڇوڙڻ، نشي ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي سان وڙهڻ جي نتيجي ۾ زخمي ٿيا ۽ ڪجهه مئا. ان حوالي سان ڊڇ گورنمينٽ تي ڇوهه چنڊيل هيا ته ان صحيح نموني سان اپاءَ نه ورتا. ان خبر پڙهڻ کان پوءِ اندازو ٿيو ته انسان جي هل هنگامي واري فطرت هر هنڌ ساڳي آهي. انهيءَ دؤران مون ڏٺو ته نگستي تيزيءَ سان مختلف اخبارون ۽ رسالا اٿلائيندي پئي وئي، جڏ ڪيس ڪنهن خاص خبر جي تلاش هجي. پوءِ بيزاريءَ ۾ اخبارون اڇلائيندي مڙ مڙ ڪندي چيائين،

"ڪهڙي قسم جون اخبارون آهن، جنهن ۾ اسان جي ملڪ جي خبر ئي ڪونهي!"

"ڳولهڻ سان ملي ويندي!" مون ڪيس آٽت ڏني.

هوءَ اُتي وڃي ٻي ٽيبل تي ويٺي، جتي ڪافي اخبارون ۽ مئگزينون پيون هيون. مان وري ڪنڊ هيٺ ڪري اخبارون ۽ نيوز ليٽر پڙهڻ ۾ لڳي ويس، جو 16 جنوريءَ کان وٺي اڄ تائين نه ڪا اخبار پڙهي ۽ نه ئي ٽي وي ڏٺي هئي. آمريڪي اتحادين ۽ عراق وچ ۾ لڳل جنگ جي حوالي سان حيران ڪندڙ خبرون هيون. هڪ خبر ڊڇ ڪئبنيٽ جي حوالي سان هئي. جن جو فيصلو هيو ته جنگ دؤران گلف ۾ سنڊن بحري فوج موجود رهندي ته جيئن آمريڪي جهازن جي حفاظت ٿي سگهي. باقي ڊڇ حڪومت پنهنجي زميني فوج نه موڪليندي. پر سنڊن ايمرجنسي اسپتالون جنگ جي ميدان ۾ خدمتون سرانجام ڏيندیون. ٻي خبر اها به هئي ته ڊڇ حڪومت عراق جي خلاف جنگ جو اعلان نه ٻڌي ڪرڻ چاهيو. پر جيئن ته صدام ڪويت مان نڪرڻ جي هوڏ نه ٿو ڇڏي، ان ڪري ڊڇ حڪومت اقوام متحده جي سيڪيورٽي ڪائونسل جي پاس ٿيل قرارداد نمبر 678 تحت مجبور آهي.

ويڙهه جيڙهه وارين کان سواءِ، سائنسي موضوع جي حوالي سان به خبرون فرنٽ پيج تي لڳل هيون. هڪ خبر جي سرخي هئي ته: "ڪهڪشائن جو موجوده نظريو ردا" ان مطابق، يورپي ملڪن جي سيٽلائيٽس ۽ هزار ڪهڪشائون ڳولهي لڌيون آهن. انهن مان ڪيتريون ته پنجيتاليهه ڪروڙ نوري سال پرتي آهن. يورپي سيٽلائيٽ ڪيترائي ڏوڙ وارا ڪر به دريافت ڪيا آهن، جيڪي خلا جي مدار ۾ ڦرندي نئون شمسي نظام جوڙي رهيا آهن. اهڙن ڏکين موضوعن کي پڙهندي جڏهن بوريت محسوس ٿي ته مئگزينن ۽ اخبارن ۾ راندين، فيشن ۽ ايڊورٽائيزمينٽ وارن صفحن کي ڏسڻ شروع ڪيم. جنهن ۾ ڪٿي مردن جي جسماني ساخت سڌي رکڻ جي ترغيب تحت فوڊ سپليمينٽ ۽ سمارٽ جوانن جا فوٽو هيا ۽ ڪٿي اڌ اگهاڙين حسينائن جا فوٽو جنهن ۾ اُرهن ۽ ٻنڊڙن کي وڌائڻ جي ڪريمن ۽ دوائن بابت ڄاڻ ڏنل هئي. منهنجو از خود خيال نگستي ڏانهن هليو ويو. جيئن ئي ڪنڊ مٿي ڪري پاسي واري ٽيبل ڏانهن ڏٺم ته هوءَ غائب هئي.

تڪڙ ۾ ائين اٿيس، جڙ هٽ ۾ جهليل پٽ ڇيري ڇڏائي وئي هجي. مون ڪيس ڪنهن ديواني وانگر لائبريريءَ جي ڪنڊ ڪڙ ۾ ڳوليو پر هوءَ ڪٿي

بہ نظر نہ آئي. اندازو هنيم تہ پک سان بک پاسا ورايا هوندس. ان ڪري ڪنڊين ڏانهن وئي هوندي. تڪڙو هيٺ لهي آيس. ڪنڊين ۾ ڪافي پارٽيسپنٽس ڪائيندي پيئندي نظر آيا. پرانهن ۾ نہ هئي تہ صرف نگستي...!

سيلف سروس تحت انڊونيشيائي رنهن ۾ مڪس ٽيل چانورن جي پليٽ، هڪ پاڻي جي بوتل وٺي، ڪائونٽر تي ڏهہ گلدر ادا ڪري خالي ڪرسي ڳولڻ لڳم. هڪ ڪنڊائتي ٽيبل تي ابراهام ۽ عمر فقيہ وينا جوس پي رهيا هيا. سندن سامهون واريون ٻہ ڪرسيون خالي پيون هيون.

"هاءِ گائيز! (Hi guys)" چئي سندن آڏو ٽي ويٺم.

"هائو آر يو؟ (How are You?)" عمر فقيہ پڇيو.

"فائن! (Fine)" وراڻيم.

"ٻڌاءِ، نگستي سان ڪيئن ٽي گذرئي؟" ابرهام ڪلندي پڇيو.

"توکان چو ٽي لهرائي؟" مان جواب ڏيڻ بجاءِ اُلٽو سوال ڪيومانس.

"جيڪڏهن اوسانو نگستي سان روم نہ مٽائي ها تہ مان توکي مٽائڻ لاءِ گذارش ڪيان ها." ابرهام ڪلندي وراڻيو.

"پر توهان هڪ ٻئي کان ايڏو چو چڙيل آهيو جڏهن تہ آهيو بہ هم وطن؟" مان سوال پڇي، پوءِ چانورن سان پريل چمچو وات ۾ وڌو.

"ان ڳالهہ کي ڇڏي ڏي!" ابراهام لنوائيندي چيو.

"خيال ڪجانءِ، ائين نہ ٿئي تہ مزي ۾ اچي موت کي وساري ويهين!" عمر فقيہ مون کي عجيب قسم جي ڏلهي هٽي ڪيڊي.

ابرهام بہ ڏيڇاريندي چيو"اريٽيريائي چورين جا خنجر تيز اٿئي، ائين نہ ٿئي تہ اوجهہ نڪتو پيو هجئي!"

مان سوچڻ لڳس تہ فقيہ ۽ ابرهام بچڑا پوڙ ڏئي پڇائڻ جي چڪر ۾ تہ ناهن؟ وضاحت خاطر ٻنهي کي، سوالیہ انداز ۾ ڏسندي پڇيم.

"مون مطلب نہ سمجهيو؟"

"هڪ نہ هڪ ڏينهن پاڻهي ئي سمجهہ ۾ اچي ويندءُ!" ابرهام وراڻيو.

پوءِ ابرهام ۽ عمر فقيہ ٻئي جڻا پراسرار انداز ۾ ڪلندي اٿي ويا.

"چا نگستي جو تعلق آفريقا جي ڪنهن آدم خور قبيلي سان آهي؟"

اهو خيال ايندي ئي مون کي نڙيءَ ۾ گرهه ڦاسي پيو. هڏڪي ڏيندي، هڪدم بوتل کولي پاڻيءَ جا ٻه ٽي ڊڪ هٽي چڏيم.....

24 جنوري، خميس

اڄوڪي ڏينهن تي، مدل برگ علائقي جي ڊيلٽا پروجيڪٽ جو استدي ٽوئر رکيل هيو. سادي ڏهين وڳي پروفيسر مئرين جي اڳواڻيءَ ۾ ڊيلٽا پراجيڪٽ تي پهتاسين. اتان جي چيف انجنيئر مسٽر 'ڊيلفسما' سلائيڊ پروجيڪٽر تي هڪ ڪنٽور مئپ ۽ بند ٻڌڻ وارا پراجيڪٽس ڏيکارينديٻڌايو ته "جيڪڏهن نيدرلينڊس جي ماڻهن کي بندن ٻڌڻ ۽ بروقت مرمت ڪرڻ جو هنر نه هجي ها، ته سندن شهرن مٿان اڄ پاڻي ٻيڙي هجي. ملڪ جي اڌ زمين سامونڊي سطح کان هڪ ميٽر مٿي، باقي هيٺ آهي. ان ڪري هن کي نيدرلينڊس Netherlands سڏيو ويندوآهي. جنهن جي معنيٰ آهي، هيٺانهين يا ڪچي واري زمين. مسلسل ٽن ندين ماس، شيلڊ، رائن ۽ ٻين پرتي ڪندڙ شاخن جي ٻوڏن ڪري، هن ڌرتيءَ لاءِ پهريان اهو تاثر جڙيو ته صرف ڏيڏرن جي رهڻ جي قابل آهي. ان ڪري هن کي هالينڊ ' Holland' ۽ سڏيو ويو جنهن جو مطلب آهي ، 'پوري زمين'. جنهن کي رهائش جي قابل بڻائڻ لاءِ هتان جي قابل انجنيئرن پنهنجي علم ۽ حرفت سان درياهن، واهن ۽ پوءِ سمنڊ جي اندر بند ٻڌي زمين حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. هن ملڪ جي سترنهن سيڪڙو زمين سمنڊ ۽ درياهن مان حاصل ڪيل آهي. ان ڪري هتان جا ماڻهو دعويٰ ڪندا آهن ته "سڄي دنيا کي خدا ٺاهيو پر نيدرلينڊس کي اسان ٺاهيو آهي!" پوءِ هن ڊيلٽا پراجيڪٽ جي ٻاهٺ رکاوٽي بندن تي وڃي وڃي، انهن جي ٽيڪنڪل جوڙجڪ بابت ڄاڻ ڏني.

منجهند ڪانپوءِ پروفيسر مئرين مدل برگ شهر ڏانهن وٺي وئي. شهر جي خوبصورتي ۽ لوڪل گورنمينٽ جي جامع رٿابندي ۽ ميئر جي انتظامي صلاحيتن ۽ جوڙجڪ بابت ٻڌائيندي حيرت ۾ وجهي ڇڏيائين . اسان وٽ ته

ننڍن وڏن شهرن جي سڌاري واڌاري لاءِ مڪاني، صوبائي ۽ وفاقي ادارن جا ڪيئي محڪمہ موجود آهن. پر حالت اها آهي، جيئن چئبو آهي تہ 'ڪني رن ڪي يار بہ گهٽا تہ ہار بہ گهٽا... مالڪ بہ گهٽا تہ آبادي بہ ڪنٽرول کان ٻاهر...!

25 جنوري، جمعو

اڄ سڄو ڏينهن پروفيسر مئرين ڪالهہ واري اسٽڊي ٽوئر بابت تفصيل سان رايا ونڊ شروع ڪيا. لنچ بريڪ جي وقفي کان پوءِ، ساڳيو سلسلو هلڻ شروع ٿيو. مائي صاحبہ ٽڪجڻ جو تہ نالو ئي نہ پئي ورتو. جڏهن 5 وڳا تہ جڙ رهائي ملي. ان کان پوءِ هر پارٽيسپنٽ پنهنجا پنهنجا ميل باڪس چيڪ ڪيا ۽ ڏنو تہ انسٽيٽيوٽ طرفان هڪ اِنويٽيشن ڏنل هئي تہ: ڏک ان ڪئنٽين ۾ اڄ شام جو 8 کان 12 وڳي تائين پهرين سوشل ايوننگ جو ايونٽ ٿيندو. جيڪا هڪ قسم جي ميل جول واري گڏجاڻي آهي. باقي هر ڪنهنجي مرضي آ، تہ اٽينڈ ڪري يا نہ...! آخر ۾ لکيل هيو:

Hope To See You !

شام جا، جيئن ئي ساڍا ست ٿيا، مون سوچيو تہ 'واندڪائي کان وندر پليا!'، ڏسجي تہ اها سوشل ايوننگ ٿيندي ڪيئن آ ....؟

مقرر وقت تي، ڏک ان ڪئنٽين ۾ پهتس. ڪافي تعداد ۾ پارٽيسپنٽس موجود هيا. لاطيني آمريڪي سيني کان تيز نڪتا. هنن اچڻ سان ئي اسپينش ۽ پرتگالي ڏنون هلرائي. ڪئنٽين جي ڊانس فلور تي سينا سينن ۾ نهايون نهاين سان ملائي ڊانس ڪرڻ شروع ڪري ڏني. انهن کي ڏسندي آفريقن بہ گهٽ نہ ڪئي. جڏهن اهي لٽا تہ آفريقن ڊرم ميوزڪ تي ائين ڏٽڪي رهيا هيا، جيئن پاڻيءَ مان ڪنهن مڇيون ۽ شاڪر ڪڍي پٽ تي اڇلايا هجن. ايشيائين ويٽنگ چيئرس تي وينيءَ کين اکيون مچڪائيندي پئي ڏنو. منهنجي پر ۾ فلپائن جو بونگ وينو هيو. سندس هٿ ۾ ريڊ وائين جو پيگ هيو جيڪو ڪئنٽين جي نندڙي بار تان ونيءِ آيو هيو. اباڻڪائي منجهان پئي پيتائين. ڏسي پچيومانس، "خير تہ آهي، مسٽر بونگ؟"

بونگ ٽڏو ساهه پريندي ٻڌايو"مان پنهنجي پياري زال 'هِريا' کي منيلاجي ايئرپورٽ تي روئيندو ڇڏي. آيو آهيان. ڪاش! مان هيءَ اسڪالرشپ آويل (Avail) نه ڪيان ها. هاڻي سڄي رات ننڊ نه ٿي اچي. زال کي هر روز فون ڪري چوان ٿو،'جي چئين ته موتي اچان ؟'، پر هوءَ چوي ٿي،' هڪ ته نه وڃي ها، پر جي ويو آن ته پوسٽ گريجويٽ ڊپلوما ڪري موٽا" هن واليٽ کڏي، پنهنجي زال جو فوٽو ڏيکاريو جيڪا ڏسڻ ۾ ته ڏاڍي فهميدي پئي لڳي.

چيومانس،"صحيح ته چوئي ٿي. هاڻي جي آيو آن ته پوسٽ گريجويٽ ڊپلوما ڪري وڃ ؛ ڇهه مهينا اک چنبي ۾ گذري ويندا."

اوچتو لاطيني آمريڪين ۽ آفريقن پاڙ ۾ سس پس ڪندي کا صلاح ڪري ورتي. پوءِ چوڪرن، ايشيائي چوڪرين کي ۽ چوڪرين وري ايشيائي چوڪرن کي هٿ کان ڇڪي ڊانس فلور تي گهلي ويون. چوڪرين ۾ صرف سري لنڪا جي لليتا ۽ چوڪرن ۾ مان، عقيان شاه ۽ يونس ڪاشف رهجي وياسين.

بونگ، 'مئڊلين' سان گڏ ڊانس ڪري رهيو هيو سندس واڇون ڪنن سان لڳل هيون. مئڊلين ساڻس نهائي نهائيءَ سان، سينو سيني سان ملائي سندس وڇوڙي واري زخم تي جڙ ڪير جا پها رکي ڇڏيا هيا. مان ڪاٽي اک ڪري نگستي کي پئي ڏٺو. ظاهر سندس چوڻير پرواني جيان پئي نچيو. سهي نه سگهيس، دل ۾ چيم،" هي ته، وڏو ڪو سونجهڙو حرامي آ!"

پوءِ اٽي ڪلاڪن جي بار تي وڃي ويٺس، جتي هڪ سنهڙي سوپياوان پارٽيسپنٽس اڳي ئي استول تي ويٺي ريڊ وائين پئي پيتو.

"هڪ پيگ منهنجي لاءِ ٻا" مون 'بار ميڊ' ڏانهن ڏسندي چيو.

"ڪهڙو؟"

"ريڊ وائين!" هن هڪدم ريڊ وائين جو پيگ ٺاهي آڏو رکيو.

"نيڊرلينڊس جو ريڊ وائن زبردست آهي، ارجنٽينا ۾ اهڙو معيار ڪونهي. منهنجو نالو مارسيه آهي."هن سرڪي پريندي مون ڏانهن هٿ وڌايو.

مون هٿ ملائيندي، پنهنجو مختصر تعارف ڪرائي ڇڏيومانس.

مارسيءَ ٻڌايو، "هي مون کي ٽيون پيگ آهي!"

وائڙا اوهان تہ وڌا پياڪ ٿا لڳو!" مون سندس جسماني جائزو ونندي چيو.

"سڀ شئي جو قدر ڪرڻ گهرجي!"

مون ريڊ وائين جون سرڪيون پريندي پيگ پورو ڪيو پر خبر ناهي چو هوڙ کي ئي نہ لڳو

"هتي وهسڪي ناهي ملندي چا؟" مون 'بار ميڊ' کان پڇيو.

"هتي اوهان کي وهسڪي يا تيز شراب نہ ملندو انتظاميہ طرفان جهل آهي."

"وهسڪي تہ اڪثر موالي پيئندا آهن." مارسيہ پڇيو.

"هروپرو موالي تہ ناهيان، پر اڄ دل پئي چيوا"

"بوريت محسوس ٿي ٿئي، چا؟" پڇياٽين.

"نہ اهڙي ڳالهہ ڪونهي!" وراڻيم.

"اوهان جو هوم ٽائون ڪهڙو آهي؟"

"لاڙڪاڻو!"

"مون نالو ڪٽي پڙهيو آهي، شايد تہ بينظيريٽو جي آنوبائياگرافي 'ڊاٽر آف ايسٽ' پڙا" هن سرڪ پريندي پڇيو "توهان جي شهر جو Land use (زميني استعمال) ڪيئن آهي؟"

"ڪڏهن تہ باغن ۾ باغيچن ڪري 'باغ عدن' طور سڃاتو ويندو هيو پر هاڻي اها ڳالهہ ناهي رهي." ٻڌايومانس.

"اوه! ڪيڏي نہ مماثلت آهي. مان ارجنٽينا جي شهر 'تڪومان' جي ڄائي آهيان، اسان جي شهر کي بہ ارجنٽينا جو باغ سڏيو ويندو آهي."

مارسيہ، مون کي هر هر لوڙو ڏيرائي، بي چينيءَ منجهان، ڊانس فلور ڏانهن ڏسندي چيو "اوهان ڊانس فلور تي وڃي، ڊانس ڇو نہ ٿا ڪيو؟"

"اسان کي ڪو نچائڻ وارو ڪونهي تہ چا ڪجي؟" منهنجي وات مان ازخود نڪري ويو يا ريڊ وائن اثر ڏيکاريو هيو.

"مان آهيان نہ!" مارسيہ مشڪندي، ريڊ وائين جو آخري ڍڪ پريندي اٿي پئي. پوءِ ٻئي ڄڻا بار ميڊ کان ورتل وائين جي رقم ادا ڪندي اڇي ڊانس

فلور تي بيناسين. مارسيہ هڪڙو هٿ منهنجي هٿ ۾ ۽ ٻيو چيلهہ ۾ وجهي سينو سيني سان ملائي، سلو ميوزڪ تي ڊيرائيون ڏيارڻ لڳي. مون کي لڳو تہ هن جي چاتيءَ ۾ اهو پراڻ ڪونهي، جيڪو نگستيءَ جي ۾ ٿي سگهي ٿو. ان دوران منهنجي نظر نگستي ۾ ڪتل هئي تہ هوءَ ڪڏهن ٿي ڏسي ۽ پڇري، پر هن پلجي ٻہ نہ ڏنو.

جيئن ئي ميوزڪ ختم ٿي، تہ مارسيہ منهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو "ساري! (Sorry) مان هاٿي استيٽنبم وڃي، اڌ ۾ ڇڏيل پينٽنگ پورو ڪندس. تون ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ کي ڊانس ڪرڻ لاءِ دعوت ڏئي سگهين ٿو!"

وراٽيم "مون کي ٻہ هاسٽل تي وڃي کي ضروري، ڪم ڪرڻا آهن. ٽائيم ڏيڻ لاءِ مهرباني!"

جواب ۾ مارسيہ "ويلڪم!" چئي هلي وئي.

ڊيناڪ پهچي، روم ۾ ڪپڙا بدلائيندي سوچيم پئي تہ خير سان ٻوهٽي تہ ٿي. دمساز جو ٻہ ان تي گهٽو زور هوندو آهي، تہ 'ننڊي وڃي مارجي، ڏينهن نہ کارجي...!'

26 جنوري، چنچر

مان ڪالهہ کان پنهنجن ميرن ڪپڙن جي حوالي سان پريشان هيس. اڄ صبوح جو جيئن ئي ناشتي ٽاهڻ جي غرض سان ڪامن ڪچن ۾ پهتس تہ اتي ياچاءِ بيٺي هئي. پچيومانس، "ڪنهن ويجهي لانڊري سروس جي خبر آٿي؟"

ٻڌايائين، "هڪڙي سيلف سروس لانڊري برگ رگ روڊ تي آهي. منهنجا ٻہ ٽي جوڙا ميرا ٿي چڪا آهن. جي تڪڙ نہ ٿي، تہ ناشتي ڪرڻ کان پوءِ گڏيا ٿا هلئون!"

ياچاءِ سان گڏجي پهريون دفعو سيلف سروس لانڊري مشين ۾ ڪائنس سِکا وجهي ڪپڙا ڊوئڻ ۾ سڪائڻ سکي ورتم.

موٽندي پچيومانس، "ياچاءِ نالي جو مطلب چا آهي؟"

وراٽيائين، "محبوبہ!"

سوچيم. خبر ناهي ته صحيح ٿي ٻڌائي، يا دلبو ٿي ڏي ...! هونئن ب، ٻه گدرا مٽ ۾ ڪين اچن. ان ڪري، وڌيڪ ڊيگهه نه ڪئي مانس.

شام جو هاسٽل سامهون واقع 'ڪريڪٽ اليڪٽرانڪ شاپ' تان فلپس ريڊيو هڪ وچٿري يشيڪا ڪئميرا ۽ ڊجيٽل ٽائيمر ونڊي آيم. جو سندن ضرورت محسوس پئي ٿي.

راتـ جو ريڊيو آن ڪري، مختلف اسٽيشون لڳائڻ شروع ڪيم. عمومن ڊڄ يا ڪا ٻي سمجهه ۾ نه ايندڙ نشريات پئي هلي. ريڊيو جو ناب ڦيرائيندي، اوچتو هڪڙي اسٽيشن تان ٻڌڻ ۾ آيو:

"سنجو بابا هندوستاني ...! آپ ڪي خدمت مين پيش پيش ...! ڪيا آپ ڪا محبوب روٹ گيا هئي...؟ مانتا نهين ...! گهبرائين نهين...! ماسٽر آف بلئڪ ميجڪ، سنجو بابا سي آج هي ملئي...! گهنٽون مين محبوب قدمون مين هوگا ...! مشڪل ڪيسي ٻي هوگي، دور هوگي.

Bring back lost love... Gives permenant solution !

عامل جو فون نمبر ٻڌائڻ کان پوءِ لتا منگيشڪر جو ڳايل گانو شروع ٿي ويو:

چوڑي مزا نه ديگي.....ڪنگن مزا نه ديگا !

تيري بغير ساجن، ساون مزا نه ديگا!'

حيران هيس ته هتي يورپ ۾ به انهن عاملن جو ڏنڊو هلي رهيو آهي ...! سوچيم پئي، اهڙن وٽ مت جا موڙها ۽ ناڪام عاشق ئي ويندا هوندا، جن کي دمساز جهڙا صلاحڪار نه هوندا.

منهنجو دوست، دمساز ته هڪ رانجهو لکان دي مٽ آهي.

27 جنوري، آچر

اڄ مان به صبوح سان گهر وارن ۽ دمساز کي اهڙي قسم جو خط لکيو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿم. جيئن ته هاسٽل جي فون خراب ٿي پئي آهي، ان ڪري هاڻي خطن ذريعي رابطو ٿيندو. خط ۾ هاسٽل جو پتو لکيو اٿم.

جي ليکو ٻڌي هڏجي ته ڪوڙ به وڏي ڪم جو آهي ...!

28 جنوري، سومر

سڀ کان پهريائين، صبوح جو نائين وڳي شيڊيول مطابق 'مئنيجمينٽ آف اربن ڊيولپمينٽ' ورڪ شاپ جي 'ڪو-آرڊينيٽر، پروفيسررابرٽ 'سان ڪلاس روم نمبر 3 ۾ تعارفي ملاقات ٿي. هن ٻڌايو ته سيڪشن ڪان ڪلاس 9 وڳي کان شروع ٿيندا، لنچ ٽائيم يا ڪافي بريڪ کان سواءِ 5 وڳي تائين هلندا رهندا. سائنس پاڪستاني ڪو-آرڊينيٽر اقبال سليم به گڏ هوندو. پوءِ هن فوٽو اسٽيٽ ٿيل مواد ورهائيندي چيو "هي ڪجهه 'اربن پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ' متعلق آرٽيڪل آهن، جن کي اڄ رات نظر مان ڪڍي ڇڏجو. سيڪشن انهن تي ڊسڪشن ٿيندو. باقي اڄ اوهان دل کولي ذاتي ڪچهري ڪريوا"

پارٽيسپنٽس ڏٺو ته ڪجهه آرٽيڪل نه پر سؤ سوا صفحن جو ٿلهو هيو اٽلائيندي پٽلائيندي گهڻن کي مٿي تي هٿ اچي ويا. 'رابرٽ' پروفيشنل انداز ۾ پارٽيسپنٽس تي هڪ اُچاتري نظر وجهي، مرڪندي ٻاهر نڪري ويو.

ان کان پوءِ ڪورس يونٽس جي حوالي سان ڪو-آرڊينيٽرس، جن ۾ 'ڪمپيوٽر ايپليڪيشن فارهيومن سيٽلمينٽ'، جو اسسٽنٽ پروفيسر 'هانس مالٽا'، 'ڪميونٽي اينڈ لوڪل گورنمينٽ'، جي اسسٽنٽ پروفيسر 'انيڪا' ۽ اربن مئنيجمينٽ ' جو پروفيسر' ڊيوڊسن' واري واري سان آيا، تعارف ڪرائڻ کان پوءِ انهن به ساڳي ڪار ڪئي. لڳو ته استاد مختلف هيا، پر سندن منشور ساڳيو هيو.

اسان جي ڪلاس ۾ مون سميت، مختلف ملڪن جا چوڏنهن پارٽيسپنٽس هيا. چوڪرن ۾ بوليويا جو گيسٽن، بوتسوانه جو ڊزي، ڪيوبا جو سرجيو، انڊونيشيا جو اگنگ، ٿائيليند جو نات، اٿوپيا جو ابراهام ۽ تنزانيه جا ڪيما ۽ فيلڪس هيا. جڏهن ته چوڪرين ۾ فلپائن جي گلوريا، سريلنڪا جي لليتا، يوگنڊا جي ادنا، برازيل جي پاؤلا ۽ ڊومنيڪن ريپبلڪ جي مئبلين هئي.

جڏهن سڀ ڪلاس ميٽس هڪ ٻئي کان حال احوال وٺي ٻاهر نڪرڻ لڳا ته مون کي ابراهام ۽ عدن فقيه سان ڪيل ڪالهوڪي ڪچهري ياد آئي.

مون سوچيو چو نہ ڪلاس روم مان نڪرڻ کان اڳ، ابراهام کان نگستي متعلق ڪجھ وضاحت ونان.

ابرهام کي روڪيندي چيم، "توسان هڪ خاص ڪچهري ڪرڻي آهي، جي تون ٽائيم ڏئي سگهين ٿو؟"

"ڪلاڪ کن ته ڪچهري ڪري سگهجي ٿي!" ابرهام مشڪندي وراڻيو.

"موضوع نگستي آهي، جي مناسب سمجهين ته ان تي ڳالهايون؟"

ابرهام کلي وراڻيو "يقين ڪر ته مان ڏاڍو پريشان هيس، پڇي به نہ پئي سگهيومانس ته ورڪ شاپ يا ڪورس يونٽس ۾ سندس ڪهڙي چوائس آهي. سچ پچين ته هاڻي منهنجي ذهن تان بار لهي ويو آهي. منهنجي ته خوشقسمتي آهي، تنهنجي لاءِ نہ ٿو چئي سگهان."

"تنهنجي لاءِ خوش قسمتي ڪيئن آهي؟" مان ٿوري حيرت کائيندي پڇيومانس.

"دراصل جيڪڏهن مان ۾ هوءَ هڪ هاسٽل يا ڪلاس ۾ هجون ها ته خوامخواه غلط فهمي پيدا ٿئي ها. هوءَ سمجهي ها ته مان هن جي ڪا آهيان ۽ مان سمجهان ها ته هوءَ منهنجي پٽيان آهي، ائين ٻنهي جي نند حرام هجي ها."

"نگستي ۽ اوهان وچ ۾ ڪا ذاتي رنجش آهي؟"

"ذاتي ته ڪونهي!"

"باقي؟"

"ٻيا مسئلا ڪوڙ آهن!"

"ٿورو سمجهاءِ، ته سهي؟"

"منهنجي ته ڪا پراڻي واقفڪار ڪونهي. اسان اتفاقن ٻئي اديس ابابا مان فلائيٽ تي گڏ چڙهيا هياسين. هوءَ مون سان سڄي وات اٿوپيا جي قومي ٻولي 'امهارڪ' ۾ ڳالهائيندي پئي آئي، پر جيئن ئي ايمسٽرڊم جي هوائي اڈي تي لهي، ٽرين تي چڙهي روٽرڊم پئي آياسين ته هن جو بگل ڦري ويو. مان جيڪو پچانس، ان جو جواب 'تگريني' ۾ پئي ڏنائين!"

"تگريني ڇا آهي؟"

"تگريني هولي اٿوپيا جي صوبي اريٽيريا ۾ ڳالهائي ويندي آهي."

"توکي تگريني نه ايندي آهي، ڇا؟"

"ٿوري ٿکي ايندي آهي، پر اسان کي ان هوليءَ ۾ ڳالهائڻ کان منع آهي، جو اها باغين جي هولي آهي."

"باغين جي هولي!؟" مون کي کجھ وڌيڪ حيرت ٿي.

"خير، مان تہ پوءِ هن سان تگريني ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، جو پورو هڪ سال اريٽيريا جي صوبي ۾ لازمي فوجي سروس جي حوالي سان فرائض سرانجام ڏنا هيا. پوءِ هوءَ منهنجو لهجو سمجهي وئي تہ گاريون ڏيڻ شروع ڪيائين."

"گاريون !؟"

"توکي شايد خبر ناهي تہ اريٽيريا وارا اٿوپيا جي قومي هولي امهارڪ کان سخت نفرت ڪندا آهن."

"سبب ؟"

"جڏهن اٿوپيا جي شهنشاه هائلي سلاسي (Haile Selassie) قومي يڪجهتي خاطر صرف 'امهارڪ' کي قومي هولي قرار ڏنو تہ اريٽيريائي چڙي پيا ۽ پنهنجي هوليءَ کي قومي هولي بڻائڻ جي حوالي سان تحريڪ هلايائون. جڏهن حڪومت مٿانئن سختي ڪئي تہ گوريلا جنگ شروع ڪري ڏنائون."

"مون اخبارن ۾ پڙهيو آهي تہ اٿوپيا ۾ بادشاهت ختم آ ۽ هاڻ سوشلسٽن جو راج آهي ...؟ اهو ان مسئلي جو حل نہ ٿا ڪين ڇا؟"

"جڏهن کان 1977 ۾ 'مينگستو هائلي مريم جي اڳواڻي ۾ سوشلسٽ انقلاب آيو آهي تہ ايجا وڌيڪ مڇرجي پيا آهن."

"سبب؟"

"هن کين رڳو ايترو چيو تہ : اٿوپيا کي صرف ڳاڙهي سمنڊ (Red Sea) تائين زمين جو ٽکرو ڏين تہ ان جي بدلي کين ڪنهن حد تائين صوبائي خود مختياري ڏئي سگهجي ٿي. پر پوءِ بہ نہ ٿا مڃن، چون ٿا تہ آزادي ڪپي ...!"

"بادشاه سان بہ نہ ٺهيا تہ ڪامريڊن سان بہ نہ ...!"

"هي ڪنهن سان به نه ٿهندا!"

"ايڏا ضدي آهن ڇا؟"

" فاشسٽن کان به وڌيڪ...! هن وقت اٿوپيا ۾ اريٽيريائي باغين وچ ۾ چتي جنگ هلي رهي آهي ۽ مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته نگستي کي ڪيئن سرڪار اجازت ڏني آهي. مان اصلي ادیس ابابا جو آهيان. پوءِ به رشوت ڏئي اين. او. سي ورتي هئي."

" هن به رشوت ڏئي ورتي هوندي!"

"تون صحيح آهين، رشوت ڏيڻ سان گڏ گهٽو ڪجهه ڏئي آئي هوندي!"

ابرهام ٿهڪ ڏيندي چيو.

آخري سوال ڪيومانس."اوجهه نڪرڻ واري وضاحت ڪپي؟"

"اهو نگستيءَ کان پڇجانءِ ته بهتر آهي."

ابراهام لنوائڊ جي ڪئي، پر مڇڏو ٿي چيومانس.

"ڪلاس ميٽ جي حيثيت سان توکي ٻڌائڻو پوندو!"

" اريٽيريا جون اهي حسين بلائون پهريان محبت جو ڊونگ رچائيندیون آهن. پوءِ موقعو ملندي ئي چري يا خنجر سان عاشق جو انت آڻي ڇڏيندیون آهن. اسان جا ڪيترا ئي جوان جيڪي اريٽيريا ۾ فوجي خدمتون سر انجام ڏيڻ ويا هيا، تن جو موت انهن هٿان ٿيو."

" منهنجي لاءِ ڇا صلاح آهي؟"

"پلي ياري رکيس، پر ياد رکجانءِ ته هوءَ پهريان اريٽيرين آهي ۽ پوءِ تنهنجي گرل فرينڊ!"

ابرهام کي اوچتو ڪا ڳالهه ذهن ۾ آئي، هن پنهنجي گهڙيءَ کي ڏسندي چيو. "اوڪي! مان هلان ٿو مون کي لنچ ڪرڻ کان پوءِ 'لجنبان شاپنگ اسٽريٽ' مان ڪجهه ضروري سامان به ونڊڻو آهي."

پوءِ ابرهام اٿيو ۽ تڪڙو نڪري ويو.

ابرهام جي وضاحت کان پوءِ مان ان نتيجي تي پهتم ته اهو سون ئي گهوريو جو گن چني...!

29 جنوري، اڳارو

ڪو-آرڊينيٽر رابرٽ جي ڏنل 'اربن پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ' جي آرٽيڪلس تي، اڄ خوب ڊسڪشن ٿيو. شام جو 5 وڳي تائين، هر پارٽيسپنٽ جي ڪوشش هئي ته پاڻ کي وڌيڪ پروفيشنل ثابت ڪري. ان ڪري جاڙين سان گڏ مٿي ۾ به سور پئجي ڇڪو هيو. مون کي اندازو ٿي ويو ته پوسٽ گريجويٽ ڊپلوما ڪرڻ کا اڳ جي ماڪي نامي، جو آساني سان لاهي وڃبي.

ميل باڪس جاچڻ کان پوءِ ٽڪل ٽئل ڪئنٽين ۾ پهتس. جتي ڪجهه پارٽيسپنٽس، هاسٽلس ۾ رهڻ کان اڳ سگريٽ يا ڪافي پيئندي چڻ ٽڪ ڀيڄي رهيا هيا. مارسيه به ڪئنٽين جي هڪ ڪنڊ ۾ سگريٽ دکايون پنهنجن خيالن ۾ گم لڳي ويٺي هئي. دل ڪيو ته ڊڇ هولي ۽ڪيس'اڪ هائو ون يائو (مون کي توسان پيار آهي!)'، چئي ڏسانس. دمساز به ته ان ڳالهه تي زور ڏنو هيو ته : "يورپ ۾ ڪا واندي ڏسين ته ڏتارڻ ۾ دير نه ڪجانس!"

اها ڳالهه ڳڻي، سيون ايم ايم رائيفل مان نڪتل گوليءَ جيان سِڌ ڪيم ته هڪ پارٽيسپنٽ جيڪو مخالف ڏِسا کان پئي آيو تنهن اڳ ۾ئي سندس پير واري ڪرسي والاري چڏي. مارسيه کي سندس ويهڻ ناگوار لڳو هن بغير ڪنهن رک رکاءَ جي چئي ڏنس، "مسٽر شملان! دل ۾ نه ڪجو مان سگريٽ تنهائيءَ ۾ پيئندي آهيان. جي توهان هتي ويهڻ چاهيو ٿا ته پل ويهو مان اٿي ٿي وڃان!"

مارسيه اٿڻ جي ڪئي ته شملان شڪي ٿي اٿي ويو. مان هڪدم احتياط کان ڪم وٺندي، پرسان واري ٽيبل تي ٿي ويٺس ۽ ڪيس چور اکين سان ڏسندي اندازو هنيم ته مودي طبيعت جي ٿوڪري آهي ...! ان وقت دمساز جي اها نصيحت به ياد آئي ته: "اديب ۽ آرٽسٽ چورين کان پاسو ڪجانءِ جو اهي محبت گهٽ، گهلينديون گهڻو آهن. پوءِ ۾ن هڪ اطالوي چوڪري صونيه جو قصو ٻڌايو جيڪا ساٽس 'سيدرڊ' ۾ ملي هئي، تنهن

ڪيس آرٽ گئلريز ۾ ٿي ڏينهن رلائي سندس بيڪ ڪيري چڏي موڪلائڻ وقت ڪيس تڪڙ ۾ ڳل تي ٻه هلڪيون چميون ڏئي، جڻ ٻن آڱرن جو ڏئي وئي هيس...

پر مان چا ڪيان ...؟ منهنجي مجبوري اها آهي، ته حال في الحال مارسيه کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ٻه ڪونهي...!

مارسيه جڏهن سگريٽ پي ورتو ته پاڻ سڏيائين، "اڇو مان سگريٽ پي ورتو آهي!"

اٽي، اڇي سندس سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهندي چيومانس، "تو ويچاري شملان کي ته مايوس ڪري چڏيو!"

"اهو يماني عرب منهنجو ڪلاس ميٽ آهي، مان مردن کي ڏسي سمجهي ويندي آهيان، ته هو ڪهڙي غرض سان ويجهو ٿين ٿا."

"ايڏو اعتماد آهي، اوهان کي پاڻ تي؟"

"ڪيئن نه هوندو! مان ٻن مردن کان طلاق وٺي چڪي آهيان...! انسان ڏڪ کائڻ کان پوءِ گهٽو ڪجهه سکندو آهي."

"چئبو ته اوهان زندگيءَ ۾ وڏو مشاهدو ماڻيو آهي!"

"ڪتاب ڪيڏا ٻه پڙهجن، پر ذاتي مشاهدو وڏي وٽ آهي."

"چا اوهان پنهنجو ذاتي مشاهدو شيئر ڪري سگهو ٿيون!؟"

"چو نه...! هڪڙو مڙس بيونس آئرس جي رٿائرڊ فوجي جو پٽ هيو. شادي کان پوءِ هن ائين سمجهيو ته جڻ منهنجي جسم کي دشمن جي سرزمين سمجهي فتح ڪيو اٿائين."

"ٻيو؟"

"ٻيو صنعت ڪار جو پٽ هيو. جنهن هر وقت اهو احساس پئي ڏياريو ته جڻ مون کي خريد ڪيو اٿائين."

"پنج ئي آڱريون برابر ناهن!"

"مرد عمومن سواءِ پنهنجي ذاتي غرض جي عورت سان ٻيو ڪو تعلق نه ٿو جوڙي!"

" ڪنهن راندیگر سان ڪيو ها تہ شايد اوهان کي مايوس نہ ڪري ها. مان تہ 'ميرادونا' جو فئن آهيان، چا تہ هن 1986ع ۾ ميڪسيڪو ۾ ويست جرمني جي خلاف راند ڏيکاري هئي ۽ ارجنٽينا کي ورلڊ ڪپ کٽرائي سڄي دنيا ۾ مشهور ڪيوا" مون اسپورٽس جي حوالي سان پنهنجي معلومات سان کيس متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"چا عورت جو جسم فوٽ بال آهي، جنهن وقت ڪو چاهي تہ پنهنجي گول حاصل ڪرڻ لاءِ ڪِڪ (Kick) هڻي ڪڍي؟ انهن فوٽ بالرن جي بچڙائي جا داستان ارجنٽينا ۾ گهٽا آهن. مون کي اسپورٽس مين بنهہ ناهن وٺندا! "

" اڳتي چا ارادو آهي؟"

"هاڻي نہ ڪو بواءِ فرينڊ رکبو ۽ نہ وري شادي ڪبي. بس پنهنجي پڙهائي ۽ مصوري واري مشغلي تي ڌيان ڏبوا"

اهو ٻڌڻ کان پوءِ مون کي اوورکوٽ جي کيسي ۾ رکيل گهر وارن ۽ دمساز ڏانهن خط پوسٽ ڪرڻ ياد اچي ويا. مان تکڙ ۾ اٽندي، کيس ڊڇ ۾ چيو "ڊِينڪ يي! (اوهان جي مهرباني!) مون کي سينٽرل پوسٽ آفيس وڃي خط پوسٽ ڪرڻا آهن تہ جيئن جلد وطن پهچي سگهن."

"اوڪئي! زي يي ليٽر (ٺيڪ! پوءِ توسان ملبو)" مارسيہ بہ بي پرواهي سان ڊڇ ٻوليءَ ۾ وراٽيو.

سينٽرل اسٽيشن جي پر ۾ واقع پوسٽ آفيس ۾ خط پوسٽ ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن ڊيناڪ هاسٽل جي روم تي پهتس تہ بي خياليءَ منجهان نظر شهتير تي پئجي وئي. ائين لڳو جڻ ڪبوتر جي نظر دڪ ٻلي تي پئي هجي. تکڙ ۾ ڪپڙا بدلائي، رات وسائي، بستري ۾ گهڙي، اکيون ٻوٽي سمهي پيس.

30جنوري، اربع

اڄوڪي ڏينهن تي نئين ڪو-آرڊينيٽر اقبال سليم جو اضافو ٿيو. هن The Functioning Of Master Planning in underdeveloped countries، جي موضوع تي زبردست ليڪچر ڏنو. جنهن ۾ هن هندوستان جي شهر

بمبئي، بئنگلور ۽ نئين دهلي جي روايتي رٿابندي تي تفصيل سان ڳالهايو ۽ پاڪستان ۾ ماسٽر پلان ڪراچي ۽ لاهور جي ناڪامي جو بنيادي سبب، شهرن جي اجائي ڦهلاءَ واري روايتي رٿابندي کي ڄاڻائيندي، نتيجو ڪڍيو ته :

Conventional Planning is not Solution, But it is a part of problem

(روايتي رٿابندي، مسئلي جو حل ناهي، پر اهو مسئلي جو حصو آهي.)

آخر ۾ هن روايتي رٿابندي متعلق ايترا ته آرٽيڪل پڙهڻ لاءِ ڏنا، جو لڳو ته هي 'رابرٽ' کان به به هٽ مٽي آهي.

31 جنوري، خميس

صبوح کان لنچ تائين تائيم، پهريان رابرٽ شهري رٿابندي جي حوالي سان بحث ڪرايو ۽ لنچ تائيم کان پوءِ اقبال سليم ليڪچر ڏنو. موضوع هيو :

Planning is linking , thinking with action

(رٿابندي، سوچ ۽ عمل سان سلهاڙيل آهي)

آخر ۾ هن اسائنمينٽ ڏيندي چيو "اڄوڪي ليڪچر ۽ ڏنل آرٽيڪلس جي روشني ۾ سياڻي اوهان کي پنهنجي شهرن جي رٿابندي جي حوالي سان پندرنهن منٽن جي پريزنٽيشن ڏيڻي آهي."

1 فيبروري، جمعو

اڄ ڪلاس ۾ هر پارٽيسپنٽس پنهنجي ملڪ ۾ ٽيندڙ شهري رٿابندي بابت پندرنهن منٽن جي پريزنٽيشن ڏني. مون ماسٽر پلان سکر بابت ٻڌايو ته هن وقت تائين سکر شهر جا به ماسٽر پلان نهيا آهن. ٻنهي جي ناڪاميءَ جو سبب، کين قانوني پنيرائي جو نه هجڻ (**Absense of legal cover**) آهي.

اقبال سليم پوائنٽس نوٽ ڪندو پئي ويو. پريزنٽيشن وارو سيشن، شام تائين هليو. اقبال سليم منهنجي ۽ گلوريا جي پريزنٽيشن کي گهڻو ساراهيو، جو اسان نقشن ۽ چارٽس جو، ٻين کان بهتر استعمال ڪيو هيو.

شام جو هاسٽل تي موٽي اچڻ کان پوءِ ڏهني طور تي ايترو تہ ٽڪل هيس، جو اچڻ سان ئي استبدي ٽيبل تي نوٽ بوڪ، والیٽ ۽ چابيون اڇلي، ايزي چيئر تي ڪاوڙ ۾ ڪري پيس. ڪجهہ ڏينهن اندر ئي ڪو- آرڊينيٽرس تڏيءَ جا تارا ڏيکاري چڏيا آهن.....!

اڄ راڻا ساجهر سمهڻ جو اراڏو هيو. ايڏا تياري پئي ڪيم تہ دروازي تي، هلڪي ٽڪ! ٽڪ! ٽي. مون سمجهيو تہ شايد اها بي وقتي سيرا هوندي، پر جيئن ئي دروازو کوليم تہ 'ارنگا' مفلر ويڙهيون اکيان ٻيٽو هيو" توکي زحمت ڏيڻ جي معذرت، آرام ۾ تہ نہ پيو هئين ؟"

وراڻيم. " تياري ۾ هيس!"

" اندر اچي سگهان ٿو؟"

" اچو! "

هو اندر هليو آيو.

اچڻ سان ئي ٻڌايائين، "ڪلپاج ۽ مان سياڻي جو پروگرام ناهيو اتسي!"

"چا جو؟"

" ايمسٽرڈم جي ٽرپ Trip جو! "

"ڪير ڪير ٿو هلي؟ "مون پچندي دل ۾ اڳواٽ ئي فيصلو ڪري چڏيو تہ جي نگستي ۽ ظاهر بہ هلن ٿا تہ ڪو نہ ڪو عذر ڏئي انڪار ڪبو.

ارنگا ٻڌايو"سريش،ادريانہ ۽ ياچاءِ تہ هلڻ جي پڪ ڏني آهي. باقي ظاهر ۽ نگستي ڇيو. 'مود نهيو تہ هلنداسين، نہ تہ نہ!' گهٽو ڪري تہ اهي نہ هلندا."

مان سمجهي ويس تہ پڪ سان هنن جو پنهنجو پروگرام هوندو. ظاهر کي گيت ٻڌائڻا ۽ نگستي کي داد طور چميون ڏيڻيون هونديون. بهتر اهو آهي تہ مان ارنگا ۽ ڪلپاج وارن سان هليو وڃان. هونئن ئي سياڻي موڪل جو ڏينهن آهي. ڪامن ڪچن ۾ رڌپچاءَ لاءِ تہ ويڙهو ئي ويڙهو پوندو. ٻنهي جا ٽهڪ ٻڌي پيو جگر جلندو...!

"ضرور هلندس، پر اتي ڪهڙين ڪهڙين جڳهئون گهمندئو؟"

ارنگا پڇيو. "تون ڇا گهمڻ چاهين ٿو؟"

مون کي هڪ مصور دوست منصور جي ڪيل تاڪيد ياد اچي وئي ته :

جي ايمسٽرڊم وڃان ته 'وان گاگ' جي گئلري ضرور گهمان ...!

مون هڪدم چيو "وان گاگ جي گئلري!"

"ضرور هلبو...مان پاڻ آرٽ گئلرين ڏسڻ جو شوقين آهيان. "

"ڪنٽريبيوشن، ڪيترو رکيو آٿوَ؟"

"پنجاه گلڊر! باقي گهٽ وڌ ٿيو ته پوءِ حساب ئي حساب آهي."

دير ئي نه ڪيم. واليٽ مان پنجاهه گلڊر ڪڍي ڏنامانس.

"سياڻي صبوح جو پوري ڏهين وڳي، منهنجي روم تي پهچي وڃجانءِ!" ارنگا ائين چوندي ٻاهر نڪري ويو.

2 فيبروري، چنچر

صبوح جو سوير ئي اک کلي. وهنجي سهنجي، ڪامن ڪچن ۾ ناشتو ڪري، ڏهن ۾ ڏهه منٽ هيا ته ارنگا جي روم تي پهتس. اتي نگستي ۽ ظاهر کي ڏٺم ته ڏيڏر ئي ڏرا ٿي ويا.

نگستي، مون کي ڏسندي چيو "جڏهن ارنگا ٻڌايو ته تون به هلين ٿو ته اسان به تيارٿي وياسين!"

دل ۾چيم "ڪيڏي نه بهروپڻ آهي!"

جيئن ئي روٽرڊم جي ريلوي اسٽيشن تي پهتاسين ته ارنگا ٽڪيٽون وٺي آيو. جهٽ کان پوءِ ٽرين پليٽ فارم تي پهتي ته سيئي چڙهي، هڪ ٻئي جي اڳيان پٺيان سيٽن تي ويناسين.

"ظاهر! ايمسٽلڊم ڪيترو پرتي آهي؟" نگستي، ظاهر کان پڇيو.

"مهرباني ڪري ٻيهر چئو!" ظاهر کلندي پڇيس.

نگستي ورجايو "ايمسٽلڊم!"

سندس غلط اچار تي سيئي ٿھڪ ڏئي ڪلڻ لڳا، تہ ڪلپاج جيڪو ادريانہ سان پاسو هنيون ويٺو هيو تنهن ٻڌائڻ شروع ڪيو "مون ٽريول گائيڊ ۾ پڙهيو آهي تہ ايمسٽرڈم ست صديون اڳ ايسٽل نديءَ کي ڪاٽ جا بند ڏئي اڏيو ويو هيو جيڪو پهريان 'ايمسٽلڈم' جي نالي سان، پوءِ ايمسٽرڈم جي نالي سان سڏجڻ لڳو!"

نگستي جو ٻڌو تہ ظاهر کي اُکيڻ تي ڪٽي ڏنائين، "هاڻي ٻڌاءِ، ڪير غلط آهي؟"

ظاهر، ڪلپاج کي ڪلندي ٽوڪيو "هيءُ وقت هيو پنهنجي معلومات جهاڙائڻ جو؟"

پوءِ ٻہ ڪلپاج نہ مڙيو "ايمسٽرڈم جي سينٽرل اسٽيشن هتان 87 ڪلوميٽر پرتي آهي. وچ تي 11 اسٽاپ آهن. پهچڻ ۾ پورو ڪلاڪ لڳندو جو هيءَ سست رفتار هلندڙ سنيل ٽرين (Snail Train) آهي."

" ايمسٽرڈم جون ڪهڙيون شيون ڏسڻ وٽان آهن؟" ادريانہ پڇيس.

" هن شهر ۾ ڪيترائي ميوزم ۽ گئلريز موجود آهن. جن ۾ ٿيٽر ميوزم، فلم ميوزم، هوائي جهازن جو ميوزم، پريس ميوزم. نہ صرف اهي، پر اينيفرينڪ جو گهر ۽ وان گاگ جي گئلري پڻ ڏسڻ وٽان آهي. هڪڙي ڏينهن ۾ اهو سڀ ڪجهہ گهمڻ ناممڪن آهي، ان ڪري اوهان اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو تہ گهمڻو ڇا آهي؟"

سيني کي سندس ڳالهہ مناسب لڳي، مون هڪدم وراڻيو" وان گاگ جي گئلري!"

نگستي رد ڏنو،" نہ پهريان ايني فرينڪ جو گهر!"

ارنگا چيو "پهريان ريڪس ميوزم ڇو نہ، جتي ريمبرانڊٽ جي پينٽنگ 'نائٽ واچ' پئي آهي؟"

ظاهر سمجهايو" اجايو تڪرار نہ ڪيو جيئن تہ ڪلپاج، ايمسٽرڈم جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ پڙهيو آهي، ان ڪري مٿانئس ڇڏيون ٿا تہ ڇا ٿو گهمائي!" اهو ٻڌي سيئي خاموش ٿي ويا.

جڏهن ٽرين پنهنجي ڊار سان هلندي، ايمسٽرڊم جي سينٽرل اسٽيشن تي پهتي ته هيٺ لهي، سيئي رڊن جي ڏڻ جيان ڪلپاج جي ڪيڙ لڳاسين. جيئن ئي وهندڙ ڪئنال جي هڪ پل کي پار ڪيوسين ته سوڙهين گهٽين ۾ ڳتيل جاين جو سلسلو شروع ٿي ويو. جاين اندر شفاف شيشن جي درن ۾ درين پٽيان ڏري گهٽ الف اگهاڙيون عورتون بيٺيون هيون. هر لنگهندڙ ماڻهوءَ جون نظرون سندن جسمن کي تکي توري اڳتي پئي وڌيون. هڪدم احساس ٿيو ته مخصوص بازار ۾ پهچي ويا آهيون.

ارنگا، ڊڪي وڃي، ڪلپاج جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو "هي ڪٿي وٺي آيو آهين؟"

ڪلپاج ڏند شيڪيندي وراڻيو"مون ٽريول گائيڊ ۾ ريڊ لائيٽ ايريا واري چيپٽر پڙهڻ کان لٻوايو هيو پر هاڻي جي اچي ويا آهيون ته چو نه هيءَ دنيا به ڏسي وڃجي!"

ٻيا جيسين کو اعتراض اٽارين، ان کان اڳ ياچاءِ چيو" ان ۾ چا آهي، زندگيءَ جو هيءُ رخ به ڏسي وڃجي!"

نگستي به حمايت ڪندي چيو" ڏسڻ ۾ ڪا قباحت ڪونهي! "

جيئن جيئن اندرين گهٽين ۾ گهڙندا وياسين، تيئن تيئن هن لڪل دنيا جا راز کلندا پئي ويا. اگهاڙن ناچ گهرن جي آڏو پڙون جا هوڪا ٻڌڻ ۾ پئي آيا : "اچو ۽ ڏسو! پنجويهن گلدرن ۾ ڪيلن جو ڇڪ، سگريٽ ڇڪڻ ۽ پنگ پانگ راند ڪرڻ وغيره!"

سيني عافيت ان ۾ سمجهي ته هتان نڪرجي. پر نڪرڻ جي واهه ئي هٿ نه پئي آئي. ائين اُدَ ڏَ تي هلندا رهياسين ته هڪ بورڊ نظر آيو جنهن تي نقشي سان گڏ تعارف به ڏنل هيو : "ريڊ لائيٽ جي ڪل ايراضي 6500 چورس ميٽر آهي. هن جو بنياد 16 صدي عيسوي ۾ پيو هيو. هن ۾ 290 ڪوٺا ۽ اندازن 1000 عورتون جنسي ڏنڊي سان واڳيل آهن. هر سال اندازن ٻه لک گراهڪ ايندا رهندا آهن، جن ۾ ٽوئرسٽ به شامل آهن. جيئن ته ريڊ لائيٽ ايريا سان لاڳاپيل رهائشي 1811ع کان ٽيڪس ڏيندا اچن ٿا. ان ڪري انهن جي حيثيت عام شهري جي برابر آهي. سندن يونين رجسٽرڊ

ٽيل آهي، جيڪا سندن حقن جي حفاظت ڪندي آهي. هتي دنيا جو بهترين سيڪس ميوزم آهي. جنهن کي ٽيمپل آف وينس (Temple of Venus) سڏيو ويندو آهي."

ڪلپاج نقشي ۾ جهوت پائيندي چيو" هاڻي مان اوهان کي آرام سان باهر وٺي وڃي سگهان ٿو!"

"ڪنهن جو 'ٽيمپل آف وينس' گهمڻ جو ارادو ته ڪونهي؟" ارنگا سپني کان پڇيو.

" چو نه ؟" ياچاءِ وراڻيو.

نگستي به چيو" چاهيس، ڏسڻ ۾!"

ظاهر به راضپو ڏيکاريو ته " پلي هلو!"

مون به اعتراض نه واريو.

جڏهن ميوزم وٽ پهتاسين ته ادرياڻ چيو" مان ته نه ڏسندس، اوهان ٿي اچو!"

ادرياڻ ارادو نه ڏيکاريو ته ڪلپاج به نهڪر ڪري چڏي. سريش به هلڻ کان اهو چئي نابري واري ٻيئو ته "انٽري في مهانگي آهي!"

"انٽري في مهانگي هجي يا سهانگي، جي ميوزم ڏسڻوآهي ته پوءِ ڏسڻو آهي!" ارنگا چيو.

ائين ارنگا، ظاهر، ياچاءِ نگستي ۽ مان، هرهڪ 12 ڊالر انٽري في پري ميوزم ۾ گهڙي پياسين. ارنگا ۽ ظاهر مختلف شو ڪيسز ۾ جهاتيون پائيندي ڪل ۾ ٻٽيا پيا هيا. ياچاءِ تڪڙ تڪڙ ۾هڪ هڪ شو ڪيس کي ڏسندي اڳتي وڌندي پئي وئي، جڏ ڪيس گهڻي مان گهڻو ڏسڻ جي جستجو هجي.

هلندي هلندي منهنجا قدم هڪ شو ڪيس آڏو ٻيهجي ويا، جنهن ۾ فيمڈم Femdom جي عنوان سان عورتن جي هٿن ۾ لڪڻ، چڙيون، زنجير ۽ منهن تي ماسڪ پيل ڏيکاريل هيا. فوٽن جي ڪيپشنس ۾ اهڙين لانگڙ لاهه عورتن کي مسٽريس Mistress جو نالو ڏنل هيو جنهن ۾ مجو مرد ڪتڪا کائي مزو ماڻي رهيا هيا. اهڙي طرح وري اذيت پسند عورتن کي جنسي تشدد

مان لذت حاصل ڪندي ڏيکاريو ويو هيو. انهيءَ دؤران نگستي سري اچي، منهنءَ ۾ پر ۾ بيهي پڇيو "توکي انهيءَ اذيت پسندي مان ڪهڙي پسند آهي؟" مان ڪيس کي جواب نہ ڏنو ۽ اڳين شو ڪيسن ڏانهن وڌي ويس.

اڳتي هڪ اهڙو شو ڪيس آيو جنهن ۾ اورل سيڪس جا عجيب وغريب طريقا ڏيکاريل هيا. ائين پئي لڳو تہ انسان جنسي حوالي سان يا تہ سيني جانورن کان ڪريل يا وري چڙهيل آهي. مان حيرت ۽ دلچسپيءَ وچان ڏسندي اڳتي وڌي رهيو هيس، تہ پٺيان ايندڙ نگستي پڇيو " توکي ڪهڙو طريقو وڻي ٿو؟"

سوچيم، پلا جي سُر ڏي ٿي، تہ چو نہ سُر ملائجي. ايڏا اهو خيال دل ۾ آندم تہ اوچتو ارنگا ڪباب ۾ هڏي بڏجندي چيو "هاڻي هلو جو باهر ٿي ڇڏا اسان جي انتظار ۾ آهن!"

جڏهن ميوزم کان باهر نڪتاسين تہ ڪلپاج، ادريانہ ۽ سريش ٽنگ چنايون بينا هيا. ڪلپاج ڏسندي ئي چيو "ايڏي دير ڪبي آ؟"

ارنگا وراٽيس،" ايڏا تہ گهڻو ڪجهہ ڏسڻ لاءِ هيو اوهان جي ڪري تڪڙا نڪتاسين!"

ڪلپاج تڪڙي وک هڻندي اڳيان ٿي، هڪ انگڙ ونگڙ گهٽي ورتي. اسان بہ ليلن جيان سندس پٺيان لڳاسين. هلندي اوچتو ياچاءِ هڪ شيشي جي در آڏو بيهي، اڏ اگهاڙي عورت کي اشارا ڪرڻ لڳي. دروازو ڪليو تہ هوءَ هڪدم اندر هلي وئي. ڪلپاج بيهندي چيو "ياچاءِ، پڪ سان ليسبيئن (هم جنس پرست) هوندي!" اهو ٻڌي اڳتي هلڻ بجاءِ سڀ تماشبين ٿي بيهي رهياسين. شيشي جي شفاف در مان نظر اچي رهيو هيو تہ ياچاءِ ان ننگ ڏڙنگ عورت سان ڳالهائڻ ۾ مصروف هئي، شايد اگهہ پار تي نہ پئي ٻهيون يا ڪو ٻيو مسئلو هين.

ٿوري جهٽ کان پوءِ باهر نڪتي تہ ڪلپاج پڇيس،" نہ وٽي چا؟"

"هوءَ ٽائي هئي!"

" ٽائي آ تہ چا ٿيو آهي تہ وئيشيا!" ڪلپاج طنز ڪندي چيس.

ياچاءِ هڪدم موت ڏنس، "مائينڊ يوئر لينگويج، هوءَ سيڪس ورڪر آهي ۽ منهنجي هم وطن آهي!"

"چا توکي ان تي فخر آهي؟" سريش پڇيس.

"مون کي فخر ته ڪونهي، پر مان ڪائنس نفرت به نه ٿي ڪيان. هوءَ جسم وڪڻي ٿي، پِني ته نه ٿي!" انهيءَ جواب تي، ٻئي لاجواب ٿي ويا. پوءِ ڪنهن کي جرئت نه ٿي، جو ڪائنس پُڇ پُڇ ڪري. آخرڪار انهيءَ پُل تي پهتاسين، جيڪا انهيءَ جنسي دنيا جي آخري حد هئي.

"هاڻي ڪيڏانهن هلجي؟" ڪلپاج ، سيني کي ڏسندي راءِ گهري.

تنهي چوڪرين هڪ آواز ٿي وراڻيو "اپني فرينڊ جي گهرا"

ڪلپاج هڪ ڊڇ واٽهڙوءَ کان اپني فرينڊ جي گهر جي ائڊريس پڇي ۽ پوءِ ٻڌايل ائڊريس مطابق جڏهن اپني فرينڊ جي گهر پهتاسين ته اتي نمائش لڳل هئي. جنهن ۾ فاشزم جي خلاف تصويرون، پوسٽر ۽ پمفليٽ رکيل هيا. جن ۾ ڄاڻايل هيو ته: 'هي اهو ئي گهر آهي، جنهن ۾ اپني فرينڊ 1942 کان 1944 تائين، پنهنجي ڪٽنب سان گڏ، جرمني جي ظالم نازي فوج کان لڪي گذاريو. ان دؤران، هوءَ روزانو پنهنجن احساسن کي ڊائري تي اتاريندي هئي. هن ئي گهر مان 2 آگسٽ 1944 ۾ نازي فوجين کيس ڪٽنب سوڌو گرفتار ڪري آسٽريا جي هيانءَ ڏاريندڙ ' آسچوز ڪيمپ' ۾ اماڻيو جتي 1 مارچ 1945 ۾ هن پنهنجا پراڻ ڏنا. ان وقت سندس عمر سورنهن سال هئي. اپني فرينڊ جي خواهش هئي ته هوءَ مرڻ کان پوءِ به زنده رهي. اها سندس معصوم جذبي جي فتح آهي، جو اڄ هوءَ دنيا جي هر درد وند ماڻهوءَ جي دل ۾ آهي.'

اپني فرينڊ جو گهر جيڪو به سال مسلسل سندس لاءِ بنديخاني مثل هيو. انهيءَ گهر جي هلڪي نيري رنگ واري فرش تي ماڻهو وڏي احترام سان هلي رهيا هيا. اپني فرينڊ جي ڊائري ۾ 12 فيبروري 1944 تي لکيل ورق جيڪو نمائش ۾ رکيل هيو، هرڪو اهو پڙهي، پوءِ اڳتي پئي وڌيو :

" سج چمڪي رهيو آهي. وڻندڙ هير گهلي ٿي.

آسمان گهرو ۽ نيرو نظر اچي ٿو. مان هر شئي لاءِ

سکان ٿي، ڳالهائڻ لاءِ آزادي لاءِ، دوستن لاءِ .
منهنجي دل چوي ٿي ته رڙيون ڪيان. ائين محسوس
ٿي ڪيان ته ڇاڻ ڦاٽي پوندس. سمجهان ٿي ته رڙين
ڪرڻ سان سڪون ملندو پر نه ٿي ڪري سگهان.
آندڻ مانڊ ڪري هڪ ڪمري کان ٻي ڪمري ڏانهن
هلندي رهان ٿي. هڪ بند دريءَ جي وٽيءَ مان ايندڙ
هوا ۾ ساهه کڻان ٿي. پنهنجي ڏڪندڙ دل کي
محسوس ڪيان ٿي، جيڪا چوندي هجي ته تون
منهنجون حسرتون پوريون نه ٿي ڪري سگهين. مون
کي لڳي ٿو ته منهنجي اندر ۾ بهار اچي ويو آهي. پر
ڇا ڪيان...؟ هن جمود واري زندگيءَ مان اڄي وئي
آهيان. سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ڇا لکان؟ ڇا پڙهان ؟
ڇاڪيان ..؟ .بس رڳو اهو ڄاڻان ٿي ته مان ڪنهن
محرمِ راز جي تلاش ۾ آهيان."

اينيِ فرينڪ جي گهر ۾ لڳل نمائش ڏسندي ادريانه، ياچاءِ ۽ نگستي ته
پاڻ وڃائي ويٺيون هيون. جڏهن ارنگا کين ياد ڏياريو ته وان گاگ جي گئلري
۾ گهمڻي آهي ته ادريانه چيو" اوهان ٿي اڇو. اسان اتي هوندیون سين! "

ياچاءِ ۽ چيو "اسان انهن اذيت ناڪ گهڙين کي محسوس ڪرڻ
چاهيون ٿيون، جن جي دؤران هڪ معصوم ڇوڪري تڙپندي رهي هئي."

" واپس ۽ هلڻو آهي، يا اتي رات گذارڻي آهي ؟" ارنگا کين ٽوڪيو.

نگستي جيڪا ڪلاڪ اڳ کنهن بلبل جيان 'ٽڻن! ٽڻن!' ٻڌي
ڪئي، تنهن ۽ ڏڏو شوڪارو پريندي چيو" عورت جو درد عورت ئي
محسوس ڪري سگهي ٿي، اوهان ڇا ڄاڻو!" پر پوءِ ارنگا جي مسلسل پندي
ٻارڻ تي اڻي ٻيون.

ارنگا کي وان گاگ گئلري ۾ پهچڻ لاءِ ۽ ٽيڪسيون ڪرائڻيون پيون.
گئلري ۾ وان گاگ جون سوين پينٽنگس ۽ ڊرائنگس سجايل هيون. وقت
جي ڪمي ڪري وان گاگ جي فن کي چگيءَ ريت ڏسڻ ناممڪن هيو پر

مون کي اطمينان هيو تہ وان گاگ جون مشهور پينٽنگس 'دي پٽاتوايٽرس'، 'سيلف پورٽريٽ'، ' ايز پينٽر'، ۽ ' اسٽل لائيف وٽ سن فلاور ' ڏسيون ٿو وڃان. سنگت ساڻ لاءِ گفٽ شاپ تان ڪجهہ سوينئر ہ ورتم.

وان گاگ جي گئلري مان نڪرندي ڪلپاڄ ٻڌايو تہ "ٽريول گائيڊ ۾ ڄاڻايل آهي تہ هن گئلري جي ويجهو ہ مشهور ميوزم پڻ آهن. هڪڙو آهي، ريڪس ۽ ٻيو آهي، ' اسٽيڊليل ميوزم' چئو تہ هلون ؟"

ياڃاءِ ٻڌو تہ چڙي پئي، "خبردار جو هاڻي ميوزمس جو نالو ورتواٿوَ شرافت سان ٽئڪسيون ڪري ريلوي اسٽيشن تي هلو مان ٽڪجي پئي آهيان!"

"هلجي تہ سهي، پر ٽيڪسيون مهانگيون پونديون، وڌيڪ ڪنٽريبيوشن ڏيڻو پوندئو!" ارنگا ٻڌايو.

اسان مان گهڻن جي مرضي هئي تہ ٽيڪسين تي هلجي، پر ڪلپاڄ ۽ سريش ڪيسن کي ڳنڍي ڏئي بيهي رهيا. پوءِ ٽيو ائين جيئن انهن چاهيو. پنڌ دؤران، بک سيني جا پاسا ورتا هيا. ٽرام تي چڙهڻ کان اڳ سيني کائڻ پيئڻ جو ارادو ڏيکاريو. هلندي هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور نظر آيو تہ ان ۾ گهڙي پياسين. هر ڪنهن پنهنجي پسند مطابق کائڻ لاءِ شيون ورتيون. کائيندي پيئندي، اڳتي وڌياسين تہ وات تي هڪ وائن اسٽور نظر آيو. نگستي دير ئي نہ ڪئي، هڪدم ان ۾ گهڙي وئي، نڪتي تہ ڪيس نيڊرلينڊس جي ڪلاسيڪل 'ڪينل ون ووڊڪا' هٿ ۾ هئي. ڊڪٽو ڪولي تڪڙا تڪڙا ڊڪ هڻندي پئي آئي.

" نہ مڙئين ۽!" ظاهر ٽوڪيس.

"پيئندين؟"

" نہ!" ظاهر وراڻيس.

" تون ؟" مون کان پڇيائين.

جيئن تہ مون رڳو نمڪين شيون کاڌيون هيون ۽ پنهنجي صفراوي مزاج جي خبر هئي، ان ڪري نهڪر ڪيم. تہ متان الٽيون نہ ڪيان.

ڪجهہ پل نہ گذريا تہ نگستي جي مٿان ووڊڪا چڙهي وئي، هن دبرڻ شروع ڪيو"مون کي خبر هجي ها تہ اوهان ايڏا بدذوق آهيو تہ مان هرگز نہ اچان ها! "

" بدذوق تہ تون آهين، مس اٿوپيا ! جو توتي رومانوي ماحول جو اثر ئي نہ ٿو ٿئي، هو ڏس! ڪلپاج ۽ ادريانہ ڪيئن نہ هڪ ٻئي سان ٻٽ لڳا ٿا هلن." مون ڏندڻ خاطر سندس توجهہ ادريانہ ۽ ڪلپاج ڏانهن چڪايو.

نگستي چڙي پئي، "مهرباني ڪري، مون کي مس اٿوپيا نہ سڏ، آمريڪي ايجنٽ! "

مون کي ٻہ ڪندڪ لڳي تہ چيومانس،" نيڪ آهي، ايٽيريائي فاشسٽ! "

منهنجو چوڻ ۽ نگستي جو ٻُلٽ ڦرڻ، "سامراجي ڪتا! تو مون کي فاشسٽ سڏيو...؟ اسان تہ اطالوي فاشسٽن ۽ برطانوي سامراج سان جنگ جوٽي سين. هاڻ آمريڪي ۽ روسي دلالن سان وڙهي رهيا آهيون. اسان جهڙي قوم سڄي دنيا ۾ ناهي، مان توکي نہ چڏيندس!"

ائين چئي، جيئن ئي مون تي اُلر ڪيائين تہ ظاهر ۽ ارنگا پڄي اچي ٻانهن کان جهليس. ڪلپاج، ادريانہ، سريش ۽ ياچاءِ پڙ وچان ويجها ئي نہ آيا. ارنگا ۽ ظاهر جيئن سمجهائنس، تيئن ڪاڪڙ پئي ڪيائين.

اهڙي صورتحال ڏسي سڀ پريشان ٿي ويا تہ هن کي ڪيئن مائو ڪجي؟ نگستيءَ کي اوچتو اُجڪو آيو ۽ هوءَ اُلٽيون ڪندي فوٽ پاٽ تي ويهي رهي. جڏهن بس ڪيائين تہ ظاهر رومال ڪڍي سندس منهن اڳهيو ۽ ارنگا سندس هٿ ۾ جهليل اڌيڪي بوتل کسي ڏسٽ بن ۾ اڇلي آيو. پوءِ ٻنهي ڇٽن هٿن کان وٺي اٽاريس. هوءَ صفا ٿَن لڳي پئي هئي. انهيءَ دؤران دل ئي دل۾ ۾ پاڻ نندينڊو رهيس تہ اهڙي وات واڪاريءَ جي منهن چو لڳس؟ جڏهن تہ ابراهام بہ گهٽو سمجهايو هيو.

نگستي ٽيڙ ڪائيندي پئي هلي. ظاهر ۽ ارنگا کيس ٻانهن کان وٺيون پئي هليا. وڌندي وڌندي نيٽ خاموش ٿي وئي. جڏهن هڪ ٽرام تي چڙهي، سينٽرل اسٽيشن تي پهتاسين تہ هرهڪ جي چهري تي ناگوار تاثرات هيا. جيئن ئي روٽربم ڏانهن ويندڙ ٽرين آئي تہ ان تي چڙهي پياسين. مان هڪ

دريءَ جي ڪنڊ وٽي سيٽ تي ٽي ويٺس. ادريانہ ۽ ڪلپاج اڳين سيٽن تي ويهي رهيا. جڏهن ته ياچاءِ ۽ سريش وڃي پٺين سيٽن تي ويٺا. ارنگا ۽ ظاهر نگستي کي ٻانهن کان جهليون بيٺا هيا. هوءَ ويهڻ کان نابري واريون بيٺي هئي. الائي ڪهڙي خيال کان، اوچتو هن پنهنجيون ٻانهون ڇڏائي، منهنجي پر ۾ ويهي رهي. توٽي جو ظاهر ٻي جڳهہ تي ويهڻ لاءِ زور پريس ته ضد ڪندي چيائين.

"نہ..... مان هتي ويهندس!"

ظاهر مون کي اک هٽندي چيو "سنيالجانس!"

مان موقعي جي نزاڪت کي سمجهندي ڪٽي مات ڪئي. ٿوري دير کان پوءِ نگستي جي اکين جا چپر ڳرا ٿيندا ويا، سندس ڪنڌ آهستي آهستي ڊرڪندو اچي، منهنجي ڪلهي تي لڳو. هيڪر دل ۾ آيو ته ڪلهو ڪڍي وڃانس، پر خبر ناهي ته چو مناسب نہ سمجهيم....

3 فيبروري، آچر

منجهند جا 12 ٽي رهيا هيا. منهنجي ننڊ پوري ٽي چڪي هئي. پوءِ به اٺ تي دل ئي نہ پئي ڪيو. ڪالهہ وارو واقعو ذهن ۾ بار بار ڦرڻ لڳو، دل ئي دل ۾ پاڻ تي چوهہ چنبڙ لڳس، "خبر هوندي به ته دمساز وڏو دمباز آهي، ٻي کي اڳتي ڪري مزو وٺندو آهي. دمساز ته رهيو پنهنجي جاءِ تي، پلا پارٽيسپنٽس آفيسر 'ايوا' جي ڳالهين ۾ چو آيس...؟ پوءِ پاڻ کي متيون ڏيندي عهد ڪيم ته اڳتي صرف پنهنجي ڪم سان ڪم رکبو، عشق بشق جي اجاين چڪرن ۾ نہ پئبو.

هڪ وڳي دروازي تي دستڪ ٿي. سمجهيم ته شايد ارنگا خرچ پکي جي حوالي سان حساب ڪتاب ڪري، ڪجهہ ڏيڻ وٺڻ آيو هوندو. دروازو کوليم ته نگستي بيٺي هئي.

هوءَ بنا پڇي اندر هلي آئي ۽ چيائين، "لڳي ٿو بستري ۾ پيو هئين؟"

"ها!" بيزاريءَ مان وراٽيم.

"اج ڪيڏانهن ٻاهر وڃڻ جو پروگرام ته ناهي، نہ؟"

"چو؟" اکيون گرڙيون ڪندي پچيومانس.

"ڪيڏانهن به نه وڃجانءِ مان تنهنجي لاءِ پنهنجي ملڪ جو خاص ڊش 'انجيرا' ناهيان پئي، توکي مون سان گڏ کائڻو پوندو!"

"اها دعوت، ڪهڙي خوشيءَ ۾؟"

"مان ايمسٽلڊم ۾ توکي گاريون جو ڏنيون هيون!"

"چا تون پهريان گاريون ڏئي، پوءِ دعوت ڏيندي آهين؟"

"سچ ته مون کي ڪالهه نشي ۾ خبر نه پئي. مون سپني کان پنهنجي ڪئي جي معافي ورتي آهي، بس هڪ تون رهيل آهين!"

طنزيه انداز ۾ پچيومانس،"ان وقت نه پيئي، هاڻي پئي ٿي...! ڪنهن ٻڌايئي؟"

"صبوح جو ظاهر ڪامن ڪچن ۾ ٻڌايو ته مون توکي گاريون ڏنيون هيون... پچيومانس، ڪهڙيون...؟. ته چيائين، 'پاڻ کان پڇجانس!'... ٻڌاءِ ته مون توکي ڪهڙيون گاريون ڏنيون هيون؟"

"چڏ ان ڳالهه کي! " غصي کي دٻائيندي چيم.

نگستي لڇي ٿي وراڻيو.

"مان پنهنجي رويي تي شرمسار آهيان. پليز مون کي معاف ڪر!" پوءِ التجائي لهجي ۾ چيائين، " ايندڙ وڳي ڪامن ڪچن ۾ انجيرا کائڻ ضرور اچجانءِ، مان در ۾ اکيون پائي انتظار ڪندس!"

نگستي جي وڃڻ کان پوءِ سوچ ۾ پئجي ويس ته چا واقعي مرڪهه نيٽي نگستي منهنجو ائين انتظار ڪندي، جيئن چوي پئي ...؟ ڪشمڪش ۾ اچي ويس ته 'وڃان يا نه... ؟' هڪ دل چوي ته 'پلي بک پرم جي شل نه وڃي شان ...!' پي دل چئي ته 'جتي گاريون کاڌيون اٿي، اتي انجيرا به کائي ڏس...!'

آخر، بي چئي دل جي چوڻ تي لڳي، ٿهي سنپري پي وڳي ڪامن ڪچن ۾ پهتس. ان وقت نگستي انجيرا ٻن پليٽن ۾ پروسي رهي هئي. ائين پئي لڳو ته مانيءَ جا چوٽاڙ ۾ وچ تي بصرن مليل پڳل گوشت رکيل هجي. مان ڪرسيءَ تي ٿهي ٽڪي ويٺس ته هن پليٽ وڌائيندي چيو "پليز!"

مان کائڻ شروع ڪيو ته اوچتو ظاهر ڪامن ڪچن ۾ گهڙيو. مون کي، نگستي سان گڏ ڏسندي چيائين، "بسٽرب ڪرڻ لاءِ معذرت! ڪامن ڪچن ۾ ٽانون جي ٺهڪڻ جا آواز ٻڌم ته سوچيم ڪو نه ڪو ضرور آيو هوندو ان ڪري هليو آيس!"

نگستي، ظاهر آڏو انجيرا سان پريل ٻي ٽالهي آڏو ڪندي چيو"اوهان به 'تيف' جي اٽي ۾ ٻاڪري گوشت جو ٺهيل انجيرا کائي ٻڌايو ته ڪيئن آهي؟"

ظاهر به گرهه ڪٽڻ کان پوءِ انجيرا جي تعريف ڪرڻ لڳو ته نگستي چيو "دلمراد ته وڏو ڪنجوس آهي، جو به لفظ به ساراهه ۾ نه ٿا اُڪلنس!"

مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا جواب ڏيانس...؟ ايتري ۾ ظاهر هڪ اهم انڪشاف ڪيو " ڪلاڪ اڳ ڊاڪا مان فون تي، سائڻن مون کي ڈيءَ جمڻ جو ٻڌايو آهي. ان ڪري اڄ شام جو تي وي لائونج ۾ دوستن جي دعوت ڪئي اٿم. اوهان ضرور شرڪت ڪجو!"

" بالڪل اچبو... !" نگستي وراڻيو.

مون به دل کولي ڪيس مبارڪون ڏنيون، ۽ دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ جي پڪ ڏياري چڏي سچ پچ ته منهنجي لاءِ اها وڏي خوشخبري هئي.

دل ۾ چيم" هاڻ ڊڪليئرڊ شادي شده سان ڪا ڪل ٽڙيل ئي پرت جو پيچ اٽڪائي سگهي ٿي!"

شام جو ڪامن ڪچن ۾ مختلف قسم جا برتن ڪڙڪڻ لڳا. سڄي ڊيناڪ ۾ ڪجڪو لڳو پيو هيو. پهريان ته ظاهر کي سيني طرفان واڌايون ۽ ڈيءَ لاءِ تحفا مليا. دعوت کائڻ کان پوءِ سيني ٽانو ڏوئي ڏپوئي ڪامن ڪچن جي ڪٻٽ ۾ رکيا. آخر ۾ ظاهر پنهنجو باجو کڻي آيو. هن ڳائڻ کان اڳ ٻڌايو ته: "دنيا جي هر معاشري ۾ ٻار جڏهن پهريون وڪون کڻندو آهي، ته ماءُ پيءُ لاءِ اهي پل وڏي خوشيءَ جا هوندا آهن. هن لوڪ گيت ۾ به اهڙي قسم جو اظهار آهي ته: ' لوڪو ! اچو ۽ اسان جي ٻارڙي جو ٽڙي ٽاپڙجي هلڻ

ڏسو..!' منهنجي به اها آس آهي، ته مان هڪ ڏينهن اهڙي قسم جو منظر پنهنجي اکڙ تي پسان! "

پوءِ ظاهر بنگالي ٻوليءَ ۾ گيت ڳائڻ لڳو:

"هٿي هٿي پا ! پا ...!
کوکن هٿي ديکي جائو
آئي ري جو تو لوکي چلي
ڏامل چلي آئي
ديک پري آئي
کوکن چلي
ٽلو ملو پائي
هٿي هٿي پا ! پا...!"

سيئي تاڙيون وڄائيندي "هٿي هٿي پاپا!" کي ورجائيندي سندس ساٿ ڏنو. گيت ختم ٿيڻ کان پوءِ ظاهر جهٽ کن ساهي پٽڻ کان پوءِ چيو "هاڻي مان جيڪو گيت ٻڌائڻ وارو آهيان، ان ۾ هڪ عاشق جو پنهنجي معشوقہ سان محبت جو اظهار آهي، جنهن جو مطلب آهي ته :

دلڙي لڳائي،
پريت سيکاري ٽئي
او سڄڻي!
الائي ڪهڙو جادو ڪيو اٽئي ...!

پوءِ هن ڳائڻ شروع ڪيو:

" ماهيا لگائيسي
پريت شکائيسي
ڪي جادو ڪوريئي، بندهو !
ماهيا لگائيسي ...!'

اهو گيت ٻڌڻ کان پوءِ، گهٽن جا چهرا ازخود گلابي ٽي ويا.....

4 فيبروري، سومر

لنچ تائيم تائين گيسٽ اسپيڪر هانس ڪرون نيڊرلينڊس جي هائوسنگ پاليسي تي ۽ ڊاڪٽر بوئاس، اربن ڊيولپمينٽ پلاننگ تي ليڪچر ڏنا. لنچ تائيم کان پوءِ ڪمپيوٽر سيڪشن ۾ پروفيسر هانس مالتا، 'ڪمپيوٽر ايپليڪيشن فار هيومن سيٽلمينٽ پلاننگ' بابت تفصيل سان سمجهايو.

جيئن ئي ڪلاس ختم ٿيا تہ مون بہ ٻين وانگر پنهنجو ميل باڪس جاچيو. ان ۾ هڪ گلابي رنگ جي پني تي اسڪيچز ٿهيل هيا، جن ۾ پينگوئن پکين کي ايڪسرسائيز ڪندي اطلاع ڏنل هيو تہ: "جن خواتين و حضرات کي سمارٽ ٽيبٽ جو شوق هجي. اهي سياٽي ساڍي پنجين وڳي شام جو جمنازم هال ۾ ڊومينڪن ريپبلڪ جي پارٽيسپنٽ ۽ سرٽيفائيڊ ايئروبڪ ايڪسرسائيز انسٽرڪٽر 'مئڊلين' سان ملن. پر اهو وسارڻ نہ ڪجي تہ ڪين مهيني جي ڏهه گلڊر ايڊوانس في ڏيٽي پوندي."

مان پني تي اچاتري نظر وجهڻ کان پوءِ ڪنڊ تي رکيل ڊسٽ بن ۾ اڇلائي، ويٽنگ مشين طرف وڃي رهيو هيس تہ ڪاريڊور ۾ نگستي ملي وئي. ان کي بہ ساڳيو پنو هٿ ۾ هيو. مون کي ڏسندي چيائين،"مان تہ ايئروبڪ ڪلاس جوائن ڪندس، تنهنجي چا مرضي آهي؟"

"مون اڃا فيصلو ناهي ڪيو!"

نگستي منهنجو جسماني جائزو وٺندي چيو "بي ڊؤلو ٽيندو ٽو وڃين!"

"ها بس، ٿوري پاسن تي چربي چڙهي وئي آهي!" وراڻيم.

"ٿوري نہ گهٽي ...! توکي بہ جوائن ڪرڻ گهرجي!"

نگستي جي اصرار تي، خبر ناهي، چو "ها!" ڪري ويٺس...؟

5 فيبروري، اڱارو

ڪو-آرڊينيٽر 'انيڪا' ڪورس يونٽ 'ڪميونٽي اينڊ لوڪل گورنمنٽ' تي ليڪچر ڏنو. ڪافي بريڪ کان پوءِ 'ڪميونٽي پارٽيسپيشن' جي حوالي سان سيني کان پريزنٽيشن بہ ورتائين. اسسٽنٽ پروفيسر

'انيڪا' ڏسڻ ۾ ته صفا نوخيز چوڪري پئي لڳي. پر 9 وڳي صبوح کان شام جو پنجين وڳي تائين ليڪچر ڏيندي مٿو ڪچو ڪري ڇڏيائين. آخر ۾ ويندي ويندي جينڊر اشوز Gender Issues ، اين جي اوز NGOs ۽ سي بي اوز CBOs وغيره تي ريسرچ جرنلس ۾ چپيل مقالا به مٿي ۾ هڻي وئي. سيني پارٽيسپنٽس سندس ڏنل مواد کڻندي کيس ائين پئي ڏٺو جڙ ميار ڏيندا هجنس ته : "پورل! گهٽ ۾ گهٽ تو مان اها اميد نه هئي!"

شام جو جمنازم هال ۾ ايئروبڪ ڪلاسز انيندڙ ڪرڻ لاءِ پندرنهن پارٽيسپنٽس پهتل هيا. مئدلين جي هٽ ۾ پين، نوٽ بوڪ ۽ پرسان ويٽ مشين پئي هئي. هن سيني تي نظر ڦيرائيندي چيو"جيڪي شادي شده يا عاشق جيئڙا هوندا، سي ته پڇي ويندا. ٻڌايو ڪير ڪير شادي شده آهن ۽ ڪنهن ڪنهن کي ڪيٽريون گرلس يا بواءِ فرينڊس آهن ؟"

سواءِ برازيل جي 'سوسانه'، جنهن بنا ڪنهن شڪ شرم جي ٻڌايس، "مون کي به آهن. هڪ پنهنجي هوم ٽائون 'ريو برانڪو' ۽ ٻيو 'ريو ڊي جنيرئيو' ۾، جتي جاب ڪندي آهيان!"

مئدلين چيس،"ايرو بئڪ ڪرڻ کان پوءِ هتي ٽيون به ڪري سگهين ٿي!"

سوسانه ڪلندي وراٽيس، " ارادو ته اهو آهي!"

" تون ڏاڍي تيز آهين!" انڊونيشيا جي ' نيترا' گهوريندي چيس.

" هڪ بواءِ يا گرل فرينڊ تي آسرو ڪرڻ بيوقوفي آهي!" سوسانه وراٽيس.

مئدلين جي آڏو راسو رام اچي بيٺو ته ان جي ٽوٽريل جسم کي ڏسي چيائين، "لڳي ٿو ته تون پڪ سان شادي شده آهين؟"

" اهو پرسنل معاملو آهي، تون اهو چوٽي پڇين ؟" راسو رام چڙي پيو.

"ان ڪري ٿي پڇان، ته شادي شده مردن ۽ عورتن کي سواءِ بيڊ ايڪسرسائيز جي ٻي ناهي وٽندي."

" هروپرو ائين به ناهي!"

" اهو تہ وقت ٻڌائيندوا" مڙبلين مشڪندي چيس.

" اڇ ۽ اچي، پنهنجو وزن ڪراءِ! "

راسو رام ويٺ مشين تي ٻيٺو تہ سندس وزن هڪ سؤ ڏهہ ڪلوگرام ٿيو.

" لڳي ٿو سڄي عمر ڪائي پي ۽ سمهي گذاري ٿي!" مڙبلين طنز ڪرڻ کان پوءِ به نہ مڙيس.

" مان راند روند کان وڌيڪ پڙهڻ تي توجهہ ڏنو آهي، تڏهن تہ ارازمس يونيورسٽي جي انتظاميہ مون کي اسپيشل پروگرام تحت گهرايو آهي!" راسو رام پنهنجي وڏائي بيان ڪندي چيو.

" تڏهن لڳي ٿو تہ پورن مهينن سان آهين. گوڊ لڪ، ٽيلينٽيڊ بواءِ !" ائين چئي مڙبلين راسو رام جي جان ڇڏي.

" او ماءِ ڪلاس ميٽ، ڪم آن!" مڙبلين، مون کي ڏسندي چيو.

مان ويٺ مشين تي ٽي ٻيٺس تہ وزن پنجاسي ڪلو ٿيو.

" ڪهڙي گيم کيڏندو رهيو آهين؟"

" لانگ ريسر رهيو آهيان!"

" لڳين تہ ريسلر ٿو؟" مڙبلين ٽوڪيندي چيو.

" لانگ ريسنگ ڇڏي، ڪافي سال ٿيا آهن."

" هاٿي ريسنگ ڇڏي زال سان ٽريڊيشنل ريسلنگ ڪندو هوندين؟"

" نہ نہ...! اهڙي ڪا ڳالهہ ڪونهي. دراصل پرائيويٽ جاب ۾ ٽائيم ئي نہ ٿو ملي!" وراٽيم.

" تون آفريقن سيڪسي؟" مڙبلين، نگستي کي اشارو ڪندي ويٺ مشين تي چڙهڻ لاءِ چيو.

نگستي ويٺ مشين تي چڙهي ٻيٺي تہ وزن اٺهٺ ڪلو ٿيس.

" لڳي ٿو پيٽ کان وڌيڪ پاسن تي چربي چڙهي وئي ٿي. نئين نئين شادي ڪئي ٿي چا ؟"

نگستي وراٽيس، " تلاش ۾ آهيان تہ ڪو سوئر ملي!"

"توکي هتي ئي وائلڊ بور (جهنگلي سوئر) ملي ويندو بشرطيڪ تون پنهنجو وزن پنجونجاهہ ڪلو تائين پهچائين."

"منهنجو تارگيٽ تہ پنجاهہ ڪلو جو آهي!"

"پوءِ تہ سڄي روٽر ڊم جا سوئر ڪيڏ هوندئي!" مڙلين ڪلندي چيس.

آخر ۾ سيني جو وزن نوٽ ڪرڻ کان پوءِ مڙلين چيو"ڊيئر فرينڊس! سياٽي کان ايئروبڪ شروع ! ڏسئون تہ ڪير ٿو جتاءِ ڪري ۽ ڪير ٿو پڇي. پڇڻ کان اڳ، مهرباني ڪري مون کي ايڊوانس ۾ ڏئي ڇڏيو!"

پوءِ هر هڪ کيس ڏهہ گلدر ڏئي ڇڏيا.

6 فيبروري، اربع

ڪلاسز اٽينڊ ڪرڻ کان پوءِ شام جو جمنازم هال ۾ گهڙيم. ڏٺم تہ ايئروبڪ ڪرڻ وارن جو تعداد ٻيڻو هيو. ائين پئي لڳو تہ پارٽيسپنٽس کي سمارٽ ٽيڊ جو جنون چڙهي ويو هجي. مڙلين، بيسڪ اسٽيپس واريون ورزشون، بار بار ڪرائيندي، سيني جا پگهر ڪڍي ڇڏيا.

جيئن ئي هاسٽل تي موٽيس تہ اڇڻ سان ئي سمهي پيس. سومهياڻي ڏارا روم جي دروازي تي ٽينڊڙ زوردار 'ڪ ! ڪا!' اڀاري وڌو. دروازو کولي ڏٺم تہ سيرا بيٺي هئي، "ايڏي موتمار ننڊ ...؟ ٽيون دفعو دروازو کڙڪايو اٿم!"

"اڄا تائين تہ جيئرو آهيان. خير تہ آهي ؟" وراڻيم.

"مان اندر اچي سگهان ٿي؟"

"اڇ!"

سيرا ايزي چيئر تي ويهي شوڪارو پريندي چيو "هاڻي تہ مان پنهنجي ديني ياءِ مان ڦاٽي آهيان."

"چو..؟ ڇا ٿيو... ؟"

"چگهائي ڪري، هفتو اڳ گفٽ ونڊي ڏني مانس تہ چوڻ لڳو تہ : 'تون مون کي وڻين ٿي!'، چيومانس،'مهرباني!'... تہ هڪدم شاديءَ لاءِ پرپوز ڪيائين!"

"اسان ۾ ائين ٽيندو آهي تہ پهريان ڏين جي پيڙ ٻڌائبو آهي، پوءِ کيس پروپوز ڪبو آهي!"

"تون ڪريزي آهين، مون کي ٻہ ٻار آهن ۽ پيار ڪندڙ مڙس آهي."

"لڳي ته نه ٿو!" مون سندس چڙڪ بدن کي ڏسندي چيو.

"مان جڏهن چوان ٿي ته توکي يقين ڪرڻ گهرجي!"

"خير آ، الله جي راهه ۾ مڙس ۽ ٻارن کي قربان ڪري ڇڏ!" مون کيس مذاق ۾ لفظن جي مهميز ڏني.

"پليز! تون هن کي سمجهاءِ، جو تنهنجو هر وطن آهي."

"تون هن کي ٻڌائي ڇڏ ته تون ٻارن ٻچن جي ماءُ آهين. ڳالهه پاٿهي ختم ٿي ويندي!" وراڻيم.

"مون کيس ٻڌايو آهي، پنهنجي ٻارن ۽ مڙس جا فوٽو به ڏيکاريا آهن."

"پوءِ؟"

"چوڻ لڳو ته مون توکي آزمايو پئي، ته تون پنهنجي گهر سان سچي آهين، يا نه!"

"مطلب ته هاڻي خير ٿي ويو نه؟"

"خيرناهي، نه!"

"چو... ڇا ٿيو وري؟"

" ان کان پوءِ نه پڇا نه ڳاڇا، هر روز شام جو اچي منهنجي روم مان فروٽ کڻڻ شروع ڪري ڏنائين."

"اها هڪ دين جي ياءُ جي، پنهنجي پيٽ سان حجت آهي، تون سندس خوشنودي خاطر وڌيڪ فروٽ ونندي ڪر!"

"هروپرو منهنجو آفريقي دماغ خراب نه ڪر! مان هڪ سٽي پاڙيسري جي حيثيت سان توکان صلاح ونڊ آئي آهيان ۽ توکي مذاق لڳي آ؟"

هوءَ ائين چئي ڪاوڙ ۾ اٿي وڃڻ لڳي ته مان روڪيندي چيومانس، "ان جو حل اهو آهي ته به ٽي ڏينهن فروٽ کائڻ ڇڏي ڏي ته هن جي هير پڄي پوندي!"

"اهو به ڪري ڏٺو آهي!"

"پوءِ؟"

"هاڻي هاڻي منهنجي پرفيوم ڪٽي ويو آهي. دراصل ان کي جهلي به نه ٿي سگهان، جو هاسٽل ۾ مشهور ڪيو اٿم ته هو منهنجو ديني ياءُ آهي."

"چا ياد ڪندئين، پنهنجي ديني پاءُ کي ...! بس ته پوءِ، آخري حل ٻڌايانءِ ٿو، وڏيڪ ڪٽني پاڻ!"

"جلدي ڪر ٻڌاءِ؟"

"سياڻي اچئي ته قرض گھرجانس!"

"گھٽو؟"

"صرف هڪ سؤ گلبرا"

"چڱو اهو به ڪري ٿي ڏسان!" هوءَ اهو چئي ٻاهر نڪري وئي.

7 فيبروري، خميس

سجو ڏينهن ڪمپيوٽر سيڪشن ۾ 'هانس مالتا'، پريزنٽيشن جي حوالي سان اوور هيڊ پروجيڪٽر، فلاءِ اوور، وائٽ بورڊ، سلائيڊ پروجيڪٽر ۽ ويڊيو وغيره جو استعمال سمجھايو.

ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ جمنازم هال ۾ پھچي، ڏٺم ته اڳي کان وڏيڪ رش هئي. ڪجھ ڏينهن کان ايڪسرسائيز ڪندڙ چوڪرين اهو نوٽ ڪري ورتو هيو ته گھٽا چوڪرا ايئروبڪ لاءِ نه پر چاٽي بازي لاءِ اچن ٿا. خاص ڪري آفريقي، ڪنهن نه ڪنهن چوڪريءَ پٺيان هاسڪار بيھن ٿا. اڄ جيئن ئي مڊلين سيني کي لائين اپ ڪرڻ لاءِ چيو ته انڊونيشيا جي 'نيترا'، نائيجيريا جي 'عثمان افيريو' تي اعتراض اڇاريو ته هو پٺيان بيھي، سندس بٽڪس (Buttocks) تي ڪمينٽس ڪري ٿو...!

عثمان افيريو جو مؤقف هيو ته: پٺيان بيھڻ ۾ ڪھڙو هرج آهي، هو سندس بٽڪس پٺي ته نه ٿو وڃي...!

مڊلين،اهو ٻڌي چوڪرن کي چوڪرن پٺيان ۽ چوڪرين کي چوڪرين پٺيان بيھاري ڇڏيو.

سيئي آفريقي چوڪرن، ان کي پنهنجي بي عزتي سمجھي، جمنازم هال مان بائيڪاٽ ڪري نڪري ويا.

8 فيبروري، جمعو

اڄ سڄو ڏينهن ڪلاس، گيسٽ اسپيڪرس جي حوالي هيو. جن پنهنجن پنهنجن شهرن جي حوالي سان مسئلن ۽ حل بابت آگاهي ڏيندي پنهنجا فوٽو استيٽ ٽيل مقالا به ڏنا. لڳي ٿو ته مقالا پڙهي پڙهي پنهنجي جڙهه نڪري ويندي.

شام جو جمنازم هال ۾ مڊلين هڪ پوئم 'گفٽ'، اندازن چاليهه دفعا ڪورس ۾ چورائيندي، ايئروبڪ ڊانس ڪرائي.

Life is a gift
Exercise is the lift
A healthy body will energise
A full life you will realize
So take the time
To stay fit
And enjoy the gift

ايئروبڪ ڊانس، سيني جو هڏ هڏ چيڪائي ڇڏيو. راسو رام چيلهه تي هٿ ڏيندي مڊلين سان شڪايت ڪئي، "تون اسان کي ڇائڻ لاءِ هروپرو ٽف ايڪسرسائيز ڪرائين ٿي!"

"مون ته چيو هيو جيڪي شادي شده هوندا، اهي ڇڄ جي ڪندا. باقي اهي بچندا، جيڪي واقعي سمارٽ ٽيڻ چاهين ٿا!" پوءِ مڊلين، راسو رام جي شڪايت رد ڪندي اهو واضح ڪيو ته هوءَ اڳلي هفتي ايجا وڌيڪ ٽف ايڪسرسائيز ڪرائيندي.

نگستي، پنهنجو وزن ڏسڻ لاءِ جمنازم هال ۾ رکيل ويٽ مشين تي بيهي، مڊلين کان پڇيو "لڳي ٿو ته منهنجي وزن ۾ ڪا خاطر خواه ڪمي ناهي آئي. ڇا صلاح آهي، ڊائيٽنگ ڪيان؟"

" ڊائيٽنگ جي حق ۾ ناهيان، ڊائيٽنگ ڪرڻ سان ٻيا مسئلا به پيدا ٿين ٿا."

" ته پوءِ ڇا ڪجي؟"

"منهنجي صلاح آهي ته دلمراد ۽ تون روزانو رننگ ب ڪيو. ائين ڪر.. سان، اوهان جو وزن تيزيءَ سان گهٽجندو!"

"اها صلاح بهتر آهي !" چئي، نگستي مون ڏانهن ڏٺو"تنهنجي چا راءِ آ؟"

"ٺيڪ آهي!" مٿين دل سان وراڻيم.

"پر هڏجو! صرف رننگ، پي ڪا هينڪي-پئنڪي (Hanky-panky) نہ...! نہ ته وزن وڌڻ جي ميار مون تي نہ هوندي!" مٿيلين شرارتي انداز ۾ اک ڇيندي، پنهنجو شولڊر بئگ کٽي جمنازم هال مان نڪري وئي.

9 فيبروري، چنچر

موڪل جو ڏينهن هيو خوب ننڊ ڪيم....

راڌا جو ڏهين وڳي، مختلف مقالا ڪيڊي اسٽڊي ٽيبل تي رکي، پڙهڻ جي تياري پئي ڪيم ته دروازي کي لت لڳي ۽ ساڳئي وقت آواز آيو ،" دروازو کول!"

مان آواز هڏي سمجهي ويس ته اها سيرا آهي. دروازو کولي ڏٺم ته سندس هٿ ۾ ٽري ۽ ٽري جي وچ تي هڪ ڪيڪ ۽ پاسي کان چانهه سان پريل ڪوپ رکيل هيو.

" ڪنهن لاءِ؟"

" تو لاءِ!"

"ڪهڙي خوشيءَ ۾؟"

"تو منهنجي جان جو چڏائي! هاڻي عقيان شاه جتي ڏسي ٿو منهن ڀيرائي هليو وڃي ٿو. تنهنجي ذهن ۾ اها ترڪيب ڪيئن آئي؟"

"ان کي چڏ اهو قومي راز آهي. ڀالهه ان کي وٺ ته ترڪيب ڪم آئي يا نہ ؟"

"بالڪل آئي...! پليز مون وٽ هر روز رات جو يارنهين وڳي اچي چانهه پيئندو ڪر نہ...؟ مون کي اڪيلو چانهه پيئڻ ۾ مزو ناهي ايندو. مون هاسٽل جي ڪجهه ٻين دوستن کي ب گذارش ڪئي آهي."

"دراصل مان چاهه جو ايترو شوقين ته ناهيان. تائيم مليو ، ته چڪر ضرور هڻبو!" مان ڪيڪ جي آخري پيس ۾ چاهه جي ڏڪ کي نڙيءَ مان هيٺ لاهيندي چيو.

"ٿينڪس!" چئي سيرا ٽري کڻي ٻاهر نڪري وئي.

10 فيبروري، آچر

شام جو ڇهين وڳي، هڪ آرٽيڪل جو آخري پئراگراف پڙهي استڊي ٽيبل تان اٿڻ جي پئي ڪيم ته دروازي تي ناڪ (Nock) ٿي.

اٿي، جيئن ئي دروازو کوليم ته نگستي اندر هلي آئي.

پڇيائين، "مون توکي ڊسٽرب ته نه ڪيو؟"

"نه، اهڙي ڪا ڳالهه ڪونهي!"

"دراصل اهو چوڻ آئي هيس ته جيڪڏهن روز صبوح سان رائونڊ بلڊنگ ڏانهن هلندي ۾ شام جو موتندي رننگ ڪجي ته بهتر نه ٿيندو؟"

"تون ايڏي رننگ ڪري سگهندينءَ؟" پڇيومانس.

"ڪوشش ڪرڻ ۾ چا آهي؟"

"مون کي ته ڪو اعتراض ڪونهي!"

"رائونڊ بلڊنگ تائين 3000 ميٽرس جو مفاصلو ته ٿي ويندو؟" نگستي اندازو هڻندي پڇيو.

"منهنجي خيال ۾ ته!" وراڻيم.

"صبوح جو سادي انين وڳي نڪرنداسين!"

مون به نهڪر نه ڪئي، جو سمجهيم پئي ته جڏهن رننگ ڪيون ورتس ته پاڻهئين بس ڪري ويندي....

11 فيبروري، سومر

صبوح جو جيئن ئي سيڪنڊ فلور تان لٿم ته نگستي پنهنجي روم جي ٻاهران جوگر شوز پايون انتظار ڪري رهي هئي. ٻئي ڏيناڪ مان نڪري فوٽ پاٿ تي ڏڪڻ لڳاسين.

ڊڪندي چيائين، "مون کي لانگ ريسر وٽندا آهن!"

پچيومانس، "سبب؟"

"اهو پوءِ ٻڌائيندي سانءِ!"

منهنجا قدم هڪدم تيز ٿي ويا.

"تون ڪهڙي قسم جي لانگ ريس ۾ حصو وٺندو هئين؟" پچيائين.

"عمومن پنج هزار ميٽر واري ۾!" ٻڌايومانس.

"مئراٿن (42.195 ڪلوميٽر ڊوڙ وارو مقابلو) ۾ ڪڏهن حصو ورتئي؟"

"نه ...! البته، ڪراس ڪنٽري ريس (شهر کان ٻاهر اٽن کان ٻارنهن ڪلوميٽرن واري ڊوڙ) ۾ حصو وٺندو هيس."

اڃ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ نگستي چيو "مون کي محسوس ٿو ٿئي ته پاسا وٺجي رهيا آهن!"

منهنجي به الله ٻڌي چيومانس، "پوءِ رننگ ختم ڪيون؟"

"هرگز نه ...! تون ٽڪجي پيو آهين چا؟"

"مرد ۽ گهوڙا ڪڏهن به ناهن ٽڪبا!"

"هون!" نگستي معني خيز انداز ۾ مشڪندي ڏٺو.

مون کي يقين هيو ته نگستي وات تي چيلهه کي هٿ ڏئي بيهي رهندي پر هوءَ ڪٿي به نه بيٺي. توڙي جو پگهر لارون ڪري لوندڙين کان وهي رهيو هيس.

شام جو پنجين وڳي ڪلاسز ختم ٿيڻ کان پوءِ جمنازم هال ۾ ايئروبڪ جي سخت ايڪسرسائيز شروع ٿي وئي. مون کي پڪ هئي ته نگستي رننگ ڪرڻ جي بجاءِ ٽرام تي هلڻ کي ترجيح ڏيندي. پر جڏهن ڪئنٽين پرسان رکيل وينڊنگ مشين وٽ پهتاسون ته هن هڪدم پچيو "چا پيئندين؟"

"جيڪو پيارين!"

"مان ته بلڪ ڪافي پيئندس!"

"مان بہ"

نگستي، ۽ گلدر ڪوائن سلاٽ ۾ وجهي، بٽڻ آن ڪري ۽ ڊسپوزل ڪپ ڪڍي، هڪ مون کي ڏنو ۽ ٻيو پاڻ پيئڻ شروع ڪيائين.

پيئڻ کان پوءِ پڇيائين، "رننگ ڪندي واپس ورئون، نه؟"

مان نه چاهيندي ۽ چئي ويٺس، "پلي!"

ڊسٽ بن ۾ ڊسپوزل ڪپ اڇلي، ٻئي جڳا رائونڊ بلڊنگ کان نڪري پڇڙ لڳاسين. اڌ پنڌ کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته نگستي کي گھڻ ئي نه پئي آئي ته پچيومانس، "تون ۽ لانگ ريسر آهين چا؟"

"لانگ ريسر ته ناهيان، پر ڪالينج ۾ سيلف ڊفينس جي ٽريننگ دؤران هيور سيڪ ۾ رائفل کڻي پنج هزارميٽرن تائين پڳي آهيان. پر هاڻي هيءَ پاسن تي چڙهيل چربي بار ٽي پئي آهي."

"نوجي ٽريننگ ۽ لانگ ريس ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي. مان ۽ ڪالينج ۾ نيشنل ڪيڊٽ ڪارپس جي ٽريننگ ڪئي هئي. پر اهڙي ٽريننگ ۾ جبر آهي، جڏهن ته ريس ۾ حصو ونڊ ذاتي شوق ۾ شامل آهي."

"ضروري ناهي ته مان توسان اتفاق ڪيان!" نگستي وراڻيو.

مان رد ان ڪري ۽ نه ڏنومانس، جو پيرن جي آڱرين ۾ هلڪو هلڪو سور محسوس پئي ٿيو. جڏهن روم تي پهتس ته ڪرسيءَ تي ويهي هاف لانگ بوٽ ۽ جورابا لاهي ڏٺم ته ٻنهي پيرن جي آڱوٺن ۾ لڦون پئجي ويون هيون. ان وقت اسپورٽس جي استادن جي اها هدايت ياد آئي ته: "گھوڙو نعل سان ۽ ريسر رننگ شوز سان هوندا، ته منڌا نه ٿيندا!"

اهو ذهن ۾ رکندي، ٽرام تي چڙهي 'لجنبان شاپنگ استريٽ' مان جوگر شوز وٺي آيس.

12 فيبروري، اڱارو

اڄ ڪلاس ۾ لنچ ٽائيم تائين ته اقبال سليم ۽ رابرٽ جي ڏنل آرٽيڪلس تي گروپ ڊسڪشن ٿيا. لنچ ٽائيم کان پوءِ پروفيسر 'مئرين' Actors in Urban Development جي موضوع تي ليڪچر ڏنو سندس ليڪچر ۾ ايترا ته حوالا ٿيا، جو سندس ياداشت تي حيرت پئي ٿي.....!

شام جو معمول مطابق جمنازم هال ۾ ايئروبڪ ڪرڻ کان پوءِ، واپسي ۾ ڊڪ وقت نڪتل لفون ڦسي' چپ ! چپ!' ڪري رهيون هيون. سور تان ڏيان هٽائڻ لاءِ، نگستي کان پڇيم"ڀ ٽي سال اڳ تنهنجو وزن ڪيترو هيو؟"

" ٽي سال اڳ منهنجو وزن 52 ڪلوگرام هيو ۽ تنهنجو؟"

" ست سال اڳ منهنجو وزن 62 ڪلوگرام هيو. "

" ايتري وڌڻ جو سبب؟"

" وڏو سبب رننگ ۽ ايڪسرسائيز ڇڏڻ!"

" مطلب تہ تون هاڻ، پاڻ سان اضافي وزن ڪنيون پيو هلين؟"

" تون ڀ تہ...!"

" جي تنهنجو ساڻ رهيو تہ مان انهيءَ اضافي وزن کان ضرور جان ڇڏائيندس!'' نگستي مشڪندي وراڻيو.

ڊوڙندي سوچيم پئي تہ ساڻ جو مطلب الائي رننگ تائين محدود هوندو يا اڳتي ڀ ڪو آسرو ڪري سگهجي ٿو...؟

13 فيبروري، اربع

لنچ ٽائيم تائين ڪلاس ۾"هائوسنگ پاليسي" متعلق رابرٽ ۽ اقبال سليم ليڪچر ڏنا. ان کان پوءِ ايشيا، لاطيني آمريڪا، يورپ، آسٽريليا ۽ آفريقا جي ڪجهہ ملڪن جي هائوسنگ پاليسين متعلق مواد ڏيندي رابرٽ اسائنمينٽ ڏيندي چيو"سياڻي هر پارٽيسپنٽ پنهنجي ملڪي پس منظر تحت هڪ قابل عمل هائوسنگ پاليسي جوڙي اڇي ۽ پريزنٽيشن ڏي!"

سيني پارٽيسپنٽس اعتراض واريو تہ هڪڙي رات ۾ ايڏو مواد پڙهڻ ۽ هائوسنگ پاليسي جوڙڻ ناممڪن آهي تہ رابرٽ وراڻيو" اوهان کي لنچ ٽائيم کان پوءِ موڪل ڏيون ٿا تہ جيئن استبدي ڪيبنس ۾ ويهي مطالعو ڪيو ۽ رات جو وري پريزنٽيشن جي تياري ڪيو!"

ٻنهي جي ويڙ ڪان پوءِ پارٽيسپنٽس جو اهو گڏيل مؤقف هيو ته رابرٽ ۽ اقبال سليم کين مڪمل چريو ڪري چڏيندا ...!

مئبلين ۽ اهڙي صورتحال ڏسي، نوٽيس بورڊ تي ايئرويڪ ايڪسرسائيز نه ڪرائڻ جو اطلاع چنبڙائي چڏيو. لڳي ٿو ته 'هائوسنگ پاليسي' واري اسائنمينٽ، مئبلين کي ۽ ناني ياد ڏياري چڏي آهي ...!

14 فيبروري، خميس

هائوسنگ پاليسي جي حوالي سان هر ڪنهن پريزنٽيشن ڏني. ڪلاس ۾ منهنجي ۽ گلوريا جي پريزنٽيشن ٻين کان ڏکجهه سرس هئي، جو اسان ٻنهي جڻن ڏاڍ گرامس ۽ چارٽن کي خوب ڪتب آندو هيو.

ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ جمنازم هال ۾ايئرويڪ ڪندڙ گڏ ٿيا. مئبلين اهو چئي، اڄ سخت ايڪسرسائيز ڪرائي ته : "سياڻي سوشل ايوننگ جو ايونٽ ٿيڻو آهي، ان ڪري سياڻي واري ڪسر اڄ ڪڍبي!"

ايڪسرسائيز ڪرائڻ دوران سندس "ڪم آن، ڪم آن!" ۽ "وائو وائو!" لڳي پئي هئي. ڪلاڪ جي ايئرويڪ ايڪسرسائيز چا، جڻ سخت پورهيي جي سزا هئي. ڇوڪرين کي شايد پنهنجي سمارٽ ٿيڻ جو جنون چڙهيل هيو ان ڪري نه پئي ڪڇيون. مان وري ان خيال کان چپ رهيس ته نگستي نه ٿي ڪڇي ته مان ڇو پنهنجو پرم ٽوڙيان...!

15 فيبروري، جمعو

صبوح سان ڪورس يونٽ 'اربن مئنيجمئنٽ' جو ڪلاس شروع ٿيو. اڌيڙ عمر ڪو-آرڊينيٽر، پروفيسر 'ڊيوڊ سن' جي سمجهائڻ جو انداز نهايت زبردست هيو. همراه ڏسڻ ۾ ئي ڏاڍو پروقار ۽ سنجيده پئي لڳو. پنهنجو مڪمل تعارف ڪرائيندي ٻڌايائين ته سندس تعلق انگلينڊ سان آهي. هن اربن مئيجمئنٽ تي تفصيل سان ڳالهائڻ کان پوءِ، پنهنجي هڪ ضخيم مقالي Gearing up for effective Urban Management پڙهڻ لاءِ ڏيندي

چيو" هن کي چڱي طرح پڙهي، ايندڙ سومر تي پرپور تنقيد ڪجو ته جيئن مان پنهنجي مقالي جي اصلاح ڪري سگهان!"

سمجهي وياسي ته اها مقالي کي غور سان پڙهڻ جي ترغيب آهي. سندس وڃڻ کان پوءِ سيني اها صلاح ڪئي، ته ايندڙ سومر تي مٿائنس چتي تنقيد ڪبي ته جيئن انگريز جو پٽ وري تنقيد جو نالو نه وٺي....

شام جو 8 وڳي انسٽيٽيوٽ طرفان منعقد ٿيل هي سوشل ايوننگ پنهنجا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪري ڏنا. ائين لڳو پئي ته ڪافي انگ تائين هرڪنهن جڻ پنهنجا جوڙ جيس ڳولهي ورتا هجن. جنهن جو مثال ڪلپاج ۾ ادريانه هيا، جيڪي ڊانس فلور تي، هلندڙ سِلو ميوزڪ تي رقص ڪندي جڻ هڪ ٻئي ۾ گم هيا. مان ڊانس فلور کان پرتي ڪنٽين ۾ بونگ جي پرسان ويٺو هيس. بونگ مسلسل مئڊلين کي گهوري رهيو هيو. جيڪا ڪولمبيا جي البرٽو سان اسپينش ميوزڪ تي وڻ ويڙهي لڳي پئي هئي. بونگ رکي رکي شوڪارا پئي پريا. مون کي ڏسندي چيائين، "اها مئڊلين ۽ منهين بلا ٿئي. اڄ ڪيئن نه نظر انداز ڪيو اٿائين. جڏهن ته پهرين سوشل ايوننگ ۾ زوري وٺي ڊانس ڪئي هيائين. هاٿي ته اڪ جي پڇڙيءَ سان به نه ٿي ڏسي. لاطيني آمريڪين کي محبت جي کهڙي خبر. اسان ايشيائن وٽ محبت لازوال سهنڊ آهي."

هيڪر دل ۾ آيو ته چئي ڏيانس ته: 'واه جو تو محبت جي رکڻي رکي آ. پهريان زال جي محبت ۾ گرفتار هاٿي مئڊلين جي عشق ۾ انڊوا'، پر مناسب نه سمجهيم. جو مينهن ڪيئن چوي ڳئون کي، هل ڙي پڇ ڪاري...!

ٿوري دير کان پوءِ ٽائي ميوزڪ هلڻ شروع ٿي ته ياچاءِ مون کي هٿ کان وٺي ڊانس فلور تي وٺي وئي. ٽائي ڊانس ۾نرت گهٽ هٿن جا پاؤ وڌيڪ هيا، ان ڪري مون کي سنڊي جهمر جيان آسان لڳي. جيئن ٽائي ميوزڪ ختم ۾ آفريقي شروع ٿي ته نگستي، ياچاءِ کي مذاق ۾ چيو "منهنجي رننگ پارٽنر کي يڪو وٺيون بيٺي آهين، قبضو ڪندئينس چا؟"

"وٽ پنهنجو!" ياچاءِ کلندي، مون کي ڏکو ڏئي پاڻ کان پرتي ڪيو.

پوءِ تہ مون کي دل ۾ خوشي ۽ بغل ۾ اتان هجن تہ جيڪو اظهار مان نہ ڪري سگهان ها، تنهن جو اظهار اڄ نگستي ڪري ڇڏيو....

جڏهن روم تي موٽيس تہ اها چوٽي ياد آئي تہ : 'صبر جو ڦل مٺو آهي!' پر ساڳي وقت ذهن ۾ اهو به آيو تہ چڪڻ کان اڳ ڪيئن چئي سگهجي ٿو...؟

16 فيبروري، چنچر

صبوح کان شام تائين پروفيسر ڊيوڊسن جو مقالو پڙهڻ ۾ گذريو.

اٽين وڳي، ڪامن ڪچن ۾ ويس تہ نگستي اڳ ئي اتي بيٺي هئي. پچيومانس، "چا پچائي رهي آهين؟"

وراٽيائين، "شِروا"

"اهو چا هوندو آهي؟" پچيومانس.

"چٽن جي اتي، ٽماٽي، بصرن، ٽوم ۽ بربري مصالحو مليل شوربو هوندو آهي. کائيندين؟"

"مان ٻاکري گوشت جي ڪڙهائي ناهيان ٿو، پوءِ گڏجي کائينداسين!"

ياڄي ناهيندي، نگستي منهنجي دل وٽان ڳالهه ڪري ڇڏي، "هاڻي مون کي يقين ٿيڻ لڳو آهي تہ تون لانگ ريسر آهين!"

هڪدم پچيومانس، "ڪيئن؟"

"جو، تو اڄ تائين ٽڪجڻ جي دانهن ناهي ڪئي!"

دل ۾ چيم، "اتي اڄ نہ...!" پوءِ پنهنجي من گهري مراد ڪيڻ لاءِ ياد ڏياريومانس، "ڪجهه ڏينهن اڳ تو چيو هيو تہ توکي لانگ ريسر وٽندا آهن. ٻڌائين سگهين ٿي تہ چو؟"

نگستي وراٽيو، "ان ڪري جو انهن ۾ ٽي ايس (S) هوندڙ آهن، يعني Stamina (ساهي)، Speed (تيزي) ۽ Strength (طاقت).

اهو ٻڌي مون ان جملي کي ذو معني ۾ ورتو.

وضاحت لاءِ پچيومانس، "انهن کي جاچڻ جو معيار ڪهڙو آهي؟"

"ڪراس ڪنٽري رننگ ڪرڻ وقتا"

"چا رڳو ڪراس ڪنٽري ڪرڻ ئي معيار هوندو آهي؟"

"گھٹي حد تائين...!" نگستي وراڻيندي پڇيو" پاڻ سپاٽي کان ڪراس ڪنٽري شروع نه ڪيون ؟"

"ان جو مطلب سمجهين ٿي ته شهر کان نڪري ڪنهن به ڳوٺ تائين ڊڪ. سراسري طور ڏهه ڪلوميٽر ته ڪاڏي نه ويا!"

" جي همت هجي ته کو مسئلو ئي ڪونهي!" نگستي وراڻيو.

سوچيم ته جي هاڻي نٽ نٽاءِ ٿو ڪيان ته لانگ ريسر سڏائڻ تي حرف ٿو اچي. اهو سوچي،"ها!" ڪيم ته ڦاٽي کان پوءِ ڦٽڪ ڪهڙو...؟

17 فيبروري، آچر

منجهند ڌارا شهرمان نوَ- ڏهه ڪلو ميٽر ڪن ٻاهر نڪري وياسين. ڪراس ڪنٽري رننگ ڪندي سوچيم پئي ته : 'ڪاش! ڪاليج ڇڏڻ کان پوءِ لانگ ريس نه ڇڏيان ها. پر ڇڏڻ جا ٻه مڪيه ڪارڻ هيا. هڪ ته سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهائي دوران غير نصابي سرگرمين جو نه هجڻ ۽ ٻيو روم ميٽ دمساڻ جنهن جو وڏو ياءِ ، جڏهن ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ڊپارٽمينٽ ۾ آفيسر ٿيو ته هن مفت جو پياري پياري هڏ ويهاري ڇڏيا.

موٽڻ کان پوءِ جنگهن جا ڳرٽ چڙهي پيا هيا .. لڳي ٿو ته هيءَ رن رلائي ماريندي...!

18 فيبروري، سومر

ڪورس يونٽس جا ڪلاسز ته معمول مطابق هليا. پر لنچ کان پوءِ پروفيسر ڊيوڊسن جي ڪلاس ۾ وڏي گرمجوشي هئي. سندس ڏنل مقالي کي هرڪو چگيءَ ريت پڙهي آيو هيو. سيني پارٽيسپنٽس سوالن جي ڏُمر لائي ڏنس، پر هن اهڙي ته تحمل ۽ بردباريءَ سان جواب ڏنا، جو سيني جا وات بند ٿي ويا. مڃڻو پيو ته انگريز جو پٽ صحيح معنيٰ ۾ استاد آهي.

ڪلاسز ختم ٿيڻ کان پوءِ پارٽيسپنٽس پنهنجا ميل باڪس پئي جاچيا ته ان ۾'ڪونما ڪنڊرا چرچ' جو ليف ليٽ پيل هيو. جنهن تي بائيبل، چانهه جو مگو ۽ مختلف ڊشز جا فوٽو ڇاپيل هيا ۽ لکيل هيو، "پيارا دوستو! روز شام جو ساڍي ستين وڳي چرچ ۾ اچو ۽ مقدس انجيل کي هڪ

نئين انداز سان ٻڌي. هينئين سان هنڌايو. اوهان جي خدمت لاءِ فري ميل جو انتظام پڻ ٿيل آهي." ائڊريس ڄاڻايل هئي. 'ونڪن اسٽريٽ برگ وگ'... سوچيم ته چرچ سان منهنجو ڪهڙو واسطو...؟ سو ليفليٽ کي ڏسڻ بن ۾ اڇلي ڇڏيم. جڏهن ته تنزانيه جو بهونيا، اهو ليفليٽ کڻي خوشيءَ ۾ ٽپنگ ڏيندي، سيني کي پٽي ٻڌايو: "خوشخبري.. خوشخبري...! فري ميل، وائو...! پئسن جي بچت..! برگ وگ روڊ تي واقع، ڊيناڪ جي ويجهو..! مزا ٿي ويا..! پئسا بچائي پهريان 'وي سي آر' (V.C. R) ۽ پوءِ ڪار ونڊس!"

سنڊس اهڙي انداز کي ڏسي سپائي کلڻ لڳا.

19 فيبروري، اڱارو

شيڊيول مطابق پروفيسر ڊيوڊسن جو Integrated Plannig (ربط واري رٿابندي) تي ڊگهو ليڪچر هيو. ان کان پوءِ کو به ڪلاس نه هيو. ڪئنٽين ۾ لنچ ڪرڻ کان پوءِ اخبارن پڙهڻ جي ٻاڙ لڳي ته لائبريري جي نيوز سيڪشن ۾ ويهي، نيون پراڻيون اخبارون ۽ نيوز ليٽرس پڙهڻ شروع ڪيم. خبر پئي ته يورپ ۾ مجموعي طور تي خوف ۽ هراس جو ماحول پيدا ٿي چڪو آهي. دهشت ڦهلائيندڙ خبرن گهڙڻ خاطر عجيب و غريب حرڪتون ٿي رهيون آهن. مون هڪ خبر اها به پڙهي ته هن صحافين جيڪي 'ڊيڪرانٽ اوپزنيٽنگ' اخبار سان منسلڪ هيا. تن هڪ چرڪائيندڙ خبر ڏيڻ خاطر رپورٽ ڪيو ته: "باخبر ذريعن مطابق ايمسٽرڊم جي شاهي بازار ۾ دهشت گردن طرفان خطرناڪ قسم جو ڏماڪي خيز مواد رکيو ويو آهي. جنهن ۾ هزارين ماڻهن جي مرڻ يا زخمي ٿيڻ جا امڪان آهن."

ان خبر تي پوليس هڪدم بازار بند ڪرائي سخت تلاشي ورتي. جاچ کان پوءِ ٻئي صحافي ڪوڙي خبر ڏيڻ تي قانوني شڪنجي ۾ اچي ويا.

اخبارن ۽ رسالن کي پڙهندي لڳو پئي ته دنيا ٽين عالمي جنگ ڏانهن وڌي رهي آهي. هڪڙي اخبار جو ايڊيٽوريل هيو ته: "سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ، اسان يورپ وارن سڪ جو ساهه کنيو. پر عراق جو 2 آگسٽ 1990 تي ڪويت مٿان حملو ڪرڻ، ڪميونسٽن جو چيڪوسلواڪيه تي حملي

جي ياد ڏياري چڏي پر ان وقت اسان جواب ڏيڻ ۾ دير ڪئي هئي، پر هاڻي ڪنهن به صورت ۾ نه ڪنداسين!" اهو پڙهي، مون کي حيرت ٿي ته ڪٿي چيڪوسلواڪيه ڪٿي رهيو ڪويت. ڪاٿي ڪچ ، ڪاٿي ڪوهياڙو....!

ايمسٽرڊم جي يهودي ميئر 'ايڊ ون ٿيجن' Ed van Thijn جو بيان به ڏاڍو سخت هيو ته: "فاشسٽ صدام کي هرگز نه چڏڻ گهرجي جو يهودي وري زهريلي گئس جو شڪار ٿيندا !" اهڙي بيان تي حيرت ان ڪري نه ٿي، جو رت دانگيءَ تي به ورندي آهي. پر اتان جي ڪاهي ڏر جي پارٽي اڳواڻن جا بيان چرڪائيندڙ هيا. مثلن، ڊچ ليبر پارٽي جي چئرمئن 'مئرين سنٽ' جو بيان هيو ته: "اسان هميشه مظاهرا ڪرايا، جڏهن آمريڪا، اتر ويٽنام، ڪمبوڊيا ۽ نڪاراگوا ۾ مداخلت ڪئي. اسان ڳلا ڦاڙي نعرا هنياسين ته آمريڪيو گهر وڃو...! پر هاڻي اسان جو نقطه نظر اهو آهي ته : 'آمريڪيو! صدام کي اصل نه چڏجو. ڇو ته وٽس وڏي پيماني تي تباهي ڦهلائيندڙ هٿيار آهن، جنهن سان عالمي امن کي خطرو آهي."

اهڙين خبرن سان گڏوگڏ، اهي به خبرون هيون ته نيدرلينڊس جي صرف هن سياسي پارٽين گرين ليفٽ ۽ سوشلسٽ پارٽي، جن جا پارليامينٽ ۾ صرف ڇهه ميمبر هيا. انهن جنگ جي خلاف ڏهه هزار ماڻهن سان ايمسٽرڊم ۾ جلوس ڪڍيو. جنهن ۾ ماڻهن جارج بش ۽ صدام حسين جي خلاف نعرا هنيا ۽ جنگي هٿيارن جي صنعتن خلاف ڳالهايو. انهن صحيحن وارو هڪ وڏو مراسلو نيدرلينڊس جي وزيراعظم 'رُڊ لُبرس Ruud Lubbers ' کي اماٽيو ته مڊل ايسٽ ۾ جنگ بندي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ونڍي. آمريڪا ۽ برطانيه کي جهلي ته اهي عراق جي عام شهرين مٿان بمباري نه ڪن!"

اخبارون پڙهندي حيرت پئي ٿي ته ڪي صدام کي ڪميونسٽ، ڪي فاشسٽ، ڪي انتها پسند مسلمان طور پيش ڪري رهيون هيون. ڪي ٿورڙا نقاد، ڪالم نگار ۽ ڪارٽونسٽ اهڙا به هيا، جن حق سچ پئي اظهاريو. مثلن: 'فرٽس مُولر Frits Muller' جي ڪارٽون جو عنوان هيو: " Multi National efforts "، ان ڪارٽون ۾ دنيا جي داداگيرن تي چڱي پلي طنز هئي ته آمر صدام کي هٿيار ڏئي مضبوط ڪرڻ ۾ انهن جو ئي هٿ آهي، جيڪي اڄ

سندس کي آهن. ان ۾ 'صدام' جي فوٽوءَ مٿان مختلف قسم جا ليبل لڳل ڏيکاريل هيا. جن تي ميڊ ان اٽلي، جرمني، انگلينڊ، فرانس، آمريڪا، نيڊرلينڊس وغيره لکيل هيو. اها به وضاحت ٿيل هئي ته اٽلي عراق کي ٽينڪون ۽ هوائي جهاز جرمني هٿيارن جا اسپيئر پارٽس، انگلينڊ زير زمين بنڪرس، فرانس ايئر ڪرافٽ، آمريڪا هيليڪاپٽر ۽ نيڊرلينڊس انفرا ريز دوربينيون ۽ ٻيو جنگي سامان وڪيو هيو. وڏي ڳالهه اها هئي ته صدام جي وڏي دشمن اسرائيل به بلئڪ مارڪيٽ ۾ عراق کي اسپيئر پارٽس سپلاءِ ڪيا. مطلب ته عراقي تيل جي وهندڙ گنگا مان سڀني هٿ ڌوتا هيا.

اخبارن ۾ جيڪا خبر ڳڻتي واري هئي، سا نيڊرلينڊس ۾ رهندڙ مسلمانن بابت هئي. جن اها شڪايت پئي ڪئي ته نيڊرلينڊس جا 2 لک 20 هزار مسلمان گارگند جو شڪار ٿي رهيا آهن. خاص ڪري هار جن کي اسڪول ۾ 'صدام حسين! صدام حسين!' چئي چيڙايو ويڃي ٿو. ان ڪري ڪيترن مسلمانن پنهنجن هارن کي اسڪول وڃڻ کان جهلي ڇڏيو هيو. ٻي وڏي شڪايت هئي ته مسلمان جنهن به ڪارخاني يا اداري ۾ ڪم ڪن ٿا، اتي ڪائنڊ طرح طرح جا سوال پڇيا وڃن ٿا. مثلن، اهي، صدام جا مخالف آهن يا حمايتي...؟ مسلمان ۽ عيسائين جي جنگ لڳي ته اهي ڪنهنجو ساٿ ڏيندا...؟ اهڙين شڪايتن تي ڊچ حڪومت طرفان، اها هدايت ٿيل هئي ته جڏهن به ساڻن کو اهڙو رويو رکي ته هڪدم حڪومت کي اطلاع ڪن ته جيئن سندن بروقت داد رسي ٿي سگهي.....

شام جو پوري سادي پنجين وڳي لائبريري مان نڪري جمنازم هال ۾ پهتم. ايئروبڪ ايڪسرسائيز ڪرڻ کان پوءِ راسو رام -حجت ڪندي چيو ته : "اڄ ڊنر تو وٽ ڪبي!"

جيئن ته مون کي به سندس ڏنل مشورن جو قرض چڪائڻو هيو سو چيومانس،"حاضر. تون ٽرام تي چڙهي ڊيناڪ جي ڪامن ڪچن ۾ هلي ويهه. مان انتظام ڪيون ٿو اچان!"

نگستي سان گڏ موٽندي، وات تي هڪ ترڪش ريسٽورينٽ تان ٻه ڪلو شوارما ۽ ڏهه نان پارسل ڪرايم. ان سان گڏ چار بيئر جا ٽن ٻه ورتم. جڏهن هاسٽل ۾ پهتم تہ راسو رام اڳي ئي ڪامن ڪچن ۾ ويٺي انتظار پئي ڪيو. نگستي کي صلاح هنيم تہ چيائين، "مون هيوي فوڊ ڪائڻ بند ڪري ڇڏيو آهي!"

ڪامن ڪچن جي ٽيبل تي شوارما ۽ نان، پليٽن تي ايڏا سڄايم مس تہ راسو رام ٻنهي هٿن سان کپي ويو. مون کي لڳو جڙ ڪالهہ کان وٽي لنگهڻ تي هجي. ست نان ۽ ڏيڍ ڪلو شوارما ڪائڻ کان پوءِ ٽي بيئر جون ٽِن پي ويو. انهيءَ دوران اوڳرايون ڏيندي مئبلين جي ٽف ايڪسرسائيز جون ٻه شڪايتون ڪندو رهيو. ٽوري جهت کان پوءِ ڪامن ڪچن ۾ ظاهر گهڙيو ۽ ڊيفريزر مان مڇي ڪڍي تہ هن پڇيس، "چا ٿو پچائين ؟"

"ماڇ اينڊ پات (مڇي ۽ پت)!"

"ٻڌو آهي تہ بنگالين جي مڇي ۽ چانورن جو ڪو جواب ئي ڪونهي."

"ڪائبو؟" ظاهر صلاح ڪندي پڇيس.

"بالڪل ڪائبو!"

مون اندازو ڪري ورتو تہ راسو رام ڪائڻ جو لُنڈو آهي.

مان ڪيس ڪامن ڪچن ۾ ڇڏي پنهنجي روم تي هليو آيس تہ هاٿي گائنچو ڇاٿي مر ڇاٿي ...!

20 فيبروري، اربع

اڄ ڪو آرڊيننٽر انيڪا شهري رڄابندي جي حوالي سان هڪ اسائنمينٽ ڏيندي چيو تہ: "فرض ڪيو هڪ شهر 'سائو بونگ'، جنهن جي آبادي 50000 ماڻهن تي مشتمل آهي. اتي غربت، بي روزگاري سان گڏ ڪيئي مسئلا درپيش آهن. جيئن تہ اوهان شهر جي سٽي ڪائونسل جا ميمبر آهيو. پر بجيٽ سان گڏ ٽيڪنيڪل ماڻهن جي ڪوٽ جو ٻہ مسئلو درپيش آهي. اوهان جي ذهن ۾ قابل عمل اهي ڪهڙيون تجويزون آهن،

جنهن سان اوهان ان شهر جي سڌاري واڌاري لاءِ ڪو رخ متعين ڪري سگهو. ان اسائنمينٽ لاءِ اوهان کي ڪلاڪ ڏجي ٿو تہ قابلِ عمل تجويزون تيار ڪيو۽ پوءِ ڪلاس ۾ اچي پندرنهن منٽن جي پريزنٽيشن ڏيو. "

اسان ڪلاس روم مان اٿي ڪري فرسٽ فلور تي استبدي ڪيبنس ۾ وڃي ويٺاسين. ڪلاڪ کان پوءِ جڏهن موٽياسين تہ هر هڪ پنهنجي انداز ۾ پريزنٽيشن ڏني. پر گلوريا ۽ منهنجي پريزنٽيشن ۾ اتفاق سان گهڻي حد تائين مماثلت هئي. اسان ٻنهي جو شهر جي ماڻهن کي مسئلن جي آگاهي ڏيڻ سان گڏ، انهن جي حل لاءِ عملي طور ڪوشش ونڍ تي زور هيو. انيڪا اسان ٻنهي جي پريزنٽيشن جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ ريمارڪس ڏنا تہ: "توهان جي خيالن جي هڪجهڙائي مان لڳي ٿو تہ اوهان هڪ ٻئي سان مشاورت ڪئي آهي. جڏهن تہ اها انفرادي اسائنمينٽ هئي."

جڏهن اسان ڪيس ٻڌايوسين تہ ٻنهي الڳ الڳ ڪيبنس ۾ ويهي تياري ڪئي آهي تہ هن مشڪندي بي اعتبار نگاهن سان ڏٺو. جنهن اسان ٻنهي کي خوامخواه جي خِفتَ ڏئي ڇڏي.

شام جو جمنازم هال ۾ مئدلين، 'جمپنگ جئڪ ايڪسرسائيز' ڪرائيندي صفا نچوڙي ڇڏيو.

اڄ راسو رام سميت ۽ ٻيا ڪافي ڇوڪرا جمنازم هال ۾ نظر نہ آيا.

رات جو ساڃهرسمهڙ جي تياري پئي ڪيم تہ سيرا جي روم مان عورتاڻا تهڪ ٻڌڻ ۾ آيا. ڏهني ۽ جسماني ٽڪاوٽ هئڻ جي باوجود بہ دل 'ٽِيون! ٽِيون!' ڪرڻ لڳي تہ ڏسان ڪير آهن ...؟ اٿي ڪري جيئن ئي سيرا جي روم تي پهتم، ڏٺم تہ ٽي ڇوڪريون ويٺيون هيون. سيني کي "هاءِ!" چئي، سندن پرسان ٽي ويٺس. سيرا وچ تي هڪ ٽري مٿان چئن ڪوپن ۾ چانهہ پيٽي رهي هئي. هن ٽي ڪوپ ڇوڪرين ڏانهن ۽ ڇوٽون مون ڏانهن وڌايو.

پڇيومانس، "تون نہ پيئندينءَ چا؟"

"مان پنهنجي ناهي ٽي ونان. تون بسم الله ڪر!"

سيرا. اليڪٽرڪ ڪنڊي ۾ پاڻي ۽ چانهه پتي وجهي. آن ڪرڻ کان پوءِ هن سيني جو هڪ ٻئي سان مڪمل تعارف ڪرايو. اتي خبر پئي ته چليدار وارن واري روزمئري جو تعلق زيمبيا جي شهر 'لوساڪا' سان آهي. جتي هوءَ هائوسنگ جي شعبي ۾ ليگل ايڊوائزر آهي. جڏهن ته ورونا جو تعلق بوٽسوانه جي قبيلي 'بش مين' سان آهي. هوءَ 'ٽائون ڪائونسل لوبائس' ۾ ايڊمنسٽريٽر آهي. ادنا ته ڪلاس ميٽ هئي. جنهن جي پوري خبر هئي ته هوءَ ڪمپالا ۾ 'منسٽري آف هائوسنگ اينڊ اربن ڊيولپمينٽ' ۾ ريسرچ آفيسر آهي.

چانهه پيئڻ کان پوءِ ڪچهري شروع ٿي. ته سيني سخت پڙهائي جي حوالي سان پٽڻو پٽڻ شروع ڪري ڏنو ته ڪو-آرڊينيٽرس پڙهائي پڙهائي سندن نور وجائي ڇڏيو آهي. ائين انسٽيٽيوٽ جي سخت شيڊيول واري پڙهائي جي پٽڪي کان پوءِ جڏهن پنهنجي روم تي موٽيس ته ڏهني طور تي پاڻ کي هلڪو ڦلڪو محسوس ڪيم.

شايد. ته گلا خوري ۾ هڪ قسم جي ٽراپي آهي...!؟

21 فيبروري، خميس

7 وڳي شام جو پارٽيسپنٽس آفيسر ايوا، ڊيناڪ هاسٽل ۾ رهندڙن کان مسئلا پڇڻ آئي هئي. هن شروعات پهريان سيڪنڊ فلور تي رهندڙن کان ڪئي. هرڪنهن رهائش جي حوالي سان پنهنجا ننڍا وڏا مسئلا ٻڌايس. هوءَ نوٽ ڪندي. جڏهن بيسمينٽ ۾ رهندڙ 'ڪيمرون' جي 'فوگوا' جي روم تي پهتي ۽ پڇياڻينس ته هن ڪجهه اهڙي انداز ۾ چيس. ته: "ٻيو ڪو مسئلو ڪونهي. سواءِ انهيءَ جي ته هن وقت تائين ڪنهن گوريءَ گاهه ناهي وڏو تون ئي ڪٽي ڪا مهرباني ڪر...!" جيئن ئي حجت ڪندي هٽ وڌائينس ته ايوا زوردار ڏڪو ڏيندي چيس. " ڳٽتي نه ڪر ! سياڻي. تنهنجو اهو مسئلو انتظاميه کان حل ڪرائي ڇڏبو!"

اها ڳالهه بيسمينٽ ۾ فوگوا جي پر واري روم ۾ رهندڙ انڊونيشيا جي اگنگ، تي وي لائونج ۾ هر ايندڙ ويندڙ کي بنا پڇي ٻڌائي ڇڏي. پوءِ اها خبر هاسٽل ۾ هيڻان کان مٿي باهه وانگر پکڙجي وئي.

منهنجي خيال ۾ ته ان واقعي جو سبب بوهينيا هيو. جنهن جو رنگ روپ ۽ هڏ ڪاٺ ڏسجي، ته ائين پائنجي جڙ بانس جي لکڙي کي ڪنهن ڪاري گپ ٽڦي ڇڏي هجي. جيئن چوندا آهن ته 'سونهن سکي پاڻ کائي!' بهونيا سان پهرين ئي ڏينهن تي 'ڪونما ڪنڊرا چرچ' ۾ اهڙو پسڻ ٽيو جو هڪ ڊڇ باٿنسٽ چوڪري 'سڊونئا'، جنهن کي تنزانيه ۾ ڪن خاص جهنگلي ٻوٽن جي حوالي سان ريسرچ ڪرڻي هئي، تنهن ساڻس دوستيءَ جو دم پريو هيو.

ڪالهه شام جو سڊونئا ڪجهه تحفه ۽ گل ڪٽي بهونيا جي روم تي آئي هئي. سندس وڃڻ کان پوءِ هُن تي وي لائونج ۾ هرهڪ کي تحفه ۽ گل ڏيکاري رشڪ ۽ حسد ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هيو. شايد ته ان ڪري فوگوا حد کان وڌيڪ ريسارو تي پاڻ پلي نه سگهيو.

22 فيبروري، جمعو

ڪئنٽين ۾ لنچ ٽائيم تي، فوگوا جو ڪلاس مٽ ،ڪلپاج ڪائي پي اڻي رهيو هيو ته پي ٽيبل تي ويٺل اگنگ رڙ ڪندي پڇيس، "ڪلپاج! فوگوا جو ڇا ٿيو؟" اها ڳالهه ٻڌڻ لاءِ پرسان ويٺلن جا به ڪن کڙا ٿي ويا. ڪلپاج سندس ٽيبل تي اچي، ڪيس سڙهاٽن ۾ ٻڌائي ڪسڪي ويو.

ڪلپاج جي وڃڻ کان پوءِ، اگنگ کان جنهن به پڇيو ته هن به ساڳي قسم جي رازداري سان، هرهڪ کي تير ٻتير ٻڌائي پيٽ هلڪو ڪري ڇڏيو . پوءِ جنهن کي نه هئي، ان کي به اها خبر پئجي وئي، ته : اڄ صبوح جو انسٽيٽيوٽ جي انتظاميه وٽ فوگوا جي پيشي ٿي هئي، ڪيس ڊائريڪٽر جئڪ گراف وڏو ڏهڙات پٽيو. وڏين معافين تلافين کان پوءِ فوگوا جا ٽپڙ سينٽرل اسٽيشن تي ويندي ويندي بچيا آهن....

راڻ جيئن تہ چنچر جي هئي. ان ڪري بي فڪري واري ويل هئي، سوچيم. چو نہ سيرا جي روم تي وڃي ڪچهري ڪجي. ويم تہ ورونا، روزمئري ۽ ادنا اڳيئي پلٽي هنيون ويٺيون هيون. ڪچهري هلندي ادنا سخت پڙهائي واري پٽي کان هٽي ڪري، نئون موضوع چيڙي وڌو "مون کي لڳي ٿو تہ هتي آفريقن سان وڌو ساڙ آهي!"

"ڪيئن؟" روزمئري پڇيس.

"فوگوا جي حوالي سان آفريقن کي انسٽيٽيوٽ ۾ هاسٽل ۾ ايڏو تہ بدنام ڪيو ويو آهي، جو چئي ڪٽي بس ڪيو. جتي وڃ، اتي اهو تذڪرو ٿو هلي!"

"بس ڪر، بس ڪر! اسان جا آفريقي مرد بہ ڪو چڱا مڙس ناهن. ڪا گوري ڏسن ٿا تہ هوش ۾ حواس وڃائي ٿا ويهن. غلط حرڪت، غلط آهي، ان کي جسٽيفاءِ نہ ڪر!" روزمئري تکي ورندي ڏني.

"ان جو سبب؟" مزي وٺڻ خاطر هاسڪاري پڇيم.

"خوش فهمي چئو يا غلط فهمي!"

"مطلب؟" مون روزمئري کي کولڻ پئي چاهيو.

"دراصل جيڪي آفريقي مرد گورن جي ملڪن مان موٽن ٿا، تہ اهي پنهنجي ديس ۾ اچي اهڙي قسم جون ڍاڙون هڻن ٿا تہ گوريون ڪارن تي جنسي حوالي سان چريون هونديون آهن. ٻيا جڏهن اهڙيون ڳالهيون ٻڌي پهچن ٿا، تہ پنهنجا هوش حواس وڃائي ويهن ٿا."

"سچ تہ ائين ناهن." يوگنڊا جي ادنا کيس رد ڏنو.

"گهٽا ائين آهن، معاف ڪجانءِ!"

"تون ڪنهن حد تائين صحيح آهين، پر ان معاملي ۾ ايشيائي سوبر (Sober) آهن." ورونا چيو.

اهو ٻڌي سيرا هڪ وڌو ٽهڪ ڏئي خاموش ٿي وئي، پر روزمئري ڊوڙنگل اچلڻ کان نہ مڙي. "اهي بہ گهٽ گهر جا ناهن. ڏسڻ ۾ مِمڙا ٿا لڳن، باقي آهن، پورن ڏينهن جا جاول!"

"پنج ئي آڱريون برابر ناهن!" ادنا وراڻيس.

"لڳي ٿو دنيا جي مردن جا هٿ نہ لڳا ٿي!" روزمئري کلندي چيس.

"چڱو ان موضوع تي پوءِ ڳالهائبو مون کي ڪو حل ته ٻڌايو؟" ادنا موضوع کي ڦيرائيندي پڇيو.

"چا جو؟"

"هتان جي سيءُ ته منهنجا سَنڈَ سڪائي ڇڏيا آهن. سوچيان ٿي، واپس هلي وڃان! "

"هيٽر فل تي رکي سمهي پئو! "ورونا صلاح ڏنس.

"تو ٿي وي تان اها خبر ناهي ٻڌي ته ڪجهہ ڏينهن اڳ ايمسٽرڈم ۾ ڪنهن ٽيڪنيڪل فالٽ ڪري اوچتو گئس بند ٿي وري کُلي هئي. مختلف هنڌن تي بند ڪمرن ۾ستل، نَوَ ماڻهو ساهہ گهٽجڻ ڪري مري ويا."

"ان جو سؤلو حل آهي ته پهريان هيٽر هلائي ڇڏ، جڏهن روم گرم ٿي وڃي ته هيٽر بند ڪري سمهي پئا" سيرا چيس.

"ائين ڪندي آهيان. پر اڌرات جو سُڪو سيءُ وري هڏن ۾ گهڙي ٿو. مان سيءُ جي ڏاڍي پاڙي آهيان. يوگنڈا ۾ مئي جي مهيني ۾ گرمي جو پد 17 سينٽي گريڈ هوندو آهي، ته به مان رات جو ننڍي پيٽ 'ڍمبي'سان ڪمبل ويڑهي سمهندي هيس."

"هاسٽل ۾ گڏ سمهي سيءُ لاهڻ وارا کوڙ ٽون صرف اعلان ڪرا!" روزمئري کلندي چيس.

"مون کي اهڙيون ڳالهيون پسند ناهن!" ادنا ٽوڪيس.

"مون توکي حل پئي ٻڌايو چڙ نہ!"روزمئري وراڻيس.

مان جڏهن روم تي موٽيس ته سوچيم، جيسين نگستي،جت وانگر سچائي تي چڙهي، تيسين پين کي آزمائڻ ۾ چاهي ...!

23 فيبروري، چنچر

صبوح جا 9 ئي مس ٿيا تہ نگستي اچي دروازو کڙکايو. دروازو کوليم. هٽ ۾ شاپر هيس. ڏسڻ سان چيائين، "جلدي تيار ٿي!"

وراڻيم، "ناشتو ئي ناهي ڪيو!"

" ناشتو ڪنيون ٿي هلان!" شاپر ڏيکاريندي چيائين، " تون جلدي واش روم مان ٿي آءُ!"

دل ۾ چيم، " ابت ڪنڊڙيءَ مان اڙجي ويس!" تکڙ ۾ برش ڪري، هٽ منهن ڏوئي تيار ٿيس.

جڏهن هاسٽل مان ٻاهر نڪتاسين تہ ان وقت صبوح جا 10 ٿي رهيا هيا. يخ هوا بدن ۾ سياڻو ڏئي چڏيو. ٻن ڪلوميٽرن تائين ڏُگ ڀڃڻ کان پوءِ وڃي ڪو مس جسم گرم ٿيو.

روٽرڈم جي اوير ڏکڻ ڪنڊ وارو رستو وٺي ڪندر ڊئڪ Kinderdijk ڳوٺ تائين وياسين، جيڪو اندازن 15 ڪلوميٽر پرتي هيو. موٽندي بس جو سهارو ونڊو پيو. جو پيرين پنڊ موٽڻ جو ٻنهي ۾ ساهس نہ هيو.

شام جو 4 وڳي کان سومهياڻي تائين، ٻہ ڪمبل تاڻيون، بيڊ تي پيو رهيس. چرڻ پرڻ تي دل ئي نہ پئي ڪيو. جڏهن ڪجهہ سامت ۾ آيس تہ سوچيم، منهنجن جذباتي ڳالهين ئي مون کي ان پار پهچايو آهي. اهو تہ وڌڻ کان ٻڌل هيو 'جي ماڻهو نہ ملي تہ ٻوڙو ٻڌي ٻہ صلاح ڪبي آهي.' پر مان تہ بي چئي دل جي چوڻ تي لڳي، پاڻ خوار ڪيو آهي.

چت ۾ لڳل ٽيڊي شهتير کي ڏسندي دل ۾ عجيب خيال آيو تہ چو نہ هن کي حال پائي ڪري صلاح ونان؟....جيتوڻيڪ بي جان ۽ بي حس ڪاٺ آهي، پر دنيا جون ڪيتريون ئي بي جان شيون ماڻهن جو نفسياتي ۽ روحاني سهارو آهن. اها تڪ تور ڪري شهتير کان من ئي من ۾ گڻُ وزير ڪري پچيم، "اهو ٻڌاءِ تہ هن ابت ڪنڊڙيءَ مان ڪيئن جان چڏايان ؟"

ائين لڳو جڻ ٽيڊي شهتير نهہ پهہ جواب ڏنو هجي، "پڃندو ٻہ وڃ رهائيندو ٻہ وڃ...!"

24 فيبروري، آچر

ڪچڙي منجهند جو، ٽي وي لائونج مڪمل خالي هيو. رموٽ ڪٽي ٽي وي تي 'بي. بي. سي' نيوز چينل لڳايم. تبصره نگارن ٻڌايو پئي ته سيپٽمبر 1980 کان وٺي آگسٽ 1988 تائين عراق جي ايران سان بي نتيجي جنگ ۾ صدام حسين جي حڪومت صفا سچي ٽي چڪي آهي. وڌيڪ اهو ته ڪويت مٿان صدام جي قبضي ڪرڻ واري هوڙيائپ ڪيس دنيا ۾ اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي. مختلف تبصرن ٻڌڻ لاءِ چينل بدلائي، آمريڪي ٽي وي 'سي. اين. اين' (CNN) ڏسڻ شروع ڪيم. جنهن تي خبرون جڻ ڪنهن ويڊيو گيم جيان پئي هليون. جنهن ۾ عراقي فوجن کي ڪويت مان پڃندي ڏيکاريو پئي ويو. ان کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ منظر اهي هيا، جن ۾ عراق جي شهرن تي آمريڪي اپاچي هيليڪاپٽرن، ايف 16 ۽ ايف 15 هوائي جهازن بمباري پئي ڪئي. بار بار نيوز ڪاسٽر صدام کي لوئيندي، اتحادي ملڪن جا نالا ڪٽي سندن تدبر ۽ حڪمت عمليءَ کي ساراهيو پئي.

مان عراق جي شهرن جي بربادي‌ءَ جا منظر وڌيڪ نه ڏسي سگهيس. ان ڪري اٿي هاسٽل جي ميل باڪس کي جاچيم ته منهنجي نالي سان ٻه عدد خط پيا هيا، هڪڙو ننڍي پاڻ اختيار جو ۽ ٻيو دمساز جو.

اختيار جي خط ۾ خوش خبر وعافيت کان پوءِ لکيل هيو ته :

"ادا، پائو! خير سان منهنجي مئٽرڪ جو رزلٽ اچي ويو آهي. مان بي گريڊ ۾ پاس ٿيو آهيان. انگريزي جي پيپرن ۾ مارڪون گهٽ ڪنيون، نه ته اي گريڊ پڪو هيو. هاڻي ارادو آهي ته ڪنهن سٺي انگريزي ٽيوشن سينٽر ۾ داخلا وٺان. انشا الله! انٽرميڊيٽ ۾ اي - ون ڪٽي ڏيکاريندو سانوَ بابي جو به زور آهي ته سي-ايس- ايس ڪري روينيو ڪاتي ۾ آفيسر ٿيان. پر مان چاهيان ٿو ته پوليس آفيسر ٿيان. پوليس جو داهو وڏو آهي. وڌيڪ وڌا آهيو جيڪا صلاح ڏيو! "

ان کان پوءِ اها ڳالهه لکيل هئي، جنهن مون کي پريشاني ڏئي ڇڏي :

" ادا پائو ! چاچو رمضان هفتو اڳ لاڙڪاڻي جي محلي قافلہ سراءِ واري جاءِ تي آيو ۽ بابي کي چيائين تہ : منهنجي ڏيءَ هاجران جوان ٿي چڪي آهي. وٽي، مون تان بار لاهيو. بابي کيس جون تائين انتظار لاءِ چيو تہ چڙي چيائين: جوان ڏيءُ گهر ۾ ويهارڻ سان ست گز زمين سڙي ويندي آهي. ڇا مان ڏيءَ ويهاري حرام ڪاوان ؟"

خط جو بقايا حصو، ايڇا وڌيڪ بي آرام ڪندڙ هيو.

" ادا پائو! جيئن تہ چاچي جي ڏيءَ هاجران ڏي وڃ جي حوالي سان توهان جي نالي ٿيل آهي. ان ڪري بابو ۽ امان جو چوڻ آهي تہ اوهان هر حال ۾ موٽي اچي، سندن مانُ مٽانهون ڪيو!"

اهو پڙهي سوچيم پئي تہ ڪاش!هاجران نہ جمي ها. جڏهن هاجران ڄائي هئي تہ ان وقت نائين درجي ۾ هيس. هاجران جي جمڻ تي امان ڏاڍي خوش هئي. دراصل اها ان جي اندر جي خوشي نہ پر پنهنجي ڏيءُ جي انتقام جي هئي. جنهن کي منهنجي سڳي سؤٽ ۽ پيٽيوي محرم سخت پابندين ۾ جڪڙي سندس جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هيو. نيٺ هڪ ڏينهن هن ڪاهو ڪائي انت آندو. ان ڏينهن کان وٽي، امان کي، هاجران جي جوان ٿيڻ جو انتظار هيو.

ڏمساز جو خط کوليم تہ ان ۾ وري مون تي لعن طعن ٿيل هئي، تہ: "جي هاسٽل جي فون خراب آهي، تہ روٽربم شهر جا ٽيليفون بوٿ بند تہ ڪونہ هيا ؟"

خط ۾ مون کي 'ڪنجوس، مکي چوس!' ۽ سڏيو هيائين. ان ڳالهہ تي يونيورسٽي جي زماني ۾ ۽ گسرجي ويا هياسين. جيڪڏهن هو پيگ پاڻي جو انتظام ڪندو هيو تہ ڪڙهائي جو بندوبست مان ڪندو هيس. ڪجهہ ڏينهن نہ ڳالهايوسين. پر هڪ ٻئي کان سَري نہ سگهي. اسڪول کان وٽي، يونيورسٽيءَ تائين گڏ پڙهيا هياسين. نہ صرف اهو پر وڏن جو تعلق ۽ جڙيل هيو. جڏهن سندس والد اسسٽنٽ ڪمشنر روينيو ۽ بابو ڪچي جو آبادگار

هيو. ٻنهي هڪ ٻئي سان خوب نپايو. پوءِ بابو آبادگار مان ڪچي جو زميندار ۽ چاچو علي نواز به ترقي ڪندو سيڪريٽري جي عهدي تان رٽائر ٿيو.

خير، ان ننڍڙي ڳالهه تي، سالن جي سنگت ته نه وڃائبي. پر ڪڏهن ڪڏهن سندس چڙيو چڙيو ڳالهائڻ چيڙائي وجهي ٿو...!

25 فيبروري، سومر

گذريل جمعي تي شام جو ڪلاس مان نڪرڻ کان پوءِ، هر پارٽيسپنٽ کي ميل باڪس ۾ ايمسٽرڊم شهر جي مطالعاتي دؤري بابت اطلاع مليل هيو. ان ڪري هرڪو تياري سان رائونڊ بلڊنگ جي پورچ ۾ صبوح جو پوڻين نائين وڳي پهچي چڪو هيو. بسن سوا ڪلاڪ اندر ايمسٽرڊم پهچايو. جتي پراڻا ۽ نوان سوشل هائوسنگ پراجيڪٽس ڏيکاريا ويا. مون کي پراڻن ڪئنال هائوسز Canal Houses ته حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. 300 سؤ سالن گذرڻ کان پوءِ به ائين مضبوط لڳا بيٺا هيا، جڙ ڪجهه سال اڳ جا نهيل هجن. ڇا ته ڊچ قوم پنهنجين جاين جي خبر گيري ۽ حفاظت ڪري ٿي...!

ڪو-آرڊينيٽرس اهو به ٻڌايو پئي ته : نيڊرلينڊس ۾ مٽيءَ جي نرم هئڻ ڪري ڪيتري عرصي کان وٽي ته ماڻهن جاين ٽاهڻ جي اجازت نه هئي. پر هاڻي جيئن ته آدمشماري وڌندي پئي وڃي ۽ ساڳئي وقت جاين اڏڻ جي ٽيڪنالاجي ۾ به ترقي ٿي آهي. تنهن ڪري جديد پينسل بلڊنگس، رهائشي فليٽ، آفيسون، درسگاهون، هوٽل، شاپنگ سينٽر وغيره چئن ماڻهن کان مٽي هلندا پيا وڃن. تنهن کان پوءِ شهر جو اهو حصو به ڏيکاريائون، جيڪو جديد طرز جي عمارتن تي مشتمل هيو. ڊچ عمارت سازن، نئين طرز جي سوشل هائوسنگ ۾ ڪمال جا تجربا ڪيا هيا. مثلن Betondorp (ڪنڪريٽ جا نهيل سستا گهر)، Dance Houses (نچندڙ گهر) Abstract Houses (تجريدي گهر) وغيره. ڏسي احساس پئي ٿيو ته يورپ ۾ غيرروايتي سوچ به سندن ترقي ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. جڏهن ته اسان لڪير جا فقير آهيون....

26 فيبروري، اڱارو

جڏهن کان 'دي رائل نيڊرلينڊس اسڪيٽنگ ايسوسيئشن' اعلان ڪيو آهي، ته ڪئنالن مٿان پنج سينٽي ميٽر برف جو تهہ جمڻ کان پوءِ اسڪيٽنگ ڪري سگهجي ٿي ته ماڻهن جو مڪو مچي ويو آهي. هونئن به برف تي ترڪڻ، نچڻ ڪڏڻ ۽ برف تي ڊوڙڻ، نيڊرلينڊس جون روايتي راندیون آهن. ٿي وي تان ٻڌو هيم، ته اڇڪلهہ ڪوئي ست سؤ اسڪيٽنگ ڪلبون اسڪيٽنگ جي مقابلن ۾ حصو وٺي رهيون آهن.

اڄ صبوح جو رستي تي لڳل الیکٹرانڪ بورڊ، گرميءَ جو پد مائينس 3 پئي ڏيکاريو. مان ۽ نگستي همیشہ وانگر رننگ ڪندي رائونڊ بلڊنگ طرف ڊوڙي رهيا هياسين. واٽ سان، جيئن ئي ڪئنالن جو سلسلو شروع ٿيو ته ڏٺوسين ٻارڙا، جوان ۽ جوانڙيون جميل پاڻي تي اسڪيٽنگ ۽ گلائيڊنگ ڪري رهيا هيا.

نگستي چيو" اسان بہ برف تي ڊوڙي ڏسون؟"

" ضرور! " وراٽيم.

ٻئي ڇڙا رستو ڇڏي هڪ ڪئنال مٿان جميل برف تي لهي پياسين. ڪجهہ پنڌ هلي، ڊوڙ پاتيسين ته ٻنهي جا پير نڪري ويا. اونڌي منهن هٿن ۽ سيني جي سهاري ترڪندي چگو پلو اڇتي هليا وياسين. ڏڪ سهائي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺوسين ته ڪير ڪلي ته نہ ٿو. پر ڏٺوسين ته اوسي پاسي وارن اڪ ٽيٽ ڪري بہ نہ ڏٺو. شايد انهن لاءِ اها معمولي ڳالهہ هئي....

27 فيبروري، اربع

صبوح جو سوير فرسٽ فلور تان عورتاڻي آواز ۾ "هيلپ! هيلپ!" جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. پوءِ درن جي تاکن جو زور سان کلڻ ۽ قدمن جي 'ڏمر! ڏمر!' شروع ٿي وئي. مان بہ ڪمبل اڇلي تڪڙ ۾ روم مان نڪتس. گوڙ فرسٽ فلور تان ٻڌڻ ۾ پئي آيو. هيٺ لهي ڏٺم ته ڪلپاج جا ٻئي هٽ عقيان شاه جي

ڳچيءَ ۾هيا. گهوگهه لڳي پئي هجيس. "نه ڇڏيندوسانءِ ! تون ادريانه کي ريپ ڪرڻ جي خيال سان آيو هئين!"

ظاهر سندس هٿ ڇڏائيندي سمجهائي رهيو هيس. "ڪلپاج ! بيوقوفي نه ڪر. متان عقيان مري نه پوي!"

ڪلپاج هٿ ڇڏيا ته عقيان شاه تڪڙا ساهه کڻندي ڳ کنگهندي چيو.

"باءِ گاڊ ! مون ته مذاق ڪئي هئي. پر جي ڪنهن کي برو لڳو آهي. ته مان معافي جو طلبگار آهيان !"

پڇڻ تي خبر پئي. ته عقيان شاه. ادريانه جي روم جو دروازو ناڪ ڪندي پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو هيو. جنهن تي ادريانه وٽي دانهون ڪيون.

ارنگا ۾ سوباس وچ ۾ پئي ادريانه کي ٽاريو پئي. ادريانه ته ٽڏي ٽي وئي. پر ڪلپاج 'وڙهسان! وڙهسان!' لايون ٻينو هيو. منهنجي پڇڻ تي ادريانه سچ ڳالهايو ته : "عقيان شاه دروازي وٽ ٻيهي صرف 'آءِ لَو يُو ! 'چيو. وڌيڪ ٻي ڪا به ڪچت ڪو نه !"

مون محسوس ڪيو ته عقيان شاه سان گهٽي ٿي آهي ته ڳالهه کي ٽارڻ لاءِ چيم. "ڪلپاج پائي ! برصغير ۾ هڪ طرفي پيار جو اظهار ٿيندو رهندو آهي. ڳالهه پٽنچائت ۾ ويندي آهي. ڏنڊ ڏوهه يا معافي تلافي کان پوءِ خير ٿي ويندو آهي. هاڻي معافي وٽي ٿو. ته معافي ملڻ گهرجيس!"

منهنجي ڳالهه تي سيئي مشڪڻ لڳا. ادريانه به مشڪندي. "اوڪي!" چيو. پر ڪلپاج چوي ته : "پوليس ۾ ڪمپلينٽ ڪبي!"

نيٽ مان به چڙي. هندي اردو گاڏڙ ڊائلاگ هنيومانس: "ڪلپاج! پڙوسي هئين. ساري زندگي لڙني ڪو پڙي هئي. همين ايڪ دوسري کي سات. لڙني ڪي سوا آتا پي ڪيا هئي...! پرديس مين شانتي سين رهين تو بهتر هئي!"

ڪلپاج اهو ٻڌي چپ ٿي ويو ته جهيڙو به مُڪائجي ويو.

28 فيبروري، خميس

راتہ سيرا جي روم تي وڃڻ جو ارادو نہ هيو پر سيرا دروازو کڙڪائيندي چيو، "ناراض آهين چا، جو اچين ئي نہ ٿو؟"

"ٿوري جهت رکي اچان ٿو!" اندران ئي جواب ڏنومانس.

هٿ منهن ڏوئي، جڏهن سيرا جي روم تي ويس تہ روز مئري، عقيان شاه جو موضوع چيڙيون ويٺي هئي.

"مون نہ چيو هيو تہ ايشيائي بہ گهٽ گهر جا ناهن. مرد کهڙي بہ رنگ ۽ نسل جو هجي، عورت جي حوالي سان بي اعتبار آهي."

"کجهہ خيال کر، اسان سان گڏ بہ هڪ مرد ويٺو آهي، سو بہ ايشيائي!" ورونا ٽوڪيس.

"ٽي سگهي ٿو هي بہ اسان جي لونجهہ تي ويٺو هجي!" روزمئري کلندي وراڻيو. ڳالهہ تہ پنهنجي جاءِ تي صحيح هئي، پر خان شوخائي ڏيکاريندي اٿيم تہ روزمئري هٿ کان وئي چڪي ويهاريو "مائينڈ نہ ڪر منا! مون مذاق ڪئي. تون پلو ماڻهو آهين. قسم سان، جي مون کي تون صرف دل سان، 'آءِ لَو يُو!' چوين تہ مان اتي جو اتي توکي بگ ڪِس Big Kiss ڪرڻ لاءِ تيار آهيان." اهو ٻڌي مان بہ ٺري ويس.

ڪچهري ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن روم تي موٽيس تہ روزمئري جي ٻين سان پيٽ ڪندي سوچيم، تہ روزمئري کجهہ بہ هجي، پر ڳالهہ تہ سڌي ٿي ڪري. جي مرداڻي اک سان ڏسجي تہ روزمئري بہ ڪا ويل ڪونهي...!

1 مارچ، جمعو

ليڪچر هال ۾ لنچ ٽائيم تائين 'ڊاڪٽر بوئاس ويبر' ليڊرليندس جي اربن پلاننگ اينڈ ڊيولپمينٽ تي بهترين پريزنٽيشن ڏني. آخر ۾ پارٽيسپنٽس جي هڪ هڪ سوال جو جواب تفصيلي ۽ مطمئن ڪرڻ واري انداز ۾ ڏنائين.

پڑهائي جي شيڊول مطابق، لنچ ٽائيم کان پوءِ اسان جا ڪلاس نه هلڻا هيا. ان ڪري ڪافي پارٽيسپنٽس هليا ويا. مڊلين به سيني کي ٻڌائي ڇڏيو هيو ته اڄ ايئروبڪ نه ٿيندي، جو سنڈس طبيعت ۾ مزو ناهي. مون کي به ايمرو بئنڪ مان گلڊرس ڪيڏڻا هيا، ان ڪري اوڏانهن نڪري ويس.

راتـ جو جيئن ئي سيرا جي روم ۾ گهڙيم ته سيئي کل ۾ ويڙهيون پيون هيون. "چا مسئلو آهي؟" پڇيومانِ.

سيرا پڇيو" توکي خبر ناهي چا؟"

"نا"

" شملان انسٽيوٽ ۾ ليڊيز جي ٽوليٽ ۾ پيشاب ڪرڻ آيو هيو"

"پوءِ؟"

" روزمئري جي ور چڙهي ويوا"

"روزمئري چا ڪيس؟"

"روزمئري هن کي پٽيان پڪڙي بيني ۽ چوڪرين کي چوڙ لڳي، ڪئنٽين مان چري ڪٽي اچو ته پاڻ جهڙو ڪيونس!"

"پوءِ؟"

"هن جي رڙمٽان رڙپئي پويءِ ڪير به ويجهو نه پئي آيس."

" پوءِ؟"

" پوءِ اڌنا، جان چڏايس، صفا روئڻ جهڙو ٿي ويو هيوا"

" ڪنهن وقت؟"

" لنچ ٽائيم تيا"

روزمئري کي ڏسي چيم."واقعي تون ايتري ڪنور آهين؟"

"جيڪڏهن عورت هڪ جدا جنس آهي ته پوءِ مرد اسان جي اجازت کان سواءِ چوٽا اچن ...؟ ياد رکو ته هڪ ڏينهن جڏهن ڪروڙين عورتون گڏ ٿي پنهنجا حق وٺنديون ته پوءِ مرد به ائين رڙيون ڪندا، جيئن شملان پئي ڪيونا"

"چتي رن آنا" سيرا ٿهڪ ڏيندي چيس.

"ڪنهن جو عيب اگھاڙڻ چڱي ڳالھ ناهي!" ادنا توڪيندي چيس.

"جيسين تو جھڙيون رنون، مردن جو ڏکيندیون، تيسيتائين ذليل ۽ خوار ٿيندیون !" اهو ٻڌي مون اندازو ڪري ورتو تہ روزمئري وات ڏاري آهي. تڏهن تہ چيو ويندو آهي تہ : 'وات ڏاريءَ کان، پڳ ڏاري چڱي... !

روزمئري جي مقابلي ۾ ادنا وري بہ رکٽي رکڻ واري آهي.

2 مارچ ، چنچر

منجهند ڏارا، ڪراس ڪنٽري ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن موٽي رهيا هياسين، محسوس ڪيم تہ نگستي گھٽو لهي وئي آهي. چيومانس،"تون ڏينهون ڏينهن سمارٽ ٿيندي ٿي وڃين!"

" تون بہ ھاڻي ڪنهن حد تائين نائيس گاءِ (Nice Guy) ٿو لڳين!"

"ڪيتري حد تائين؟"

" جڏهن مڪمل نائيس گاءِ ٿيندين، تہ ٻڌائيندي سانءِ!"

" مطلب تہ اجا پوريءَ طرح سان نائيس گاءِ ناهيان ؟"

" تڏهن ٿيندين، جڏهن تو ۾ پنج ايس(S) ايندا."

"مطلب ؟"

" Stamina (ساهي) Speed (تيزي) Strength (قوت) Skill (ڏانءُ) ۽ Spirit (جذبو) "

"اهي پنج ايسS ڪڏهن ايندا؟"

نگستي منهنجي پيٽ ۾ رگھو ھڻندي چيو "جڏهن تون ڪم جو ماڻھو ٿيندين!"

" ڪيئن ڪم جو ماڻھو؟"

"پوءِ ٻڌائيندي سانءِ!"

جڏهن روم تي آيس تہ سوچيم تہ خبر ناهي، اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جڏهن مان نگستيءَ لاءِ ڪم جو ماڻھو ٿيندس ...؟

3 مارچ، آچر

راتہ جو هميشہ وانگر سيرا جي روم تي ويٺا هياسين، سواءِ اڀنا جي.

نگستي، سيرا کان پڇيو، "اڀنا اڃڪلهہ ديرسان ٽي اچي؟"

"کا مصروفيت هوندس!" سيرا وراڻيس.

"نہ ... هيٽ بيسمينٽ واري روم ۾ ڏڪي سان ويڙي هوندي!" روزمئري انڪشاف ڪندي چيو.

"چو؟" وروڻا پڇيس.

"ڪلاس ميٽ اٽس، کا گڏجي اسائنمينٽ تيار ڪندا هوندا!"

"ائين تہ دلمراد بہ ڪلاس ميٽ اٽس!" وروڻا چيس.

"هاڻي تنهنجي مرضي چاهي تہ سيني ڪلاس ميٽس سان منهن ڏي؟"

سيرا سيني آڏو چانهہ جا ڪوپ رکي، پوءِ روزمئري کي چيپيندي چيو "پرائي پچار ڇڏ، چانهہ پيئڻ جي ڪر!"

ائين ڪندي اڀنا اندر اچي وئي ۽ اچڻ سان پڇيائين، "منهنجي چانهہ تہ پئي آهي نہ؟"

"ها، پئي آهي!" سيرا ڇهين ڪوپ ۾ چانهہ پيٽيندي وراڻيس.

"تنهنجي هڪ دانهن ملي آ" روزمئري، اڀنا کي ڏسندي شرارتي انداز ۾ چيو.

"ڪهڙي؟"

"چانهہ پيءُ تہ پوءِ ٻڌايانءِ ٽي!"

"نہ اڳ ۾ ٻڌاءِ...؟نہ تہ مون کان چانهہ نہ هلندي!"

"تہ پوءِ ٻڌ! اڄ جڏهن ڪامن ڪچن ۾ ناشتو پئي تيار ڪيم تہ ان وقت ڪلپاج تنهنجي دانهن ڏني تہ: اڌرات ٽئي ٽي تہ اڀنا جي روم مان ڪيڪرات ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. ان ڪري سندس پڙهائي ڊسترب ٿئي ٽي."

اڀنا ڏڪار وچان، "باسترڊ!" چئي، پوءِ روزمئري کي ميار ڏني، "تو ڪجهہ نہ چيس؟"

"شرمايومانس تہ ڏاڍو! پر پوءِ بہ اڀي ۽ تون پاڻ کي سائلنسر هڻو تہ بهتر آهي."

"مطلب؟" ادنا ششدر ٿيندي پڇيس.

"مطلب اهو تہ اوهان جي ڪيڪراٽن تي ڪوهيو ڊسٽرب تہ نہ ٿو ٿئي، پر ڪلپاج جي ننڍ ڦٽي تي وڃي!"

"پر هن جو روم تہ پرتي آهي؟"

"هن جا ڪن ڪانگو جي اصلي رهڻ جا ٺهيل آهن، اينگهجي اچي تنهنجي در سان لڳن ٿا!" روزمئري جي چوڻ تي سيني کان ٿهڪ نڪري ويا.

"سمجهي ويس!" ادنا سنجيدگيءَ سان وراٽيو.

اهو ٻڌي دل ۾ چيم "مار پيٽسان! چپ چپات ۾ ٻمڙو 'ڊزي' بہ ڪم ڏيکاري ويو...!"

4 مارچ، سومر

لنچ ٽائيم کان پوءِ، لائبريري ۾ سستي اگهہ تي هائوسنگ ٽائون پلاننگ جي مختلف موضوعن تي ڪتابن جي سيل لڳل هئي. ان ڪري لنچ ٽائيم ٽائين پڙهائي هلي. مان لائبريري ڏانهن ويس پئي تہ ڪاريڊور ۾ راسو رام مليو تہ پڇيومانس، "اڇڪلهہ جمنازم هال ۾ نہ ٿو اچين؟"

اهو ٻڌي راسو رام کي جڙ وارو ملي ويو "ايئرو بڪ وقت جو زيان آهي. مان اڇڪلهہ گيان مدرا ڪندو آهيان. هزارن سالن کان وٽي دراوڙ لوڪ مدرا يوگا ڪندا اچن ٿا. اهو سنڌو ڀ گنگاجمني سيويتائن جي ساڏارڻ پرمپرا آهي، جنهن سان نہ صرف شرير، پر مانسڪ روپ بہ صحيح رهي ٿو."

پوءِ گذارش ڪندي چيائين، "پليز! منهنجو هڪڙو ڪم تہ ڪرا!"

"ڪهڙو؟"

"مون کي مئدلين کان ڏهہ گلدبر تہ واپس وٽي ڏي ...! توکي تہ خبر آهي تہ مان پورو مهينو بہ ايئروبڪ نہ ڪئي هئي."

"توکي ڪنهن جهليو هو...؟" چيومانس.

"مئدلين سازش تحت سخت ايڪسرسائز ڪرائي پڃايو. هوءَ نہ پئي چاهي تہ مان سمارٽ ٽيان!" راسو رام، مئدلين کي قصوروار ڄاڻايو.

"اهو مناسب ناهي، ڏهه گلبر ڪي وڏا ته ناهن؟"

"معاف ڪجانءِ! لڳي ٿو ته تون به ان جي عاشقن منجهان آهين!"

راسو رام وراٽيو ته مون کي ٿوري ڀڃان لڳي.

"ان ۾ عاشقي جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

"منهنجو مطلب آهي ته جي توکي پاسو ڏي ته گهٽ نه ڪجانس!"

"مطلب؟"

راسو رام سمجهي ويو ته مان ڪيس وٺُ نه ٿو ڏيان ته هو آخر ۾ پنهنجي اصلي ڳالهه تي آيو "منهنجي ڏهن گلبرن جي واپسي واري گذارش تي ضرور ڏيان ڏرجانءِ ...! ياد ڪر، مون به توکي ڪورس يونٽس ۾ ورڪ شاپ جي چونڊ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي!"

مان "اوڪي! اوڪي!" چئي کائنس جان ڇڏائي. اڄ مون کي راسو رام ٽڪو به نه وڪيو...!

مان ٽڪڙو ڊاڪٽيون چڙهندو لائبريري جي وڏي هال ۾ پهتم. ڏٺم ته پارٽيسپنٽس، ٽيبلن تي سجايل پنهنجي پنهنجي مطلب جا، 'فار سيل وارا' ڪتاب اٽلائي پٽلائي رهيا هيا.

مان صرف به ڪتاب ڪنيا، هڪ Urban Projects Manual ۽ ٻيو، Survey Research in Underdeveloped Countries. منهنجي سامهون گلوريا پورا اٺ ڪتاب ڪٽي سيني سان لاتا.

پچيومانس، "ايڏا ڪتاب پڙهندو ڪير؟"

کلندي وراٽيائين، "تون!"

"مان ٿو ايترا پڙهان!" ائين چئي، چؤڦير نگاهه ڊوڙايم ته نگستي به ٽڪڙ ۾ ڪتاب ڏسندي پئي آئي. ويجهو اچي چيائين، "سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ڪهڙا ڪتاب خريد ڪيان؟"

"راسو رام کي سڏيان؟" پچيومانس.

کلندي وراٽيائين، "پوءِ ان کي پنجن ماٺهن جي ڊنر ڪير ڪرائيندو؟" مون کان ٽهڪ نڪري ويو.

ان مهل سيرا بہ، ہ ڪتاب ڪنيون سرندي آئي تہ نگستي چيس، "ڪلاس ميٽ، ڪتابن جي چونڊ ۾ مدد تہ ڪرائڻ!"

سيرا ہ ڪتاب جوندي ڏيڻ کانپوءِ هڪ ميار بہ ڏنس، "ڪلاس ميٽ! تون منهنجي روم تي رات جو چانهہ پيئڻ لاءِ بہ نہ ٿي اچين. جڏهن تہ توکي ڪيترا دفعا چيو آهي."

"ڪير، ڪير ايندا آهن؟" نگستي پڇيس.

"اڀنا، روزمئري، ورونا ۽ دلمرادا!"

"سياڻي چڪر ضرور هٽبو!"

"مان تنهنجو شدت سان انتظار ڪندس!" سيرا چيس.

ايتري ۾ ابراهام ڪتاب ڏسندي ويجهو اچي، مون کان پڇيو

"ڪلاس ميٽ! ڪيترا ڪتاب خريد ڪيا ٿي؟"

"ٻہ!"

"چگو ڏيکارا!" اهو چئي ڪتاب وٺي ڏسڻ لڳو.

ابرهام کي مون سان گڏ بيٺل ڏسي، نگستي ۽ سيرا کاؤنٽر ڏانهن کسڪي ويون.....

5 مارچ، اڱارو

ڪورس يونٽس ۽ ورڪ شاپ ڪلاسز ۾ ڪو-آرڊينيٽرس مختلف مشقون ڪرائيندا رهيا. هر ٻن پيريڊس کان پوءِ پندرنهن منٽن جو وقفو ڏئي، شهري رڀابندي جي حوالي سان مختلف موضوعن تي مباحثو پئي ڪرايائون. وقفي جي دوران جيئن ئي ڪلاس مان نڪري ويندنگ مشين طرف رڙهندو پئي ويس تہ پٺيان رڙ ٿي، "منهنجي ڏهن گلدرن جو چا ٿيو؟" مون ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ راسو رام هيو.

مون سوچيو هن ڪَ مان جان ڇڏائجي، سو پنهنجي واليٽ مان ڏهن گلدرن جو نوٽ ڪڍي ڏنومانس، "هان، هي تنهنجا ڏهہ گلدر مٺدلين واپس ڪيا اٿئي."

"ٽينڪس! تون بہ وڏي ڇڏيس. ايئرويڪ کان بهتر آ تہ اسان يوگا مدرا جا ڪلاس هلايون!" راسو رام ڏهن گلبرن جو نوٽ وڻندي چيو.

"ها، ڏسنداسين!" بيزاريءَ مان جواب ڏيندي اڳتي وڌي ويس تہ راسو رام پٺيان لڳو آيو" تون اڇڪلهہ سمارٽ ٽيندو ٿو وڃي!"

"ٻڌائڻ لاءِ مهرباني!"

"هاڻ ڏسجانءِ، مڊلين توکي ڦاسائڻ جي ڪندي پر اهي آمريڪي چوريون، برصغير جي نارين وانگر وفادار نہ هونديون اٿئي. اهي ليمي وانگر نچوڙي مردن جو رس ڪيڏي ڇڏيندیون آهن. مان جڏهن 56 انٽرنيشنل ڪورس پئي ڪيو تہ ڪيترن ئي مون کي ڦاسائڻ جي ڪئي. پر مان بہ تامل آهيان، ڪٽي ٿو ڦاسان!" پاڻ پڏائڻ کان پوءِ رازداري وچان ٻڌايائين،"خاص ڪري ملاٽو (Mulatto) تہ خطرناڪ هونديون اٿئي!" مون لاءِ جيئن تہ اهو نئون اصطلاح هيو. پڇيومانس،"ملاٽو ڪير هونديون آهن ؟"

"اهي جيڪي آفريقي ۽ يورپي نسل جو ميل هجن. جن جو رنگ ڪجهہ صاف ۽ وار چلاوان هجن. اهي مسٽريس Mistress هونديون اٿئي ...! مسٽريس سمجهين ٿو نہ ؟"

"جيڪي مردن مٿان چڙهت ڪنديون آهن." مان ايمسترڈم جي 'تيمپل آف وينس' ڏسڻ دوران مليل ڄاڻ تحت وراڇيو.

"بالڪل، اهي!" راسو رام پنهنجو وات منهنجي ڪن جي پرسان آڻيندي چيو"خيال ڪجانءِ متان اها بہ توکي هجو بڻائي ڇڏي گهڻين کي ايڊس بہ هوندي اٿئي.... گفٽ جو چوئي تہ هڪ سينٽ بہ خرچ نہ ڪجانءِ...!''

مون کي لڳو تہ راسو رام گهڻو وڌندو ٿو وڃي تہ ترش لهجي ۾ چيو مانس، "راسو رام، مڊلين نہ صرف منهنجي ڪلاس ميٽ آهي، پر ايئرو بڪ سيڪارٽ جي حوالي سان ٽيچر بہ آهي. ڪجهہ لحاظ ڪر!"

پوءِ بہ نہ مڙيو" تنهنجو تعلق بہ سنڈو سيٽا سان آهي. مشڪي رنگ مان ئي ظاهر آهي تہ پڪ سان دراوڙ هوندين. ان ڪري تو کي منهنجي ايڊوائس تي ڏيان ڏرڻ گهرجي!"

مون کي لڳو تہ هو صفا لاهي پاهي بيٺو آهي، تہ آخر ۾ دڙڪو ڏنو مانس. "جي مئدلين کي اها خبر پئجي وئي تہ تنهنجي لاءِ سٺو نہ ٿيندو!"

"پر ان کي ڪيئن خبر پوندي؟"

"مان ٻڌائيندومانس!"

اهو ٻڌي راسو رامر ڪن ٻوسائي هليو ويو.

راتہ جو پوري 11 وڳي نگستي ، سيرا جي روم تي پهتي. سيني کي "هاءِ!" چئي منهنجي پرسان ٽي ويٺي. چانهہ بسڪوٽ جي دؤر ختم ٿي کان پوءِ سيرا، نگستي جي آجيان ڪندي چيو، "مان اريٽيريا جي مانائتي راڻي جي ٽورائتي آهيان. جنهن روم تي اچي، مون کي مانُ بخشيو آهي!"

"لڳي ٿو تہ آفريقي ماڻهو راڻين ۽ بادشاهن وارن استحصالي لقبن مان جان نہ ڇڏائيندا. خبر ناهي تہ ڪڏهن ماءُ آفريقا ۾ شعور جي باک ڦٽندي؟" روزمئري، طنز ڪندي چيو.

اهو ٻڌي سيرا چڑي پئي، "خدا جي پناه ...! ڪر آن ڪر ...! نگستي جي معني ئي راڻي آهي، ان حوالي سان مون چيوا"

نگستي چڑڻ بجاءِ، تحمل جو مظاهرو ڪندي چيو. "روزمئري، مون کي اريٽيريائي شاعره ريکا صبحتو جو شعر، 'ماءُ آفريقا' ياد ڏياري ڇڏيو."

"ٻڌاءِ! مون ناهي ٻڌوا" ورونا، جستجو ڏيکاريندي چيس.

نجستي شعر ٻڌائڻ لڳي:

انسان ذات جو بڻ بڻياد رکندڙ
تهذيبن جو پينگهو
وڏي عمر واري 'بيئيباب' وڻ جي روح مثل
سندس چراگاهن
۽ مقدس جهنگلن ۾
موت نچي رهيو آهي....
ڇا توهان ان ماءُ جون دانهون ۽ ڪوڪون ٻڌو ٿا

جيڪا سيني کي هيرا ۽ موتي آڇي ٿي ؟
وڏڙن جن کيئي ڪالن کان وٺي،
پنهنجي ڌرتي جا خزانہ سانڍي رکيا
سسڪي سسڪي مرندڙ ڌرتي کي
هاڻي موت ۾ ملن ٿا، ٽينڪون ۽ هٿيار
خبر ناهي تہ ڪڏهن باک ڦٽندي
پالڻهار ماءُ
آفريقا لاءِ؟"

اڌنا شعر ٻڌڻ کان پوءِ نگستيءَ کان سوال ڪيو "ڇا اهو شاعراڻو وڌاءُ نہ آهي تہ آفريقا انسان ذات جو ٻڙ ٻڌياد آهي ؟"

نگستي وراڻيو"اينٽراپالاجسٽس جي تحقيق آهي تہ هومو سيپئن (جديد انسان) جي ارتقا آفريقا ۾ ٿي آهي."

"پر تورات ۾ تہ ڄاڻايل آهي تہ انسان ذات جو ٻڙ ٻڌياد رکندڙ آدم ۽ ان جي پاسري مان پيدا ٿيل حوا آهي. اهي تہ آفريقا ۾ ڪو نہ لڌا هيا ؟" اڌنا حوالو ڏنو.

"بالڪل غلط ! حوا، آدم جي پاسيري مان نہ پر آدم حوا جي ٻچيداني مان نڪتو هيو." روزمئري وچتي ڳالهايو تہ سيرا چينيپس،"سنجيده ڳالهہ کي، هروپرو غير سنجيده نہ ڪر!"

"هلو ٺيڪ آهي! ايسيتائين ڪٽي ميجي بہ تہ انساني ارتقا آفريقا ۾ ٿي آهي. پر ان شعر مطابق آفريقا تهذيبن جو پينگهو ڪيئن ٿي؟ اسان تہ ائين پڙهيو آهي تہ آفريقي جهنگلي ۽ غير مهذب هيا." مون بہ اعتراض واريو.

"اهوئي تہ المیو آهي تہ جن دنيا کي علم ۽ فهم عطا ڪيو اهي جهنگلي ٽيا ۽ جن دنيا ۾ وحشت ۽ درندگي کي عام ڪيو اهي تهذيب يافتہ. هاڻي تہ تاريخ کان وڌيڪ آرڪيالاجي ثبوت ڏي ٿي!" نگستي وراڻيو.

"مثلن؟" پچيومانس.

" قبل مسيح تهذيبن، مصر ، ڪش، اڪسوم ، پنٽ ۽ ڪارٿيج جا آثار ، مصر ، سوڊان، اريٽيريا، اٿوپيا، ليبيا ، صومالیہ ۽ تيونس ۾ جا بجا پکڙيا پيا آهن. دراصل سامراجي قومن پاڻ کي برتر ثابت ڪرڻ لاءِ آفريقا جي ڪوڙي تاريخ لکرائي. شايد توکي خبر نہ هجي تہ يونيسڪو وارا آفريقا جي نئين سري سان تاريخ مرتب ڪري رهيا آهن. ڪوئي بہ سؤ مؤرخ، آثار قديمہ، علم ارضيات، علم انسانيات ۽ سياسي سماجي ماهرن جي گڏيل ٽيم ڪم ڪري رهي آهي."

ٿوري جهٽ کان پوءِ مون سندس آڏو هڪ ٻيو سوال رکيو"سنڌو سيٻيتا جي باري ۾ ڇا خيال آهي ؟"

"اها بہ آفريقي ماڻهن جو تسلسل آهن ! "نگستي وراٽيو.

"ثبوت ؟"

"ڊانسنگ گرل ۽ ڪنگ پريسٽ جا وصف چگّيءَ ريت ڏس...! پي ڳالهہ کي چڏ، پر جي تون پنهنجو ڊي اين اي ٽيسٽ ڪرائيندين تہ توکي خبر پئجي ويندي!"

"نہ نہ" حيرانگيءَ جو اظهار ڪندي وراٽيم.

" تون بہ نج پڄ آفريقن نسل آهين، سو بہ اريٽيريا جو. جيڪو ڳاڙهي سمنڊ ۾ ٻيڙين تي چڙهي عدن، مسقط، ايراني نار کان ٽيندو سنڌ پهچي پنهنجي ماءُ آفريقا کي وساري وينو آهي." نگستي مشڪندي چيو.

وراٽيم "اهو تہ ائين ٽيو جيئن اسان وٽ چيو ويندو آهي تہ انين پيڙهي اُٽ جي ماکوڙو ماسات!" اهو ٻڌي سيئي کلڻ لڳيون.

رات جا ٻارنهن ٽيا تہ محفل برخواست ٿي.

پنهنجي روم تي پهچي ڪافي دير تائين سوچيندو رهيس، تہ: جي واقعي ائين آهي تہ پوءِ ٻارو پڄي ٻاري ۾ ڇو نہ ٿو پئي... ؟

6 مارچ، اربع

ڪو-آرڊينيٽرس رابرٽ ۽ اقبال سليم صبوح سان ئي، هڪ موضوع People Poverty and Shelter تي، پارٽيسپنٽس وچ ۾ ائين مناظرو ڪرايو جيئن خفتي ڪڪڙن کي پڙَ تي لاهي ۽ پاڻي ڪرائيندا آهن. پارٽيسپنٽس هڪ ٻئي سان لفظن جون چنهنبون اٽڪائي ڪڙهون هٽڻ شروع ڪيون. خاص ڪري گلوريا ۽ منهنجي وچ ۾ وڏيون ڦڙڪيون لڳيون. آخر ۾ رابرٽ، گلوريا جي حوالن کي سپورٽ ڪيو جڏهن ته اقبال سليم منهنجن دليلن کي هٿي ڏني. گلوريا ڏسڻ ۾ ته قد جي ننڍڙي آهي، پر ڏاڍي تيز فهم ۽ محنتي آهي. سچي ڳالهه اها آهي ته مون کي جي پؤ آهي ته صرف گلوريا مان...!

رات جو پندرنهن منٽ اڳ سيرا جي روم تي وڃي ويٺس. انهيءَ خيال کان ته ڪالهه وانگر نگستي اڄ به ڪا ڳنڍيڻ واري ڳالهه ڪندي، پر ان جي ابتڙ، اڇڻ سان ئي اهڙي ڳالهه ڪيائين، جو ڪڇهري جو رخ ڦري صفا خشڪ ٿي ويو. "ڪالهه جيڪو مون توهان کي شعر ٻڌايو هيو ان ۾ جيڪو سوال آهي ته ماءُ آفريقا ۾ ڪڏهن باک ڏٺندي، ان جو ڪو توهان وٽ جواب آهي؟"

اڌنا چيو"هڪ سچي ڪرسچن جي حيثيت سان منهنجو مؤقف آهي ته آفريقا ۾ جيستائين مڪمل عيسائيت نه ايندي، تيستائين ڪو چاڙهو ناهي!"

"روزمئري تون چا ٿي چوين؟" نگستي پڇيس.

"جيستائين عورتن کي آفريقا ۾ برابريءَ جو حق نه ملندو تيستائين سماجي تبديليءَ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. باقي دين، ڌرم ۽ ٻيا نظريه صرف لالي پاپ آهن." روزمئري وراڻيو.

" تنهنجو چا خيال آهي ؟" نگستي، سيرا ڏانهن منهن ڪندي پڇيو.

"جڏهن به انساني سماج ۾ اخلاقي ترقي کي اهميت نه ملندي، تيستائين مثبت تبديلي جو اچڻ ناممڪن آهي."

"تنهنجي نظر ۾ اخلاقي ترقي جا پيمانو ڪهڙو آهي؟"

"منهنجي خيال ۾ ته صوفي ازم جي عالمي قدرن کي عام ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي!"

"اهي وري ڪهڙا آهن؟"

سيرا وراٽيو "محبت، انسانيت، ٻاجهه، درگذر، صبر، شڪر، برابري ۽ سهپ وارا قدر!"

"اها خيال پرستي آهي. عملي طور ناممڪن آهي." روزمئري رد ڏنس.

"دراصل آپيپٽي جي شڪار ماڻهوءَ جي نظر پاڻ تائين محدود هوندي آهي. جڏهن ته صوفيءَ جي نظر سڄي سنسار تي هوندي آهي. محبت جو هڪ قدر ئي ايڏو شڪتيوان آهي، جو انسان ذات پات، رنگ نسل ۽ علائقائي تعصب کي اورانگهي وڃي ٿو. اها ئي هيڪڙائي آهي، جيڪا صوفين جو نظريه حيات آهي!"

"اها صرف لفاظي آهي، جيڪا آفريقا ۾ پيدا ٿيندڙ نشيدار ٻوٽي 'قت' کائڻ کان پوءِ صوفين کي تصوراتي دنيا جو سير ڪرائيندي آهي، جنهن جو زميني حقيقتن سان ڪو تعلق ناهي." روزمئري وراٽيس.

"ورونا، تون ٻڌاءِ؟" نگستي، رخ ڦيرائي ورونا کان پڇيو.

"منهنجي خيال ۾ ته جيستائين دنيا ۾ 'طاقتور ئي حق تي آهي!' وارو قانون هلندو تيستائين تبديلي مشڪل آهي. وڏو مثال اسان امن پسند بش مين قبيلي وارن جو آهي. جيڪي نه ڪنهن کي ڏين نه ڏکائين. پر ترقيءَ جي نالي تي بوٽسوانا ۽ نميبيا ۾ ڪالهاري صحرا اسان کان زوري کسيو ٿو وڃي ۽ اسان ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهون!"

"ڇو نه ٿا ڪري سگهو ...؟ ظلم جي خلاف پر زور طريقي سان قانوني جنگ وڙهوا" روز مئري چيس.

"1970ع کان وٺي ملڪي عدالتن جا دروازا مسلسل کڙڪائي رهيا آهيون، پر ڪا به شنوائي نه ٿي ٿئي. ايا ٻيو ڪهڙو آواز اٿاريون؟" ورونا وراٽيس.

"جيسيتائين، 'حق ئي وڏي طاقت آهي!' جي نظريي تحت هٿياربند قومي جدوجهد نہ ڪندئو تيسيتائين ڪجهہ ناهي ٿيڻو!"

نگستي پنهنجي راءِ ڏيندي ٻڌايس.

"ڪهڙي قومي جدوجهد، مرداڻي يا عورتاڻي...؟" روز مئري، نگستي کان پڇيو.

"قومي جدوجهد پوري قوم لاءِ هوندي آهي، مرداڻي يا عورتاڻي ناهي ٿيندي!" نگستي رد ڏنس.

"تاريخي تناظر ۾ ڏسجي تہ هر قومي جدوجهد صرف مردن جي حقن جي حفاظت ڪئي آهي. ڪو هڪڙو مثال ٻڌاءِ تہ جتي قومي جدوجهد ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ عورتن کي برابري جا حق مليا هجن؟"

"اريٽيريا اهڙو مثال بڻبي!" نگستي وراڻيو.

"مطلب تہ سرحدن جي خول ۾ بند ٿيل قوم پرستيءَ سان انقلاب ايندو. تنهنجو يوگنڈا جي دادا عيدي امين واري قوم پرستيءَ جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟" روزمئري طنزيہ انداز ۾ پڇيس.

" تنهنجي مينگستو جي سوشلسٽ انقلاب جي باري ۾ ڇا رايو آهي؟ جنهن جي نتيجي ۾ اٿوپيا ۽ اريٽيريا ۾ پنج لک ماڻهو مري ويا!" نگستي بہ ساڳي انداز ۾ موٽ ڏنس.

"پليز! ان بحث کي اتي ختم ڪيو جو رات جا ٻارنهن ٿيڻ وارا آهن. جنهن کي سمهڻو آهي وڃي سمهي، جنهن کي پڙهڻو آهي، سو پڙهي!" ورونا محسوس ڪيو تہ رد قد وڏندو ٿو وڃي، تہ گذرندڙ وقت جو سيني کي احساس ڏيارينديِ زوري اڻاريائين.

پنهنجي روم تي پهچڻ کان پوءِ اچوکي ڪچهري جو تجزيو ڪندي، ان نتيجي تي پهتم تہ جن کي مان گونگيون گايون سمجهي چارو پئي وڌو سي تہ هڙئي گهاگهہ نڪتيون...!

7 مارچ، خميس

ورڪ شاپ ۾ شهري ماحوليات جي حوالي سان پهريان رابرٽ ۽ پوءِ اقبال سليم ليڪچر ڏنا. جنهن ۾ اربن فاريسٽ (Urban Forest) جي اهميت بابت ٻڌايو ويو. جيئن ئي ڪلاس اٽينڈ ڪري نڪتس پئي تہ مئڊلين روڪيو "ٿورو ترسجانءِ، تو ۾ ڪم آهي!"

ويهي رهيس تہ هين جي وڃڻ کان پوءِ مئڊلين چيو "اڄ لنچ جي وقفي دوران ايئروبڪ جا پاڇوڪڙ آيا ۽ چيائون تہ کين ڏهہ گلدر موتائي ڏيان. وراٽيومانِ، 'چا لاءِ؟'... چيائون تہ: 'تو راسو رام کي، دلمراد هٽارئون ڏهہ گلدر موتائي ڏنا آهن!'... مان تہ حيران ٿي ويس...! چا اهو سچ آهي؟"

وراٽيم، "ها، سچ آهي!"

پوءِ مون کيس پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌائي، ٻڌڻ کان پوءِ مئڊلين چيو "تو اهو غلط ڪيو. اهي اصولي طور تي مون کان نہ ٿا وٺي سگهن!"

"شايد مان جذباتي ٿي ڪيو هجي!" وراٽيم.

"تون راسو رام کان ڏهہ گلدر واپس وٺ!"

"هاڻي اهو ممڪن ناهي!"

"پوءِ سيئي پاڇوڪڙ تہ منهنجو مٿو کائي ويندا!"

"مان انهن کي ڏئي ڇڏيندس!"

"راسو رام جي چوڻ مطابق، تہ تون مون تي عاشق تہ نہ ٿيو آهين؟"

"هرگز نہ!"

"ڪن کولي ٻڌي ڇڏ، مون کي پنهنجي ملڪ ۾ ٻواءِ فرينڈ آهي. جيڪو هڪ نہ ٻي ڏينهن مون سان ٽيليفون تي ڳالهائيندو آهي. اڄا تہ ان سان سچي آهيان، ان ڪري حال في الحال ڪا اميد نہ رکجانءِ!"

مئڊلين بنا رک رکاءَ جي چئي ڏنو.

"اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪونهي. تون نہ صرف ڪلاس ميٽ آهين، پر ساڳي وقت ايئروبڪ جي حوالي سان ٽيچر بہ آهين!"

"ريئلي، تون مون کي پنهنجو ٽيچر مڃين ٿو؟"

"بالڪل!"

"تنهنجي اهڙن نيڪ خيالن جي صدقي، مان انهن پاڇوڪڙن کي گلڊرس منهن تي هڻندس. ان خوشيءَ ۾ اڄ Muscle endurance excercise جو زبردست سيشن ڪرائبو ته جيئن ايڏا سهپ ۾ بردباري ۽ ۾ اضافو ٿئي."

پوءِ مڊبلين ۾ مان ڪلاس روم مان نڪري تڪڙا تڪڙا جمنازم هال ۾ پهتاسين. جمنازم هال ۾ هن مختلف قسم جا اسڪاٽس Squats پش اپس Push ups ۽ ليگ ريزز Leg raises ايڪسرسائيز ڪرايون. جڏهن سيني جي ذهني ۽ جسماني سهپ جو پيمانو لبريز ٿيو تڏهن وڃي بس ڪيائين. منهنجي دل چيو ٿي ته ڊڪڙ بجاءِ اڄ ٽرام تي چڙهي موٽ ڪجي. پر نگستي کي ڪير سمجهائي...؟

رات سيرا جي روم تي، خطرناڪ قسم جي دليل بازي شروع ٿي وئي، جڏهن ورونا ٻڌايو ته گذريل رات، خواب ۾ هن جي مرحيات ناني وٽس آئي هئي ۽ زور پريائينس ته پڙهائي پوري ڪري جلدي موٽي ۽ قبيلي وارن کي ٻڌائي ته ڪالهاري صحرا ۾ ڪاگن ديوتا (شڪاري تِڏي) جي ٿورن سان، هن روجهه جي صورت ۾ جنم ورتو آهي. ان ڪري سيئي قبيلي وارا چوڏهين جي رات، پنهنجن جهوپن آڏو پاڻيءَ جا پاڙڙا پري رکن ته جيئن هوءَ اُڄ اجهائي سگهي. ٻيو ته قبيلي وارن کي سختيءَ سان منع ڪري ته روجهن جو شڪارنہ ڪن. جيسين اهي لڳ جهلي ڦر نہ ڏين، نہ ته ٻي صورت ۾ڪاگن ديوتا ناراض ٿيندو.

" تون انهن خوابن تي يقين ڪندي آهين ؟" ادنا پڇيس.

" ها، اسان جو عقيدو آهي ته وڏڙن جا روح خوابن ۾ رهنمائي ڪندا آهن."

اهو ٻڌندي ادنا کل ۾ ٻڏجي وئي، "دراصل آفريقا جي ترقيءَ ۾ وڏي رڪاوٽ، اوهان جو 'وودو' ڏرم آهي. جيڪو هٽ ٽوڪين ڪهاڻين، وهمن ۽ وسوسن تي ٻڌل آهي."

"معاف ڪجانءِ دنيا جو هر ڏرم سماجي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهي. دنيا جي ڏرمن مان جيڪڏهن قصا ۽ ڪهاڻيون ڪيڊجن تہ ڪجهہ نہ بچندو سواءِ چند اخلاقي نقطن جي!" روزمئري دليل ڏنس.

"ايڪسڪيوز مي! گهٽ ۾ گهٽ عيسائيت تہ ائين ناهي...! اسان کي ناشڪري نہ ڪرڻ گهرجي!"

"ڪنهن جي ناشڪري؟"

"انهن يورپيئن جي، جن آفريقا ۾ عيسائيت جي اعليٰ قدرن کي متعارف ڪرائيندي، اسان کي هڪ سچي ڏرم سان روشناس ڪرايو؟"

روزمئري طعنہ زني ڪندي وراڻيس، "واقعي، سيسل رهوڊس ۽ سنڈس ساٿين کي سلام پيش ڪجي، جن زيمبيا ۽ زمبابوي تي قبضو ڪري اسان کي سمجهايو تہ دنيا جو پهريون نمبر نسل اينگلو سئڪسن آهي، باقي بيا جانور آهن. اسان کي محترم ڊيوڊ لونگ استون جو بہ ٽورائتو ٽيڊ گهرجي، جنهن عيسائيت، واپار ۽ تهذيب جي دلفريب نعري سان آفريقا جي آزاد ملڪن کي غلام بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو....!"

اهو ٻڌي، ادنا مٽري وانگر ڦوڪجي وئي، "تون مڃ نہ مڃ، تنهنجي مرضي، پر يوگنڊا ۾ تہ يورپ جي عيسائي تبليغين ماڻهن کي سڌارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. خاص ڪري ايونجيليئن چرچ!"

"تون چا ٿي سمجهين تہ مون کي يوگنڊا جي خبر ڪونهي. يوگنڊا ۾ عيسائي مذهب 75 في صد کان بہ مٿي آهي. ڪهڙو انهن سماجي ترقي ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي...؟ چا 1890ع ۾ انهن با فرانسا (ڪئٿولڪ چرچ) ۽ با انگريزا (پروٽيسٽنٽ) وارن وچ ۾ فرقيوارانہ فساد نہ ڪرايا هيا؟ نتيجي ۾ هاڻي آفريقا ۾ ايترا فرقہ ٺهيا آهن، جيتريون ڪنهن ڇيڪري عورت جي مٿي ۾ پيل رت پياڪ جيون!"

"خارش، نہ ٿي ٿيئي؟" سيرا ڪلندي ٽوڪيس.

"اوهان جي سامهون ڪڏهن ڪنهيو آهي؟" روزمئري وراڻيس.

"خبر ناهي ڇو توکي دنيا جي پرامن ڏرم کان ايڏي نفرت آهي؟ جڏهن ته ايونجليئن چرچ آفريقا ۾ منظم نموني سان تعليم ۽ صحت جي حوالي سان اهم ڪردار ادا ڪيو آهي." اڌنا ٽوڪيندي چيس.

"ايونجليئن چرچ، آفريقا ۾ اُن ڪپر مثل آهي، جيڪو نہ ڳهي سگهندڙ وڏي ڏيڏر کي بہ ڏنگ هڻي ڪيندو آهي. عام تاثر اهو هوندو آهي ته نانگ پنهنجو زهر ضايع ڪري ٿو. پر نانگ ائين ناهي سمجهندو. ہن ڏينهن کان پوءِ ، جڏهن ڏيڏر سڄو ڦاٽي پوندو آهي ته ان ۾ پيدا ٿيل جيت جڙيا ۽ ماکوڙا، انهيءَ ئي ڪپر جي خوراڪ بڻبا آهن."

"ڇوڙ ڇا ٿي چاهين؟" اڌنا غصي ۾ پڇيس.

"اهي تبليغي ان ڪپر مثل آهن، جيڪي ڏارمڪ زهر سان ڀريان توهان جهڙن پڙهيل جاهلن کي ڏنگين ٿا. جڏهن اهو زهر اوهان جي رڳن ۾ شامل ٿي وڃي ٿو ته پوءِ توهان کي استعمال ڪري پاڻ سگهارا ٿين ٿا."

" سچي ہڏاءِ، تون اٿيئسٽ (Atheist) ته ناهين؟"

" اٿيئسٽ وري بہ ڇڳا، جيڪي انساني سماج ۾ پنهنجي مت ۽ عقل ته استعمال ڪن ٿا!"

" مون کي رڳو اهو ہڏاءِ، ته اٿيئسٽ، ڏرمي ماڻهن جي خلاف ڇو هوندا آهن؟"

" اوهان انهن کي واجب القتل قرار ڏيو ۽ اهي اوهان کي سچ بہ نہ چون؟"

" قسم سان ته تون جهنمي عورت آهين، جيڪا ڪڏهن بہ خدا جي بادشاهيءَ ۾ داخل ٿي نہ سگهندين!" اڌنا جو پارو چڙهي ويو.

" ۽ تون انهن جاهل، بيوقوف ۽ سطحي عورتن منجهان آهين، جن هن دنيا کي دوزخ بڻايو آهي!" روزمئري بہ تپي وئي.

"هر ڳالهہ تي تپي باهہ ٿئين ٿي. پنهنجي ڇپ کي ڇيپي نہ بڻاءِ" سيرا بہ روزمئري کي جهڙڪيو.

"دراصل هن کي باهہ لڳل آهي، جيڪا وسامیس نہ ٿي!" اڌنا ذاتيات تي لهي آئي.

"منهنجي وسامي چڪي آهي، توکي نئين نئين لڳل آهي!" روزمئري به اُگري موٽ ڏنس.

"اها ڳالهه آهي ته اڳتي مان نه ايندس، جو هتي منهنجي ڏرم جي توهين ٿئي ٿي."

اڌنا اٽڻ لڳي ته سيرا ٻانهن کان ونڊي زوري ويهاريس ۽ پوءِ روزمئريءَ کي چيائين، "اڌنا کي ساري Sorry چئه!"

"ڪنهن به صورت ۾ نه!" روزمئري پڙ ڪيڊي بيٺي.

" ته پوءِ مهرباني ڪري منهنجي روم تي نه ايندي ڪر، جو تو کي پنهنجي غلطيءَ جو ڏرو به احساس ڪونهي!" سيرا به تنبيهه ڪندي چيس.

"نه ايندس. هونئن به سچ ڳالهائڻ واري جو ڪو دوست ناهي هوندو!"

اهو چئي روزمئري غصي ۾ اٿي وئي.

ان ڏي وڻ ڏوران مان ۽ نگستي خاموش رهياسين.

ورونا ٽڏو شوڪارو پريندي ڏکاري ٿي اٿي، "جيڪو به ٽيون سنو نه ٽيو!"

پهريون دفعو سيئي هڪ ٻئي کي' گوڊ باءِ!' چوڻ کان سواءِ نڪري ويا....

8 مارچ، جمعو

'ڪميونٽي اينڊ لوڪل گورنمينٽ' جي ڪورس يونٽ ۾ 'انيڪا' ليڪچر دوران پهريان چوڪرن کان پڇيو" جيڪڏهن ترقي پذير ملڪن جي ڳوٺ ۾ اوهان پاڻيءَ جو هئنڊ پمپ هٽايو ته اول ڪنهن سان مشوره ڪندئو؟"

سيني جو ڏري گهٽ اهو جواب هيو ته : " ڳوٺ جي ڇگن مڙسن سان!"

جڏهن اهو سوال چوڪرين کان پڇيائين ته انهن چيو ته : "عورتن کان، جو هئنڊ پمپ سان انهن جو واسطو گهٽو پوي ٿو."

"ويري گوڊ!" چئي، پوءِ 'انيڪا' مرد ذات تي تنقيد ڪندي چيو"ان مان ثابت ٿيو ته شهري رڀابندي سان تعلق رکندڙ مرد به جنسي طور تي متعصب آهن. جن جو گهٽو واسطو جنهن شئي سان پوي ٿو انهن کان نه ٿا پڇن. اهو ئي سبب آهي، جو عورتون 8 مارچ تي، 'عورتن جو عالمي ڏينهن' ملهائي دنيا جي مردن کي سمجهائيندیون آهن، ته پنهنجن منفي روين کي تبديل ڪيو!"

پوءِ هن سڄو ليڪچر فيمينزم Feminism جي حوالي سان ڏنو. آخر ۾ هن چوڪرين ۾ جوش ۽ اتساهه پريندي چيو ته : "اڄوڪي ڏينهن تي عورتن سان ٿيندڙ زيادتين کي خوب وائکو ڪيو ۽ دنيا کي ٻڌايو ته ڇئن ئي ڪنڊن جو عورتون هاڻ بيدار ٿي چڪيون آهن!"

'انيڪا' ليڪچر ختم ڪري ڪلاس مان نڪري وئي ته ڊزي پٽيان راءِ ڏيندي چيو" اهو عورتن جي حقن جي تحريڪ جو شوشو صرف يورپ ۾ آهي. آفريقا ۾ ته اهو مسئلو ئي ناهي."

ادنا به ڊزي جي حمايت ڪندي چيو "ڊزي صحيح ٿو چوي!"

پائولا کيس حيرت ۾ ڏسندي چيو " تون عورت ٿي ڪري به ائين ٿي چئين؟"

"جيڪا حقيقت هجي، ان کي مڃڻ گهرجي!" ادنا وراڻيو.

لنچ تائيم دوران عجيب منظر هيو. انسٽيٽيوٽ جون ڪافي چوڪريون، هڪ ونڊي ٽولي جي صورت ۾ عورتن جي حقن جي حوالي سان

شيطان جي آندي جيڏو ڏکوئو مراسلا هٿ ۾ جهليون، ڪنڊيشنز ۾ ويٺل پارٽيسپنٽس کان صحيحيون پڻي ڪرايون. سنڊن چوڻ هيو ته اهي 'دي هيگ' ۾ ويجي، مختلف سفارت خانن ۾ جمع ڪرائيندڙيون ته جيئن دنيا جون حڪومتون. عورتن جي اڻ برابري واري مسئلي کي سمجهي ، عملي قدم کڻن.

جڏهن اهو ٽولو پائولا ۽ مارسيه جي اڳواڻيءَ ۾ پرسان واري ٽيبل تي ويٺل ڏڪ ۽ اڏاوت پهتو، ته بنهي تڪڙ ۾ صحيحيون ڪري ڇڏيون.

اهو ڏسي اڏنا ۽ ڏڪيءَ کان پڇيس،"اوهان جي نظر ۾ ته عورتن جي حقن جي تحريڪ شوشو آهي، اوهان ڇو صحيحيون ڪيون؟"

بنهي شڪي ٽيندي ڪورس واري انداز ۾ وراڻيو "اسان بن جي صحيحن سان ڪهڙو فرق ٿو پوي!"

راڻا جو ڪچهريءَ ڏوران، هميشه وانگر سيرا ٽري ۾ ڪوپ ۽ چانهه جي ڪٽلي کڻي وچ تي رکيون ويٺي هئي. اهو ڏسي اڏنا پڇيس،"ڇهه ڪوپ ڇو رکيا اٿي؟"

"روزمئري به ته ايندي نه!"

"جي حياءِ هوندس، ته ڪو نه ايندي! "

"روزمئري کان سواءِ مزو نه ايندو. هلو ته کيس پرچائي اچئون!" سيرا سيني کي گذارش ڪندي چيو.

"زيادتي هن ڪئي آهي، اصولي طور تي هن کي معافي ونڊڻ گهرجي!" اڏنا چيو.

"ڪجهه به هجي، پر مون کي مزو نه ٿو اچي!"

"خبر ناهي ته ڇو ان اٽيئسٽ کي مٿي تي چاڙهيو ٽي؟" اڏنا، سيرا کي ٽوڪيو.

"چا ڪجي،اسان جي صوفي طريقت ئي اهڙي آهي. جنهن ۾ ڪچا ڦڪا هلائڻا پوندا آهن، جيئن خدا سيني کي هلائي ٿو." سيرا وراڻيو.

" ٽي سگهي ٿو ته کيس پنهنجي ڪئي تي پڇتاءُ ٿيو هجي!" ورونا چيو.

"مان نہ هلندس، انهيءَ بيهودي ءَ وٽ!" اڌنا صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

"برابر، وات جي خراب آهي، پر دل جي صاف آهي. تون پلي ويهه. اسان ٽي ٽا اچئونس!" سيرا ٻين کي اٽڪ جو اشارو ڪيو ته اڌنا کان سواءِ مون سميت سڀ اٿي ٻيا.

روزمئري جي روم تي پهچي، سيرا دروازي تي دستڪ ڏني. جيئن ئي دروازو کليو. سيرا، روزمئري کي پاڪر پائيندي چيو، "ڪالهه مون کان وڏي غلطي ٿي آهي، جو مون توکي پنهنجي روم تي اچڻ کان جهليو هيو. ڏاڍي شرمسار آهيان. پليز، مون کي معاف ڪر!"

"مان پاڻ پنهنجي ڪئي تي شرمسار آهيان. معافي ته مون کي ونڊ گهرجي. پر سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪيئن وٺان؟"

روزمئري شڪي ٿيندي وراڻيو.

سيرا کيس پيار ۾ پاڻهه سان هٽ کان جهلي پنهنجي روم تي وٺي آئي. روزمئري، اڌنا کي ڏسي هڪدم کيس پاڪر وجهندي، چيو"ڪالهه مان گهڻو جذباتي ٿي وئي هيس. پليز! مون کي معاف ڪر!"

اڌنا، "اوڪي!" چئي چڙ نيم رضامندي واري معافي ڏئي ڇڏيس.

جڏهن روزمئري ڏنو ته چهه ئي چانهه جا ڪوپ، سنوان لڳا پيا آهن ته پڇيائين، "توهان ايڏا ناهي پيتي؟"

"ڏائڻ، توکان سواءِ اسان کي چانهه ڪيئن وڻي ها!" سيرا وراڻيس.

"ڏائڻيون سهڻيون ۾ ذهين ٿيندیون آهن، تڏهن ته قرون وسطيٰ جا پادري انهن کي سازيندا هيا."

"پوءِ به نه ٿي مڃين. هاڻي چانهه پيءُ ته مٿو نه ڀڄانءِ!" سيرا پيار وچان مُڪ ڏيکاريندي چيس.

روزمئري سرڪي پريندي، سيرا کان پڇيو "سچي ٻڌاءِ، توکي پنهنجو من ماري پرچائڻ ڪنهن سيکاريو آهي؟"

"اسان جي مرشدياڻي لالہ مريم جو ارشاد آهي، ته جيڪو ماڻهو پنهنجي انا کي فنا نه ٿو ڪري، اهو صوفي ٿي نه ٿو سگهي." سيرا وراڻيس.

"مائي! مٿو ڦيو ته صوفي نظريي جا ڪجھ نقطہ ڪمر جا آھن!" روزمئري اعتراف ڪندي چيو.

"رات جو ھڪ ٽي رھيو آھي. ھلڻ جي ڪيو سياٽي جو احوال سياٽي تي رکو!" ورونا ھڪ ڏڳھي اوباسي ڏيندي چيو.

"سياٽي چنچر آھي. ڪنھن بواءِ فريند سان ملڻو ٿي چا؟" روزمئري پڇيس.

"ڪالھوڪي بدمزگيءَ جي ڪري مان سڄي رات روئندي رھي آھيان!" ورونا اوباسي ڏيندي اٿي ته سيئي اٽڪ لڳا.

اٽڪ کان پوءِ روزمئري سيرا کي ڇاتيءَ سان لائيندي چيو "ڪاش! تون مرد ھجين ھا ته مان توسان شادي ڪيان ھا."

"رن! تون وڏي ڪميني آھين. پنھنجي عادتن کان نہ مڙندينءَ؟"

"ان ڪري ته مان اوھان کان منفرد آھيان!" روزمئري وراڻيو.

آخر ۾ سيني ھڪ ٻئي کي. قرب وچان ٻڌا پاکر وجھندي "گوڊ نائٽ!" چئي موڪلايو.

9 مارچ، چنچر

اڄ ڪراس ڪنٽري رننگ ڪرڻ جو ناغو ڪيوسين. جو نگستي ۾ مون کي صبوح سوير،سيلف سروس لانڊري ۾ ويڄي ڪپڙا ڌوئڻا ھيا.

شام جو موڊ ٽيو ته ٽي وي تي ڪو اسپورٽس چينل ڏسان. ٽي وي لائونج ۾ پھتم ته مڪمل خالي ھيو. ريموٽ سان چينل بدلائيندي. آخرڪار ھڪ چينل تي بيھاريم. جنھن تي گوري ۾ ڪاري باکسر وچ ۾ لائيو مقابلو شروع ٿيڻ وارو ھيو. عين انھيءَ وقت عمر فقيہ ۾ بوھينيا بہ ٽي وي لائونج ۾ داخل ٿيا.

"رڳو تون اڪيلو باکسنگ ڏسندين چا؟" عمر فقيہ پڇيو.

"تنھنجي اکين تي ڪنھن پٽيون ٻڌيون آھن؟" پڇيومانس.

پوءِ ٻئي شرارت واري انداز ۾ منهنجي ٻنهي پاسن کان ٽي ويٺا.

پهريون رائونڊ شروع ٿيو ته عمر فقير چيو "ڏسجو ڪارو ڪتندو!"

"مڇ ختم ٿيڻ کان اڳ تون ڪيئن چئي سگهين ٿو؟" وراٽيومانس.

"ڪارا راند ۾ سيڪس ۾ پڙ هوندا آهن."

مان کو جواب ڏيان، ان کان اڳ بهونيا مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو "پر هن ايشيائي ته اسان کي مات ڏئي چڏي آهي. هڪ نه پر پنج ڇٽيون قبضي ۾ ڪيون ويٺو آهي، سو به آفريقي!"

"ڪڏهن ڪڇهري لاءِ اسان کي به صلاحيندو ڪر!" عمر فقير مون کي ٽلهي هٽندي چيو.

"ڪڇهري ته سيرا جي روم تي ٿئي ٿي، اهائي صلاحي سگهي ٿي!"

"سيرا ته صلاحيو آهي، پر هن بلائن کان ڏاڍو خوف ٿئي ٿو."

"اهي ڪهڙيون؟"

"هڪ نگستي ۽ ٻي روزمئري خبر ناهي ته تو وٽ ڪهڙو منتر آهي، جو انهن کي مُنڊيون ويٺو آهين؟" عمر فقير کلندي پڇيو.

"واقعي، جي توهان کي ايڏي تڪليف آهي ته مان ڪٽي هاسٽل تبديل ڪيان؟" ٻنهي کان پڇيم.

"مان تڪليف محسوس نه ٿو ڪيان، جو منهنجيون ٻه شاديون ٽيل آهن. مون کان اصل خوف نه ڪائجان!" عمر فقير کلندي رواٽيو.

"مون کان به ڍڇ جي ضرورت ناهي، جو مون کي گوري چٽي 'سڊونئا' ملي وئي آهي. باقي ٻين آفريقين کي وجهه مليئي ته توسان ائين ڪندا، جيئن جهنگلي ڪتا سوئر سان ڪندا آهن." بهونيا چيو.

سمجهي ويس ته هي ٻئي صلاح ڪري، مون کي تپائي رهيا آهن ته اٽڪ ۾ بهتري سمجهي.

"ڪيڏانهن؟" بهونيا پڇيو.

"هن ٽائيم تي ڪجهه مهمان اچڻا آهن!" مون گهڙي ڏسندي بهانو ڪيو.

" باڪسنگ جو نتيجو ته ڏسيون وڃ، ايڏا ته ٻيو رائونڊ ٿو هلي!" عمر فقيہ ۔وکڙ جي ڪئي. مان بنا جواب ڏيڻ جي اٿي، جيئن ئي ٽي وي لائونج مان نڪتس ته پنڌيان ٻِٽا ٿهڪ ٻڌڻ ۾ آيا.

رات جو 11 وڳي، اهو سوچي تيار ٿي نڪرڻ وارو هيس، ته سيرا جي روم تي وڄ بجاءِ ڪنهن ٻي پاسي منهن ڪيو...! روزمٿري سڏيندي دروازو ڪٽڻ شروع ڪيو. دروازو کولي پڇيومانس، "خير ته آهي؟"

چيائين، " تنهنجو انتظار ٿو ٿئي!"

" خير ۾؟"

" پاڻ هلي ڏس!"

مون دل ۾ چيو ته سيرا کي منهن ڏيکاري، پوءِ کو بهانو ڪري نڪري وڃبو. پر جيئن ئي سندس روم ۾ داخل ٿيم، ڏٺم ته روم جي وچ تي وڏو دسترخوان لڳل هيو.

پڇيو مانس، " ايڏو اهتمام ڪنهن لاءِ؟"

" اڄ منهنجي هڪ سهيلي 'ڪديديا' جي بماکو ۾، پسند جي شادي ٿي رهي آهي. ان خوشيءَ ۾!"

" چا توهان وٽ پسند جو پرٽو نہ ٿيندو آهي؟" پڇيومانس.

" اسان وٽ روايتي طور پسند جي پرٽي کي برو سمجهيو ويندو آهي. پر منهنجي دوست 'ڪديديا'، مزاحمت ڪري مائٽن کي نيٽ مجائي ورتو ۽ مالي‌ءَ جي مشهور ڳائڻي 'اومائو سنگاري' جو گيت بڌجي وئي."

" اومائو سنگاري‌ءَ جو گيت؟"

هن ڪيسٽ وجهي، ٽيپ رڪارڊر آن ڪيو. گيت ۾ سواءِ " موسوليو!" لفظ جي تڪرار کانسواءِ، مون کي ٻيو سمجهه ۾ نہ پئي آيو. جڏهن گانو ختم ٿيو ته پڇيومانس، "آواز ته مِنو هيو، پر ان گيت جو مطلب چا آهي؟"

"هن گيت جو مطلب آهي ته : ' اي عورت ! همت سان مائٽن طرفان طئي ٿيل شاديءَ کان انڪار ڪر ۽ پنهنجي پسند جو پرٽو ڪري، ثابت ڪر ته تون پنهنجي مرضيءَ جي مالڪ آهين!"

" ان ڳائڻيءَ کي اهڙي جرئت ڪنهن ڏني ؟" پڇيومانس.

"اها جرئت سندس ماءُ 'آمنتا' ڏنس، جنهن کي سندس مڙس 'بماڪو' ۾ بي يارو مددگار ڇڏي' آئيوري ڪوسٽ' هليو ويو هيو. پنجن سالن جي عمر ۾ سنگاري پنهنجي ماءُ سان گڏ شادين مرادين ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. پوءِ ڳائڻن جي هڪ گروپ 'جوليبا' سان گڏ آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن ۾ وڃي فن جو مظاهرو ڪيائين. موتي ته پنهنجوآلبم"موسوليو " ناهي ورتائين. جيڪو ماليءَ ۾ سماجي تبديلي جو سبب بڻجي رهيو آهي."

"انفرادي مثال سان چا ٿيندو؟ معاشري ۾ جيستائين اجتماعي طور تي تبديلي نه ٿي اچي !" مون سيرا جي ڳالهه تي اعتراض واريو ته ان جو جواب نگستي ڏنو:

" انفرادي مثالن مان ئي، سماجي تبديلي جنم وٺندي آهي. شايد توکي خبر ناهي ته اريٽيريا جي شاعره 'ربڪا' پنهنجي انفرادي مثال سان، اجتماعي شعور کي اپاريو جو نه صرف طئه ٿيل شادين، پر عورت جي باعصمت هجڻ' واري ڪُڌي رسم جو به خاتمو ٿي ويو. "

"اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو...؟ " پڇيو مانس.

" اسان وٽ رواج هيو ته جنهن ڪنوار جي شاديءَ رات، گهوٽ طرفان ڪنوارپڻي نه هئڻ جو الزام لڳندو هيو ته ساهرا، ڪنوار کي ٻي ڏينهن تي گهران ٻي عزتو ڪري ڪڍندا هيا. هڪ ڏينهن هڪ نوجوان جا مائٽ ربڪا جي گهر سندس والدين کان سگ گهرڻ آيا. ان نوجوان ڪجهه ڏينهن اڳ پنهنجي ڪنوار کي اهڙي الزام تحت گهران ڪڍيو هيو. ربڪا کي جڏهن خبر پئي ته هن مائٽن سامهون اچي اعلان ڪيو ته هو ان نوجوان سان هرگز شادي نه ڪندي، جيڪو عورت جي جسماني طور ست سيل جو قائل آهي!'

اهو ٻڌي گهوٽيتا ڪاوڙجي واپس هليا ويا. پر سندس مِٽ مائٽ ٻه ڪائنس سخت ناراض ٿيا. پوءِ هن، ردعمل ۾ سڄي واقعي کي هڪ نظم ڪنوارپ (Virginity) جي عنوان سان لکي ڇپرايو. ان شعر تي اريٽيريا ۾ شور مچي ويو. قدامت پسندن گهٽو هل هنگامو ڪيو. پر اريٽيريا جي ترقي

پسندن سندس وڏو ساٿ ڏنو. نتيجي ۾ان واهيات رسم جو هميشہ لاءِ خاتمو ٿي ويو."

سيرا چانهہ جا پريل ڪوپ سيني آڏو رکندي نگستي کان پڇيو"مون مالي ۾ هڪ فرينچ هولي جي اخبار Les Echos daily ۾ پڙهيو هيو تہ مٿائنس هڪ اٽوپيائي فوجي آفيسر عاشق ٿي پيو ۽ ساٽس زوري شادي ڪرڻ پئي چاهي، پر هن ٽپ انڪار ڪري ڇڏيس. نتيجي ۾ ڪيس جيل يوگڊو پيو هيو."

"ها، اهو صحيح آهي!"

"هاڻي ڪٿي آهي؟" ادنا پڇيس.

"جيل مان نڪرڻ کان پوءِ هوءَ جلاوطن ٿي پئرس هلي آئي ۽ هاڻي اتي ئي رهي ٿي!"

"لڳي ٿو تون ان جي فئن Fan آهين؟" ورونا چيس.

"ها، جڏهن سندس جيل دؤران لکيل شعر 'ابيبہ' جي عنوان سان پڙهيو هيم، تہ سندس شيدائي ٿي ويس!"

"ان شعر ۾ ڪا خاص ڳالهہ هئي، چا؟" ورونا پڇيس.

"ان شعر ۾ هڪ انقلابي چوڪريءَ جو ذڪر آهي. جنهن وٽان اريٽيرين پيپلز لبريشن فرنٽ وارن جا پمفليٽ نڪتا هيا. ۽ هفتن اندر اٽوپيائي فوجي ڪورٽ مٿائنس ڪيس هلائي موت جي سزا ٻڌائي هئي. انهيءَ دؤران ربڪا کي ڊيچارڻ لاءِ، ابيبہ سان گڏ ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو ويو. ابيبہ بغير ڪنهن پريشاني جي، روز صبوح سان اٿي، ڪافي ٺاهي پيئڻ کان پوءِ خاموشيءَ سان اگهلگهيل (پنڊيءَ جو هڪ قسم) ٺاهڻ کي لڳي ويندي هئي. ۽ هفتن کان پوءِ فوجي، ابيبہ کي ربڪا جي سامهون هٿ ڪڙيون هڻي ڪٽي ويا ۽ وڃڻ کان اڳ هن تحفي طور اگهلگهيل، ربڪا کي ڏني هئي."

پوءِ نگستي، ٽڏو ساهہ پريندي اهو شعر ٻڌائڻ لڳي :

" هاڏ _ هاڏ جي پهاڙي تي
اسمارا جي هڪ نينگري
باوقار، نازڪ ۽ سندر ابيبہ

جنهن جي سندرتا کي ڏسي،
بهار جي گلن گيت ڳايا هيا
هوءَ ڪجل جي تلڪن جيان خوبصورتي جو شاهڪار هئي.
جنهن رات اهي ظالم
ڪيس هٿ ڪڑيون هڻي ڪڍي ويا هيا.
ان کان هڪ ڏينهن اڳ
هُن اڳهلگميل، مون کي تحفي ۾ ڏني هئي
جڏهن مارڻ کان پوءِ ،
هو هن جي قبر کوٽي رهيا هيا
ائين پئي لڳو،
جڏ تہ سندس موت کي لکائيندا هجن
ڏينهن جو هن جي غير حاضريءَ کي تہ محسوس ڪيان ٿي
پر رات جي اونداهيءَ ۾،
هوءَ هر پل مون سان ساڻ آهي
هوءَ نہ ٿي چاهي تہ مان اڪيلي رهان
مون وٽ سندس اڳهلگيل وارو يادگار تحفو اڃا موجود آهي
ڪاش! مون کي ابيبہ جي اڳهلگميل ئي ٻڌائي،
هٿ ڪڑين ۾ قاتل سندس نازڪ هٿن بابت
هاءِ! اها مڪڑي، بنان ٽڙڻ جي مرجهائجي وئي....“

ٻڌڻ کان پوءِ، سيئي چوڪريون آبديده ٿي ويون. ورونا تہ ڪافي دير تائين مِسڪندي رهي....

10 مارچ، آچر

موڪل جو ڏينهن هيو ان ڪري ڏينهن جو خوب ننڊ ڪيم.

رات جو هميشہ وانگر سيرا جي روم تي ڪچهريءَ لاءِ پهتس تہ نگستي نظر نہ آئي. سيرا کان پڇيم تہ ٻڌايائين، "اڄ وڳي ڪامن ڪچن ۾ ملي هئي. طبيعت ڪجهہ ناساز هيس. چئي پئي تہ شايد نہ اچان!"

مون اٽڪل جي ڪئي تہ سيرا پڇيو "ڪيڏانهن؟"

وراڻيم، "نگستي کان پڇ!"

سيرا جهليو" ڊسٽرب نہ ڪريس، پاڻهي ٽيڪ ٿي ويندي!"

"چگو تہ پوءِ مان پنهنجي روم تي وڃي ڪجهہ آرٽيڪل پڙهي وٺان!"

"ڪاڏي ٿو وڃين؟... ويهہ! اڄ لطيفن ٻڌائڻ واري ڪچهري ڪبي!" روزمئري، زور پريندي چيو تہ ويهي رهيس، جو لطيفا ڪافي عرصي کان نہ ٻڌا، نہ ٻڌايا هيم.

"ورونا، پهريان تون ٻڌاءِ؟ "روزمئري، ورونا کي چيو.

"مون کي لطيفا ٻڌائڻ ناهن ايندا، چئو تہ روئي ڏيکاريانوَ"

"تون تہ ڪنهن ڪم جي ئي ناهين، چوري! چگو مان ٿي ٻڌايانوَ!" ائين چئي روزمئري ٻڌائڻ شروع ڪيو:

" هڪ مڙس پنهنجي جوءِ کان پڇيو: 'جي مان مري وڃان ، تہ ڇا تون ٻي شادي ڪندئين؟'

'هرگز ، نہ...! مان بقايا زندگي پنهنجي پيٽ سان گذاريندس!' جوٽهنس وراڻيندي پڇيو ' پلا جي مان اڳ ۾ مري وڃان ، تہ ڇا تون ٻي شادي ڪندئين؟'

مڙسهنس چيو: " بالڪل نہ نہ ...! مان بقايا زندگي تنهنجي پيٽ سان گذاريندس!"

ان لطيفي تي، سيني زوردار ٽهڪ ڏنا، تہ مون چيو تہ " ان جو مطلب تہ مرد خود غرض ۽ چالاڪ هوندو آهي؟"

" ٻيو، نہ تہ! " روزمئري وراڻيو.

"هاڻي تنهنجو وارو آهي ؟" روزمئري مون ڏانهن ڏسندي چيو.

مون ٻڌائڻ شروع ڪيو:

"اسپتال ۾ هڪ مريض جي دل جي ٽرانسپلانٽيشن (پيوند ڪاري) ٿيڻي هئي. سرجن ڪيس ٻڌايو ، ته ' تون خوشقسمت آهين ، جو توکي ٻن عطيہ ڪندڙ ماڻهن جي دلين ملڻ جي آفر ٿي آهي.'

' اهي ڪهڙا ماڻهو آهن ؟' مريض پڇيس.

' هڪڙو پنجويهن سالن جو نوجوان ايٿليٽ ۽ ٻيو اسي سالن جو پوڙهو وڪيل آهي. هاڻي ٻڌاءِ ، ته توکي ڪنهن جي دل لڳائجي ؟'

مريض هڪدم وراڻيو ، 'وڪيل جي !'

'سبب ؟'

' ان ڪري ، جو اها ڪڏهن بہ استعمال ۾ نہ آئي هوندي..!'

سيني کان ٿهڪ نڪري ويا. روزمئري بہ کلندي چيو ته " ان جو مطلب ته وڪيل قانوني نقطن کانسواءِ ، دل جو استعمال ناهن ڪندا؟"

" ٻيو ، نہ ته !" وراڻيم.

پوءِ روزمئري ، ادنا کي چيو" تون ٻڌاءِ ؟"

ادنا ٻڌائڻ لڳي" هڪ چرچ ۾ پادري واعظ ڪيو سيئي ويٽل ڪيس ٻڌي رهيا هيا. هڪ چوڪري پنڪيون پئي ڪاڌيون ته اوچتو رڙ ٻڌائين:

' اي عورت ! اڄ همت ڪري اُتي بيهہ !'

چوڪري چرڪ ڀري اتي بيٺي ۽ ڏنائين ته ٻيا سڀ ويٺا آهن.

پادري چوڻ لڳو ڏسو ! هيءَ نوجوان چوڪري ، ڪيڏي نہ همت واري آهي ، جنهن منهنجي چوڻ تي سيني سامهون اعتراف ڪيو ته هن کان زنا جهڙو گناهہ سرزد ٿيو آهي. هاڻي اچو ته هن جي ڪيل گناهہ جي خدا کان معافي ونڻ !' چوڪري اهو ٻڌي ، چڪرائجي هيٺ ڪري پئي."

مون سميت ورونا ۽ سيرا بہ هلڪا سلڪا ٿهڪ ڏنا. پر روزمئري تنقيد ڪندي چيس ،"ان لطيفي جي پڇاڻي ڪنهن ٻي انداز سان ٿي سگهي پئي !"

"ڪهڙي انداز سان؟" ادنا پڇيس.

" چوڪري چيس تہ: ' فادر پهريان پنهنجي ڪيل گناهه جي معافي وٺ! جيڪو تون راند جي اونداهيءَ ۾ منهنجي ٻيوه ماءُ سان اچي ڪندو آهين!' اهو ٻڌي، پادري روسٽرم ڇڏي ويجي ويو!"

سيني کان کل نڪري وئي. پر اڌنا موٽ ڏنس،" نہ، اهو تون وڏاءُ ٿي ڪرين"

" هلو مان ئي وڏاءُ ڪيو... ڇگو هاڻي سيرا کان ٿا ٻڌئون؟" روز مئري، سيرا ڏانهن ڏسندي چيو.

" لطيفا گهٽا ٿي ويا. هاڻي چانهه پيئو ۽ پنهنجن وڻن کي ياد ڪندي وڃي سمهو!" سيرا، لطيفو ٻڌائڻ کان لنوائيندي چيو.

مان جڏهن روم تي موٽيس تہ شهتير کي ڏسي چيم، "وڏا، لڳي ٿو تہ آهستي آهستي لائين تي اچي رهيون آهن!"

11 مارچ، سومر

مون چاهيو پئي تہ اڄ رات بہ ڪا هلڪي ڦلڪي ڪچهري ٿئي. ان ڪري روزمئري کي چيم تہ: " ڪا ڪالهہ جهڙي ڪچهري ٿيڻ گهرجي؟"

روز مئري، وراٽيو "جيئن تہ ڪالهہ نگستي غير حاضر هئي ۽ سيرا بہ لطيفو ڪو نہ ٻڌايو هيو، ان ڪري پهريان اهي ٻڌائن تہ پوءِ مان ٻڌائيندس!"

روزمئري جي ميار تي سيرا چيس، "جن ڇڏي، پوت ڇڏي، تون نہ ڇڏيندينءَ، ڇگو ٻڌ ...! هڪ ڏلهو ٽنيرو ملان دعوت ڪائڻ لاءِ، جهنگل پرسان، هڪ ڳوٺ ڏانهن پئي ويو. وات تي اوچتو شينهن ڪيڏ پئجي ويس. ملان پڃندي دعا گهري، ' اي الله ! مون کي هن شينهن کان بچاءِ تہ جيئن نيراني بک تي نڪتل، نيڪ ٻانهو دعوت ڪائي، تنهنجو شڪرانو ادا ڪري سگهي....!'

آسماني آواز آيس، تہ:' اجايو پڃ نہ ...! بيشڪ، الله هر بکايل جو ٻلو ڪندڙ آهي!'

ملان جيئن ئي ٻيلو تہ شينهن مٿائنس اچي ڪڙڪيس ۽ ڪيس ڪائڻ کان پوءِ شڪر ادا ڪندي چيائين، 'اي ربا نيٺ تو تن ڏينهن جي بکايل جي دعا ٻڌي ورتي!'

ان لطيفي تي مون کلندي سوچيو صوفين ۽ ملن جو جهيڙو ۽ جٽ ڪٽ نور ۽ نانگ وانگر نطري آهي.

" نگستي تنهنجو وارو آهي ؟ "روزمئري نگستي ڏانهن ڏسندي چيو.

" چگو ٻڌو!" نگستي ٻڌائڻ لڳي تہ مان ڪٽي ڪن سرلا ڪيا :

" اقوام متحده طرفان دنيا جي مختلف ملڪن ڏانهن هڪ سروي جي حوالي سان گذارش ڪئي وئي تہ : 'سڄي دنيا ۾ غذائي ڪوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ ايمانداري سان پنهنجي راءِ ڏيو!'....پر افسوس جو اهو سروي بري طرح ناڪام ٿيو. ڇو جو آفريقي ملڪن کي اها خبر نہ هئي تہ غذا ڇا ٿيندي آهي...؟ اوپر يورپ وارن کي اها خبر نہ هئي، تہ ايمانداري ڇا ٿيندي آهي...؟ اولهہ يورپ وارن کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ ڪوٽ ڇا ٿيندي آهي...؟ ايشيائين کي اها خبر نہ هئي تہ راءِ ڇا ٿيندي آهي...؟ وچ اوپر وارن کي اها خبر نہ هئي تہ حل ڇا ٿيندو آهي...؟ لاطيني آمريڪين کي اها خبر نہ هئي، تہ مهرباني ڇا ٿيندي آهي...؟آمريڪا وارن کي اها خبر نہ هئي تہ سڄي دنيا ڇا ٿيندي آهي...؟"

ان خشڪ لطيفي تي ٻين ۾ ٽهڪ ڏنا، پر مون نگستي خاطر هروپرو وڌا ٽهڪ ڏنا ، تہ متان ائين سمجهي تہ مان ڪو غير سنجيده آهيان.

آخر ۾ روزمئري کي زور پريندي چيم،"هاڻي تون ٻڌاءِ، جو تنهنجا لطيفا مزيدار هوندا آهن؟" مون کي پڪ هئي تہ هوءَ ڪالهہ ڪان وڌيڪ ڪو لست پريو لطيفو ٻڌائيندي ۽ جواب ۾ مان ۾ ڪيس ٻڌائي ڇڏيندس.

روزمئري ٻڌائڻ شروع ڪيو : "هڪ ٻلي، ڪتن جي باهوڙ ڪان تنگ ٿي سوچيو تہ ڇو نہ سر بچاءَ خاطر ڪنهن طاقت ور جانور سان سنگت رکجي. ان ڪري هن هڪ شينهن سان دوستي رکي. جهنگ ۾ هڪ ڏينهن شينهن ۽ هاٿي هڪ ٻئي جي منهان منهن ٿي ويا. سخت مقابلو ٿيو پر هاٿي ڪيس چيٽاڙي ماري ڇڏيو. ٻلي۽ سوچيو بهتر آهي تہ هاٿي۽ سان دوستي

رکجي. هاٿيءَ سان دوستي ٿيس، تہ جهنگ ۾ هلندي اوچتو هڪ شڪاري رائيفل سان فائر ڪري ماري وڌس. هليءَ سمجهيو شڪاري وڏو طاقتور آهي. ان ڪري هوءَ ان جي ڪيڏ لڳي. شڪاري جڏهن گهر پهتو تہ جوٿهنس رائيفل ونڊي، ماني کٽي آڏو رکيس. شڪاري چُپڙي ڪري کائڻ لڳو. اهو ڏسي، هلي ان نتيجي تي پهتي، تہ جيڪا عورت شڪاريءَ جو هٿيار ونڊي هڪ پاسي رکي کيس ماني کارائي سگهي ٿي، سا پڪ سان دنيا جي طاقتور هستي هوندي. ان ڏينهن کان ونڊي هلي ۽ عورت جي دوستي ٿي وئي. هاڻي هلي، سدائين رنڌڻي جي ٻاهران ويني هوندي آهي."

اهو ٻڌي سيئي کلڻ لڳيون. پر مون کي ٽپ مزو نہ آيو. پچيومانس،

"ان لطيفي جو مطلب ٻڌاءِ تہ مان بہ ٿهڪ ڏيان ؟"

"مطلب سنئون سڌو آهي، تہ دنيا کي، هليءَ وانگر عورت جي طاقت کي تسليم ڪرڻ گهرجي!" روزمئري وراڻيو.

"تون هر ڳالهہ ۾ عورت کي وچ ۾ ڇو ٽنبيندي آهين؟" پچيومانس.

"فلاسافر استادن جي استاد سقراط بہ ٻن عورتن 'ڊئي ٽيما' ۽ 'اسپيزيا' کي فلسفي ۾ پنهنجو استاد ڪري مڃيو هيو. پر تو جهڙا مرد ايڏا تائين، عورت جي حيثيت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهن!"

" ائين ناهي ! اسان تہ چوندا آهيون، ماءُ جي پيرن هيٺان جنت آهي!"

" تڏهن توهان جي ملڪ ۾ آنر ڪلنگ (Honour Killing) ۽ ريپ (Rape) جا ڪيس گهٽا ٿيندا آهن...؟ منهنجو وات نہ کولاءِ، مان انٽرنيشنل وومين موومينٽ جي ميمبر آهيان. جيتري اوهان وٽ عورتن سان ويڌن آهي، اوتري شايد دنيا جي ٻين ملڪن ۾ هجي !"

روز مئري کتيون ٻڌايون، تہ مون بہ کٽي ماڻ ڪئي.

12 مارچ، اڱارو

اڄ معمول مطابق ڪلاس هليا. جيئن هلندا آهن.....

شام جو جمنازم هال ۾ ليلهر چوڪرين ۽ 'جمپنگ جئڪ ايڪسرسائيز' ڪندي هڙٽين مثل ڇُنگ پئي ڏٺا. ان جو مطلب ته ايئروبڪ جا مثبت اثر ظاهر ٿي رهيا هيا....

رات جو هميشہ وانگر سيرا جي روم تي ڪچهري لڳي. ڪچهري هلندي نگستي اوچتو انڪشاف ڪيو"مان سياڻي صبوح جو پئرس ويندس!"

مون کي حيرت ٿي ته پڇيومانس، "خير ۾؟"

"ها، ربڪا سان رابطو ٿيو آهي."

"موڪلن وارن ڏينهن ۾ وڃين ها!"

"ٽائيم ڏنو اٿئين ته ملي اچانس!"

"گهٽن ڏينهن لاءِ؟"

"۽ ٻي ڏينهن ته لڳي ويندا!"

"تون خوشقسمت آهين، جو تنهنجي ملاقات پنهنجي هم وطن شاعره سان ٿيندي." سيرا چيس.

"تون ربڪا سان ملين ته چئجانس: دنيا جي مظلوم عورتن جي حمايت ۾ اڃا گهٽي شاعري ڪري!" "روزمئري تاڪيد ڪيس

"حاضر، تنهنجو نياپو پهچائيندي مانس!"

"ويچاري جلاوطن چوڪري پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ سڪندي هوندي، توکي ڏسي ضرور خوش ٿيندي" ورونا چيس.

"چو سڪندي هوندي، مزي سان پئرس ۾ رهندي هوندي آفريقا ۾ ڇا رکيو آهي؟" ادنا، ورونا کي ورندي ڏني.

"پلا ڪو وطن کان پرتي رهي ڪري ۽ سکي رهي سگهي ٿو؟" ورونا جواب ڏنس.

"توهان بش مين تڏهن ته ترقي نه ٿا ڪيو جو اڄا تائين ڪالهاري جي جي ڳاڙهي واريءَ کي چنبڙيا پيا آهيو!" ادنا توڪيس، پر ورونا جواب ۾ ڪجھ نه چيس، ٽڏو ساھ پري خاموش ٿي وئي....

13 مارچ، اربع

صبوح جو سادي اڻي وڳي تيار ٿيم، بنا ناشتي ڪرڻ جي نون ۾ پنج منٽ هيا ته ڪلاس ۾ پهتس، جو اڄ 'سرڪاري غيرسرڪاري ۽ خانگي ادارن جو ملڪي ترقيءَ ۾ ڪردار' جي بنيادي موضوع تي اهم گروپ ڊسڪشن ٿيڻو هيو.

رابرٽ جيئن ئي نائين وڳي "گوڊ مارننگ!" چئي ڪلاس ۾ گهڙيو ته مڊلين جي تعريفي جملي جو شڪارٿي ويو" وائو ...! باءِ گاڊ، اڄ ته تون جيمس بانڊ ٿو لڳين، دل چوي ٿي ته توسان دوستي ڪجي!"

رابرٽ جون واڇون ڪنن سان لڳيون، جواب ۾ هن پنهنجي اندر جي خوشي لڪائيندي چيس،"مڊلين، تون ڏاڍي ڪريزي آهين!"

پوءِ رابرٽ سڄي ڪلاس سان مخاطب ٿيندي چيو "اڄوڪو ڊسڪشن ان ڪري اهم آهي، جو اڳتي هلي، ان جي بنياد تي Simulation Game (تعليمي سکيا واري راند) ڪرائي ويندي، جنهن ۾ اوهان کي باقاعده مختلف ڪردار ادا ڪرڻا پوندا. جنهن جو تفصيل اوهان کي جلد 'ڪو-آرڊينٽر 'انيڪا' ٻڌائيندي!"

هن ڪلاس جا ٽي گروپ ناهيا. مون کي غيرسرڪاري ادارن(NGOs) واري گروپ جو سربراه ڪيائين. مڊلين کي پرائيويٽ اداري واري گروپ جو اڳواڻ ۽ گلوريا کي سرڪاري اداري واري گروپ جي سرواٽي ڏنائين. گروپ ڊسڪشن ٿيڻ کان اڳ، هن هر اڳواڻ کي پورو ڪلاڪ پنهنجي گروپ سان مشاورت ڪرڻ جي اجازت ڏني. گروپ ۾ شامل پارٽيسپنٽس ڪلاڪ اندر هڪ ٻئي سان صلاح مصلحت ڪري ورتي.

پهريان مون کي مؤقف پيش ڪرڻ لاءِ چيائين. مان سرڪاري ادارن جي ڪرپشن ۽ پرائيويٽ ادارن جي استحصال جي حوالي سان گهٽي ۾

گهٽا حوالا ۽ دليل ڏنا. جڏهن ته مئبلين پرائيويٽ ادارن جي حق ۾صرف نعري بازي واري تقرير ڪئي. رابرٽ دليلن ۽ حوالن کي پسند ڪندڙ هيو. آخر ۾ سڄي بحث کي اهڙي وڃڙي انداز ۾ سهيڑيندو هيو ته جيئن ڪو به پنهنجي گهٽتائي محسوس نه ڪري . پر اڄ، هن غير سرڪاري ادارن جي حق ۾ ڏنل ڪنهن هڪ حوالي تي به ٽيڪاٽپٽي نه ڪئي. پر الزام تراشي واري انداز ۾ غيرسرڪاري ادارن کي رت پياڪ جوڙن سان تشبيهه ڏنائين. نه وري سرڪاري ادارن جي حق ۾ گلوريا جي ڏنل دليلن تي تبصرو ڪيائين. ائين پئي لڳو جڻ مئبلين جي تعريف سر تي سوار هجيس. آخر ۾ ڊسڪشن جو تت اهو ڪيڊيائين ته: "ملڪي معيشيت جي درد جو درمان صرف نجڪاري آهي. ان جو مثال اهو ڏنائين ته ليبر پارٽي جي نائب وزير اعظم مسٽر ڪوڪ KOK پنهنجي پارٽي جي منشور جي خلاف ورزي ڪندي سرڪاري صنعتن کي خانگائڻ جي حمايت ڪئي آهي. باوجود انهيءَ جي ته سندس پارٽيءَ جي حمايتي مزدور يونين، اهڙي مؤقف تي سخت احتجاج ڪيو آهي...! "

رابرٽ جي اهڙي گوهر افشاني کان پوءِ مئبلين موقعي جو فائدو ونڊندي مون تي خطرناڪ چٽر ڪئي. "دلمراد حسين! منهنجي لفظن جي سچائي ٻڌي، اڄ تنهنجو مداح رابرٽ به ائين هٽ ڪيڊي ويو جيئن سويت يونين جو صدر گورباچوف، عراق جي صدر صدام حسين مان ڪيڊي ويو هجي."

موٽ ڏيڻ ۾ دير نه ڪئي مانس،" اهو تنهنجي ڪيل خوشامد جو ڪمال آهي. باقي تو وٽ نه ڪو دليل هيو ۽ نه وري حوالو!"

رابرٽ منهنجي اُڇل سهي نه سگهيو هڪدم چيائين،" مان ڊڄ آهيان ڊڄ...! البته تون صدام حسين نه سهي، پر ان جو پاڻ ضرورٽي سگهين ٿو. ڇو ته ٻنهي وڃ ۾ لفظ 'حسين' مشترڪ آهي."

سڄو ڪلاس مون تي ڪليو ته رابرٽ پاڻ سنيالي ورتو. معذرت ڪندي چيائين،" دل ۾ نه ڪجانءِ، مڙئي توسان پوڳ پئي ڪيو!"

مون کي لڳو ته اهو پوڳ نه، پر سندس اندر ۾ ويڙل تعصبي ڊڄ هيو.

14 مارچ، خميس

صبوح کان لنچ ٽائيم تائين، اسسٽنٽ پروفيسر 'انيڪا' سميوليشن گيم بابت ٻڌائيندي رهي، ته پارٽيسپنٽس کي 18 مارچ تي صوبي 'گلبر لينڊ' جي هڪ ڳوٺ 'لنٽرين' جي، دي ورلڊ ڪانگريس هوٽل ۾ ونڊي ويڄو. جتي ٽي ڏينهن رهائي، اها راند ڪرائبي. جنهن ۾ ڪين مختلف ڪردار ڏنا ويندا. ان گيم ۾ هر ڪنهن کي بهتر نموني سان ڪردار ادا ڪندي، پنهنجو مؤقف بيان ڪرڻو آهي. وڌيڪ ٻڌايائين ته ان گيم ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکارڻ واري پارٽيسپنٽ کي نيومريڪل اسڪور Numerical Score ۾ ملندو جيڪو کيس پوسٽ گريجويٽ ڊپلوما حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

لنچ ٽائيم تي، ڪئنٽين ۾ ڪو ڪاڏو ڪائي ۽ ڪو جوس پي رهيو هيو. انهيءَ دؤران هڪ عمر رسيده پادري Pastor ۽ ٻي اڌڙوٽ عمر جي راهبہ Nun ڪئنٽين ۾ گهڙيا. سندن هٿن ۾ ڪتابچہ هيا. هو ڪئنٽين ۾ ويٺل هڪ هڪ پارٽيسپنٽ سان، سندس ٽيبل تي وڃي پئي مليا.

پادري جڏهن منهنجي ٽيبل تي آيو ته پڇيائين،"محترما اوهان ڪرسچن آهيو؟"

مون هاسڪار وراٽيو،" جي، بالڪل!"

" ٻڌي خوشي ٿي. مان اوهان جي پرسان ويهي سگهان ٿو؟"

" بالڪل، ويهي سگهو ٿا!"

هٿ ملائيندي، پادري سامهون خالي ڪرسي تي ٽي ويٺو ۽ پوءِ پنهنجو تعارف ڪرايائين، "مان آهيان، فادر ڊينئل!" پوءِ دعوت ڏيندي چيائين،"هر آچرتي شام جو 6 وڳي' دي پلگرم فادرس چرچ ' ۾ اچي، اسان سان گڏجي عبادت ڪيوا!"

مون کان رهيو نہ ٽيو. کائنس هڪ بي تڪو سوال ڪري وڌو " فادرا! ڇا اوهان جي دوڪانداري ايجا هلي ٿي؟"

"مطلب؟" پادري پڇيو.

"اسان تہ سمجھيو هيوسين تہ يورپ ۾ اوهان جا جنازا نڪري ويا هوندا، ۽ اوهان تہ جيئرا جاڳندا گهمندا ٿا وتو!"

منهنجي ٽوڪڙ تي پرسان ويٺلن کان ٽهڪ نڪري ويا.

منهنجي پٽيان ويٺل ادنا، جيڪا اورينج جوس پي رهي هئي، تنهن پادريءَ کي ٻڌائڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي،

"فادر! توهان سان مذاق ٿو ڪري هي مسلمان آهي. نالو اٿس، دلمراد حسين!"

"هاڻ سمجهي ويس، صدام حسين سان ملندڙ جلندڙ نالو اٿس. ٺيڪ، ٺيڪ ! صدام حسين، دلمراد حسين!" فادر ڊينيوئل، منهن خراب ڪندي اٿي ويو.

مون، ادنا ڏانهن ڏٺو جيڪا شرارتي نظرن سان ڏسندي مشڪي رهي هئي.

15مارچ، جمعو

نگستي پئرس چا وئي، مون کي اهاڻڪو ڪري وئي. دل نہ پئي ڪيو تہ ٽين سوشل ايوننگ وارو پروگرام اٽينڈ ڪيان. سادا ست ٽي چڪا هيا. سيرا، پنهنجي سنگت سوڏي در ٻاهران سڏي رهي هئي، "دلمراد ! تون بہ عورتن وانگر گهل گهلاٽو ٿو ڪرين چا...؟ جلدي نڪر تہ هلون!"

مون سوچيو، نہ ويندس تہ نگستيءَ جي خيال ۾ پيو ڪڙهندس. بهتر آهي تہ خيال مٽ ڪجي، سو ساٽن گڏجي پيس.

انسٽيٽيوٽ جا ذري گهٽ سپ پارٽيسپنٽس، 'ٽڪ ان ڪئنٽين' ۾ پهچي چڪا هيا. ميوزڪ هلڻ شروع ٿي. هميشہ وانگر ڊانس جا شوقين، پهريان ڊانس فلور تي پهچي ويا. ڪن ڪئنٽين ۾ڪولڊ ڊرنڪ، جوس يا ڪافي پيئندي، هڪ ٻئي سان ڪچهري پئي ڪئي. پياڪن وري بار جي چؤگرد، ويٽي يا بيٽي ريڊ وائين پئي پيتو. مان سيرا جي گروپ کان ڇڄي

ڪري، بار جي هڪ استول تي وڃي ديرو دمايو. ريبڊ وائين جي ٻن پيگن هٽڻ کان پوءِ سرور ايندو ويو تہ اوچتو ڪنهن پٺيءَ تي زور سان هٿ هٽي چرڪائي چڏيو "هلو صدام حسين!" ڪنڈ ورائي ڏنم تہ پٺيان انطون مصري، عابيہ شامي سان گڏ بيٺو هيو. مون کي ڏٺونس لڳي. دير ئي نہ ڪئي مانس ٻڌائڻ ۾ "هلو مصري دلا!" ان جواب تي پرسان ويٺلن ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. خاص ڪري يمن جي'شملان' ۽ سعودي عرب جي 'صالح' تہ وڌا ٺهڪ ڏنا. مون ڏٺو تہ انطون ڳاڙهو ٿي ويو پر ڪجي نہ سگهيو. عابيہ جي نرڙ تي گهنڊ پئجي ويو. انطون ڪاوڙ ۾ چپ پڪوڙي هليو ويو. شملان اٿي اچي، مون کي ڳل تي عربي طرز واري چمي ڏني، " يا اخي ! تون سچ جو مينار آهين. جيڪو اسان انطون جي باري ۾ پرپٽ چوندا آهيون، تون منهن تي ڦهڪائي ڏنس!"

مون سچ چيو هيو يا چڙ ۾. پر پارٽيسپنٽس ۾ اهو مشهور هيو تہ جڏهن کان عابيہ انسٽيٽيوٽ ۾ پير پاتو هيو تہ هي سندس حلقہ بگوش ٿي ويو هيو. سڀ هاڻي ڪاڻ ۽ خوش ادائن هڻڻ ڪري، عابيہ جي عاشقن ۽ رقيبن جو حلقو وسيع تر هيو. اهو عام تاثر هيو تہ مصري انطون ڪُٽڻ آهي.

مان توائي منجهان ريبڊ وائين جو ٽيون پيگ هٽندي پئي سوچيو تہ صدام حسين جو نالو مئدلين مون کي جؤر وانگر چنبڙائي چڏيو آهي. سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڪيئن جان چڏايان ...؟ آخر اهو طئي ڪيم تہ هاڻ جنهن بہ ان نالي سان سڏيو تہ گهٽ نہ ڪندومانس. چوٽين پيگ پيئڻ کان پوءِ توائي ٿوري گهٽي، تہ اوچتو ڪنهن ڪلهي تي ٽڦڪي ڏيڻ کان پوءِ، جڻ چوڪ ڏئي چڏي هجي، "هلو ڊيئر صدام حسين چا حال آهي؟" ڪنڈ ورائي ڏنم تہ ڪولمبيا جو 'پيڊرو' هيو. مون کي لڳو تہ جڻ ڪنهن بجلي جون 220 وولٽ وارون تارون لوندڙيءَ تي رکيون هجن. مان بہ 440 وولٽ وارو جهٽڪو ڏنو مانس، "ٺيڪ آهيان، مسٽر ڪارلوس ليڊرا!"

ڏنم تہ همراہ پريشان ٿي ويو. چو تہ ڪارلوس ليڊر ڪولمبيا ۾ منشيات جو بدنام ترين واپاري هيو. جنهن جو ذڪر ڪنهن زماني ۾ اخبارن ۾ گهٽو ايندو هيو.

" معاف ڪجانءِ، تون ان نالي تي چڙين ٿو مان اڳتي نه چوندس!"
پيدرو نادم ٿيندي، پر واري استول تي ويهندي بار ميڊ کي هڪ بيئر جي گلاس ڏيڻ جو چيو.

" صدام حسين جي نالي سان ڪا چڙ ڪونهي، تون پلي چئو!" مون طنزيه انداز ۾ چوندي، بار ميڊ کي پنجين پيگ لاءِ اشاروڪيو. بار ميڊ پنجون پيگ ڏيندي پڇيو" سچ، توکي ان نالي کان بچان نه ٿي اچي؟"

ڊڪ پريندي چيم." مان چڙڻ وارن مان ناهيان. مون کي جيڪڏهن ڪو هٽلر به سڏي تہ ڪاوڙ نه لڳندي!"

منهنجي ان جواب تي، بار ميڊ هڪدم رد عمل ڏنو "منهنجي مرحوم والد جي اها وصيت هئي تہ : 'وٽلنسيه ! تون دنيا جي ڪنهن به مرد سان شادي ڪري سگهين ٿي، پر ڪنهن جرمن سان نہ ڪجانءِ...! خبر ٿي چو؟"

" چو؟"

" صرف هٽلرجي ڪري!"

مان ريڊ وائن جو آخري ڊُڪ پريندي وراٽيو "خبر ٿي منهنجي والد، مون کي ڪهڙي نصيحت ڪئي هئي؟"

" ڪهڙي؟"

"ان چيو هيو تہ دنيا جي ڪنهن به عورت سان شادي ڪري سگهين ٿو. پر جي جرمن عورت سان ڪندي تہ منهنجي روح کي راحت نصيب ٿيندي. ان ڪري جو اها ان هٽلرجي ديس جي هوندي، جنهن ۾ جنگ عظيم ۾ انگريز، ڊچ ۽ فرينچ سامراج کي ايترو تہ نستو ڪيو جو کين ايشيائي ۽ آفريقي ڪالونيون چڏڻيون پيون."

مان اها هٿ ٽوڪي ڳالهه وٽلنسيه کي ٻڌائي، پنجن پيگن جي رقم چڪائي، بد شد ڳالهائيندي ٻاهر نڪري آيس. پوءِ ٽرام تي چڙهي پنهنجي هاسٽل جي مين گيٽ تي پهتس. چاهي ڪيڏي انٽرلاڪ ڪولڻ جي ڪيم ڪوشش جي باوجود به چاهي نہ پئي لڳي تہ پٽيان آواز آيو "ايترو پيئين چو ٿو جو لاڪ به ڪولي نہ ٿو سگهين؟...چاهي مون کي ڏيا" ڪنڊ ورائي ڏٺم تہ نگستي بيٺي هئي.

مون کيس چاهين وارو چلو ڏنو. هن چاهي هنئي تہ انترلاڪ کلي پيو.
مان ٽ" ڪائيندي ڏاڪٽيون چڙهي پنهنجي روم جي دروازي تائين پهتس.
اتي بہ نگستي دروازو کوليو. مان ٻئي هٿ مٿي کي ڏئي بيڊ تي ويهي رهيس.
نگستي سامهون ڪرسيءَ تي ٽي ويٺي ۽ پوءِ ٻڌائڻ لڳي."خبر ٽي تنهنجي
پٽيان چا پئي چيو ويو؟"

جواب ڏيڻ بجاءِ پڇيومانس."تون ڪنهن مهل پئرس مان آئي آهين؟"

"جنهن وقت تون بارميڊ سان گهوگهہ پئي هنئي. مون سوچيو تہ ٿُن لڳو
پيو آهين. ان وقت توکي سمجهائڻ بي وقوفي آهي. سو بہ سيني جي
سامهون!"

"مهرباني! پر منهنجي پٽيان چا چيو پئي ويو؟"

"چيو پئي ويو تہ هن کي سئڪاٽري وارڊ ۾ داخل ڪرايو وڃي. مينٽل
ڪيس ٽي ويو آهي!"

"ڪير ٿو چئي تہ مان مينٽل ڪيس ٽي ويو آهيان...؟"

"مان ٽي چوان!"

مان سراپا حيرت ۾ کيس ڏنو تہ نگستي سوال ڪيو "تو اڄ ايترو ڇو
پيتو؟"

"پريشان ڪري ڇڏيو اٽائون، 'صدام حسين! صدام حسين!' چئي
ڪري!" مون شڪايتي انداز ۾ وراڻيو.

"پر ڪو اهو طريقو تہ ڪونهي، جو ماڻهو آپي کان نڪري وڃي!"

جهٽ ڪن روم ۾ خاموشي رهي. مون خاموشي ٽوڙيندي ڪائنس پڇيو
"هاڻ تون چا ٽي چوڻ چاهين ...؟"

"هاڻي آرام ڪر! وڌيڪ سياڻي ڳالهائبو ۽ ٻيو ٻڌ! منهنجو الارم
ڪلاڪ خراب ٽي ويو آهي. سياڻي پوري ٻارنهين وڳي روم تي اچي
اٽارجانءِ...!" ائين چئي هوءَ نڪري وئي.

16 مارچ، چنچر

صبوح جو ڏهين وڳي اٿيم. مٿي ۾ هلڪو هلڪو سور محسوس ٿيو. رڳي رڳي سوشل ايوننگ ۾ وڏن واربون ڳالهيون ياد ٿيون. دل نہ ٿي ڪيو تہ ڪامن ڪچن ۾ وڃي ناشتو ٺاهيان. بڪ ڪي ترجيح ڏيندي، پاٽي ۽ جا ۽ گلاس پي چڏيم. باٿ روم ۾ وڃي، جڏهن ٻيار ٿي موٽيس تہ ٽيبل تي رکيل ٽائيمر تي نظرون جمائي چڏيم. هارنهن ۾ اڃا پنج منٽ هيا تہ پڙڪو ڪائي اٿيم. پوري هارنهين وڳي نگستي جي روم جو دروازو کڙڪايم. هن دروازو کوليو. نگستي کي گلابي نائٽ سوٽ پهريل هيو. هن نندڪڙن نيٽن سان اندر اچڻ جو اشارو ڪيو. پوءِ پنهنجي بستري جي گهنجيل چادر ٺاهي، ٽوٿ پيسٽ، برش، ٽاول، صابڻ، شيمپو ۽ ڪپڙا کڻي ٻاهر ڪامن باٿ روم ڏانهن هلي وئي. مان نگستي جي روم تي پهريون دفعو آيو هيس. ڪرسيءَ تي ويني جائزو پئي ورتم. ڪو بہ پوسٽر، فوٽو يا اهڙي شئي موجود نہ هئي، جنهن مان سندس خاص ذوق جو اظهار ٿيندو هجي.

ويهن منٽن جي اندر موٽي آئي تہ ڪيس پاجامو ۽ ٽلهي شرٽ پهريل هئي. هن هيئر ڊريسر سان وار ٺيڪ ڪندي چيو "مان انجيرا ۽ ڪافي ٺاهي اچان ٿي. تيسيتائين انتظار ڪر!"

"چا مان تنهنجي مدد ڪري سگهان ٿو؟"

"ڪا ضرورت ڪونهي!" چئي، ٻاهر نڪري وئي.

ڏيڍ ڪلاڪ اندر هوءَ انجيرا ۽ گرين ٽي ڏهي ڪٽي آئي. هيٺ ڪارپيٽ تي هڪ بيڊ شيٽ ٻيٽي ڪري وچائڙ ڪار، پوءِ شين کي ترتيب سان رکيائين. لنچ ڪرڻ جي دؤران ٻئي خاموش رهياسين. آخر ۾ نگستي ٿرماس مان گرين ٽي پيٽي، ڪوپن ۾ وڌي. مون کي منهنجو ڪپ کڻڻ لاءِ اشارو ڪندي چيائين، "منهنجي خيال ۾ جتي رات ڳالهہ چڏي هئي سين، اتان شروع ڪجي!"

"پلي!"

"چا توکي رات وارو ورتاءُ ياد آهي؟"

"ڪجهہ ڪجهہ!" وراٽيم.

"ڇا انهيءَ معاملي کي ائين منهن ڏبو آهي؟" نگستي پڇيو.

"تون ٻڌاءِ ته يورپي غير جانبدار آهن؟"

"مون کي خبر آهي ته اهي ظاهر ۾ غيرجانبدار لڳندا آهن. پر حقيقت ۾ هوندا ناهن. پر هر معاملي کي صبر ۽ ڌيرج سان نپائجي، ته بهتر آهي."

"صبر جي به ڪا حد ٿيندي آهي، يا نه؟" پڇيومانس.

"اسان جي هڪ لوڪ گيت جا بول آهن ته : مان ايستائين صبر ڪندس جيسين صبر پاڻ ٿڪجي نه پوي!"

"هاڻي، تون مون مان ڪهڙي توقع رکين ٿي؟"

"اها توقع ٿي رکان، ته جوش ۾ اچي هوش نه وڃاءِ...! تگريني ٻوليءَ جو اهو پهاڪو ذهن ۾ رک، ته اُٺ هلندا رهن، ڪتا پؤنڪندا رهن!"

مان وڌيڪ شرمساري کان بچڻ لاءِ موضوع مٽايو "پئرس ۾ تنهنجي ڪيئن گذري؟"

"هڪ هڪ کي ٻڌائڻ مٿي خوري ٿيندي. شام جو سيرا جي روم تي سيني سامهون احوال ڪبو!"

اٽيس ته نگستي چيو "غلطي انسان کان ٿيندي آهي. مون کان به ته ايمسٽرڊم ۾ ٿي هئي. بس تون جرئتمنديءَ جو مظاهرو ڪندي، انهن کان معافي وٺي چڏجانءِ، جن کي تو رنجايو آهي."

رات جو سيرا جي روم مان سيني جي موجودگيءَ جا آواز اچي رهيا هيا. ٻڌتر ۾ هيس ته وڃان يا نه ...! پؤ هيو ته متان ڪالهه ٽيل گوهاندي متعلق نه ڪو پڇي وجهي. ٻيون ته ڪٽي ٽارو به ڪن، پر روزمئري ته اڻ جهل آهي...

جهٽ نه گذري ته دروازي تي سڏ ٿيو، "هيلو! مان نگستي!"

اٿي دروازو کوليم ته ٻڌايائين، "تنهنجو انتظار ٿو ٿئي!"

نگستي آڏو انڪار جي گنجائش نه هئي، ان ڪري هٽ منهن ڏوئي وڃي پهتس. توقع جي خلاف ڪنهن به ڪالهه ٻارو قصو نه چيڙيو. البته چانهه پيئڻ کان پوءِ روزمئري، نگستي کي چيو "اسان کي هاڻي پئرس جو سمورو احوال ٻڌاءِ؟"

" توهان کي ته خبر آهي، پئرس وڃڻ جو اصلي سبب ربڪا سان ملڻ هيو. هن وڏو آڏرياءُ ڪيو ۽ چيو ته پڙهائي ختم ڪرڻ کان پوءِ، جيڪڏهن مان فرانس ۾ پناهه وٺڻ چاهيان ته هوءَ مدد ڪري سگهي ٿي."

"اوه زبردست! تون پوسٽ گريجيويٽ ڊپلوما وٺڻ کان پوءِ پئرس ۾ رهي پئجانءِ. توهان جي ملڪ ۾ اونئون ئي باهه ٿي ٻريا!" اِدنا چيس.

"هرگز نه...! مون کي پنهنجي وطن، هر حال ۾ ورٽو آهي!"

"او ضدي چوڪري !" ادنا سمجهائيندي چيس،"دنيا جي جنت ۾ پهچي، دوزخ ڏانهن ورڻ جو نه سوچ...! اسان آفريقن جي خوابن جي سرزمين آمريڪا يا يورپ آهي. آفريقا ۾ ڇا رکيو آهي، سواءِ بک، بيماري ۽ جهالت جي!"

"اها اسان جي ذميواري آهي ته آفريقا مان غربت ۽ جهالت کي ختم ڪيون. خراب حالتن کي ڏسي، پٺي ڏئي ڇڏڻ بزدلي آهي." نگستي وراٽيو.

"اها بزدلي نه پر عقلمندي آهي. ربڪا به ته پئرس ۾ ويٺي آهي؟" ادنا دليل ڏنس.

"هر ڪنهن جي مزاحمت جو پنهنجو انداز آهي، جن کي قلم سان مزاحمت ڪرڻي آهي، اهي قلم سان، جن کي هٿيار هلائڻ اچن ٿا، اهي هٿيارن سان ڪن. مزاحمت ته هر حال ۾ ڪرڻي آهي!" نگستي وراٽيس.

"هاڻي، چڏيو ان بحث کي، چانهه پيئو!" سيرا، ڪوپن ۾ چانهه پيٽيندي سيني جو ڏيان ڇڪايو ، "خير سان رمضان ڪريم جي سياڻي ڪان آمد آهي. مان مدينه اسلامڪ سلاخرائي تان حلال گوشت ونڻي آئي آهيان. سياڻي پهرين روزي جي حوالي سان سيني کي سحري ۽ افطار ڪرڻ جي دعوت ڏيان ٿي! "

"اسان ته روزا رکون ئي نه. ته پوءِ ڇا جي سحري، ڇا جي افطاري؟" روزمئري چيس.

"اها ڳالهه صحيح آهي، جيڪو روزو نه رکي، ان جي افطاري ته نهي ئي نه ٿي!" مون وراٽيو.

"دلمراد! توکي ته مان زوري رکرائيندس. ڪٽي مون کي تنهنجي در تي دهل وڄائڻا پون!" سيرا منهنجي دل جو گدڙ سڃاڻي ورتو.

چيم. "پوءِ نگستي سان گڏ رننگ ۾ ايئروبڪ جو ڇا ٿيندو؟"

"رننگ ۾ فزيڪل ايڪسرسائيز رمضان تائين ڪٽي ملتوي ڪيو روزا رکندئو ته پاڻهي لهي ويندئو." سيرا چيو.

"سيرا صحيح ٿي چوي. اسمارا ۾ پنهنجي دوست سبرينا علي سان گڏ روزا رکندي هيس. ته وزن گهٽجي ويندو هيو." نگستي وراڻيو.

"تون ته ڪرسچن آهين؟" اڌنا. نگستيءَ کان پڇيو.

"ها! پر اريٽيريا ۾ ڪرسچن به روزا رکندا ۽ عيدالفطر ملهائيندا آهن ۽ مسلمان ڪرسمس. اسان وٽ مذهبي مت پيڊ آهي ئي ڪو نه!"

مون سوچيو هاڻي ته نگستي کا واهه ئي نه ڇڏي....

17 مارچ، آچر

رمضان جو پهريون روزو هيو. مان ٽائيمرکي ساڍي ٽين وڳي جو ريمائنڈر لڳائي سمهي پيس. چئين وڳي تائين مسلسل "ٽُون! ٽُون!" ڪندو رهيو. پر مان ايستائين ڪمبل ۾ پيو رهيس. جيستائين سيرادروازو وڄائي نه اٽاريو.

تڙ تڪڙ ۾ هٿ منهن ڌوئي سيرا جي روم تي پهتس. نگستي اڳي ئي انتظار ۾ ويٺي هئي.

"تو گهٽو ساجهر اٽاريو آ!" مون اوباسيون ڏيندي سيرا سان شڪايت ڪئي.

"هي ڏس. التوحيد مسجد ايمسٽرڈم جو سحري ۾ افطاري جو شايع ٿيل چارٽ!" هن ٽيبل تي پيل هڪ چارٽ ڪٽي هٿ ۾ ڏيندي چيو. مون ڏٺو ته ان ۾ روزي رکڻ جو آخري ٽائيم پنج هيو. دل نه چوندي به ساڻن ٻي ٽي گره ڪٽي روزي جي نيت ڪري ڇڏيم.

منجهند جو اٿيم. سوچيم تہ پلاري مهيني ۾ نگستيءَ جي نصيحت تي چو نہ عمل ڪري ڏسجي. ان ارادي سان سڏو اسٽيٽنڊم هاسٽل وڃي، پهريان انطون جي روم جو دروازو کڙڪايم. هن دروازو کوليو تہ عابيہ بہ اتي ويٺي هئي. ٻنهي آڏو شرمسار ٿيندي چيم" ٽيون ڏينهن منهنجي بد زباني سان اوهان کي تڪليف پهتي هوندي، ان ڪري معافي جو طلبگار آهيان!"

"ڪا ڳالهہ ڪونهي، اسان قبطي عيسائي، مصر ۾ انتها پسندن جي ڏکار جا عادي آهيون. هڪڙو تون بہ سهي!" انطون ڏکارو ٿيندي وراٽيو.

"ان جو مطلب تہ تو معاف نہ ڪيو؟" مان سندس شڪايتي لهجي کي سمجهندي چيو.

انطون اٿي ڪري پاڪر پاتو "يسوع مسيح جو قسم! تہ مون توکي معاف ڪيو!"

"۽ اوهان؟" مون عابيہ ڏانهن ڏٺو.

"تو تي ڪاوڙ تہ ڏاڍي هئي. پر مون بہ توکي امام المتقين جي صدقي معاف ڪري ڇڏيو!" عابيہ وراٽيو تہ مون کي اطمينان ٿيو.

پوءِ پيڊرو ۽ آخر ۾ مئدلين جي روم تي وڃي ڪين پرچايم.

صرف وٽلنسيہ رهجي وئي، جو اها شهر ۾ رهندي هئي.

سوچيم، ايندڙ سوشل ايوننگ تي ڪائنس معافي وٺي ڇڏبي. معافين تلافين کان پوءِ محسوس ڪيم تہ جڙ ڏهن تان ندامت ۽ شرمساري جو بار لهي ويو هجي.....

18مارچ ، سومر

انسٽيٽيوٽ طرفان ڏنل شيڊيول مطابق، سميوليشن گيم ۾ حصو وٺڻ لاءِ، سيئي پارٽيسپنٽس 9 وڳي، ڪو-آرڊينيٽر 'انيڪا' ۽ رابرٽ جي اڳواڻي ۾ هن بسن تي چڙهي، نيڊرلينڊس جي صوبي گلڊر لينڊ ڏانهن روانا ٿيا. هن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ هڪ خوبصورت ڳوٺ لنٽرين جي پرسان، 'دي ورلڊ ڪانگريس هوٽل' ۾ پهتاسين. هر پارٽيسپنٽ لاءِ هڪ روم اڳواٽ ئي بُڪ ٿيل هئي. فرسٽ فلور تي، نائيجيريا جي عثمان، افيريو کي V-51، عمر فقيه کي، V-52، نگستيءَ کي V-53، سيرا کي،V-54 ۽ مون کيV-55 نمبر روم ملي.

پوري 12 وڳي هوٽل جي آڊيٽوريم ۾ سميوليشن گيم جو پهريون سيشن شروع ٿيو. جنهن ۾ پارٽيسپنٽس کي ٽين دنيا جي هڪ وچولي شهر ۾ جاگيردارن، سرمائيدارن، سماجي اڳواڻن ۽ مذهبي پيشوائن جو ڪردار ادا ڪندي لوڪل گورنمينٽ جي اليڪشن ۾ حصو وٺي، شهر جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻا هيا. مون کي هڪ لينڊ لارڊ جو ڪردار مليو. جيڪو شهر ۾ پنهنجي زمين کي وڏي اڳهه تي ڪپائڻ جي چڪر ۾، شهر جي ڪنزرويٽو پارٽيءَ جو حمايتي هيو جنهن جي سربراه عابيه هئي. جڏهن ته نگستي 'سوشلسٽ پارٽيءَ' جي سربراهي وارو ڪردار ادا پئي ڪيو. جنهن جي منشور ۾ سرڪاري زمين تي مفت ۾ گهر اڏي ڏيڻ شامل هيو. جڏهن ته لبرل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي سربراه گلوريا هئي. جنهن جي منشور ۾ سرڪاري زمين مناسب اگهه ۾خريد ڪري بنا نفعي نقصان جي، عام ماڻهن جي رهائش جو مسئلو حل ڪرڻو هيو. چوٿين 'رليجس ڊيمڪريٽڪ' پارٽي هئي، جنهن جو اڳواڻ يونس ڪاشف هيو. جنهن جي منشور ۾ مذهب ۽ قانون جي پوئيواري ڪندڙ نيڪ ماڻهن کي مفت پلاٽ يا گهر اڏي ڏيڻا هيا. طريقہ ڪار مطابق پارٽيءَ جي هر اڳواڻ کي پنهنجي حڪمت عملي ٻڌائي، عوام (حاضرين) ڪان حمايت حاصل ڪرڻي هئي. جڏهن ته عام ۽ ميڊيا جي ماڻهن جو ڪردار ادا ڪرڻ وارن پارٽيسپنٽس کي سخت سوالن ڪرڻ جي

اجازت هئي. اهو به ٻڌايل هيو ته سڀني سوال ڪرڻ ۽ جواب ڏيڻ تي به هر پارٽيسپنٽ کي ايترو ئي نيومريڪل اسڪور ملندو جيترو پارٽي اڳواڻن کي. پر سوالن ڪرڻ يا جوابن ڏيڻ وقت جذباتي ناهي ٿيڻو. ٻي صورت ۾ نيومريڪل اسڪور نه ملندو...

گلوريا پنهنجو مؤقف مناسب انداز ۾ پيش ڪيو. جڏهن ته عابيه جو مؤقف عاميانه هيو. اندازو ٿي ويو ته اسان جي گروپ جو چاڑهو مشڪل آهي. سڀ کان بهتر مؤقف نگستي جو هيو جنهن چيو ته: "جنهن زمين جي چپي چپي تي هزارن سالن کان وٺي عام ماڻهن جي قدمن جا نشان هجن. ان تي ملڪيت جو حق پهريان عام ماڻهو. جو آهي. ان ڪري ڪيس رهائش جي سهولت بنا ڪنهن معاوضي جي ملڻ گهرجي!"

سيني کان نرالي تقرير مليشيا جي يونس ڪاشف جي هئي. جنهن چيو ته هو حمايت جي بدلي، عوام کي نه صرف هن جهان ۾ پر اڳلي جهان ۾ به جاءِ جوڙائي ڏيندو. پوءِ ته عام ماڻهن ۽ صحافين جي ڪردار ادا ڪندڙن کائنس ايترا ته اڙانگا سوال ڪيا، جو همراه چڙي پنهنجي گروپ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو.

روزائتن لاءِ 7 وڳي افطاري جو انتظام هيو. افطاري کان پوءِ ڪو آرڊيننيٽر 'انيڪا' مون وٽ آئي ۽ چيائين، "جيڪي روزا رکڻ چاهين، انهن کان پڇي ڪري ٻڌاءِ ته هو سحري ۾ چا کائڻ پسند ڪندا؟"

مان هال ۾ هڪدم اٿي بيهي اعلان ڪيو "جيڪي روزا رکڻ چاهين ٿا، اهي هٽ ڪٽن ۽ ٻڌائن ته سحري ۾ چا کائڻ پسند ڪندا؟"

ٽوٽل سورنهن ڇٽن هٽ مٿي کنيا. مان روزيدارن کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري، سحري جو مينو پڇيو. انهن دل کولي ٻڌايو. فيصلو اهو ٿيو ته هڪ فوڊ باڪس ۾ مرغي جا ٻه پيس، هاف نارمل بريڊ، هڪ پيسٽري، ٻه سؤ گرام بوائل چانور، اڌ ڪلو ڀاڄي کيروارو دهو هجي. مون پاڻ ڳڻيندي 'انيڪا' کي سترنهن فوڊ باڪس ٺهرائڻ جو چيو. ان آڏار تي هن هوٽل جي مئنيجر کي آرڊر ڏئي ڇڏيو. پوري ڏهين وڳي هوٽل جي بئرن (Bearers) مون کي سترنهن باڪس، هال جي هڪ ڪنڊائتي ٽيبل تي رکي ڳڻايا. پوءِ مون سيني

روزيدارن کي واڌائي ٻڌايو ته هرهڪ پنهنجي روم تي وڃڻ کان اڳ، ٽيبل تي پيل فوڊ باڪس کڻڻ نه وساري!!!

جڏهن 11 وڳي مان، نگستي ۽ سيرا، هوٽل جي ٽي وي لائونج مان اٿي، باڪس کڻڻ لاءِ پهتاسين ته ڪارنر ٽيبل تي صرف ٻه پيا هيا. حيرانگيءَ وچان هڪ ٻئي جا منهن تڪڻ لڳاسين !..

مون سيرا ۽ نگستي کي چيو" توهان اهي کڻي ڇڏيو! "

" تون ڪيئن روزو رکندين؟" سيرا پڇيو.

" مان کڻي قضا ڪندس! "وراڻيم.

سيرا چيو " قضا ڇا لاءِ ، ڏڃي سحري ڪنداسين. اسان جا وڏا ته ڪٿل ڀڳڙيءَ تي ٻه روزا رکندا هيا. هنن ۾ ته گهٽو ڪجهه آهي !"

سحري مهل سيرا ۽ نگستي منهنجي روم تي آيون ته ٻن فوڊ باڪسن مان ٽن جي سحري آرام سان ٽي وئي.

19 مارچ ، اڱارو

مان ڪالهه کان ويچار ۾ هيس ته : 'روزيدار سترنهن، باڪس ٻه سترنهن ته هڪ واڌارا ڪنهن ڪنيو... ؟.

افطار ڪرڻ کان پوءِ رات جو پوري ڏهين وڳي هوٽل جي ٻئرن ڪارنر ٽيبل تي سحري لاءِ سترنهن باڪس رکي ڇڪايا. مان پاسي واري ٽيبل تي اڪ ٽيٽ ڪري ويهي رهيس. جڏهن ڏٺم ته ڪنهن واڌارو ڪنيو آهي ته ان وقت خاموش رهيم. ٽوري جهت رکي، نائيجيريا جي افيريو عثمان جي روم جو دروازو ناڪ ڪيم. هن درازو کوليو ته پچيومانس،"محترم! اوهان سحري لاءِ واڌارو باڪس ته ناهي ڪنيو؟"

هن لاعلمي جو مظاهرو ڪندي وراڻيو"مون کي ڪهڙي خبر!"

مون کيس ڏکو ڏئي انڊر داخل ٽيس ته ٽيبل تي ٻه باڪس پيا هيا.

" هي ڇا آهن؟" اشارو ڪندي پچيومانس.

هن جواب ۾ گار گند ڪندي چيو "توکي منهنجي روم ۾ گھڙڻ جي جرئت ڪيئن ٿي؟" مان طيش ۾ اچي، عثمان افيريو کي سنيالڻ جو موقعو ئي نہ ڏنو. ڏاڪ تي چاڙھي فرش تي سٽيومانس. ڪرن سان ئي همراہ ٿري ويو. دڪي جي آواز تي، پرسان رهندڙ عمر فقيہ پڇندو آيو. افيريو کي ڪريل ڏسي، ڪيس مالش ڪرڻ لڳو. سيرا ۽ نگستي ٻہ اندر پھتيون. پڇڻ تي مون کين حقيقت ٻڌائي تہ نگستي مون کي ھٽ ڪان وڌي پنھنجي روم تي گھلي وئي. عثمان افيريو سرت ۾ اچڻ ڪان پوءِ سيني آفريقي مسلمانن کي گڏ ڪري مجرائڻ جي ڪئي. پر عمر فقيہ ۽ سيرا، ڳالھين ٻڌڻ ڪان پوءِ اھو فيصلو ڏنو تہ ٻئي ڇڪا ھڪ ٻئي کان معافي وٺن. جو اھو جھيڙو ڏھنامي جو باعث ٻڌيو. مجبورن اسان ٻنھي کي ھڪ ٻئي کان معافي ونڻي پئجي وئي. پر صبوح جو اھا ڳالھہ ڪنھن نہ ڪنھن واتان پارٽيسپنٽس وٽ پھچي وئي. مون کي سيني ائين پئي ڏٺو جڙ ڪو وڏو ويڙھاڪ ھجان. پر نگستي ڏاڍي خوش ھئي. بار بار چوندي رھي، " تو ۾ ويڙھہ واري جبلت ڀرپور آھي. تون تہ وڏي ڪم جو ماڻھو آھين!"

ان ٻڌڻ ڪان پوءِ منھنجو سينو تاڻجي ويو تہ ٻين لاءِ نہ سھي، پر نگستي لاءِ تہ ڪم جو ماڻھو ٿي ويس...!

20 مارچ، اربع

صبوح سان 10 وڳي اليڪشن ٿي.

11 وڳي نتيجو اچي ويو. گھٽ ۾ گھٽ ووٽ جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ مذھبي پيشوائن جي پارٽين کي مليا. جڏھن تہ پھرين نمبر تي سوشلسٽ ۽ ٻي نمبر تي لبرل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ ووٽ ڪنيا. نتيجي اچڻ ڪان پوءِ 'انيڪا' اھو تت ڪيو تہ : "ترقي پسند پارٽين پنھنجو مؤقف بھترين نموني سان پيش ڪيو. جيڪڏھن ترقي پذير ملڪن جون سڃاڻ سياسي پارٽيون پنھنجي مؤقف کي عوامي مفادن تحت چٽو ڪري پيش ڪن، تہ مثبت تبديلي اچي سگھي ٿي!"

منجهند کان پوءِ گهمڻ گهٽڻ جي آزادي هئي، پر اها بہ هدايت هئي تہ هوٽل جي سامهون 'نيشنل پارڪ ڊي هيگ' آهي. رستو چڏي ان ۾ اندر ناهي وڃڻو جو پلجي پوڻ جو امڪان آهي. نگستي ۽ مان جڏهن هوٽل مان نڪتاسين تہ ڪيس الائي ڪهڙو پُور پيو. جو چوڻ لڳي، "پارڪ جو گهاٽو جهنگ اندران گهمي ڏسجي!" پوءِ رستو چڏي جهنگ ۾ ڪاهي پئي. مان بہ پٽ ورتي مانس. چؤڌاري وڻ ۽ وليون پاڻ ۾ امبل چمبل لڳا پيا هيا. واهيرن ڏانهن ورندڙ مختلف پکين جو چرٻٽو متل هيو. هوءَ بنا بريڪ هلندي رهي. اوچتو آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇائنجي ويا. کنوڻ جا چمڪاٽ شروع ٿي ويا. تجلن تي ٿورو ٽڪو دهو پيو پئي. ويرم ئي نہ گذري تہ زوردار مينهن وسڻ لڳو. نگستي پڇيو" نائيس گاءِ! هاڻي هن جهنگ مان ڪيئن نڪربو؟"

"مون کي طرفن جي خبر ئي نہ ٿي پوي!" چؤڦير لوڙا هٽندي وراڻيم.

"پوءِ تہ پاڻ کي سڃي رات جهنگ ۾ رلڻو پوندو. پليز! ياد ڪر تہ ڪهڙي پيچري سان آيا هياسين؟"

مون هڪ طرف اشارو ڪيو تہ نگستي کل ۾ ٻڏجي وئي، "اهو پيچرو تہ اسان کي جهنگ ۾ رلائي چڏيندو!"

" تون ئي ڪٽي ٻڌاءِ؟ "ويچارو ٿي پڇيو مانس.

"هاڻي منهنجي پٽيان اڇ ۽ ڏس تہ مان ڪيئن ٿي توکي دڳ لايان "

پوءِ نگستي هڪ طرف ائين هلڻ لڳي، جڻ اتان جي جهانگياڻي هجي. ويهن منٽن اندر جهنگ مان نڪري آياسين.

پڇيومانس،" توکي دڳ ڪيئن هٿ آيو؟"

"مان جڏهن تنهنجي اڳيان پئي هليس تہ ولين وارين تارين کي موڙيندي پئي ويس، موٽندي انهن مڙيل تارين کي ڏسندي نڪري آيس!"

21 مارچ، خميس

ڪو-آرڊينيٽرس،صبوح جو بسن تي چاڙهي لنڊرين شهر گهمائڻ کان پوءِ 'ڪرولر ميوزم' ڏانهن وٺي ويا. جتي يورپ جو وڏي ۾ وڏو مجسمن جو باغ هيو. ميوزم اندر يورپ جي ڪلاسيڪل ۽ دؤر حاضر جي آرٽسٽن جا مختلف شاهڪار پيا هيا. ڏيڍ ڪلاڪ ڏسڻ لاءِ ڏنو ويو جيڪو بالڪل ناڪافي هيو. ان کان پوءِ ٻه هزار سال قديمي شهر'نائيميخن' جيڪو وال نديءَ جي پرسان پراڻي دؤر ۾ رومي فوج جي ڪيمپ طور اڏيل هيو تنهن جو ترڙو چڪر هڻائي 7 وڳي بسن اچي روترڊم ۾ لاٿو.

22 مارچ، جمعو

اڄ ڪلاس ۾ هر پارٽيسپنٽ سميوليشن گيم ۾ پرپور حصو وٺڻ ڪري ٽڪل نظر پئي آيو. پر پوءِ ٻه ڪو-آرڊينيٽرس نه مڙيا. 5 وڳي شام تائين فيڊ بئڪ ورتائون. ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ، مان سيني کان آخر ۾ نڪتس. آرسين وانگر رڙهندو ميل باڪس وٽ پهتم. ڏٺم ته پارٽيسپنٽس پنهنجا پنهنجا ميل باڪس جاچڻ کان پوءِ، هڪ پنو هٿ ۾ ڪيون تڪڙا تڪڙا نڪتا پئي ويا. جڏهن ميل باڪس کوليم ته ان ۾ انسٽيٽيوٽ طرفان هڪ دعوت نامو ڊراپ ٿيل هيو. جنهن ۾ جاڻايل هيو ته جيڪي پارٽيسپنٽس 23 ۽ 24 مارچ تي بيلجم گهمڻ چاهين، اهي پنهنجا نالا جلد از جلد پارٽيسپنٽس آفيسر کي لکرائين. ان ۾ اها ٻه وضاحت ٿيل هئي، ته اها صرف گهمڻ ڦرڻ واري عام ٽوئر هوندي.

دعوت نامو پڙهي ڏاڍو خوش ٿيس. جو هن ۾ استڊي ٽوئر وارو مٽي جو سور نه هيو. جڏهن مان ايوا جي آفيس پهتس ته ڏکهي قطار لڳل هئي. اتي مون کي ڏڻي، اڍنا ۽ ٻيا آفريقي ته نظر آيا، پرسيرا، روزمئري ۽ ورونا موجود نه هيون. مون سوچيو، شايد اڄ ۾ ٽي ويون هجن ...!

شام جو جڏهن سيرا جي روم تي ڪچهري لڳي تہ پچيومانِ، ”بيلجم هلڻ لاءِ نالا تہ لکرائي ڇڏيا هوندوَ؟“

روزمئري عجيب قسم جو جواب ڏنو”جنهن بيلجم کي ڪانگو جي ماڻهن جا هڏ گڏ ڪيا ناهيو ويو هجي. ان کي اسان جون اکيون نہ ڏسڻ چاهين!“

”مون نہ سمجهيو؟“ وراڻيم.

”بيلجم جو بادشاه ليوپولڊ ٻيو (Leopold 2) ڪانگو جي ڏيڍ ڪروڙ ماڻهن جو قاتل هيو.“ روزمئري ٻڌايو.

مون کي وڏاءُ لڳو تہ چيومانس، ”مون تہ ڪٿي ناهي پڙهيو؟“

”افسوس آهي تہ دنيا کي يهودين جو جرمنيءَ ۾ ٿيل Holocaust (قتلِ عام) جي تہ خبر آهي، پر ڪانگو ۾ ٿيندڙ نسل ڪشي ياد ناهي.“

” پر بيلجم تہ ننڍڙو ملڪ آهي، هن اهو ڪيئن ڪيو هوندو؟“

” شايد تون يورپ ۾ بيلجم جهڙن ننڍن ملڪن بابت اها چوٽي نہ ٻڌي آهي تہ : Small country, small minded people

”افسوس اهو آهي تہ ايڏي ظلم ڪرڻ تي، اڄ تائين بيلجئن سرڪار شرمساريءَ جو اظهار ناهي ڪيو.“ سيرا چيو.

”واقعي، ڪانگو ۾ ايترو ظلم ٿيو هيو؟ “مون نگستي کي ڏسندي پڇيو.

نگستي ٻڌايو ” 1885ع ۾ يورپي ملڪن، آفريقا جي ائين وند ورهاست ڪئي، جيئن چريءَ سان کو ڪيڪ ڪاٽجي. دنيا جي سامراجي ملڪن بيلجم جي انهيءَ بادشاه کي ڪانگو جي سرزمين جڙ پنهنجي وڏن جي ملڪيت سمجهي ڪري ڏني هئي!“

”جيتري قدر مون اخبارن ۾ پڙهيو آهي تہ اهو ڪم سامراجي ملڪن سڄي دنيا ۾ ڪيو هيوا “ مون دليل ڏنو.

”شايد توکي بيلجم جي بادشاه جي ٿيل ظلمن جي خبر ناهي. جڏهن يورپ ۾ عاج جو واپار شروع ٿيو تہ انهن عاج هٿ ڪرڻ لاءِ نہ صرف بي دريغ هاٿي ماريا، پر استيم بوٽ هلائڻ لاءِ ڪيئي سرسبز جهنگ اجاڑي

چڏيا. جن مان اتان جا ماڻهو ڏاڍ چونڊي يا شڪار ڪري پيٽ پالينڊا هيا. ان ڪري ڪانگو جي ڪيترن علائقن ۾ قحط پئجي ويو."

نگستي چپ ٿي ته روزمئري شروع ٿي وئي. "ان کان به وڏو ظلم اهو ٿيو. جڏهن سائيڪلن ۽ موٽرن جا ٽائر ڪانگو جي ربڙ جي وڻن جي رس مان نهڙ لڳا. آفريقا جي ٻين ملڪن ۾ ته ڪمپنيون ڪجهه نه ڪجهه مقامي ماڻهن کي معاوضو ڏئي رس گڏ ڪندڙ هيون. پر ڪانگو ۾ اهو ڪم بنا معاوضي ٿيندو هيو. ڪمپنين کي بادشاه طرفان اهو قانوني تحفظ مليل هيو ته اهي مقامي ماڻهن سان کهڙو به ناروا سلوڪ روا رکن. نتيجي ۾ ڪمپنين رس گڏ ڪرڻ لاءِ اتان جي ڳوٺن جون عورتون يرغمال ڪري ڪئمپن ۾ رکيون. سندن مردن کي هوڪا هڻن ۾ ڏئي چيو ويندو هيو ته جهنگل ۾ وڃي رس ڪيڊي اچن. حڪم نه مڃڻ جي صورت ۾ سندن هٿ پير ڪپيا ويندا هيا. بادشاه جيئن ته انتها پسند عيسائي هيو ان ڪري مشنريون سندس ڊڪيندڙيون هيون. پر هڪ درد دل رکندڙ آمريڪي صحافي جارج واشنگٽن وليمز اخبارن ۾ بادشاه جي نالي هڪ ڪليل خط لکي، سندس ڪڙتوتن تان پردو کنيو. جواب ۾ بادشاه شرمنده ٿيڻ بجاءِ انتهائي بي حيائيءَ جو مظاهرو ڪندي چيو ته 'سرڪشي جي صورت ۾ ڪارن جا هٿ ڪپڻ ته معمولي ڳالهه آهي، انهن جون ته سسيون لهڻ کپن!'"

"پر مون ته اڃا ڏڻا ٻين ڪيترن آفريقن کي پارٽيسپنٽس آفيسر جي آفيس ۾ نالو لکائيندي ڏٺو آهي!"

"هر ڪنهن جي مرضي آهي، اسان جي دل نه ٿي ڪيي!" سيرا وراڻيو.

"ڇا مون کي به نه وڃڻ گهرجي؟" مون سڀني ڏانهن سوالیہ نگاهن سان ڏسندي پڇيو.

"ضرور وڃي ڏس!..شايد ڏسڻ سان توکي ان قوم جي ذهنيت جو اندازو ٿي وڃي!" نگستي وراڻيو.

23 مارچ ، چنڇر

صبوح جو سوا اٺين وڳي، رائونڈ بلڈنگ جي سامهون گڏ ٿياسين. ساڍي اٺين وڳي پروفيسر پال بروس ۽ اقبال سليم جي نگراني ۾ هن بسن ۾ سوار ٿي، جڏهن اينٽورپ (Antwrep) شهر پهتاسين تہ اتان جي ميونسپالٽيءَ جي عمارت آڏو رعونيت سان پريل چهري واري بادشاه 'ليو پولڈ پي' جو مجسمو لڳل هيو. جڏهن برسلز پهتاسين، تہ ٽرون اسڪوائر (Throne Square) تي سندس گهوڙي تي چڙهيل هڪ شاهي مجسمو آويزان هيو. مون پال بروس کان پڇيو تہ: "بيلجم ۾ هن بادشاهہ جا ڪيترا مجسما لڳل آهن ؟"

وراڻيائين، "ويهن کان تہ مٿي هوندا!"

"هن ڪهڙا ڪارنامہ ڪيا هيا ؟" پڇيومانس.

"هن پنهنجي دؤر ۾ بيلجم کي يورپ جو خوشحال ترين ملڪ بڻايو!"

پوءِ جتي بہ ويا سين تہ اتي ان بادشاه جو مجسمو نظر آيو.

پارٽيسپنٽس هر چؤڪ تي لهي سندس مجسمي آڏو فخريہ انداز ۾ بيهي فوٽو پئي ڪيرايا. پر مان برسلز ۾ صرف ٽائون هال جي پٺيان ٽامي جي ٺهيل ننڍڙي ڇوڪري جي مجسمي مينيڪن پس (Manneken Pis) جو لهي فوٽو ڪڍيو. مون کي لڳو پئي تہ جڻ اهو ڇوڪرو دنيا جي نام نهاد اخلاق مٽان مُٽي رهيو هجي.

اقبال سليم منهنجي اضطرابي ڪيفيت کي تاڙي ورتو تہ پڇيائين،

"ڇا مسئلو آهي، دلمراد ؟"

"سر، طبيعت ۾ مزو ناهي! "

" تہ پوءِ توکي اڇڻ نہ گهربو هو!"

" صحيح ٿا چئو! "وراڻيم.

اقبال سليم ٻين پروفيسرن سان گڏ هڪ ريسٽورينٽ ۾ وڃي ويٺو. مان جيئن تہ روزي سان هيس، ان ڪري هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور تان بريڊ ۽ ڪير جو ڊبو ونڊي، هڪ پارڪ جي ڪنڊ ۾ ويهي افطار ڪري ورتم. پوءِ ڏنل ٽائيم

مطابق، پوري 9 وڳي ميٽنگ پوائنٽ تي پهتم. جتان سيني پارٽيسپنٽس کي بسن ذريعي هڪ يوٿ هاسٽل ۾ آندو ويو. اڏ رات تائين يوٿ هاسٽل جي ٽرپل بنڪ بيڊ (Tripple Bunk Bed) مٿان بي چينيءَ منجهان پاسا ورائيندو رهيس ۽ انهن حڪمرانن بابت سوچيندو رهيس، جن جي ڪيل ظلمن کي سندن قومون ڪارنامو ڪري پيش ڪندیون آهن.

24 مارچ، آچر

بيلجم جي هڪ هي شهر بروجش (Bruges) گهمائڻ لاءِ صبوح جو نائين وڳي بسن برسلز مان ڪٽي سوا ڏهين وڳي پهچايو. بروجش سنڊ جي شڪارپور جيان مئل شهر(Dead City) پئي لڳو. پر پوءِ به پراڻين ڪليسائن ۽ عمارتن جي سار سنيار هئڻ ڪري ٽوئرسٽ جو پسنديده شهر هيو. خاص ڪري 12 ۽ 13 صديءَ جون ٺهيل عمارتون' دي بئسليڪا آف دي هولي بلڊ (The Basillca of the Holy Blood) ۽ دي چرچ آف آور ليڊي(The Church of Our Lady) وغيره تي، ٽوئرسٽن جي رش هئي. پر مان بي مزي هيس.

شام جو 4 وڳي بروجش مان بسن ڪنيو. وات سان هرڪو سيٽن تي ٽڪو ٽٽو ستو پيو هيو سواءِ منهنجي. جڏهن رات جو پوڻين 9 وڳي بسن روٽردم پهچايو ته منهنجي بي چيني ختم ٿي.

ڊي ناڪ هاسٽل ۾ پهچندي پاڻ کي فرنو محسوس ڪيم.

رات جو 11 وڳي، هميشہ وانگر سيرا جي روم تي ڪچهري لڳي. چانهہ پيئندي سيني پڇيو، "ٽوئر ڪيئن رهيو؟"

"بورنگ!" وراٽيم.

"نگستي ساڻ نہ هئي، ان ڪري چا؟" روزمئري ڪلندي پڇيو.

"نہ! اوهان جيڪي ظلم جا داستان ٻڌايا، ان ڪري!"

"اسان کي غلط ڳالهيون ته ڪو نہ ٻڌايون؟"

"باخبر ماڻهو ئي ڏکارو ٿئي ٿو!" وراڻيم.

"نگستي مهنجو دوست اڃڪلهه سنجيده ٿيندو ٿو وڃي!" روزمئري ٺهڪ ڏيندي نگستي کي ٽوڪ هنئي.

"اهو تنهنجي صحبت جو اثر آتس!" نگستي وراڻيس.

"پلا، اڌنا تي منهنجي صحبت جو اثر چو نه ٿو ٿئي؟" روزمئري پڇيس.

"رن! تون اڌنا جي ڪيڏ چوپئي آن!" سيرا رهڙ ڏنس.

"هتي جو ناهي آئي، ان ڪري ٿي چوان!"

"گهمي ڦري آئي آهي، ٽڪل هوندي!" سيرا وراڻيس.

اڌنا جو ذڪر هليو پئي، جهٽ نه گذري ته اڌنا منديي ڪيي اندر داخل ٿيندي پڇيو "منهنجي چانهه ته پئي آهي، نه؟"

"ڪيئن نه پئي هوندي!" سيرا، ڪٽلي ڪٽي، ڪوپ ۾ چانهه پيٽي، سندس آڏو رکي پڇيو" ٽوئر ڪيئن رهيو؟"

"زبردست، ڏاڍو مزو آيو!" اڌنا سر کي ڀريندي وراڻيو.

25 مارچ، سومر

ڪلاس ۾ اڄ رابرٽ، فائنل رپورٽ جي تياري لاءِ انسٽرڪشن ڏيڻ شروع ڪيا: "پهرين هدايت اها ته پارٽيسپنٽس پنهنجي پروفيشن ۽ ملڪي پس منظر کي سامهون رکي، گائيڊ جي صلاح سان ڪنهن به موضوع جي چونڊ ڪن. ٻيو ته موضوع کان هٽي ڪري معلومات نه هجڻ کپي. ٽيون ته ڏکن هڻڻ جي ڪا گنجائش ناهي. چوٽون ته جيڪو ڪجهه سکيا آهيون، ان کي نظر ۾ رکڻو آهي. آخر ۾ پراجيڪٽ رپورٽ جو ڊرافٽ تيار ڪري، گائيڊ کي ڏيکارڻو پوءِ فائنل رپورٽ کي ڊاڪومينٽ جي صورت ۾ آڻڻو آهي. ۽ آخر ۾ فائنل رپورٽ تحت پريزنٽيشن ڏيڻي آهي!"

"اسان جا گائيڊس ڪير هوندا؟" پائولا پڇيس.

"اوهان جا گائيڊس اقبال سليم ۽ مان هونداسين. پر گائيڊنس ونڊ لاءِ پهريان اوهان کي اپائنمينٽ ونڻي پوندي."

" توهان کان ڪڍهن اپائنمينٽ ونجي ؟" گلوريا، رابرٽ کان پڇيو.

"مان هفتي لاءِ ٽورنٽو ۾ هڪ سيمينار اٽينڊ ڪرڻ ويندس ٿو. باقي اقبال سليم هتي آهي. جي چاهيو ته ان جي گائيڊنس ۾ سپاٽي کان ئي پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏيو!" رابرٽ، پرسان بيٺل اقبال سليم ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

مون اهو ٻڌي هڪدم اقبال سليم کي تائيم ڏيڻ لاءِ گذارش ڪئي. پر گلوريا ۽ پائولا اعتراض واري بيهي رهيون ته ليڊيز فرسٽ واري اصطلاح تحت، پهريان کين ترجيح ملڻ گهرجي.

اقبال سليم، گلوريا کي سپاٽي صبوح جو ڏهين وڳي ۽ پائولا کي 12 وڳي جو تائيم ڏئي، مون کي وري اهو چيو ته " تون سپاٽي شام جو 8 وڳي بلاڪ اسٽريٽ جي ڪيوب هائوسز ۾ اپارٽمينٽ نمبر 35 تي اچجانءِ!"

راڻا جو سيرا جي روم تي چانهه جو دؤر هلندي، جيئن ئي آفريقا جو موضوع چڙيو ته احتجاج ڪندي چيم،"جڏهن به ڪچهري شروع ٿئي ٿي ته ڳالهه وڃي آفريقا تي کتي ٿي. دنيا ۾ ڪي ٻيا موضوع به آهن يا نه ؟"

" اسان ان ڪري آفريقي ناهيون جو آفريقا ۾ پيدا ٿيا آهيون، پر آفريقا اسان جي اندر پيدا ٿيو آهي." سيرا وراڻيو.

"جي آفريقا اوهان جي اندر ۾ آهي، ته پوءِ آفريقا صدين کان وٺي بدحال ڇو رهيو آهي ؟"مون سوال اڌاريو.

"اها صرف پروپيگنڊه آهي. منهنجو ملڪ مالي 1235 کان 1670 تائين، دنيا جي شاهوڪار ملڪن منجهان هڪ هيو. چوڏهين صدي عيسوي ۾ مالي جو شهشاه منسيٰ موسيٰ جڏهن حج ڪرڻ پئي ويو ته عرب مؤرخ المقريضي لکي ٿو ته : هن قاهره پهچڻ تي ايترو ته سون ورهايو جو سون جو اگهه آن جي برابر ٿي ويو. ان کان پوءِ جڏهن مڪي ۾ رسيو ته حجاز جي مفلوڪ الحال ماڻهن کي ڏائي ڇڏيائين."

روزمئري عادت کان مجبور ٿي ڏونگل اڇليس، "آفريقا جي غربت جو هڪ ڪارڻ منسي موسيٰ به هيو جنهن سڄو سون مذهبي بنياد تي ورهائي ڇڏيو. ڪجهه زيمبيا ۽ بوٽسوانه وارن کي به ڏي ها ته مڃئونس ها."

"تون هر ڳالهه مان وڏَ ڪيندي آهين!"

"ٺيڪ آ. منسا موسيٰ جي پيٽ ! مون کي صرف پنج سؤ گرام سون ڏي ته مان تنهنجي ڳالهه کي مڃان!"

"ڪڏهن ته سنجيده ٿيندي ڪر؟" سيرا چيس.

"جيتري مان سنجيده آهيان، جي دنيا جون عورتون مون وانگر ٿين ته اسان مردن جي غلامي کان ڪڏهوڪو آزاد ٿي وڃئون ها. ٻڌي ڇڏ! ته هن دؤر ۾ نه بادشاهي نظام هلندو ۽ نه وري تنهنجو صوفي ازم. پر هر ظلم جي خلاف مزاحمت وارو نظريو ڪارگر ثابت ٿيندو!"

سيرا جذباتي ٿي وئي، "آفريقا تي جڏهن سامراجين يلغار ڪئي ته ڇا صوفين مزاحمت نه ڪئي هئي...؟ ڇا 'السنوسيه' طريقت جي ٽين صوفي مرشد احمد الشريف هڪ ئي وقت ٽن سامراجي ملڪن جي فوج سان مصر، سوڊان ۽ ليبيا ۾ مهاڏو نه اٽڪايو هيو؟ ڇا ليبيا ۾ اطالوي سامراج جي خلاف صوفين تحريڪ نه هلائي هئي ؟ جنهن کي ڪچلڻ لاءِ ٽي لک سنوسين کي قتل ڪيو ويو ۽ سندن ڪمانڊر عمر مختار کي 73 سالن جي عمر ۾ ڦاسي ڏني وئي؟"

روزمئري پوءِ به جواب ڏيڻ کان نه مڙي، "مان ان تحريڪ کي مڃان ئي نه ٿي، جنهن ۾ عورتن جو ڪردار نه هجي!"

"صوفي تحريڪن ۾ عورتن جو ڪردار بالڪل رهيو آهي، مان توکي تاريخي مثال ڏئي ثابت ڪري سگهان ٿي." سيرا باقاعده بحث تي لهي آئي.

"چڱو ان تي سياٽي ڳالهائجو. اڄ مون کي ڪو-آرڊينيٽر 'مئرين' جي ڏنل هڪ اسائنمينٽ پوري ڪرڻي آهي!" ائين چئي ورونا بحث ختم ڪرائيندي سيني کي اٿاريو.

26 مارچ ، اڱارو

شام جو ڏنل ٽائيم مطابق، پوري 8 وڳي، اقبال سليم جي 35 نمبر واري ڪيوب هائوسز واري اپارٽمينٽ تي پهتم. ڪال بيل وڄائڻ تي هڪدم باهر نڪري آيو ۽ پوءِ معذرت ڪندي چيائين،" توهان اپائنٽمينٽ لاءِ پهريان چيو هيو. پر مون ان ڪري ڇوڪرين کي اوليت ڏني، جو توسان ڏيس واسي هڻڻ جي ناتي ڪچهري ۾ ڪرڻي هئي. مان پنهنجي زندگيءَ جو ڪافي حصو سنڌ جي شهر ڪراچي ۾ گذاريو آهي!"

پوءِ پنهنجي اسٽڊي روم ۾ ويهاري پڇيائين،"ڪهڙن موضوعن تي ڪم ڪرڻ چاهين ٿو؟"

ٻڌايومانس، "سنڌ جي ڪنهن به شهر جي ماسٽر پلان تي!"

"ماسٽر پلانس تي گهڻو ڪجهه لکجي چڪو آهي. بهتر آهي ته ڊيولپمينٽ پلانس يا اسٽرڪچر پلانس تي ڪم ڪر!"

پوءِ سندس صلاح سان سنڌ جي ڊيولپمينٽ پلانس جي حوالي سان عنوان طئ ٿيو : Assesing the role of Development Plans in Sindh

پڇيومانس ته: "سر! سناپسس(Synopsis) ناهي ڪڏهن ڪٽي اچان؟"

ڊائري ڏسي ٻڌايائين، " 29 مارچ تي 10 وڳي انسٽيٽيوٽ جي آفيس ۾!"

جڏهن ڪائنس موڪلائڻ جي ڪيم ته چيائين،"ماني ڪائي پوءِ وڃ!"

مون ڪيس تڪلف ڪرڻ ڪان گهڻو روڪيو پر هن زور پريندي ويهاري ڇڏيو. ٿوري جهٽ ڪان پوءِ گرم ڪباب ۽ سافٽ قسم جي بريڊ ڪٽي آيو. ڪارائڻ ڪان پوءِ هن ڪافي پياري اجازت ڏني. مون کي اندازو ٿيو، ته اقبال سليم سادي وضع قطع رکندڙ ۽ ملنسار قسم جو ماڻهو آهي.

سيرا جي روم تي، ڪالهه رات جنهن موضوع تي ڪچهري ختم ٿي هئي، اتان وري شروع ٿي وئي. ائين پئي لڳو ته جڻ ڪالهوڪي بحث مان سيرا جي دل نه ڀري هئي. ش روزمٿري کي مخاطب ٿيندي چيو "سچ ٻڌاءِ! توکي لالہ فاطمہ نسومر جو ڪردار جي خبر ناهي؟"

"چا ڪيو هو ان؟" روزمٿري پڇيس.

"ڪمال آهي!" سيرا حيرت جو اظهار ڪندي چيس، "اڄ به الجزائر ۾ لالہ فاطمہ آزادي جي علامت سمجهي وڃي ٿي. جنهن فرينچ جنرل مارشل راندون کي عورتن ۽ مردن جي گڏيل لشڪر سان شڪست ڏني هئي. پورا ست سال سخت مزاحمت ڪيائين. ڪجهہ غدارن جي دغابازيءَ ڪري پڪڑجي پئي ۽ جيل ۾ وفات ڪيائين. فرينچ ليڪن ته کيس پنهنجي علائقي جي 'جون آف آرڪ' سڏيو آهي. ان جي شاهدي ڪيترن فرينچ آفيسرن لکت ۾ ڏني ته سندس لشڪر ۾ عورتون پنهنجن ورن ۽ پائرن سان گڏجي بي جگري سان وڙهيون هيون."

"پر اڄ جي دؤر جي تقاضا ڪجهہ ٻي آهي!" روزمئري وراڻيو.

"پلي ٻي هجي، پر ان دؤر ۾ هڪ عورت ايڏي مزاحمت ڪري، اعتراف نہ ڪرڻ زيادتي ٿيندي!" نگستي، سيرا جي پر ڪٽندي وراڻيو.

مون سوچيو ته هي رڳو عورتن جي واکاڻ ڪندي نہ ٿيون ڏاپن . چو نہ مان به مرد انقلابين بابت ٻڌائي ڪين لاجواب ڪيان. "ڪٽي مجبي به سهي ته عورتن قربانيون ڏنيون هونديون. پر جيئن مرد انقلابين ٻين ملڪن ۾ وڃي، مظلوم قومن جي مدد ڪئي آهي. ائين شايد عورتن نہ ڪيو هجي!"

"مثلن؟" نگستي پڇيو.

"چي گويرا، جو مثال آهي. جيڪو پنهنجو وطن ارجنٽينا چڏي ڪيوبا جي آزاديءَ لاءِ وڙهيو! "

"معاف ڪجانءِ! تو وٽ هڪ طرفي معلومات آهي!" نگستي ٽوڪيو.

"چي گويرا جهڙو ڪنهن عورت جو مثال آهي، ته ٻڌاءِ؟" پڇيومانس.

"سوئٽزرلينڊ جائي ازبيل ايبرهارٽ (Isabelle Eberhartd) وڏو مثال آهي."

"اها وري ڪير هئي؟" پڇيومانس.

"هوءَ هڪ صحافي ۽ ليکڪ هئي، جنهن الجزائر ۾ ٿيندڙ ظلمن خلاف رپورٽنگ ڪري، فرينچ سامراج کي دنيا آڏو وائکو ڪيو. جنهن جي پاداش ۾ کيس ڪيئي دفعا الجزائر مان نيڪالي ملي. پر هوءَ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان الجزائر پهچي، مرداڻي ويس ۾، تپندڙ صحرائن ۾ هلندي.

مزاحمت ڪارن جي مدد ڪندي رهي. 21 آڪٽوبر 1904ع، عين الصفراءِ جي مقام تي هڪ ڪچي جاءِ ۾ ترسيل هئي ته اوچتو تيز برسات ڪري، جاءِ جهري پئي ۽ هوءَ ڊٻجي شهيد ٿي وئي."

"هوءَ صوفي طريقت تي هلندڙ مجاهد پڻ هئي. سندس صوفياڻو نالو 'سي محمود سعدي' هيو. "سيرا منهنجي معلومات ۾ اضافو ڪندي وڌيڪ حيرانگي ڏئي ڇڏي.

پچيومانس، " اهو وري ڪيئن...!؟"

" ازبيل ان دؤر جي مشهور روحاني شخصيت لالہ زينب جي طالب هئي. جنهن کي فرينچ انتظاميہ سندس سؤٽ ذريعي تنگ پئي ڪرايو ته اسلام ۾ عورت مرشد ٿي نہ ٿي سگهي. ازبيل سندس وڪيل کي حوالو ڏئي ٻڌايو ته قرطبہ جي 'فاطمہ بنت ال مثني' شيخ اڪبر محي الدين ابن العربي جي مرشد هئي. جڏهن ان عدالت ۾ اهو حوالو پيش ڪيو ته لالہ زينب قانوني جنگ کٽي ورتي."

"لالہ جو مطلب ڇا آهي؟"

"لالہ جو مطلب مرشدياڻي آهي. مان پاڻ ٽمبڪٽو شهر جي' لالہ مريم' جي مريدياڻي آهيان." سيرا ٻڌايو.

اهو ٻڌي، مون کي مامي مرحيات عشاق علي جي اوتاري تي سندس هڪ حجائتي دوست ماستر محمد اسحاق سان ٿيل ڪچهري ياد آئي. جڏهن هُن ٿوڪيندي چيو هيس ته . " عشاق علي! پنهنجي دؤر جو پلو پرائمري استاد ٿي ڪري ڏينهن رات 'نٿي! نٿي!' لڳي پئي ٿي آخر نٿيءَ ۾ هيو ڇا؟"

ڇيو هيائينس،" ادا ، ائين سمجهہ ته نٿي منهنجي مرشد هئي!"

دوست چٽر ڪندي چيو هيس،"رن بہ ڪڏهن مرشد ٿيندي آ ڇا؟"

وراڻيو هيائينس،" جي پائٽين پلو پنهنجو ته ڪنهن کي گهٽ نہ ڄاڻ!"

27 مارچ ، اربع

اڄ سڄو ڏينهن روم تي ويهي، ڪو-آرڊينيٽر اقبال سليم جي هدايتن پٽاندڙ پراجيڪٽ ورڪ رپورٽ جي حوالي سان سناپسس تيار ڪيم. شام ڏارا ميل باڪس ۾ جهاتي هنيم تہ اختيار جو خط پيو هيو. ڪولي پڙهيم تہ سلام دعا کان پوءِ هاجره جي حوالي سان ساڳيو ئي رينگٽ هيو:

" ادا پائو، اوهان جو خط پڌرڙ کان
پوءِ امان جو چوڙ آهي تہ دلمراد کي چئہ
تہ جيئن ڏيرياڻي شانل اسان جا وارا
گوڏي هيٺان ڪري تڙپايو هيو اڄ اسان
جو وارو آهي. موپي پٽا پلوَ پراڻا ناهن
ٿيندا. هڪ دفعو پنهنجي مڱيندي
هاجران کي نڪاح وجهي گهر آڻ. پوءِ
جيتريون وٽني اوتريون پهاڄون
چاڙهجانس. بابي بہ زور پريو آهي تہ
دلمراد کي چئہ تہ جي منهنجو پٽ آهين
تہ ڪيئن ڪري بہ پهچ، جو عزت ۽
غيرت جو سوال آهي!"

خط پڙهڻ کان پوءِ ڪڙيون چڙهي ويون تہ بابي ۽ امان اسان پٽن کي پڙهائڻ خاطر شهر تہ وسايو. پر ايجا تائين پنهنجي نام نهاد عزت ۽ غيرت مان هٽ نہ ٽا ڪين. خبر ناهي ڇو پراڻو نسل پنهنجو ذاتي انتقام نئين نسل ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌيون بيٺو آهي...؟

سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ امان کي ڪئين سمجهايان... ؟ بابي کي ڪيئن جواب ڏيان؟... ڪين پيارو بہ ڏاڍو آهيان.

مناسب نہ سمجهيم تہ خط جو جواب ڏئي. ڪين آرهو ڪيان. ڪجهہ بہ هجي پر پيءُ ماءُ، تہ پيءُ ماءُ آهن...!

28 مارچ، خميس

جڏهن کان مون شام جو نگستي جي روم تي ويڙ شروع ڪيو هيو تہ ڪيترا دفعا ڪيس اهو جهونگاريندي ٻڌو هيو:

"اريتريا، اريتريا، اريتريا

بآل دآما

نلڪآسآ..."

اڄ پچي ويٽو مانس، "اهو چوين چا پئي؟"

"قومي گيت!"

"ڪهڙي هولي ۽ ۾ آهي؟"

"تگريني ۾!"

"چا، اريٽيريا جي قومي هولي تگريني آهي؟"

"اسان جي منشور مطابق اريٽيريا جون نوَ قومي هوليون آهن."

"نوَ!" حيرت وچان منهنجو وات ٻاڪون ٿي ويو.

"جڏهن هڪ قوم جا ماڻهو نَو هوليون ڳالهائين تہ نوَ ئي هجڻ گهرجن."

پوءِ پڇيائين، "توهان جي ملڪ ۾ گهٽيون قومي هوليون آهن؟"

وراڻيم، "هڪ!"

"اها توهان جي مادري هولي آهي؟"

"نا"

"مادري هولي ڪهڙي آهي؟"

"سنڌي!"

"پوءِ اها، چو نہ؟"

منجهي پيس تہ چا جواب ڏيانس. جواب ڏيڻ بجاءِ الٽو کانئس سوال ڪيومانس، "توهان جون قومي هوليون ڪهڙيون ڪهڙيون آهن؟"

"تگريني، تگر، ڪناما، ساهو، باٽلن، نارا، افار، بيجا، رشيديہ (عربي)"

"توکي گهٽيون هوليون ايندیون آهن؟"

"سيئي!"

"پوءِ تگريني ۾ صرف قومي ترانو چو؟"

"سيني قومي هولين ۾ ترانو چيو ويندو آهي. ايستائين جو اطالوي ۽ انگريزي ۾ به!"

مان جڏهن روم تي آيس تہ سوچڻ تي مجبور ٿيس تہ 'اسان وٽ پلا صرف هڪ هوليءَ کي قومي هولي بڻائڻ تي ايڏو زور چو ڏنل آهي ...؟

29 مارچ، جمعو

صبوح سان 10 وڳي، ڏنل ٽائيم مطابق اقبال سليم جي آفيس پهچي، پراجيڪٽ ورڪ رپورٽ ٺاهڻ جي حوالي سان سناپسس ڏيکاريم. ڏسڻ کان پوءِ ٿوري ٽڪي ايڊٽنگ ڪندي چيائين، "هاڻي دير نہ ڪر. لکڻ شروع ڪر!"

مان مواد کڻي ڪمپوزنگ ڪرڻ لاءِ 11 وڳي ڪمپيوٽر سيڪشن ۾ پهتم. ڏٺم تہ سمورا ڪمپيوٽر والاريل هيا. گلوريا ۽ للييتا به ڪمپوز ڪرڻ ۾ مصروف هيون. گلوريا مٺان بيهندي پڇيومانس، "ڪلاس ميٽ! ڪمپيوٽر جي ڪڏهن جان ڇٽندي؟"

گلوريا بنا ڪنڌ مٽي ڪٽڻ جي وراڻيو "ڪجهہ نہ ٿو ڇئي سگهجي!"

لنچ ٽائيم کان پوءِ به ڪمپيوٽر سيڪشن جو ٻيهر چڪر هنيم تہ به ساڳي حالت هئي. ائين پئي لڳو تہ پارٽيسپنٽس کي جلد ازجلد پراجيڪٽ رپورٽ تيار ڪرڻ جو خبط سوار هجي. سوچيم، بهتر آهي تہ ايندڙ سومر کان ڪمپوز ڪرڻ شروع ڪيان.....

رائونڈ بلڊنگ مان نڪرڻ کان اڳ ميل باڪس جاچيم تہ چنچر تي اسپورٽس ڊي ملهائڻ جو اطلاع ڏنل هيو. جاڻايل هيو تہ جيڪي پارٽيسپنٽس مختلف راندين ۾ حصو وٺڻ چاهين، سي اسپورٽس ڪميٽي جي چئرمئن اسسٽنٽ پروفيسر 'ويپنار' سان ملن!"

ٽين فلور تي وڃي 'ويپنار' سان، سندس آفيس ۾ مليم. ان ڀڙايو "صرف اسي راندين کرائبيون، جن ۾ گهربل راندگرن جو تعداد پورو هوندو!"

مون کائنس پڇيو "ايٿليٽکس Athletics ۾ ڪنهن ڪنهن نالو لکرايو آهي؟"

چيائين، "ڪنهن به نه!"

"گهٽا ماڻهو هجڻ ڪپن؟"

"هر ايونٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ٽه هجن!"

پوءِ مون ڪوشش ڪئي ته ڪو هڪ پارٽيسپنٽ به لانگ يا شارٽ ريس جي ايونٽ ۾ حصو وٺي، پر سواءِ نگستي جي هي ڪنهن به حامي نه پريم مان رائونڊ بلڊنگ مان نگستيءَ سان گڏ مايوس ٽي نڪتس پئي ته پٽيان سڏ ٽيو "دلمراد! پليز منهنجي مدد ته ڪر!"

ڪنڊ ورائي ڏٺم ته ياچاءِ هئي. پڇيائين، "توکي ٽيبل ٽينس کيڏڻ ته ايندي هوندي؟"

"ٿوري ٽڪي!"

"ست راندگر ٽي وبا آهن، صرف انين جي ضرورت آهي. مهرباني ڪري مقابلي ۾ حصو وٺڻ لاءِ نالو ته لکراءِ!"

مرضي ته نه هئي، پر نگستيءَ جي چوڻ تي لکرائي ڇڏيم .....

شام جو 5 وڳي تي نگستي جي روم تي وڃڻ معمول ٽي ويو هيو. جيستائين افطار جو ٽائيم ٽئي، تيستائين هيڏانهن هوڏانهن جا پيا قصا ڪندا هياسين. مون سوچيو ته چو نه اڄ اريٽيريا بابت وڌيڪ اؤگر ڪيدانس پڇيومانس، "چا توهان جو وڌي ۾ وڏو مسئلو صرف هولي آهي؟"

"هولي ئي ڪنهن قوم جي پهرين شناخت هوندي آهي. پر اسان جو وڏي ۾ وڏو مسئلو آزاديءَ جو آهي. جنهن سان، سڀ مسئلا پاڻهي حل ٽي ويندا."

"چا، توهان پاڻ کي آزاد نه ٽا سمجهو؟"

"بالڪل، به نه!"

"اريٽيريا رياست ڪهڙي دؤر ۾ خود مختيار رهي آهي؟"

"اوڀويهين صديءَ کان اڳ ڪڏهن خود مختيار ته ڪڏهن نيم خودمختيار رهي. پر 1889ع ۾ جڏهن اطالوي سامراج، اريٽيريا جي ڏرتيءَ تي قبضو ڪري اطالوي اريٽيريا جو بنياد وڌو ته ڏرتي ڏاڪڻين کي غلاميءَ جا مڪمل ڀٽ پئجي ويا. پي جنگ عظيم 1941 ۾ برطانوي فوج، اٿوپيا ۽ اريٽيريا جي مزاحمت ڪارن سان گڏجي اطالوي سامراج کي شڪست ڏني. پر اٿوپيا جي شهنشاهه هائلي سلاسي برطانوي ۽ آمريڪي سامراج جي مدد سان، بين الاقوامي سازش تحت 1950 ۾ ، اقوام متحده مان هڪ ريزوليشن UN Resolution 390 A (v) پاس ڪرائي، اريٽيريا کي اٿوپيا جو چوڏنهون صوبو بٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو."

"پوءِ؟"

"سخت مزاحمت شروع ٿي وئي. جيئن ته اريٽيريا ۾ عيسائي ۽ مسلمانن جو تعداد تناسب جي لحاظ کان ڏري گهٽ هڪ جيترو آهي. هائلي سلاسي، اريٽيريا جي قومي وحدت کي ٽوڙڻ لاءِ، اها پروپيگنڊه ڪرائي ته عيسائين کي سندس ڪيل هر فيصلي کي مڃڻ گهرجي، جو هو حضرت سليمان جي زوجه ملڪ شيبا جي اولاد مان آهي.' پر اريٽيريا جي عيسائين واڌائي چيس ته: 'جي حضرت سليمان پنهنجي سر پاڻ اچي چوندو ته به نه مڃيندا سين!'

ائين ڪجهه بين بنياد پرست ملڪن مان به ڪوشش ٿي ته اريٽيريا کي مذهبي بنياد تي ورهائجي. پر اريٽيريائين نه مڃيو ۽ گڏيل مزاحمت پرپور طريقي سان هلندي رهي!"

"انهن کي گڏيل مزاحمت وارو شعور ڪنهن ڏنو؟"

"بنيادي ڪردار حامد ادريس اوات جو هيو. جيڪو 1935 اطالوي فوج ۾ جاسوسي ڪاتي ۾آفيسر هيو. تنهن نوڪري ڇڏي، اطالوي سامراج جي خلاف 'اريٽيرين لبريشن مومينٽ' جو بنياد وڌو.سندس وفات ڪانپوءِ مختلف مزاحمت ڪار ڏڻن گڏجي اريٽيرين پيپلز لبريشن فرنٽ ٺاهيو."

"هن وقت صورت حال ڇا آهي؟"

" عملي طور اريٽيريا جا ٽي حصا آزاد ٿي چڪا آهن. صرف ڪجهه بندرگاه ۽ گادي‌ءَ جو هنڌ اسمارا، اٿوپيا جي قبضي ۾ آهن. اهي به جلد آزاد ٿي ويندا ! "

" تون اهو پڪ سان ڪيئن چئي سگهين ٿي ؟"

" اسان جو ايمان آهي ته اريٽيريائن سان ماضي‌ءَ ۾ جيتري جنگ جوٽڻ ڏکي هئي، هاڻي اها ناممڪن آهي!"

اوچتو نگستي پنهنجي گهڙي تي نظر وجهندي چيو "افطار جي وقت ۾ اڌ ڪلاڪ آهي. اٺ ته فروٽ، نان ۽ ڪولڊ ڊرنڪ ڪٽي سيرا جي روم تي هلون ۽ سندس هٿ به ونڊايون! "

30 مارچ، چنچر

ٽيبل ٽينس هال ۾ ڏهين وڳي چئن چئن راندين گرن جا به گروپ ٺهي ويا. جيئن ته منهنجي گروپ ۾ مڙئي سڙئي راندين گر هيا. شام تائين مان صرف ٽائيلينڊ جي' ناٽ' کان هارائي، پنهنجي گروپ جو رنر Runner ٽي چڪو هيس. سيمي فائنل لاءِ منهنجو مقابلو ٻئي گروپ جي ونر Winner سان ٽيٽو هيو. سينې کي اندازو هيو ته مان ياچاءِ کان نه ڪٽي سگهندس. جو هوءَ جارحانه انداز جي ڪلاڙي هئي. مان ساٽس دفاعي انداز ۾ کيڏڻ شروع ڪيو. ياچاءِ زياده پراعتماد هجڻ ڪري بي تڪيون شاٽون هنيون. نتيجي ۾ هن ڪٽيل راند ہن پوائنٽس تي هارائي. هرڪنهن ياچاءِ کي "هارڊ لڪ!(Hard luck)" چئي، ساٽس همدردي پئي جتائي. نگستي، مون کي پاسي تي ونې چيو" تون خوشقسمت آهين، جو ڪٽي وئين!"

" تون صحيح ٿي چوين!" وراٽيم.

"هاڻ تون اسپورٽس مين اسپرٽ جو مظاهرو ڪندي اسپورٽس ڪاميٽي کي ٻڌاءِ ته تون ڪنهن ضروري ڪم جي ڪري سيمي فائنل مقابلي ۾ حصو نه ٿو ونې سگهين ته جيئن حقدار کي حق ملي !"

مان نگستيءَ جو چوڻ ڪندي، اسپورٽس ڪاميٽي وارن کي ٻڌائي چڏيو تہ " مون ڏانهن سپاٽي ڪجهہ خاص مهمان اچڻا آهن، ان ڪري فائنل نہ ڪيڏي سگهندس!"

نتيجي ۾، ياچاءِ کي فائنل کيڏڻ جو موقعو ملي ويو.

31 مارچ، آچر

ياچاءِ، رات جو سادي نائين وڳي منهنجي روم تي بيئر جون ست بوتلون ۽ هڪ وڏو ڪيڪ ڪٽي پهتي. هوءَ ڏاڍي خوش هئي.

ٻڌايائين،"مان نات کان وڏي مارجن Margin تي راند کٽي چڪيئن ٿي ويس. هاڻي انٽر انسٽيٽيوٽ ڪامپيٽيشنس ۾ به حصو وٺي سگهندس!" هن هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي پڇيو" تنهنجا مهمان ڪٽي آهن ؟"

مان ڪيڪ جو هڪ پيس ڪٽي ۽ بيئر جي هڪ بوتل کڻڻ کان پوءِ چيومانس،"باقي سيرا، ادنا، روزمٿري، ورونا ۽ نگستي کي ڏئي چڏجان!"

"سمجهي ويس!" ياچاءِ مشڪندي وراڻيو ۽ پوءِ نڪري وئي.

زندگيءَ ۾ پهريون دفعو پنهنجي هار تي خوش هيس.

شاه باهو جو اهو ڪلام دل سان لڳو جيڪو مامي عشاق علي جي اوتاري تي ڪيئي دفعا ٻڌو هيمر :

جيت جيت کي عمر گذاري، هڻ تو هار فقيرا
جيتي دا ملهہ اک ڪسيرا، تي هاري دا ملهہ هيرا
جئي هار نہ مني ميان شاه باهو ، او بي مرشد بي پيرا

1 اپريل، سومر

صبوح سان سوير سادي اٿي وڳي، رائونڈ بلڊنگ ۾ پهتم. جيئن ئي ڪمپيوٽر سيڪشن نائين وڳي ڪليو مان هڪ ڪمپيوٽر آن ڪري پهرين چيپٽر' جا ٻہ حصا Topic of the Study ۽ Objective of the Study ڪمپوز ڪرڻ شروع ڪيا. خبر ئي نہ پئي تہ شام جا پوڻا پنج ٿي ويا.

ڪمپيوٽر سيڪشن جي انچارج 'هانس مالتا' پوري پنجين وڳي ڪمپيوٽر سيڪشن بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو تہ مان بہ فلاپي ڊسڪ تي ڪمپوز ٿيل مواد محفوظ ڪري ٻاهر نڪري آيس.

رات جو 9 وڳي، تي وي لائونج ۾ مان، سريش، ڪلپاج ، سوباس، ارنگا ۽ ظاهر تي وي ڏسڻ سان گڏ ڪچهري ۾ پئي ڪئي. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي ڪلپاج، راسو رام جو ذڪر چيڑي وڌو "مڃئون ٿا تہ راسو رام اسان جو سهائڪ رهيو آهي، پر هاڻ چيوگم جيان ڇنبڑي پيو آهي."

"جڏهن بہ اچي ٿو تہ ڊنر جي فرمائش ڪري ٿو. پلا هر دفعي جي ٽئي ڪير برداشت ڪري؟" سريش بہ بيزاريءَ جو اظهار ڪندي چيو.

"هي نمبر تي، سنڊس ميزبان مان آهيان. ڪيس ڪجهہ چئي بہ نہ ٿو سگهان. جڏهن بہ اچي ٿو تہ 'ماچ اينڊ ياٽ' جي فرمائش ڪري ٿو!" ظاهر ٻڌايو.

"پهرين ڏينهن ۾ تہ هو موڪل وارن ڏينهن ۾ اچي، رات جو مانيءَ تي ڪنهن نہ ڪنهن جو مهمان ٿيندو هيو. پر هاڻي، هر هي ڏينهن تي نِڪَ ناهي اڻائين." سوباس ڪلندي ٻڌايو ۽ پوءِ مون کان پڇيائين، "تو وٽ گهڻا دفعا آيو آهي؟"

"هڪ دفعو!"

"خبر هوندس تہ مسلمانن جا روزا هلن ٿا. ان ڪري، حال في الحال توکي رزرو (Reserve) ۾ رکيو اڻائين." پوءِ ارنگا کان پڇيائين، "تو وٽ؟"

"صرف هڪ دفعو!"

"چو؟"

" جيئن تہ سري لنڪا ۾ تامل گوريلن ۽ سنهالي فوج وچ ۾ گهمسان جي وڙهہ هلندڙ آهي . جڏهن کيس خبر پئي تہ مان سنهالا آهيان، تہ هن ڦوڪ اچڻ ئي ڇڏي ڏنو تہ متان کيس ماني ۾ زهر نہ ملائي ڏيان !" اهو ٻڌي سيئي کلڻ لڳا.

"منهنجي صلاح اها آهي ته هاسٽل جي رهائشين کي سمجهائي چڏجي ته جڏهن به راسو رام مين گيٽ جي ڏور بيل وڄائي ته کير به نه کولي!" ڪلپاج اها تجويز رکي، ته سيني حمايت ڪري چڏي.

جهٽ نه گذري ته مين گيٽ جي ڏور بيل وڄي ۽ پوءِ انٽر ڪام تان آواز آيو: "مان راسو رام! مهرباني ڪري دروازو کوليو!"

ارنگا کلندي چيو" شيطان کي ياد ڪيوَ، شيطان اچي ويو!"

راسو رام پندرنهن منٽن تائين ٻاڪاريندو رهيو. پر ڪنهن به اٿي، مين گيٽ نه کوليس.

2 اپريل، اڱارو

ڪمپيوٽر سيڪشن ۾ ويهي، پهرين چيپٽر جي بقايا حصن Scope and limitations ۽ Methodology کي لکي پورو ڪيم. اندازو هنيم ته جي اها اسپيڊ رهي ته ڊرافٽ رپورٽ تيار ڪرڻ ۾ پندرنهن ڏينهن به وڌا آهن.

جيئن ته ڪالهه سيرا افطار وقت ٻڌائي چڏيو هيو ته هوءَ ٽن ڏينهن لاءِ، 'لائيڊن يونيورسٽيءَ' جي آفريقي اسٽڊيز سينٽر وڃي، پنهنجي پراجيڪٽ ورڪ تي ڪم ڪندي ۽ اسٽوڊنٽ هاسٽل ۾ ڪنهن هم وطن وٽ رهندي. ان ڪري مون روم تي نگستي ۽ پنهنجي افطار جو بندوبست ڪري چڏيو هيو.

افطار ڪرڻ کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته نگستي کي جڻ ڪو فڪر لاحق هجي. سبب سمجهه ۾ نه آيو ته پچيومانس، "خير ته آهي؟"

"هاڻي، الائي ڇو منهنجي هتي دل نه ٽي لڳي!"

"سبب؟"

"اسمارا جائي جي هتي ڪيئن دل لڳندي، جيڪا سندس آزاديءَ لاءِ ڪجهه نه ٽي ڪري سگهي."

"پر تون ڪري به ڇا ٽي سگهين؟" پچيومانس.

"مان اتي وڃي گھٽو ڪجھ ڪري سگھان ٿي. مون افاييت جي جنگ ۾ حصو ورتو آھي. جنھن ۾ اسان جي پيپلز لبريشن فرنٽ، قابض اٿوپيائي فوجن کي شڪست ڏني ھئي. جيڪڏھن سويت يونين وارا مينگسٽو جي مدد نہ ڪن ھا تہ اسان اسمارا فتح ڪري وڃون ھا."

"مون کي تہ نہ ٿو لڳي تہ تون انھن نازڪ ھٿن سان ھٿيار ڪنيا ھوندا ؟" مان سندس ھٿن کي ڏسندي چيو.

نگستي ٿھڪ ڏئي وراڻيو" اٿوپيائي فوجي بہ اريٽيريائي عورتن جا ھٿ ڏسي اندازو ھڻندا ھيا تہ انھن سخت ڪم ڪيو آھي يا نہ...؟ انھن ڪيترين عورتن کي ڪھرن ھٿن جي بنياد تي پڪڑي انقلابي عورتون قرار ڏئي سزائون ڏنيون. انھن عورتن وري اھو توڙ ڪيو تہ ھر روز رات جو پٽاٽو اھاري ان جي پيسٽ ناھي، سمھڻ کان اڳ ھٿن کي ھڻي، صبوح جو نيم گرم پاڻي سان ھٿ ڌوئي ڇڏيندیون ھيون، تہ جيئن ھٿ نرم رھن."

"جڏھن پڑھائي ختم ٿي تہ ھلي وڃجانءِ!"

"تنھنجو مطلب تہ مان موقعي پرستن وانگر ويھي انتظار ڪيان...؟ تگريني ۾ پھاڪو آھي تہ اڪيلي ست رڇيون کائڻ کان بھتر آھي، تہ پنھنجن سان رب کائي مرجي!"

"چا تنھنجو وڃڻ، ھاڻي خطرناڪ نہ ٿيندو؟" پچيومانس.

"جڏھن اسمارا آزاد ٿيندو تہ پوءِ ڪھڙو منھن کڻي ويندس...؟ چا سھيليون طعنا نہ ڏيندیون تہ جنھن مھل ضرورت ھئي، تہ ڪٽي ھئينءَ...؟" ھن گھرو ساھ ڪڍندي چيو " افسوس! جو والدين، مون کي محاذ تان موڪلائي، داغدار ڪري ڇڏيو."

" تو کي محاذ تان موڪلائڻ جو انھن وٽ ڪو تہ ڪارڻ ھوندو؟"

"ڪارڻ وري ڪھڙو؟ انھن جو چوڻ ھيو تہ انھن مزاحمت دوران پنھنجا ويجھا وڃايا آھن، ھاڻ ھو پنھنجي اڪيلي ڏيءُ نہ ٿا وڃائڻ چاھين."

"انھن صحيح تہ چيو پئي!"

" تون ب ائين ٿو چوين...؟ منهنجي پياري دوست سبرينا علي ب ت اتي وڃهي، "پ، اها ب ت پنهنجي پيءُ ماءُ کي اڪيلي آهي. هڪ ڏينهن مري ت هر ڪوئي ويندو پر آزادي لاءِ مرڻ جو شان ئي پنهنجو آهي!"

مان کيس حيرت مان پئي تڪيو. هوءَ جڙ ڀري ويني هئي،"مون ت آزاديءَ جي متوالي 'ايمن' جي شهادت کان پوءِ قسم کنيو هو ت ڪنهن ب صورت ۾ محاذ تان نہ موٽندس، پر منهنجو پيءُ فرنٽ وارن وٽ اچي ويهي رهيو ت سندس ڏيءُ واپس ڪئي ويج. شايد ت هڪ واپاري جي زندگي ئي ليکي چؤڪي ۾ گذري ٿي. جڏهن ت آزادي جا پروانا ليکا چؤڪا ناهن ڪندا."

" تنهنجو پيءُ ڪهڙي قسم جو واپار ڪندو آهي؟"

"موتين جو!"

"پوءِ تون هتي ڪيئن پهتينءَ؟"

"بابا، مون کي پڙهائڻ جي بهاني ادیس ابابا جي،" اٿوپين انسٽيٽيوٽ آف آرڪيٽيڪچر بلڊنگ ڪنسٽرڪشن اينڊ سٽي ڊيولپمينٽ " ۾ زوري داخلا ونرائي ۽ زور پريو ت هر صورت ۾ مغربي يورپ جي ڪنهن يونيورسٽي ۾ اسڪالرشپ ذريعي پهچي، پوءِ اتي پناھ ونان . پر سچ ت منهنجو ضمير گوارا نہ ٿو ڪري!"

"حال في الحال آرام ڪر، گهٽي سوچڻ سان مسئلا حل ناهن ٿيندا."

هوءَ هلي وئي ت مون کي بي چيني ونڊي وئي ت اهو وري 'ايمن' ڪير هيو...؟

3 اپريل، اربع

مون کي انسٽيٽيوٽ پهچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ دير چا ٿي، ڏنم ت سادي نائين وڳي ڪمپيوٽر سيڪشن صفا سٽيو پيو هيو. مايوس ٿي، هاسٽل تي موٽي آيس. روم تي ويني، نگستي جي ٻڌايل ايمن بابت سوچڻ شروع ڪيم ت : چا نگستيءَ جي دل ۾ منهنجو ڪو رقيب ب موجود آهي؟...مئي کان پوءِ ب هوءَ

کيس وساري ناهي سگهي... ائين ته ناهي ته هو ايڏا زنده هجي ۽ نگستي هتي ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ فلرٽ ڪندي هجي ...؟

اهڙي قسم جي خيالن منهنجي اندر جو شڪي مرد جاڳائي ڇڏيو.

افطاري ڪرڻ کان پوءِ، پاڻ پلي نه سگهيس. نگستيءَ کان پڇي ويٺم. "ڪالهه تون ايمن کي ساريو پئي، اهو ڪير هيو؟"

نگستي ٽڏو ساهه پريندي ٻڌايو"منهنجي زندڳي جو پهريون پيار! افسوس جو هو 'ابافيت' جي جنگ وڙهڻ کان اڳ شهيد ٿي ويو."

"جنگ ۾ نه وڙهيو ۽ شهيد ٿي ويو؟" اچرج کائيندي، پڇيو مانس.

هوءَ ٻڌائڻ لڳي، "بهار جي مند هئي، نقفه ۾ پيپلز لبريشن فرنٽ جي ڪمانڊر 'ميسفن هگاس' 'افابيت' تي 15000 گوريلن سان چڙهائي جي پوري تياري ڪري چڪي هئي. هوڏانهن اٽوپيا جا فوجي ڪمانڊر 'گٽانه هيل' ۽ 'طارقو عيني' 22000 تربيت يافته فوجن سان گڏ دفاع لاءِ تيار بيٺا هيا. ڪين روسي هوائي جهازن جي مدد به حاصل هئي. جيڪي هر روز نقفه ۾ ٽهيل جامع مسجد جي مينار کي نشانو وٺي بمباري ڪندا هيا. جيئن ته نقفه ۾ فرنٽ وارن زير زمين بنڪرس سان گڏ هٿيارن، ڪپڙن، بوٽن ٽاهڻ جون فيڪٽريون، اسپتال، ريڊيو اسٽيشن، پرنٽنگ پريس، اسڪول ۽ ڪاليج ٽاهي ڇڏيا هيا. مان اتي ايمن کي پڙهائيندي هيس."

"چا تون اتي ٽيچر هئينءَ؟"

"فرنٽ جي پاليسي مطابق، پڙهيل چوڪرين کي پهريان 'آرمي ايجوڪيشن ڪور' ۾ ڪنيرو ويندو هيو. ايمن منهنجن پيارن شاگردن منجهان هيو جنهن ڇهن مهينن اندر لکڻ پڙهڻ سکي ورتو."

"تون ڪيترن ماڻهن کي پڙهڻ لکڻ سيکاريو؟"

"اندازن ٻن سؤن کان وڌيڪ!"

"هڪ ننڍي اسڪول جي اندر اهو ڪيئن ممڪن هيو؟"

"اسان مورچن ۾ به ڏرتيءَ کي سليٽ ڪري چنهنبارين ڪائين سان لکڻ پڙهڻ سيکارينداهياسين. اهو فرنٽ جو نعرو هيو ته: پڙهيل ماڻهو ڪڏهن به غلام نه ٿو رهي سگهي!"

"ها ته تون ايمن جي ڳالهه پئي ڪئي؟" مان نگستيءَ کي اصل موضوع تي آڻيندي چيو.

" ننڍا ننڍا هٿيار ته اسان کي هلائڻ ايندا هيا، جو اها ابتدائي گوريلا ٽريننگ جو حصو هيا، پر 100 ايم ايم گن مون کي ايمن هلائڻ سيکاري، جو هو پنهنجي يونٽ جو نامياروشاني باز هيو."

"ايمن جي شهادت واري ڳالهه اڃ ۾ رهجي وئي ؟"مون کي ايمن بابت ٻڌڻ جي تڪڙ هئي.

"ايمن جو تعلق ڳاڙهي سمنڊ جي اترين علاقي جي هڪ ننڍڙي جزيري 'نوره' سان هيو. هو چئن سالن ۾ صرف ٻه دفعا پنهنجي ڳوٺ وڃي سگهيو هيو. اوچتو ڪيس نيا پو آيو ته سندس والده گذاري وئي آهي، ته هن ڪمانڊر کان پڇيو ته هو نوره وڃي يا نه ...؟ ڪمانڊر هن کي اجازت ڏني، جو افابيت تي حملي ڪرڻ ۾ اڃا ٻه هفتا هيا. هو ٽن چئن ڏينهن اندر موٽڻ جو چئي نڪتو ۽ نوره پهتو. ٻه ٽي ڏينهن رهي ڪري، جڏهن موٽيو پئي ته واٽ تي اٽوپيئن نيوي جي ور چڙهي ويو." اهو ٻڌائيندي نگستي ڪنڌ هيٺ ڪري خاموش ٿي وئي، جڻ پنهنجي اندر جي اٿاه دردکي ڏهائيندي هجي.

"گهٽو غمزده نه ٿيڻ گهرجي، جو شهيد زنده هوندا آهن!" روايتي انداز ۾ ڪلهي تي هٿ رکي دلداري ڏني مانس.

"پر اها حسرت ته رهجي ويس ته هو افابيت واري جنگ نه وڙهي سگهيو. هن کي ان جنگ ۾ حصي وٺڻ جي شديد خواهش هئي، جيئن ڪنهن گهوٽ کي پنهنجي ڪنوار سان ملڻ جي هجي."

"ڇا اها جنگ ايڏي اهميت واري هئي ؟"

" 1954 ۾ ويٽنام ۾ وڙهيل 'ڊائين بائين فو' واري گوريلا جنگ، جنهن ۾ ويٽنامي گوريلن، فرينچ فوجين کي ڪجهه ڏينهن اندر شڪست ڏني هئي. هيءَ ٻي جنگ هئي، جيڪا 17 مارچ کان 20 مارچ 1988 تائين هلي. ٽن

ڏينهن اندر اٽوپيائن جا 18000 هزار فوجي مئا. جڏهن ته پيپلز لبريشن فرنٽ جا صرف 125 ماڻهو شهيد ٿيا."

"چا تون به وڙهي هئينءَ؟"

"ها. مون 100 ايم ايم گن جو دل کولي استعمال ڪيو هيو."

دل جي هرکر مارڻ لاءِ. آخرڪار کائنس پڇي ويئم. "تنهنجو پهريون پيار ته ايمن هيوءِ آخري؟"

"اها ڪا پڇڻ جي ڳالهه آهي؟" نگستي ترڇين نگاهن سان شرمائيندي ڏنو ته حسد ۾ پڇرندڙ منهنجي من تي جڙ يخ پاڻي هارجي ويو.

پچيومانس. "هاڻي چا ٿي چاهين؟"

"هر صورت ۾ اسمارا وڃڻ چاهيان ٿي. پر ادييس ابابا موٽڻ تي اٽوپيائي مون کي چيري چار ٽڪر ڪري چڏيندا. مان چاهيان ٿي ته سوڊان. جبوتي يا يمن کان ٽيندي وڃان. چا تون ان ڏس ۾ ڪا مدد ڪري سگهين ٿو؟"

خبر ناهي. ته ڪيئن ازخود وات مان نڪري ويو "ها. بالڪل!.. مان توسان گڏيو هلندس"

"سچي.... ؟"

"سچي.... !"

"بس ته پوءِ منهنجو به اهو توسان واعدو آهي ته اريٽيريا جي آزاديءَ کان پوءِ تون جتي چيو آءُ تو سان گڏ هوندس!" ائين چوندي. نگستي ڪنهن ننڍي ٻار جيان خوش ٽيندي. ڳل تي زوردار چمي ڏيڻ ۾ دير ئي نه ڪئي. مون کي ائين محسوس ٽيو جڙ گلاب جون به تازيون پنکڙيون منهنجي ڳلن کي چهي ويون هجن. جڏهن روم تي موٽيس ته ڪافي دير تائين سندس چپن جي چهاءَ ۾ آلاڻ کي محسوس ڪندو رهيس.

4 اپريل، خميس

صبوح جو سادي ائين. رڳي ڪمپيوٽر سيڪشن جي دروازي تي پهتم. ڏٺم ته پارٽيسپنٽس جي - ريان ئي قطار لڳي پئي هئي. نائين وڳي جيئن ئي

دروازو کليو تہ مان آخري شخص هيس، جنهن کي هڪ واندو ڪمپيوٽر مليو. منهنجي پٽيان بيٺلن مايوس ٿي احتجاج ڪرڻ شروع ڪيو تہ انچارج 'هانس مالٽا' کين سمجهايو تہ سيڪشن ۾ ڪل پنجويهہ ڪمپيوٽر آهن. هو ان سلسلي ۾ ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهي...!

بهرحال، مان شام جو 5 وڳي تائين جيترو ٿي سگهيو ڪم کي ڇڪيو.

هاسٽل تي موٽيم تہ ٽڪاوٽ جي ڪري، هر هر اوباسيون پئي ڏنم. جڏهن تہ ايا افطاريءَ لاءِ بہ تياري ڪرٽي هئي. مون ايا ڪپڑا پئي بدلايا تہ دروازتي ٽڪ ! ٽڪ ! ٿي.

پڇيم، "ڪير ؟"

"نگستي!"

جيستائين ڪپڑا پائي دروازو کوليان، نگستيءَ جو آواز آيو" اڄ مون پنهنجي روم تي افطاري جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. تون تڪليف نہ ڪجانءِ!" اهو ٻڌائي، واپس هلي وئي.

مون دل ۾ چيو " ڇڙي جند ڇوڪري جي....!"

5 اپريل، جمعو

اڄ بہ صبوح کان شام تائين، ڪمپيوٽر سيڪشن ۾ ويهي ڪم ڪيم. موٽيم تہ نگستيءَ سان گڏ افطاري ڪرڻ کان پوءِ ٿي وي لائونج ڏانهن رخ رکيم. تہ جيئن اسپورٽس چينل ڏسي دل وندرايان. اتي بليٽن بورڊ تي سريش ءِ ڪلپاڄ جو لڳل نوٽيس پڙهيم. جنهن ۾ اڳلي هفتي موڪلن وارن ڏينهن ۾ جرمني جي ٽوئر بابت ڄاڻايل هيو تہ دلچسپي رکندڙ خواتين و حضرات ساڻن جلد از جلد رابطو ڪن. مون سوچيو تہ سريش ءِ ڪلپاڄ ڪيسي ڪي ڳنڍ ڏئي هلڻ وارن منجهان آهن، انهن سان گهمڻ، ڪم خرچ بالا نشين ٿيندو.

راتہ جو سيرا جي روم تي سنگت کي ٻڌايم. نگستي تہ هلڻ لاءِ تيار ٿي. البتہ سيرا، روزمٿري، ابنا ءِ ورونا پراجيڪٽ رپورٽ جي تياري جو ٻڌائي، انڪار ڪري ڇڏيو.

6 اپريل، چنچر

جيئن تہ موڪل جو ڏينهن هيو. خوب ننڊ ڪيم.

شام جي وقت، جڏهن نگستيءَ جي روم تي پهتس، تہ هوءَ انجيرا پليٽن ۾ پروسي رهي هئي. جڏهن افطاريءَ جو وقت ٿيو تہ هن پهريون گرهہ ناهي منهنجي وات ۾ائين وڌو جيئن ڪوناٽيون زالون محبوب مڙسن کي وجهنديون آهن. ائين محسوس ڪيم جڙ منهنجي اندر ۾ چي گويرا ۽ ازبيل ايبرهارٽ جا روح ڪاڪ ٽيل بڻجي سمائجي ويا هجن.

پنهنجي روم تي موٽي آيس تہ جاٽي واٽي شهتير کي ڏسي چيم" ٽيڏا! مان هاڻ مڪمل انقلابي ٿي چڪو آهيان. توکان صلاح وٺڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي!"

ٽيڏو شهتير پوءِ بہ نہ مڙيو جڙ چيو هجائين،" خيال ڪجانءِ، متان سر چٽ مال نيلام نہ ٿي وڃئي!"

پر مون کيس ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو.

7 اپريل، آچر

منجهند جو سريش جي روم تي وڃي، مون کيس پنهنجو ۽ نگستيءَ جو نالو لکرايو. خبر پئي تہ جرمني هلڻ لاءِ اسان سميت صرف ست ماڻهو تيار آهن.

8 اپريل، سومر

هرڪنهن کي ڊرافٽ رپورٽ ناهڻ جي تڪڙ هئي، ان ڪري اڪثر ڪمپيوٽر هينگ ٿي پئي ويا. مون سميت ڪافي پارٽيسپنٽس 'هانس مالٽا' کان مطالبو پئي ڪيو تہ وڌيڪ ڪمپيوٽر گهرايا وڃن.

هانس مالٽا جواب ڏنو "جڏهن ڪمپيوٽرن کي ساهي ئي نہ ملندي تہ پوءِ ائين ئي ٿيندو. پر پوءِ بہ مان هاڻ ئي انتظاميہ سان ڳالهائي، مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو!"

اڏ ڪلاڪ کان پوءِ موتيو تہ ٻڌايائين،" انتظاميہ جو چوڻ آهي تہ هن وقت نوان ڪمپيوٽر تہ نہ ٽا گهرائي سگهجن، پر اهي پارٽيسپنٽس، جنهن جي هئنڊ رائٽنگ سٺي آهي، رپورٽ هٿ سان لکي پيش ڪندا، تہ اها بہ قابل قبول سمجهي ويندي البتہ نقشا، ڊائگرام، ٽيبلس، چارٽ وغيره ڪمپيوٽر ذريعي تيار ڪرڻا پوندا."

ان تي مليل جليل رد عمل آيو. پر مون کي اهو فيصلو ڏاڍو وڻيو جو منهنجي هينڊ رائٽنگ سٺي آهي. سوچيم تہ هاڻي روز روز جي اڇ وڇ کان تہ جان ڇٽي...!

9 اپريل، اڱارو

منجهند جو 2 وڳي جرمني وڃڻ واري ٽولي سان گڏ هاسٽل جي ٽيليفون بوٿ تان جرمن سفارت خاني وارن کان اپائنمينٽ ونڻ لاءِ رابطو ڪيوسين. جن انسٽيٽيوٽ کان هڪ سفارشي ليٽر ونڻي، هي ڏيهاڙي تي هارنهين وڳي سيني کي 'دي هيگ' ۾ قائم جرمني جي سفارتخاني ۾ اچڻ لاءِ چيو.

تنهن کانپوءِ، هڪ نظر بيسمينٽ واري ميل باڪس ۾ وڌم تہ دمساز جو خط پيو هيو. روم تي اچي پڙهيم. خط اڏ نالي سان مخاطب ٿي لکيو هيائين، جيڪو سندس سخت ڪاوڙ جو اظهار هيو:

"مسٽر دِلو!

مان توکي کي اصلي خط نہ لکان ها. پر پراڻي ياري ڪري لکانءِ ٿو. عيد کان پوءِ 24 اپريل تي منهنجي شادي سنڌ جي هڪ پئسي واري ڊينگ جي دختر نيڪ اختر سان ٿي رهي آهي. پسند جي شادي تہ ناهي، پر بابي جو چوڻ آهي تہ وڏا ماڻهو شادي مفادن تحت ۽ عياشي دل پسند ڪندا آهن."

وڌيڪ لکيو هيائين:

"مسٽر دِلو! شادي تي ٻي سموري سنگت ايندي، پر اندازو آهي ته تون نه اچي سگهندين. پر هڪ ڳالهه ڪن کولي ٻڌي ڇڏ! جي شاديءَ وارن ڏينهن تي فون ڪري مبارڪ باد نه ڏنئي، ته پوءِ سنگت ياري ختم...! مان نيڊرلينڊس اچي، توکي بچڙو ڪيان ها، جو اڃا تائين ڪنهن ڪارنامي جي خوشخبري نه ڏئي سگهيو آهين. پر بابا جو زور آهي ته مون کي شادي کان اڳ عمره ڪرڻ گهرجي!"

مون دل ۾ چيو "ان جو مطلب اهو ٿيو ته هاڻ ٻلي ست ڪوٺا کائي، حج چڙهندي!"

10 اپريل، اربع

ڪڏهن ڪڏهن ڪو ننڍڙو واقعو به دل باغ و بهار ڪري ڇڏي ٿو. ٿيو ائين جو صبوح سان ئي تازه دم هجڻ ڪري Objectives of Outline Development Plan وارو چيپٽر لکي پورو ڪري ورتم. ڪجهه پل ساهي پٺڻ لاءِ ٽي وي لائونج ڏانهن هيٺ لٿو پئي وس، ته فرسٽ فلور جي ڏاڪڻ تي ياچاءِ شولبر بيگ کلهي ۾ لڙڪايون، هڪ هٿ ۾ ٽرافي ڪنيون چڙهندي پئي آئي. پرسان اچڻ تي، امالڪ ٻانهن ورائي منهنجي ڪنڌ ۾ وجهندي چيائين، "ٿينڪ يو! دلمراد، تنهنجي اسپيس Space ڏيڻ جي!"

پڇيومانس، "ڪٽان پئي اچين؟"

ٻڌايائين، "ڪالهه 'انشدي' ۾ انٽر انسٽيٽيوٽس ٽيبل ٽينس ٽورنامينٽ هئي. هي ڏسر! مون چئمپئن شپ ٽرافي کنئي آهي."

"ڪانگريچيولیشنس!" مون جرڪندڙ ٽرافي کي ڏسندي چيو.

"ٻڌاءِ، تنهنجي کهڙي خدمت ڪيان؟" ياچاءِ سنهڙين باڊامين جهڙيون اکيون، منهنجين اکين ۾ ڪپائيندي پڇيو.

"روزو آهي!" ٻڌايومانس.

"روزي چوڙڻ کان پوءِ کو سوپ، کا ڀرنڪ وغيره. جيئن چوين ...؟"

"بس، ٻانهن کي تہ روزو نہ پچي پوي!" کلندي چيومانس.

هن ورايل ٻانهن کڏي سنهڙن چپن سان مرکي ڏنو ۽ پوءِ پنهنجي چابڪ چيلهه لچکائيندي مٿي هلي وئي.

شام تائين پاڻ مرادو مرکندو ۽ سوچيندو رهيس تہ عورت سنهڙي هجي يا سهر، پر آهي مرد جي ڏکندڙ رڳ....

11 اپريل، خميس

صبوح جو جرمني ويندڙ سنگت سان گڏجي، سفارت خاني مان ويزا ونڊ جي حوالي سان، پارٽيسپنٽس آفيسر ايوا کان سفارشي خط ورتاسين. پوءِ 'دي هيگ' ۾ جرمن سفارتخاني ۾ ڏنل وقت تي پهتاسين. عملي انسٽيٽيوٽ جو سفارشي ليٽرڏسي، سيني کي هفتي جو ويزا ڏئي چڏيو. 'دي هيگ' کان 'روٽرڈم' بس ذريعي اڏ ڪلاڪ جو پنڌ هيو. سينٽرل استيشن تي پهچڻ کان پوءِ سريش، هرهڪ کان ٻہ سؤ گلڊر ڪنٽروبيوشن طور ونڊي، هفتي لاءِ يورپين ريل- پاس ونڊي آيو ۽ سياڻي تي سيني کي 5 وڳي شام جو سينٽرل استيشن جي پليٽ فارم تي پهچڻ جو چئي چڏيائين.

12 اپريل، جمعو

پنجين وڳي شام جو روٽرڈم جي سينٽرل استيشن تان ٽرين ۾ چڙهي پياسين. اندازن 8.30 شام جو جرمني جي شهر ڪولون Cologne پهتاسين. جتي13 صدي عيسوي جي ٺهيل وڏي گرجا (Cologne Cathedral)جي عمارت ڏسڻ کان پوءِ ميونخ وڃڻ واري ٽرين تي سوار ٿياسين.

راتہ جو 11 وڳي ميونخ جي ريلوي استيشن تي لهڻ کان پوءِ سريش ٽيليفون بوٿ تان سستن هوٽلن جي تلاش ڪرڻ شروع ڪري ڏني. مختلف يوٿ هاسٽلس ۽ پينشن هوٽلس مان جواب پئي آيا تہ مڪمل پريل آهن. خوشقسمتي سان انٽرنيشنل هاس (International Haus) نالي هوٽل مان اميد افزا جواب آيو. ٻڌايل ڏس پتي تي وڃي پهتاسين.

نگستي، ورتل ڪجھ ڪيز ۾ ويجيٽيبل پيٽيز شاپر مان ڪڍي اڳيان رکيا ۽ چيو تہ : "هاڻي ٿي کائي پي روزي جي نيت، ڪري ڇڏجي، جو اسر سان اٽڪ ٽٽي، الائي نہ.....!"

13 اپريل، چنچر

صبوح جو تيار ٿي، ميونخ گھمڻ لاءِ پروگرام پئي ناھيوسين تہ ھر ھڪ جي پسند جا تضاد سامھون اچي ويا. ادريانہ ۽ ڪلپاج جو زور ھيو تہ فرائن ڪرچ Frauenkirche گھمجي، جيڪا ھڪ منفرد چرچ ۽ عمارت سازيءَ جو شاھڪار آھي. انھن جي ابتڙ سريش جي تجويز ھئي تہ بائيرنيشنل ميوزم Bayer National Museum ھلجي، جو ان جي ٽڪيٽ سستي آھي. انھيءَ دليل بازي دؤران نگستي، ارنگا ۽ مان خاموش رھياسين. ظاھر اسان کي ڏسي چيو "توھان بہ ڪجھ ڳالھايو مپ ھنيون چو ويٺا آھيو؟"

وراٽيم"منھنجي تجويز آھي تہ ميونخ اولمپڪ پارڪ گھمجي!"

"تون؟" ظاھر نگستيءَ کان پڇيو.

"دلمراد جي تجويز معقول آھي!" نگستي پٽيرائي ڪئي تہ ظاھر چيو "منھنجو ووٽ بہ توھان کي آھي!" اھو ٻڌي ارنگا بہ حمايت ڪري ڇڏي. جيئن تہ ڇٽن ماڻھن اولمپڪ پارڪ گھمڻ تي رضامندي ڏيکاري ھئي، تہ ٽن کي بہ مجبورن مڃڻو پيو. پوءِ سيئي ھوٽل مان نڪري ٽرين تي چڙھياسين.

ظاھر سيني کي ھوشياري ونڊائي 'اولمپيا زينٽرم' تي لاٿو. اسٽيشن کان جيئن ٻاھرنڪتاسين تہ ائين لڳو اولمپڪ ٽاور پري کان ڳاٽ اوچو ڪيون اسان جي آجيان لاءِ ٻيٺو ھجي.

سيني جي گڏيل صلاح ھئي تہ پھريان اولمپڪ ٽاور تي چڙھجي ۽ پوءِ پارڪ گھمجي. تقريبن ٽي سؤ ميٽرن جي بلندي تائين ٽاور جڙ ھر ايندڙ کي، اوچي ڳاٽ سان خوش آمديد چئي رھيو ھيو. پھريان ھڪ لفٽ ذريعي مٿي ڦرندڙ ريسٽورنٽ ۾ پھتاسين. اکين آڏو حسين منظر ڦري رھيو ھيو. خاص ڪري اولمپڪ اسٽيڊيم مٿان مڇيءَ جي ڇار جھڙي ٺھيل ڇت،

جيڪا اسٽيل جي مستولن سان چڪيل هئي. انهيءَ ۾ ايڪرانڪ جون هزارين پليٽون ۽ شيشن جون ٺهيل جرڪندڙ مڇيون لڳل هيون. اولمپڪ پارڪ جو لينڊ اسڪيپ لي آئوٽ (Land Scape Lay Out)جرمني جي ماهر آرڪيٽيڪٽ انجنيئرن جو ٺهيل هيو. اولمپڪ ايريا ۾ گهمندي سندن محنت ۽ جمالياتي حس جو اعتراف ڪرڻو پئي پيو. مون هڪ ڳالهه نوٽ ڪئي ته گهمڻ وقت ظاهر ڪوشش ڪري، اسان کان وٽيرڪو ٿي پئي هليو. جنهن مان پوري پڪ پئي ٿي، ته هو هاڻ رقيب ناهي رهيو.

اولمپڪ پارڪ گهمندي، ادريانه خاموش هئي، جڏ مٿائنس ڪو سڪتو طاري هجي. ڪلپاج پڇيس،"مزو نه ٿو اچي، چا؟"

" نه اهڙي ڪا به ڳالهه ڪونهي، دراصل مون کي اهو ڏکدائڪ واقعو ياد ٿو اچي، ان ڪري ئي مان هتي اچڻ نه پئي چاهيوا"

"ڪهڙو؟"

"جڏهن فلسطيني گوريلن جي هڪ گروپ 'بلئڪ سيپٽيمبر'، راندينگرن جي لباس ۾، اولمپڪ وليج ۾ گهڙي، اسرائيل جي 9 راندينگرن ۽ ڪوچن کي يرغمال بڻايو. جڏهن جرمن ڪمانڊوز ڪارروائي ڪئي ته نتيجي ۾ گوريلن 9 يرغمالي ماري وڌا ۽ 5 گوريلا. ڪمانڊوز جي فائرنگ ۾ مري ويا. هن واقعي ڪري جرمني کي ڏاڍي شرمندگي حاصل ٿي. اولمپڪ 2_ آگسٽ 1972ع تي خوشيءَ بجاءِ ماتمي ڏن سان ختم ٿي هئي."

نگستي، ۽ ادريانه سان سهمت ٿيندي چيو"افسوس جو امن ۽ پائيچاري کي وڌائڻ واري اولمپڪ، نفرتن جي ور چڙهي وئي. جنهن جي ڪري ان وقت دنيا جا ڪيترا ملڪ جيڪي فلسطينن سان همدردي رکندا هيا، سي سندن حمايت تان هٽ کٽي ويا."

"چا تون فلسطينن جي جدوجهد کي غلط سمجهين ٿي؟" مون نگستي کان سوال ڪيو.

" هرگز نه، پر اهڙي عمل کي ساراهي به نه ٿو سگهجي. اهڙي حرڪت اسان جي هڪ گروپ ۽ 1968 ۾ ڪئي هئي، جنهن هڪ جهاز اغوا ڪري

پاڪستان جي شهر ڪراچي ۾ لاڙو هيو. ان ڪري اسان جي تحريڪ کي نقصان رسيو. بي گناهه ماڻهن کي مارڻ يا ستائڻ غلط حڪمتِ عملي آهي."

مون کي به اولمپڪ پارڪ جي حوالي سان هڪ ٽوٽ ٽرڙائپ وارو واقعو ياد آيو ته ٻڌايومانِ، "1972ع جي اولمپڪ جي فائينل ۾ پاڪستاني هاڪي ٽيم، جرمني جي ٽيم کان هڪ گول تان هارايو ته پاڪستاني راندين‌گرن جرمني جي تراني وڃڻ وقت، جهنڊي کي پٺي ڏئي، سلور ميڊلس کي جوتن ۾ لڙڪايو هيو. نتيجي ۾ پاڪستاني وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي کي، جرمني جي چانسلر 'ولي برانڊٽ' کان معافي ونڊي پئجي وئي."

اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪندا، جڏهن سينٽرل بلڊنگ مان نڪري، 'هانس بران بروڪ' وارو رستو وٺي اولمپڪ هال ۾ داخل ٿياسين، ته اتي جمناسٽڪ جا مختلف ايونٽ ٿي رهيا هيا. ان کان سواءِ مختلف هنڌن تي ثقافتي ميلا، نمائشون ۽ سيمينار پڻ جاري هئا. خاص ڳالهه، جنهن توجهه پئي ڇڪايو سو هيو عورتن جو گهڻو تعداد. جنهن کي ڏسي ادريانه چيو "ٻه سؤ سال اڳ جرمن ٻه ائين چوندا هيا ته، عورت جو مقام صرف ٻار، چرچ ۽ رنڌڻو آهي. هاڻي ڏسو عورتون اسپورٽس جي ميدان ۾ ڪيئن نه پاڻ ملهائن پيون!"

مون کي ان ڳالهه مان اندازو پئي ٿيو ته عورت آفريقا جي هجي، يا لاطيني آمريڪا جي، اها پنهنجي جنس جي حوالي سان گهڻو حساس ٿي چڪي آهي.

اتان نڪري، جڏهن اولمپڪ پول واري ايريا ۾ پهتاسين، ته اتي مختلف قسمن جا سوئمنگ پُول موجود هيا. جڏهن ڏسي، موٽي رهيا هياسين ته نگستي پچيو" توکي ترڻ ايندو آهي؟"

"پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي ڏينڊن ڏورن ۽ واهن ۾ ته خوب تريو آهيان!"

"سمنڊ ۾ ترڻ جو تجربو اٿئي؟"

"نه! پر ان جي ضرورت ڪهڙي آهي؟"

"توکان ڳاڙهي سمنڊ مان موتين واريون سپون ڪڍائڻيون آهن." نگستي مشڪندي وراڻيو.

"پر جڏهن مون سان سپ مان نڪتل موتين جي راڻي سان آهي، تہ پوءِ ڪهڙي ضرورت ؟"

نگستي مشڪندي چيو"جي موتين جي راڻي چوئي تہ سمنڊ ۾ ٽهي هڻي آهي، تہ هڻندين؟"

"ضرور هڻندس!"

اهو ٻڌي نگستي سريش کي فوٽو ڪيڙ لاءِ گذارش ڪئي، جنهن وٽ ڪئنن ڪئميرا Canon Camera جو نئون ماڊل هيو. پوءِ نگستي پاڻ مرادو منهنجي چيلهه ۾ ٻانهن وڌائي ٻيٽي ۽ سريش کي تاڪيد ڪئي، تہ پس منظر ۾ اولمپڪ تاور ضرور اچڻ گهرجي!"

سريش مختلف اينگلس ونڊي ۽ تي فوٽو ڪيڙي ورتا.

"جڏهن رول صاف ڪرائين تہ مهرباني ڪري اسان کي نيگيٽو ۽ پازيٽو ڪاپيون ڏئي ڇڏجانءِ!" نگستي، سريش کي تقاضا ڪندي چيو.

"جيئن ئي رول ڊيولپ ڪرايم تہ ڏئي ڇڏيندس!" سريش وراڻيو.

" تون عمومن فوٽو ڪيڙ کان لنوائيندي آهين، اڄ تو کي ڪهڙو ريچڪ آيو؟" پچيومانس.

"اهو فوٽو وقت اچڻ تي، تنهنجي ڪيل واعدي جي گواهي ڏيندو!" نگستي مشڪندي وراڻيو.

14 اپريل، آچر

صبح جو سوير ميونخ کان نڪتاسين، استوٽ گارڊ، هيڊل برگ گهمندي، رات جو 'فرينڪفرٽ' پهتاسين. جيئن تہ فرينڪفرٽ ۾ مختلف قسم جا صنعتي ميلا لڳل هيا، ان ڪري هوٽلن ۾ رهڻ لاءِ جڳهہ نہ ملي. هڪ ننڍڙي شهر 'هنائو' ۾آياسين، پر اتي بہ هوٽل پريا پيا هيا. نيٽ ريلوي استيشن تي اچي بيٺاسين. سڪو سيءُ ايڏو هيو جو جسم جي پوڙ پوڙ ۾ گهرندو پئي ويو. ان ڪري موٽڻ جو سوچيوسين. ڪلاڪ کان پوءِ جيئن ئي ٽرين آئي تہ چڙهي پياسين. پوءِ سڄي رات سفر ۾ گذري وئي.

15 اپريل، سومر

ڪولون ۾ پرهه ڦڻيءَ جو پهتاسين. ويهن منٽن کان پوءِ روٽرڊم ڏانهن ايندڙ هڪ ٽرين آئي، تہ ان ۾ روانا ٿياسين. سفر ۾ ڳهر واري حالت هئي. ان ڪري نگستي ۽ مان بنا کائڻ پيئڻ جي نيت ڪري چڏي هئي، جو آخري روزو هيو. امان جو بہ چوڻ هوندو هيو تہ: جيڪو آخري روزو نہ رکندو ان تي عيد جون سيون کائڻ حرام آهن.....!

'ڪلون' کان ٽرين ذريعي سوا يارنهين وڳي روٽرڊم پهتاسين. ٻين تہ ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ لاءِ رائونڊ بلڊنگ طرف رخ رکيو. جيئن تہ اسان ٻنهي کي بک تي رکيل روزي ساڻائي ڏئي چڏي هئي، ان ڪري نگستي ۽ مان آرام ڪرڻ لاءِ ڊيناڪ ڏانهن سِڌ ڪيو سين.

فرسٽ فلور تان، ڏاڪا چڙهندي، سيرا ڏٺو تہ جڙ ساهہ پئجي ويس. چوڻ لڳي، " اوهان جو ڏاڍو انتظار هيو. سوچيم پئي تہ اوهان کان سواءِ عيد ڪيئن ٿيندي!"

"دل سان ياد ڪيئي تہ اچي ويا سين!" نگستي ملڻ کان پوءِ تڪڙ ۾ کائنس موڪلائيندي پنهنجي روم ڏانهن هلي وئي.

سيرا ڪامن ڪچن ڏانهن ويندي، مون کي تاڪيد ڪئي، " ڏهين وڳي عمر فقيہ جي روم تي سيني مسلمان روزائتن کي گڏ ٿيڻ لاءِ چيو اٿم. تہ جيئن صلاح سباب سان عيد جي ماني تيار ڪري، گڏجي کائجي!"

مان هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي پنهنجي روم تي هليو آيس.

رات جو بيسمينٽ ۾ عمر فقيہ جي روم تي گڏ ٿياسين. سيرا سيني آڏو گڏجڻ جو مقصد ٻڌايو تہ انڊونيشيائي مسلمانن معذرت ڪندي چيو تہ 'دي هيگ' ۾ سنڊن سفارتخاني طرفان کين عيد جي دعوت مليل آهي، هو اوڏانهن هليا ويندا.

عقيان شاه ٻڌايو تہ مليشيا جي يونس ڪاشف سنڊس عيد جي ماني جهلي آهي، هو بہ نہ هوندو. باقي وڃي چار بچياسين. سو فيصلو اهو ٿيو تہ

صبوح جي ماني سيرا وٽ، منجهند جي مون وٽ ۾ رات جي ماني عمر فقير وٽ ٽيندي ڪولڊ ڊرنڪ ۾ ڊراءِ نروٽ ونڊي اچڻ جي ذميواري ظاهر تي هوندي ۾ هر هڪ ميزبان ڪهڙن به بن مهمانن کي ماني جي دعوت ڏئي سگهي ٿو.

مون کي انهيءَ وقت اقبال سليم ياد آيو. مون فون کڙڪائي ته هن به معذرت ڪري چڏي ته سياٽي ايمسٽرڊم ۾ ڪيس هڪ هندوستاني مسلمان دوست جي دعوت مليل آهي. پر هن ٻي ڏيهاڙي 'اولڊ ڊچ ريسٽورينٽ' تي 10 وڳي گڏجي ماني کائڻ ۾ ڪچهري ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيو. مون سوچيو اهو به ٺيڪ آهي، جو هن پيري مان سندس ميزبان بٽبس ۾ پنهنجي ان روايت کي برقرار رکندس، ته : کائجي ته کارائجي، نه ته اصلي نه کائجي.....

16 اپريل، اڱارو

طئي ٽيل پروگرام تحت، سيرا صبوح جو مالي جو روايتي ڪاڏو 'جولاف' (چانور جن ۾ بصر ۾ انڊا مليل هيا) ۾ 'مني منيانگ' (پڳل ترن ۾ ماکي رليل لائي) تيار ڪري ناشتو ڪرايو.

مان وري منجهند جو سيون، حلوو ۾ ترڪش نان پيش ڪيا. سيني کي ڪشمش ۾ پستن مليل سيون ڏاڍيون وڻيون. بهونيا بار بار اهو چئي پئي ڪلايو "ته جي مان ڪافر کي دلمراد ائين روز سيون کارائي ها، ته مان ڪڏهن جو مسلمان ٿي ويجان ها!"

راڻا جو عمر فقير، ڊنر جو بندوبست ڪري ورتو هيو. جنهن ۾ چپاتي، پلاءِ ۾ ڪباب شامل هيا. جن کي هن پلاف ۾ مشڪاڪي پئي سڏيو ۾ اهو به ٻڌايو ته زنجبار ۾ پلاءِ ترڪن ۾ ڪباب عربن متعارف ڪرايا هيا. سڀني ڳالهه اها هئي، ته عيد جي دعوت ۾ بنا ڪنهن فرق جي ڪافي دوست شامل هيا.

17 اپريل، اربع

عيد جي ٻي ڏينهن تي تيار ٿي، يارنهن سؤ گلدبر واليٽ ۾ وجهي، هاسٽل جي مين گيٽ مان نڪرڻ وارو هيس ته پٺيان سڏ ٿيو 'پائي جان! باسي عيد تي، ڳلي ته ملو!"

مان عقيان شاه جو آواز سڃاتو ته بيهي رهيس. ڳلي مليا سين ته هن پڇيو "تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن پيو وڃين؟"

"ڪو-آرڊينيٽر اقبال سليم سان اولڊ ڊچ ريسٽورينٽ تي ڊنر ڪرڻ!"

"ڏاڍو آهي، پاڪستاني آ؟"

"ها!"

"مان به ساٿس ملڻ ٿو چاهيان!"

"پلي!" نه چاهيندي به، انڪار نه ڪري سگهيس.

ڏنل ٺائيم تي 'اولڊ ڊچ ريسٽورينٽ' تي پهتاسين ته اقبال سليم به پورچ ۾ ملي ويو. جڏهن ٽئي جڻا ڊائننگ روم جي هڪ ٽيبل جي چوڌير ٽي ويٺاسين ته مان اقبال سليم ۽ عقيان شاه جو پاڻ ۾ تعارف ڪرائي چڏيو. هوٽل ويٽريس Hotel Waitress مينيو ڪٽي آئي. مان ولي اقبال سليم جي اڳيان رکيو. هن صرف سرينامي دال روٽي ۽ انڊونيشيائي فرائيڊ رائيس جا ڊشز لکرايا. اهو ڏسي چيم"سر، اوهان ته باقاعده حجاب کان ڪم ونو ٿا، ڪجهه پيو به ٽي وڃي؟"

"ها، بالڪل! ڪجهه وڌيڪ هئڻ ڪپندو آهي." ائين چئي عقيان شاه مينيو ولي آرڊر ڏيندو ويو " گوشت ۽ پاڇين جي سوپ Erutensoeo جا ٽي بائول، ٽي پليٽون ڳچل مڇي Haring Hollandse Nieuwe جون، بصرن ۽ گوشت مليل پاڇي Hachee جون ٽي پليٽون ۽ ترڪش ڪباب شاورما جون ٽي پليٽون!"

اقبال سليم ايڏو آرڊر ٻڌي چيو" اهو اسان کان گهڻو نه ٽيندو؟"

عقيان شاه وراڻيو "ڪا ڳالهه ڪونهي سر، اسان جو ويٺا آهيون!"

مون کي به لڳو ته آرڊر منهنجي واليٽ ۾ پيل گلدبرز کان ڪجهه وڌيڪ آهي، پر اميد هئي ته جي بل وڌيو ته عقيان شاه به ونڊ ڪرائيندو.

ويٽريس آرڊر وٺي هلي وئي تہ عقيان شاھ، اقبال سليم کان حجت ڪندي سوال پڇڻ شروع ڪيا:

"سر، اوھان جو تعلق پاڪستان جي ڪھڙي شھر سان رھيو آھي؟"

"ڪراچي سان!"

"جاءِ پيدائش؟"

"لکنؤ جي!"

"اڇا! اڇا! 'پھلي آپ! پھلي آپ!' واري شھر جا آھيو!" عقيان شاھ، ٽوڪ ۽ مذاق واري مليل جليل انداز ۾ چيس.

"جڏھن بہ سماج مان فضيلت پرئي انداز واري گفتگو ختم ٿيندي تہ پوءِ غالب جي غزل جي اھا سِٽ وڃي رھندي تہ: ھر ايڪ بات پي ڪھتي ھو تہ ڪو تو ڪيا ھئي...!" فضيلت پرئي جواب ڏيڻ کان پوءِ اقبال سليم پڇيس، "اوھان جا وڏا ڪٽان جا آھن؟"

"مڪن پور جا. جتي حضرت بديع الدين مدار جي درگاھ آھي."

"اتان جا مجاور يا ڀھاريدار بہ 'شاھ جي' سڏبا آھن، توھان اھي آھيو يا ڪي ٻيا؟" اقبال سليم ڏکندڙ رڳ تي ھٿ رکيس تہ عقيان شاھ کن لاتار ڪندي پڇيس، "سر، ھتي پڑھائڻ کان اڳ ڇا ڪندا ھيئو؟"

"بلڊنگ ڪنٽرول ۾ ماسٽر پلان جي شعبن سان وابستہ رھيو آھيان!"

"ماشا الله! پوءِ اوھان بلڊنگ ڪنٽرول جا مزا ڇڏي، ديارِ غير ۾ نوڪري ڇوتا ڪيو؟" عقيان شاھ جو سوال، مون کي بہ ناگوار لڳو.

"ھاڻي ادارن ۾، پريشر گروپس ۽ طاقتور ڏرين جي ايتري تہ مداخلت آھي، جو شريف ماڻھوءَ جو نوڪري ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آھي. ھتي جاب ملي ويو تہ ھليو آيس."

ھوٽل بيريئر آرڊر تحت جڏھن ڊشز ڪٽي ٽيبل تي سجايون تہ عقيان شاھ جو سجو ڏيان اوڏانھن ھليو ويو. کائڻ دوران ھن ٻڙڪ بہ نہ ڪيڇي.

جڏھن ويٽريس 1200 گلڊرز جو بِل آڻي ٽيبل تي رکيو، ڪٽي ڏٺم تہ منجھي پيس، تہ ھاڻي چا ڪيان...؟

عقيان شاھ کي آھستگيءَ سان چيم، "پائي جان! سؤ سوا گلڊر ڪپن!"

هن ٻوڪٽ ڪندي وراڻيو "يار، مون وٽ تہ آهن ئي، ٽيهہ گلدبر! چوين ها تہ روم تان ڪنيون اڃان ها."

اقبال سليم جو ٻڌو تہ هڪدم بل ونڊندي چيائين،"اوهان چڏيو مان ٿو ڏيان!"

"سر، سر!" جوندي مون ڪيس گھٽي روڪڻ جي ڪئي، پر اقبال سليم بل ڀري چڏيو.

ٽرام تي مونڊندي مان شرمسار هيس. عقيان شاه کي چيم،"يار! مهمان ميزبان ٿي ويو شرم جھڙي ڳالهہ آهي!"

"خير آهي، بلڊنگ ڪنٽرول مان گھٽو ڪمايو هوندئين!"

" اهو تون ڪھڑي بنياد تي چوين ٿو؟"

" اسان لکنوءَ وارن کي چڱيءَ طرح سڃاڻئون، وڏا پلستر آهن!"

"منهن تي چونديس؟"

"چڏ ان ڳالهہ کي، ٻيهر دعوت ڪري چڏجانس. باقي، ڳالهين مان تہ مون کي ڪميونسٽ پئي لڳو!" عقيان شاه ڳالهہ کي وَڻُ ڏيندي چيو.

" هن ائين چيو ڇا، تہ هو ڪميونسٹ آهي؟....تو ۾ تہ ڪا ماٺھوءَ جي ڏپ ئي ڪونهي!" چنڊ ٻڌي مانس تہ چپ ٿي ويو.

اڄ جي مشاهدي کان پوءِ، ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ چڱا لڳا هر ڪميونٽي ۾ موجود آهن. پر اسان جي معاشري جو اليو اهو آهي تہ چڱن جي ڪير ٻڌي نہ ٿو لڳن کي ڪير چوي نہ ٿو...

18 اپريل، خميس

مان جيئن تہ ريورٽ جا ٻہ چيپٽر لکي چڪو هيس، سو گائيڊ کي ڏيکارڻ لاءِ انسٽيٽيوٽ ويس. اقبال سليم پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هيو. مواد آڏو رکيومانس تہ ڏسي چيائين، "ڪلاڪ کان پوءِ اچجانءِ!"

تيستائين مان ڪمپيوٽر سيڪشن جو چڪر هڻڻ ويس. لڳو تہ اڳي کان رش گھٽي گھٽ هئي. مون مٿيلين کي هڪ ڪمپيوٽر آڏو ويٺل ڏٺو تہ

کائنس ايئروبڪ جي حوالي سان پچيو. ٻڌايائين تہ ايئروبڪ ڪلاسز ڪو نہ ٿي هلائي، جو هر ڪو پراجيڪٽ رپورٽ ٺاهڻ ۾ مصروف آهي. پوءِ مون کي هيئان کان مٿي ڏسندي چيائين،" تون سمارٽ ٿي ويو آهين ...! ان جو مطلب تہ تون ۾ نگستي رننگ کان سواءِ ڪا هينکي پينکي نہ ٿا ڪيو!" ائين چئي، هوءَ وري ڪم ۾ لڳي وئي.

ڪلاڪ پوري ٿيڻ کانپوءِ مان اقبال سليم جي آفيس ۾ آيس. هن پهرين چيپٽر کي بالڪل ٿو دي پوائنٽ قرار ڏنو البتہ ٻي چيپٽر جي ڪن صفحن جي ٿوري ايڊٽنگ ڪري موڪلائي ڏنائين.

مان ڪئنٽين ۾ پهتس تہ نگستي لنچ ڪري رهي هئي. مان بہ سيلف سروس ڪائونٽر تان لنچ کڻي سندس پرسان ٿي ويٺس تہ ٻڌايائين، "مس مس منهنجي پراجيڪٽ ورڪ جو موضوع فائنل ٿيوآهي. اسان جو گائيڊ 'ڪوئيمئن' ڏاڍو ڏکيو ماڻهو آهي. ذري ذري تي آبجيڪشن هڻي ٿو."

"موضوع ڪهڙو آهي؟" پچيومانس. ٻڌايائين تہ :

Proposing an Integerated urban development agency as means of resolving urban problems in the Ethopian Context .

وراٽيم، "موضوع تہ ٺيڪ ٺاڪ آهي!"

"مون کيس گهڻو چيو تہ Eriteran Context هجڻ گهرجي، پر نہ مڃيائين!"

"خير آهي. ڊپلوما حاصل ڪرڻ لاءِ اتوپيا لکڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي؟"

"ائين ٿو لڳي تہ جڏ ڪنڊ تي ڪاتي اڇي وئي آهي." نگستي وراٽيو.

پنهنجي روم تي پهچي، ايڊٽ ٿيل صفحہ شام جو 4 وڳي تائين لکي پورا ڪيم. پوءِ ٽي وي لائونج ۾ ويس، تہ ڪو اسپورٽس چينل ويهي ڏسان. اتي اڪيئي عقيان شاه رموٽ ڪنٽرول هٿ ۾ ڪيون غور سان ويٺي ٽي وي پئي ڏٺي. ٽي وي چينل تي ڪنڊوم چاڙهڻ جو طريقو ڏيکاريو پئي ويو. مان جيئن ئي سندس ڪلهي تي هٿ رکي پچيو" شاه جي! چا تا ڏسو؟"

عقيان شاه چرڪ پريندي تي وي بند ڪندي چيو" تو! تو! هتي ڪهڙا نه بيهوده سبق سيکاريا تا وجن!"

"بند چو ڪيئي؟" ڪلي پچيومانس ته ڳالهه کي وڪڙ ڏيندي چيائين، "پائي جان! ٻڌو آهي، ته هڪ ئي وقت تنهنجو پنجن آفريقي چوڪرين سان معاشقو هلي رهيو آهي؟"

"مطلب؟"

"مطلب، شادي ڪرين ته ڪين مسلمان ضرور ڪجانءِ!"

چيومانس"سيرا ڪي به؟"

"سچ پچين ته ڏاڍي لالچي عورت آهي. مون کان هروپرو قرض گهرندي هئي. مان هٿ ڪيو ويومانس. آفريقي چوڪرين ۾ رونا وري به نيڪ آهي.. چا خيال آهي...!؟"

" تون چوين تو ته هوندي ...!" مون اڻڄاڻ ٿي وراڻيو.

عقيان شاه هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رموٽ ڪنٽرول مون کي هٿ ۾ ٽمائيندي تڪڙو ٿي ويو. جڙ ڪو ضروري ڪم ياد آيو هجيس.

19 اپريل، جمعو

پارٽيسپنٽس جو اهو معمول هوندو آهي، ته هفتي جي آخري ڏينهن ۾ ميل باڪس کولي ضرور ڏسندا آهن. اتفاقن نگستي ۽ مون کان ڪالهه ميل باڪس ڏسڻ وسري ويا هيا. ضروري سمجهيوسي ته انسٽيٽيوٽ جو چڪرهٽجي. پهچي ڏٺوسين ته به اطلاع ڊراپ ٿيل هيا. هڪ 21 اپريل تي روٽرڊم ۾ پروفيشنل مئراٿن ريس ۽ ٻيو 27 اپريل تي شاگردن جي بٽاوائرين ريس (Race Batavieren) جو.

نيڊرلينڊس ۾ بٽاوائرين ريس ۾ حصو وٺڻ، تعليمي ادارن جي ايٿليٽ شاگردن جو هڪ خواب هوندو آهي. اها ريس (Race) اڏرات جو 'نائيميخن' شهر جي ريڊ بائونڊ يونيورسٽي مان شروع ٿي، 'انشڊي' شهر جي يونيورسٽي

آف ٽونٽي ۾ ختم ٿيندي آهي. شاگردن جي مختلف ٽيمن کي 185 ڪلوميٽر جو مفاصلو 25 اسٽيجز ۾ رِلي ريس (Relay Race) واري انداز ۾ طئي ڪرڻو هوندو آهي. ريس جي حوالي سان جيڪا خاص ڳالهه ڄاڻايل هئي، تہ دلچسپي رکندڙ رزرو آفيشل رنرس Reserve official Runners لسٽ ۾ هاڻي بہ نالو لکرائي سگهن ٿا. ڇو تہ ڪن بہ راندیگرن جي غير حاضري سبب، رزروَ ۾ رکيل رنرس سندن جاءِ پري سگهن ٿا. پڙهڻ کان پوءِ اسان ٻنهي دير ئي نہ ڪئي، اسپورٽس ڪميٽي جي چئرمئن 'ويپنار'سان سندس آفيس ۾ ملياسين. ان اتي جو اتي، ردِ بائونڈ يونيورسٽي وارن کي نالا فيڪس ڪري ڇڏيا ۽ چيو تہ: "ايندڙ سومر تي اچي پڇجو تہ اوهان جا نالا داخل ٿيا يا نہ؟"

شاعر جو تہ اِن ڪئنٽين ۾ چوٽين سوشل ايوننگ هيو. دوستاڻو ماحول ڏسي، مون کي شاعر وليم بلئڪ جون ڪجهه سٽون ياد آيون. جيڪي ڪاليج جي زماني ۾ انگريزي جو استاد ارشاد قريشي صاحب ٻڌائيندو هيو:

The bird a nest,
The spider a web,
Man friendship

(پکيءَ کي آکيرو
ڪوريئڙي کي ڇار
ماڻهوءَ کي دوستي ڪپي!)

اها حقيقت هئي، تہ سوشل ايوننگس منعقد ٿيڻ دوران هر پارٽيسپنٽ پنهنجي هم نفس ۽ هم دم کي هٿ ڪرڻ لاءِ وسان نہ گهٽايو هيو.

اڄ مون سميت، سنگت مان ڪنهن جو بہ ڊانس ڪرڻ جو موڈ نہ هيو. نگستي، سيرا، روزمئري، ورونا ۽ ادنا، ڊانس فلور کان ٻاهر رکيل ڪرسين تي ويهي، جوس پيئندي لطف اندوز ٿي رهيون هيون، تہ اوچتو ڊزي ڪئنٽين ۾ گهڙيو ۽ ادنا کي ٻانهن کان ونڊي، زوري ڊانس فلور تي گهلي ويو. توڙي جو ادنا گهٽي" نہ، نہ!" ڪئي، پر ڊزي هڪ بہ نہ ٻڌس. سندس اهو نامناسب انداز سيني کي برو لڳو....

20 اپريل، چنچر

وروني هاسٽل ۾ رهندڙ هر پارٽيسپنٽس کان سندن جنم جي تاريخ پڇي نوٽ ڪري ڇڏي هئي. جنهن جو به سالگرهه جو ڏينهن ايندو هيو تہ ائين انتظام ڪندي هئي. جيئن کا ماءُ پنهنجن ٻار لاءِ ڪري ٻاجهاريءِ پاهوهي هئڻ ڪري هاسٽل ۾ 'مدر آف ڊيناڪ' سڏبي هئي. تنهن بابت ياچاءِ منهنجي روم تي اچي ٻڌايو تہ ساٺس ڪجهه گهڙيون اڳ هڪ بيهودوگي وارو واقعو ٿيو آهي...!

پڇيومانس، "چو، چا ٿيو؟"

ٻڌايائين، تہ "وروني، سج لٿي ڏارا ڪامن ڪچن ٻاهران ويٽنگ چيئر تي ويٺي، ٻين جي نڪرڻ جو انتظار پئي ڪيو. عقيان شاه جو آيو تہ الائي ڪهڙو اُڏمو آيس، جو ٽپو ڏئي وروني جي جهولي ۾ ويهي رهيو. وروني جيئن اڌارڻ جي ڪيس، تيئن هوڏ ٻڌي "جسٽ ڪڊنگ، جسٽ ڪڊنگ!" چوندي اڌڻ جي نہ پئي ڪيائين. اتفاق سان ڪلپاج، ادريانہ جي روم مان نڪتو پئي آيو ونس ڪئميرا هئي. تنهن اهو ڏسي فوٽو ڪڍي ورتس. ڪلڪ جي آواز تي عقيان شاه هڪدم وروني جي جهولي مان اٿي ڪيڏ لڳس. پر ڪلپاج سيڪنڊ فلور جي ڏاڪڻ چڙهندي، پنهنجي روم ۾ گهڙي ويو. عقيان شاه دروازو چڱيءَ ڀر تائين ڪڙڪايس، پر هن نہ کوليو!"

ياچاءِ اکين ڏٺو احوال ٻڌائڻ کان پوءِ مون کي چيو "سمجهائيس! تنهنجي ملڪ جو آهي. اڄ وروني، سياڻي مون سان بہ اها حرڪت ٿي سگهي ٿي!"

اهو ٻڌي، مان هڪدم اٿي، وروني کان ڪامن ڪچن ۾ ويڄي پڇيو تہ هن جڻ قياس ڪائيندي چيو "ڪلاس ميٽ آهي...! چا ڪيانس...؟ پنهنجي پڙهائي تي توجهه ڏيڻ بجاءِ اهڙيون حرڪتون ڪري پاڻ کي نقصان ڏيندو. پر مهرباني ڪري توهان ڪجهه نہ چئجوس!"

دل ۾ چيم، "مدعي سست، تہ گواه چست چو ٿئي؟ ..پل، منهن ڪوڙي ڳڻتا پٽائي....!"

پر هاسٽل ۾ ياچاءِ جي ڏنل ڊنڊوري، عقيان شاه کي اهڙو ته پاڙي ڪيو جو سادي نائين وڳي منهنجي روم تي سهڪندي اچي پهتو "پائي جان! ڪلپاج ، وڏي حرامپائي ڪئي آهي."

"ڪهڙي؟" خبر هوندي به اڻ ڄاڻ ٿي پڇيومانس.

" لعين، منهنجو فوٽو ڪيئي ورتو آهي!"

"اهڙي خراب حالت ۾ فوٽو ڪيئين ڇا؟"

"بس، پائي جان! مان ڪامن ڪجن مان پئي نڪتس ته ورونا صوفي تي ويٺي هئي، مان مذاقن ورونا جي جهولي ۾ ويٺس، ته هي حرامي ڪو ڪئميرا ڪنيون ادريانه جي روم ۾ لڪو ريئو هيو اوچتو نڪري، فوٽو ڪيئي ڇڄي ويو.

" اها ڪا اهڙي پريشاني جي ڳالهه ته ڪونهي!"

" تون نه ٿوسمجهين! پروپيگنڊه ڪري، مسلم امه کي بدنام ڪري سگهي ٿو!" مون گهٽو نٽايو پر عقيان شاه کي ڦڙڙي هجي، "پائي جان! توکي خبر ناهي ته ڪلپاج ڪيڏو خطرناڪ آهي، ادريانه جا اعتراض جوڳا فوٽو ڪيندو ٿي!"

" تو ڏٺو اٿس؟"

"پائي جان! ٻلا رات جو دير تائين ان جي روم تي چوٽو ويهي؟"

" توکي ڪهڙي تڪليف؟"

"پائي جان! ادريانه منهنجي پاڙيسري آهي. ڪلپاج، کي ڪهڙو حق ٿو پهچي ته سيڪنڊ فلور تان اچي، هن سان فلرٽ ڪري؟"

تنگ ٿي پڇيومانس،"هاڻي تون ڇا ٿو چاهين؟"

" اهڙي دب ڏيس، جو فوٽو ڏسڻ ۾ ڪري ڇڏي!"

" تون پاڻ چونه؟"

" دراصل ماڻهو سمجهندا ته مان ورونا تي عاشق آهيان. جڏهن ته والله بالله اهڙي ڪا ڳالهه ڪونهي."

"بهتر آهي ته تون انسٽيٽيوٽ جي انتظاميه وٽ ڪمپلينٽ ڪر!" مون کيس پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ صلاح ڏني.

"يار مون ته ڀڏو آهي ته اندروني سنڊ وارا دلير ٿيندا آهن."

" مون کي ڪهڙي گتي پئي آهي، جو تنهنجي ڏنل ٽِڪَ تي لهر هٽان!"

مان نڙ ٽپ جواب ڏنو مانس.

عقيان شاه ڏنو ته مان ڪيس گوش نه ٿو ڏيان ته منڊ ميڙ تي لهي آيو"پائي جان! اهو فوٽو هر صورت ۾ ڊسٽراءِ ٽيڊ گهرجي. جو قومي حميت ۽ غيرت جو سوال آهي!"

"چگو مان ان معاملي کي ڏسان ٿو، تون ٿورو صبر ڪر!"

پر هن کان صبر کو نه ٿيو جيڪو به مليس، ان کي دانهن ڏنائين.

ڪلپاج کي مون سميت گهڻن چيو. پر جيئن چيوسيس، تيئن ڇڪي تي رکيائين.....

21 اپريل، آڇر

اڄ موسم زبردست هئي. سج نڪتل هيو. منجهند ڌارا اليڪٽرانڪ بورڊ 27 سينٽي ريڊ گرمي پد پئي ڏيکاريو. اڇوڪي ڏينهن تي مينهن نه وسڻ جي پيشنگوئي ٿيل هئي.جيڪا مئراٿن ريس لاءِ سنو سنوڻ هئي. روٽرڊم جي ماڻهن جي ريس ۾ دلچسپي ڏسي، ائين پئي لڳو ته جڻ سندن عيد هجي. مئراٿن ۾ دنيا جا نام ڪنيا لانگ ريسر حصو وٺي رهيا هيا. ريس 'يوروماس ٽاور' کان شروع ٿي چڪي هئي. رنرس (Runners) کي سڄي شهر جي مين روڊن تان ڊڪندي، ٽائون هال اڳيان فنش لائين Finish Line تائين پهچڻو هيو.

نگستي ۽ مان 'برگ وگ' روڊ تي ڪلاڪ اڳ وڃي بيٺا سين. رنرس سوا ڇهين وڳي شام جو گذريا ته انتظار ۾ بيٺلن تاڙيون وڄائي سندن پرجوش استقبال ڪيو. سندن گذري وڃڻ کان پوءِ، اسان لائيو ڪوريج ڏسڻ لاءِ هاسٽل جي ٽي وي لائونج ۾ اچي ويناسين. لڳي پيو ته مردن ۾ اٽوپيا جو 'ددي' ۽ عورتن ۾ 'اددس' ڪٽي ويندا. پر آخري ٻن ڪلوميٽرن جي ڊوڙ ۾ آسٽريليا جي 'نلپ' ۽ عورتن ۾ نيدرلينڊس جي 'جوڪ' اهڙيون ته هرانگهون هنيون، جو اڳين ڪي پنتي ڇڏيندا ويا. جڏهن 'جوڪ'، 'اددس' کي ڪراس

پئي ڪيو تہ ٽي وي لائونج ۾ نجستي پُرجوش ٿي 'اددس' کي گھٽي ئي "هري اپ ! هري اپ!" ڪئي. پر هر ڪنهن کي پنهنجا پير ڪٽائن. نتيجو اهو نڪتو جو عورتن جي مقابلي ۾ 'جوڪ' پهريون نمبر، ٻيو نمبر اٽوپيا جي 'اددس' ۽ ٽيون نمبر رومانيہ جي' ائروسينہ' آيون. جڏهن تہ مردن ۾ پهريون نمبر آسٽريليا جو 'فلپ' ٻيو نمبر ميڪسيڪو جو 'ڊاؤنيسيا' ۽ ٽيون نمبر اٽوپيا جو 'ددي' آيا. نگستي اٽوپيا جي 'اددس' جي پهرين پوزيشن نہ ڪٽڻ تي افسوس جو اظهار ڪرڻ سان گڏ، نيڊرلينڊس جي 'جوڪ' جي اسٽيپس کي بہ ساراهيو پئي.

ان مان اندازو ٿيو تہ نگستي ڪا نسل پرست ناهي....

راتہ جو سادي ڏهين وڳي ٽي وي لائونج ڏانهن رخ رکيم تہ جيئن اسپورٽس چينل تان مٿراٽن ريس جون جهلڪيون ڏسي ونان. جيئن ئي ٽي وي لائونج ۾ پهتم تہ حيران ٽي ويس. ڪلپاج ۽ عقيان شاه کير کنڊ لڳا ايڪشن مووي ڏسي رهيا هيا. ٻنهي کي ڏسندي پڇيم" توهان ازلي ويري ڪيئن ٿهي ويئو؟"

"دراصل، عقيان شاه جڏهن روم تي اچي ٻڌايو تہ سندس وڏن جو تعلق ڪانپور ڊسٽرڪٽ جي مڪن پور قصبي سان آهي، تہ پاڙيسري نڪري پياسين!"

"پاڙيسري؟"

"منهنجو تعلق بہ ڪانپور ڊسٽرڪٽ جي 'نانا صاحب پيشوا' جي شهر 'بٹور' سان آهي." ڪلپاج ٻڌايو.

مون عقيان شاه کان پڇيو " شاه جي! تنهنجي فوٽوءَ جو چا ٽيو؟"

"ڪلپاج راڳو پنهنجي ڪنڊوبا پگوان جو قسم کٹي چيو آهي تہ ڪئميرا ۾ رول نہ هيو."

پڇيومانس ، "پوءِ توکي اعتبار آيو؟"

" مسٽر دلمراد ! هڪڙي ڳالهه ذهن ۾ رکي ڇڏ ته مرائو جڏهن پنهنجي ديوي يا ديوتا جو قسم کٽي ته ڪوڙ ناهي ڳالهائيندو. سريش وانگر شرنارٿي ٿورئي آهي!"

" سريش، شرنارٿي ؟" مان حيران ٿي پڇيومانس.

"رائو صاحب ٻڌايو آهي ته سريش جو تعلق سنڌي شرنارٿين سان آهي، جيڪي 1951ع ۾ 9000 هزارن جي تعداد ۾ ڪانپور آيا. هاڻي ته ايترا وڏي ويا آهن، جو ڪانپور جي انڊسٽري ۾ بزنس تي به قبضو ڪندا ٿا وڃن."

"به هندوستاني ٿهي ويئو. مبارڪون!"

عقيان شاه " شڪريه!" چئي، واڇون ٽيڙي، وري ٽي وي ڏسڻ لڳو.

جهٽ نه گذري ته سريش به اچي ويو. پڇيومانس،"توهان سنڌي آهيو؟"

وراڻيائين،"ها!"

" توهان جا وڏا ڪٿان جا هيا؟"

" ڪراچي جا! "

" نڪ ؟ "

" روپاڻي !"

"سنڌي ايندي ٿي؟"

"صرف هندي ۽ انگريزي ايندي آهي!"

"اولمپڪ پارڪ وارو فوٽو ڪڍهن ملندو؟" نگستيءَ سان گڏ نڪتل فوٽوءَ بابت پڇيومانس.

"هتي رول ڊيولپ ڪرائڻ مهانگو پوي ٿو. ائڊريس ڏئي ڇڏجانءِ، ڪانپور مان ڪرائي موڪليندوسانءِ!"

ريموٽ کٽي، چئنل بدلائڻ مناسب نه سمجهيم. ٿوري جهٽ ويهي، پوءِ اٿي آيس.

22 اپريل، سومر

جيئن تہ هاسٽل ۾ عمومن صبح جو سوير هرڪو وهنجي سهنجي انسٽيٽيوٽ ڏانهن نڪرڻ جي ڪندو آهي. ان ڪري فرسٽ ۽ سيڪنڊ فلور تي رهندڙن جي ڪامن باٿ رومس ۾ اڇ وڇ لڳي پئي هوندي آهي.

ڪوئي ستين وڳي صبح جو روزمئري باٿ روم مان وهنجي سهنجي مٿي سان ٽوال ويڙهيون، اُگهاڙي ڇاتي ڪيون ٻاهر نڪتي، تہ اتفاق سان ان وقت سريش بہ باٿ روم طرف پئي آيو. ڏسي چيائينس، "هاٿي ائين ڪندينءَ تہ پوءِ مرد ڇو نہ ڇتا ٿيندا؟" سريش جو چوڻ ۽ روزمئري سِڌيون ٻڌائڻ شروع ڪيس. روزمئري جي لُڙ، مون سميت گهٽن کي رومس مان نڪري اچڻ تي مجبور ڪيو: "مرد ڇاتيون اگهاڙيون ڪري هلن تہ ٺيڪ، عورتون ڪن تہ اوهان جو مٽ ٿو وهي ...! ڇا منهنجي ۽ تنهنجي ماءُ جي ارهن ۾ ڪو فرق آهي ...؟ هنن ۾ آهي ڇا...؟ تشوز تہ آهن، جن مٿان چرٻي چڙهيل آهي."

ائين چئي روزمئري، سريش جو هٿ وٽي پنهنجي ڇاتيءَ تي رکيو "هاٿي ٻڌاءِ، ڇا توکي سيڪس ٿو چڙهي...؟ جي چڙهئي ٿو تہ پوءِ هالينڊ جي ڪُئن جو اوهِ ڏسي بہ چڙهندو هوندئي ...؟"

انهيءَ تي ڪلپاج، سريش جي وَٽِ وڃندي چيس،"عورتن جون اگهاڙيون ڇاتيون ڪري هلڻ، اسان جي ڪلچر ۾ برو سمجهيو ويندو آهي؟"

"لعنت آ، توهان جي نام نهاد ڪلچر تي!!.. مان دنيا جي اهڙي ڪلچر کي مڃان ئي نہ ٿي، جيڪو عورت کي صرف جسماني لذتن جو گهر ڪري سمجهي. آفريقا جي ڪيترن ئي قبيلن ۾ اگهاڙي ڇاتين واريون عورتون هلنديون وتن. اتي مردن کي ڪجهہ محسوس نہ ٿو ٿئي. اها مردن جي هٿ ٿوکي اخلاقيات آهي تہ جيئن پنهنجي بي راہ روي کي جواز ڏئي سگهن! "

"پر دنيا جي سيني ڏرمن جي قانونن ۾ عورت کي پنهنجا خاص حصا ڍڪڻ لاءِ تاڪيد ٿيل آهي." ڪلپاج ترش لهجي ۾ وراڻيس.

"مان پيشي جي لحاظ کان وڪيل آهيان. مون دنيا جا گهٽا فيملي لاز Family Laws پڙهيا آهن. پنجن هزارن سالن کان وٽي عورت سان باقاعده

تعصب کان ڪم ورتل آهي. ڇئو تہ ٻڌايانءِ تہ منوسمرتي ۾ عورت سان ڪيئن پيد پاؤڻيل آهي؟"

سريش سمجهي ويو تہ جيترو ڪلپاج، روزمئري سان الجهندو اوترو ئي هو خوار ٿيندو. ان ڪري هٿ ٻڌندي چيائينس، "منهنجي ماءُ! غلطي ٿي وئي، مون کي معاف ڪرا!"

" هاڻ ڇڏيس ڇوري، بس ڪئي ويچاري ! "ورونا جڏهن ٻانهن کان پکڙي پنهنجي روم ڏانهن گهلي ويس، تڏهن سريش جي جند ڇٽي.

ڏهين ونگي صبوح جو نگستي ۾ مان انسٽيٽيوٽ جو چڪر هنيوسين تہ جيئن 'بٽا وائرين ريس' جي 'رزرولست' جي خبر پوي. جڏهن 'ويپنار' ٻڌايو تہ " اوهان خوشقسمت آهيو جو پنهي جا نالا شامل ٿي ويا آهن. پر اوهان کي ۽ ڏينهن اڳ 'ردِ بائونڈ يونيورسٽي' پهچي اطلاع ڪرٽو پوندو تہ جيئن اوهان کي ڪنهن ٽيم سان سلهاڙي ڇڏين!" اهو ٻڌي نگستي ۾ مون کي يقين ٿيڻ لڳو تہ بٽا وائرين ريس ۾ حصو ونڻ واري حسرت ضرور پوري ٿيندي....

23 اپريل، اڱارو

اڄ اختيار جو ٽيون خط مليو. جنهن ۾ رواجي خيروعافيت کان پوءِ ڪيئي شڪايتون شامل هيون :

"ادا، پائو!

توهان اسان جي اڳلي خط جو جواب نہ ڏنو ۾ نہ وري ڪا فون ئي ڪئي. پهريان جنهن نمبر تان اوهان ڳالهايو هيو ان تي ڪيترا دفعا ڪال بئڪ ڪئي سي. پر ڪو جواب نہ آيو. مان هن خط ۾ جيڪا اهم ڳالهہ ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ هفتو اڳ چاچو رمضان لاڙڪاڻي آيو هيو. بابي ۾ امان وارن سان تکو منو ٿيندي چيو هيائين تہ: چوڪِري نہ ٿا ونو تہ ڪٽي جواب ڏيو ...! بابي پڇيس تہ ڪنهن کي ڏيندين...؟ تپي

چيائين، ڪٽي ڪاري چور کي ڏيان...! بابي وراڻيس تہ:
'منهنجا هٿ بہ ڪو پنيان ناهن ٻڌل. مان اڃا اهو ئي
آهيان، جيڪو دودي سنهڑي کان رپڑيءَ تائين نبي
بخش خان ناهر جي نالي سان مشهور هيس!' اها
ڏمڪي ٻڌي چاچو چپ ڪري هليو ويو."

خط جون آخري سٽون ڏاڍيون ڏکوئيندڙ هيون:

"امان بہ چوي ٿي تہ جي وڏي پٽ منهنجي سينڌ
نہ سڃاتي تہ قيامت جي ڏينهن ٿيج نہ بخشيندي مانس!"

خط ٽيبل تي رکي ڪجهہ دير تائين، سوچيندو رهيس، تہ ڪيئن چوندا آهن: ماءُ سا ماءُ، ٻيو دنيا جو ساءُ ...! پر اهائي ماءُ جڏهن پنهنجي ذاتي انتقام تي اچي ٿي تہ ممتا وارو ساءُ، ڏيڻ بہ وسري وڃيس ٿو. پنهنجي انا کي تسڪين ڏيڻ خاطر ان چوڪريءَ کي بہ نہ ٿي بخشي، جنهن جو سندس ڏيءُ جي خودڪشي ۾ ڪو هٿ ناهي... ڇا عورت، عورت جي ايڏي دشمن ٿي سگهي ٿي...؟ .اهو سوال اڄ رات جو روزمٿري آڏو ضرور رکندس، جو هوءَ هروقت ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان عورت ذات جي وڪالت ڪندي رهي ٿي...!

خط جي آخري سٽن تي نظر وڌم تہ لکيل هيو:

"ادا پائو!

اوهان جي اچڻ جو سخت انتظار آهي. انهن
معاملن کي، پاڻ اچي سلجهايو. جو بابي کان پوءِ،
اوهان ئي گهر جا وڏا آهيو! "

خط پڙهڻ کان پوءِ، منهنجي حالت، اها ٿي وئي آهي، تہ : 'جهنگ جي تتي گهر نہ ڏري، گهر جي تتي جهنگ نہ ڏري...!'

راتہ جو جيئن ئي سيرا جي روم تي ڪچهري شروع ٿي تہ مان دل ۾ سانديل سوال روزمٿري آڏو رکيو " اهو تہ ٻڌاءِ، ڇا عورت بہ عورت ذات جي دشمن ٿي سگهي ٿي؟"

"ها، ٽي سگھي ٽي!" روزمئري وراڻيو.

"پر ڇو؟"

"جڏهن عورت مرداڻي معاشري جي اثر هيٺ پنهنجي حيثيت ۽ قدر کي نه سڃاڻي، تہ ان جهڙي کا بي رحم ٽي نہ ٽي سگھي!" روزمئري وراڻيو.

"ڇڏيو ان موضوع کي، هاڻي مگيرا کائو ۽ چانهہ پيئو!" سيرا سيني آڏو چانهہ سان گڏ مگيرا رکي، موضوع تان ڏيان هٽائي ڇڏيو.

روزمئري مگيرا کائيندي سيرا کان پڇيو" ڏاڏا ٽيستي آهن، ڪٽان وٽي آئين آهين؟"

"نگستي، آندا آهن!"

"ڪيئن نہ پاڻ جهڙا سيڪسي چيلهہ وارا ڳنڊيل مگيرا وٽي آئي آهي!" روزمئري هڪ ڳنڊيل مگيرو ڪٽي ٻين کي ڏيکاريندي چيو.

"بس ڪر هاڻي ...! هر ڳالهہ ۾..." نگستي چنبو اولاريندي چيس.

"توکي جلد از جلد شادي ڪرڻ گهرجي!" ادنا، روزمئري کي مشوره ڏيندي چيو.

"مان شادي جو تلخ مزو ماڻيندي، پنهنجي سابقہ مڙس'مويا' کي پڃائي چڪي آهيان!"

"رَن! ڪهڙيون ڳالهيون ٽي ڪرين ؟" سيرا حيران ٽي پڇيس.

"ڇا توهان ڪوڙ ٽيون سمجهو؟"

"پر ڪيئن ؟" ورونا پڇيس.

"هن مون سان شادي ڪرڻ کان پوءِ هڪ گرل فرينڈ رکي. مون کي جڏهن خبر پئي تہ مون بہ هٿو ڪٽو بواءِ فرينڈ رکيو. هڪ ڏينهن، ان ڏانهن وڃي رهي هيس، تہ شڪجي چيائين :'ڪيڏانهن تيار ٽي وڃي رهي آهين؟' وراڻيومانس، تہ: 'جيئن تون تيار ٽي پنهنجي گرل فرينڈ ڏانهن ويندو آهين، تيئن مان پنهنجي چگهہ ڏانهن وڃان ٽي...!' ان تي هن ڏمڪي ڏني، تہ: 'مان تنهنجي خلاف ستي ڪائونسل ۾ شڪايت ڪندس...!' چيومانس: 'ڪري ڏس...!' جڏهن هن شڪايت ڪئي تہ اتي ٽبوتن سان پول پڏرا ڪيامانس.

پوءِ هن چيو تہ : 'مان طلاق ونڻ چاهيان ٿو...؟ مان زيمبيا جي ڪرنسي ۾ پنج لک ڊالرس هرجاني جي دعويٰ داخل ڪئي مانس تہ آمريڪا پهچي ويو!"

"چا تون هاڻي شادي نہ ڪنديئن؟" اڌنا پڇيس.

"نہ ڪو هاڻي ٿي ڪيان!" روزمئري ٿهڪ ڏيندي چيو.

"چا تون ٻار جڻڻ نہ ٿي چاهين ؟" سيرا پڇيس.

"اصلي نہ! ڪا يتيم يا بيواهي چوڪري پالينداس."

اڌنا چيس. " تون ڪا وڏي حرامزادي آهين!"

"حرامزاده تہ اهي آهن. جيڪي عورت کي ٻني سمجهي ٻج ڇڏي هليا وڃن ٿا ۽ پوءِ فصل جي سنيال ٻہ نٿا ڪن تہ ماڪڙ ڪائي وئي يا جهار. آفريقا ۾ اهڙين ڇڏيل عورتن جي، اوهان ڪڏهن ڪٽ ڪئي آهي. تہ اهي هزارن نہ پر لکن جي تعداد ۾ آهن ؟"

"سچ تہ اهڙا ناهن. منهنجو مڙس تہ وڏو وفادار آهي! "سيرا ٻڌايس.

" هتي ڳالهہ. مردن جي عام روين جي ٿي هلي. تون وري پنهنجو مثال ڏئي ڳالهہ کي لئي مٿي ٿي ڪرين!" روز مئري ٽوڪيس.

ورونا ٽڏو شوڪارو پريندي چيو"روزمئري صحيح ٿي چوي. بوتسوانہ ۾ ٻہ اهڙا ڪوڙ ٻار آهن. جيڪي پيئرن هوندي ٻہ يتيم آهن. منهنجو پيءُ ٻہ منهنجي ماءُ کي ڇڏي هليو ويو هيو. منهنجي ماءُ. مون کي هڪ آفريڪئنر فيملي (Afrikaner Faimly) وٽ نوڪري ڪندي پالي تاتي پڙهائي وڏو ڪيو. "

روم تي موتي سوچڻ لڳس. تہ هن دنيا ۾ هر ڪو ڏکن جو ڏڏيل آهي. شايد. ڪو ورلي بچيل هوندو....

24 اپريل، اربع

اڄ دمساز جي شاديءَ جو ڏينهن هيو. مون منجهند ڌارا دمساز سان فون تي رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن سندس ڪاوڙ لهي. هن ٻه ٽي دفعا ته فون ئي نه ڪنئي ۽ جڏهن ڪنيائين ته اهو گاربون ڏنائين، جو ڊائري ۾ لکڻ جهڙيون ناهن. ڏڌين ٽاين وجهڻ کان پوءِ مبارڪ باد قبول ڪندي پنهنجين ڏنل صلاحن جي ڪاميابي بابت پڇيائين مان سچ ڳالهائڻ بجاءِ ڪوڙ بدوڙ هٽندي ڪيس پڪ ڏياري. ته روٽريءَ شهر ۾ اصل باهه ٻاري ڇڏي اٿم...

رات جو سيرا جي روم تي، نگستي ڪجهه پريشان پريشان پئي لڳي. پڇڻ تي ٻڌايائين، "گذريل رات پوري ننڊ نه ڪري سگهي آهيان."

"خير ته هيو؟"

"ڪجهه ڏينهن کان لڳي ٿو ته ڪو ماڻهو اسر جي در تي اچي ٻيهي ٿو!"

"تنهنجو ڪنهن ۾ شڪ آهي؟" سيرا پڇيس.

"ابرهام تي!"

"ابرهام ته استيٽنيم ۾ رهي ٿو. هتي ڪڏهن آيو به ڪونهي!"

"ته پوءِ، ان جو ڪو چاڙتو هوندو."

"ڪير چاڙتو؟"

"ڪير به ٽي سگهي ٿو!"

"ڪيئن نشاندهي ڪجي، جيسين ان کي ڏسجي نه!" ادنا چيس.

"ٻه دفعا تڪڙ ۾ دروازو کولي ڏيڻ لڳي آهيانس. ٻئر ڪنهن پوت وانگر غائب ٽي وڃي ٿو!"

"هاڻي هيئن ڪر، تون ٻن ٽن ڏينهن لاءِ منهنجي روم تي اچي سمهه!"

"تو مون کي بزدل سمجهيو آ ڇا؟ مان ڪامن ڪچن مان گوشت ڪپڻ واري وڏي چري کڻي پاڻ وٽ رکي آهي. صرف هڪ دفعو منهن سامهون ٽي وڃي، آندا نڪتا پيا هوندس!"

" تو اريئيريا جي اٽموٽ کي ڪير سمجهائي؟" سيرا سندس ضد آڏو نہ ٻيهي ، ڏٺي.

" چگو تون پرواهہ نہ ڪر، مون کي رات جو ہ ٿي دفعا جاڳ ٿيندي آهي، مان تنهنجي روم طرف چڪر پئي هڻندس ! "ورونا دلداري ڏنس.

روزمٹري سنئين سڏي ڳالهہ ڪيس، "منهنجو آسرو نہ ڪجانءِ مان اهڙي نينديي آهيان، جو سمهڻ کان پوءِ ڪو دهل ہ وڄائي تہ ہ نہ اٿندي آهيان. باقي ، جاڳندي ور چڙهي ويو تہ پوءِ اهو ڏينهن سندس آخري هوندو! "

"مان فجر جي نماز پڙهڻ لاءِ ساجهر اٿندي آهيان، ان تائيم تي مان ہ چڪر هڻندس." سيرا آٽت ڏنس.

" مهرباني ڪري انهن کي پڪڙ ۾ منهنجي مدد ڪيو. منهنجي ننڊ حرام ٿي چڪي آهي." نگستي سيني کي گذارش ڪندي چيو.

"مان چاهيين وارو چلو در جي ٻاهران رکيل 'مني پلانٹ' جي ڪونڊيءَ هيٺان رکندس. جڏهن ہ اهڙي قسم جي چر پر محسوس ڪرين، تہ در کولي مون کي ضرور اڌارجانءِ، تہ جيئن تنهنجي مدد ڪري سگهان!"مون ہ کيس سهڪار ڪڻ جي خاطري ڏياري.

" ٺيڪ آهي!" نگستي وراڻيو. پوءِ چانهہ پي جلدي اٿي وئي.

25 اپريل، خميس

اَسُر سان منهنجي روم جو دروازو هلڪي چيڪٽ سان کليو ۽ اک کلي. ڏٺم ته نگستي کي هٿ ۾ چري هئي، اچڻ سان ئي سڙپاٽن ۾ چيائين، "ڪوئي پنج منٽ اڳ دروازي تي قدمن جو هلڪو آواز ٻڌو اٿم!"

"پوءِ؟"

"نڪتس ته ڪجهه به نه هيوا"

"چگو ٻئي هلي هاسٽل جي ڪنڊ ڪڙڇ جاچي ٿا ونئون!"

پوءِ ٻنهي ٻلي‌ءَ پير فرسٽ فلور ۾ بيسمينٽ جا ٻه ٽي چڪر هنيا. پر ڪجهه نظر نه آيو. مون کي لڳو ته نگستي کي وهم ٿي پيو آهي. جڏهن ٻنهي جي اکين جا چپر ڳرا ٿيڻ لڳا ته موٽي آياسين. مان نگستي کي پنهنجي روم تي سمهڻ لاءِ زور پريو. هوءَ مس مس راضي ٿي. مون کيس بيڊ تي سمهاري، پاڻ ايڪسٽرا ڪمبل کڻي هيٺ ڪارپيٽ تي سمهي رهيس.

جمعو جو جڏهن 8 وڳي، سيٽ ٽيل ٽائيمر جو الارم وڳو ته ٻنهي جي اک کلي وئي. نگستي مون کي ڏسندي چيو" معاف ڪجانءِ! مون توکي تڪليف ڏني."

" نہ، اهڙي ڪا ڳالهه ڪونهي!" مان ڏڳهي اوباسي ڏيندي وراٽيو.

" اوڪي! مان هلان ٿي، ڪافي پيئين ته ناهي ڪٽي اچان؟"

"نہ ! مان اڄا سمهندس!" ائين چئي، مان ٽائيمر جو الارم بند ڪري، پاسو ورائي سمهي پيس.

نگستيءَ جي پريشانيءَ ڪري اڄ 'ردِ بائونڊ يونيورسٽي' پهچي، 'بٽا وائرين ريس' ۾ حصو وٺڻ وارو پروگرام به رد ٿي ويو.

اڄ سڄو ڏينهن ان ڳالهه تي سوچيندي گذري ويو ته نگستيءَ جي دروازي تي بيهي ڪير جاسوسي ٿو ڪري..؟ مون اندازو هنيو ته شايد هوءَ اريٽيريا بابت گهٽو سوچي ٿي، ان ڪري سندس ڪن وڄڻ لڳا آهن ...!

26 اپريل، جمعو

پنيرڪي مهل، اڄ بہ نگستي ساڳي نموني سان اٿي آئي. سڑڀاتن ۾ ٻڌايائين تہ ساڳي ڪار ٿي آهي. هن پيري سيڪنڊ فلور، فرسٽ فلور ۽ بيسمينٽ جي سيني باٿ رومس، ڪامن ڪچن ۽ اسٽور رومس کي چگيءَ ريت جاچي جوچي ڏٺوسين. نظر اچڻ تہ پنهنجي جاءِ تي، پر ڪو چوڪٽ بہ ٻڌڻ ۾ نہ آيو. جڏهن موتياسين تہ مون ڪيس پنهنجي روم تي سمهڻ لاءِ وري زور پريو.

نگستي وراڻيو" تنهنجو هيٽ سمهڻ مون کي برو ٿو لڳي. تون ايڪسٽرا ڪمبل ويڑهي، بيڊ جي وَٽِ وٽي سمهي سگهين ٿو."

چيومانس، "ہ جوان جسم جي هڪ بيڊ تي هوندا تہ ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو...."

"مون کي زيبرا واري لت هٽڻ ايندي آهي، جيڪا شينهن جي بہ جاڙي پچي ڇڏيندي آهي!"

"جاڙي پچڻ کان پوءِ بہ شينهن نہ مڙي تہ ؟" ڪلندي پچيومانس.

"ٽڏي پاٽيءَ جو شاور وٺندين تہ خيال صحيح ٿي ويندئي! " نگستي ائين چئي ڪمبل ويڑهي ٻئي ڏئي سمهي پئي. مون راڊ وسائي، زيرو جو بلب هاري، بيڊ جي وٽ وٽي ايڪسٽرا ڪمبل ويڑهي سمهيم. تہ محسوس ٿيو تہ عورتاٽي بدن جي چڪ سمهڻ ئي نہ ٿي ڏي. ازخود تن تنور جيان تپڻ لڳو. ويتر جو هن نندڙ ۾ پاسو ورائي منهن مون ڏانهن ڪيو تہ سندس ساهن جي خوشبوءِ تن بدن ۾ آگ لڳائي ڇڏي. مون کي لڳو تہ بي قابو ٿي ويندس. اوچتو نگستيءَ جي ٽڏي پاٽيءَ جي شاور وٺڻ جو ٽوٽڪو ياد آيو. هڪدم ڪمبل اڇلي، روم مان نڪري، باٿ روم ۾ گهڙبس. ڪولڊ ناب کي ڦيرائي شاور چالو ڪيم. ائين لڳو جڻ تتل تئي مٽان ڪنهن يخ پاٽي هاري ڇڏيو هجي. پنج منٽ بينس تہ ڏڪٽي وٽي وئي. هڪدم شاور بند ڪري ٽوال سان لڳ اگهي روم ۾ پهتس. ڪمبل ڪٽي هيٽ سمهڻ کان اڳ نگستي کي جهيڙي روشني ۾ تڪيم. جاڳ ۾ جيڏي شوخ لڳندي آهي، نندڙ ۾ اوڏي ئي معصوم

پئي لڳي. مون کي ان وقت ائين لڳو ته جڻ پنهنجي وطن جي آجپي جو خواب لهندي هجي. منهنجي سوچ ۾ هڪدم ڦيرو اچي ويو. خبر ناهي ته ان جو سبب ڏڏي پاڻيءَ جو شاور هيو يا ضمير جي چهنبڻي ...؟

27 اپريل، چنچير

رات جو سيرا جي روم تي ٻيا سپ ويٺا هيا. ورونا اڃا نه پهتي هئي. هر کو انهيءَ خيال ۾ ٻڏل هيو ته نگستيءَ جو مسئلو ڪيئن حل ڪجي ...؟

هڪ نگستيءَ جي مسئلي ۽ ٻيو 'ٻڌا وائرين ريس' ۾ حصي نه وٺڻ جي ڪري، مان ته جنڊ جي ٻن پڙن ۾ آن جيان ڏڏرجي رهيو هيس. جيتوڻيڪ يورپ جي ٻين شهرن ۾ به مٺراٽن ريس جا پروفيشنل مقابلا ٿي رهيا هيا. پر تماشبيني ۽ راند رهڻ ۾ ائين فرق آهي، جيئن ڏسڻ ۽ ڪرڻ ۾.....

جهت نه گذري ته ورونا اچي پهتي. اچڻ سان ئي هن خوشخبري ٻڌائي، ته هن چور پڪڑيا آهن ...!

"ڪير آهن ؟" سيني کان سوالیہ رڙ نڪري وئي.

ٻڌائڻ کان اڳ ورونا عجيب شرط وڌو " اوهان کي ڏڏو دماغ رکڻو پوندو!"

"مان ته انهن جو پيٽ ڦاڙيندس!" نگستي غصي ۾ اچي، ٽڪڙ ۾ پنهنجو ردعمل ڏيکاري ڇڏيو.

" ته پوءِ مان به نه ٿي ٻڌايان ! "ورونا پڙُ ڪڍي بيٺي.

"پليز! ورونا، جلدي ڪر ٻڌاءِ؟" نگستي بنهه بي صبري ٿي وئي.

"پهريان واعدو ڪيو ته اوهان ڏيرج ۽ هوش کان ڪم ونندءِ ؟"

"چڱو واعدو!" نگستي گهرو ساه کڻندي چيو.

پوءِ ورونا ٻڌايو ته: " جيئن ئي مان اسر سان واش روم ڏانهن پئي ويس، ته ڪلپاج جي روم مان سس پس ٻڌڻ ۾ آئي. مان دروازي جي پرسان وڃي بيٺس. ته عقيان شاه جو سڀاڻ ٻڌڻ ۾آيو جيڪو چئي رهيو هيو ته : 'نگستي پنهنجي روم تي ڪونهي..!' ڪلپاج چيس پئي ته: ' گهٽو ڪري دلمراد جي روم ۾ هوندي هل ته هلي چيڪ ڪيون...!'اهو ٻڌڻ کانپوءِ مان

پوئين پير موٽي پنهنجي روم تي آيس. جڏهن اندازو ٿيو ته ٻئي ڇڙا ٻاهر نڪتا آهن، ته سندن پٺ ورتم. ڏٺم ته عقيان شاهه ڪلپاڄ، دلمراد جي روم ٻاهران ڪن ڏيون بيٺا آهن. مون جيئن ئي ڪلپاڄ جي ٻڌيءَ تي هٿ رکيو ته هو چرڪجي ويو. مون کي ڏسي ٻانهن کان ڇڪي پنهنجي روم تي ونڊي آيو ۽ ٻڌايائين، ته : هنن صرف شغل خاطر ائين ٻڌي ڪيو.....

اهو ٻڌي نگستي تپي باهه ٿي وئي، " اها ڪا شرافت آهي، ٻين جي روم جي دروازي تي ٻيهي ڪن ڏئي ٻڌڻ ...؟ مان اڄ رات ئي ٻنهي جو پيٽ نه ڦاڙيو ته منهنجو نالو به نگستي ناهي!"

"بالڪل، نه ڇڏبن!" مون به نگستي جي حمايت ڪندي چيو.

"نگستي! تون پنهنجي واعدي تان ڦرين ٿي ته پلي ڦر...! پر مون کي تنهنجي ان روپي تي رنج رسندو...! بهتر آهي، ته ڪو مناسب حل ڪڍوا" ورونا رنجيده ٿيندي چيو.

"اوهان ڪجهه نه ڪيو. مون تي ڇڏيو. ڏسو ته مان ڪيئن ٿي بچڙو ڪيان." روزمئري چيو.

" تون ڇا ڪندين؟" نگستي پڇيس.

"مان اهڙو ذليل ڪندي مان، جو تنهنجي دروازي تان لنگهندي به سندن ڏوهه ڏڪندا !!"

"چگو اهو به ڏسنداسين، نه ته آخري حربو ته آهي ئي آهي!" نگستي پنهنجي ڪاوڙ کي لغام ڏيندي وراڻيو.

" انهن کي بچڙو ڪرڻ ۾ توکي ڪيترو عرصو لڳندو، وڪيل صاحب؟" سيرا پڇيس.

"وڌ ۾ وڌ به هفتو !"

"آهين ته وڏي حرفتڻ...! نيڪ آهي، توکي به هفتو ڏيون ٿا!"

پوءِ سيرا، نگستيءَ ۽ مون ڏانهن ڏسندي چيو

"مهرباني ڪري، انهيءَ عرصي ۾ اوهان ڪو ابهرو قدم نه کڻجو!"

28 اپريل، آچر

سج لٿي ڏارا ستن جڻن ڪامن ڪچن ۾ پنهنجي پنهنجي انداز سان رڌ پچاءُ پئي ڪيو. معمول مطابق عقيان شاه به چانورن ۾ هڪ مرغي جي تنگ وجهي برياني پئي ناهي. سندس پرسان روزمئري ريڊ جو اندازن ۽ ڪلو گوشت پئي چاڙهيو. عقيان شاه ڏسندي چيس،

"تون هڪ جٽي ايترو گوشت ڪائي ويندينءَ؟"

"چو، نہ!!"

"هڪ ماڻهو ڪان گهٽو ناهي؟"

"تون ڪائيندين؟" روز مئري پڇيس.

"ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ ٿورو ڏجانءِ!"

"جيڪو گوشت ڪائيندو آ، ان کي ويڙهائڻو به پوندو آ... توکي ته گرل فرينڈ آهي ڪو نہ، پوءِ تون چا ڪندين؟" اهو ٻڌي سيئي کلڻ لڳا.

"تون کارائيندينءَ ته پوءِ کٽي توسان ويڙهائيندس!" عقيان شاه نهه ڦهه جواب ڏنس ته سيني کان زوردار ٿهڪ نڪري ويا.

روز مئري هٿ ملائيندي چيس، "سيني جي سامهون پرامس (Promise) ڪر!"

"پرامس!" عقيان شاه واعدو ڪيس.

گوشت تيار ٿيڻ کان پوءِ روز مئري اڌ ڪيي سندس پليٽ ۾ وڌو. جڏهن عقيان شاه کائي اوڳرائي ڏئي اٽيس ته روزمئري هٿ کان پڪڙي چيس، "ڪڏهن آفريقا ۽ ايشيا وچ ۾ دنگل ٿيندو هائ ڊيٽ (Hot date) ڏي؟"

"پهرين مئي تي!"

"تائيم؟"

"پوري 10 وڳي رات جو!" عقيان شاه کلندي وراٽيس.

29 اپريل، سومر

مان رپورٽ جو چوٿون ۽ آخري چيپٽر Recommendation and Conclusions لکي. کو-آرڊينيٽر اقبال سليم کي سنڊس آفيس ۾ وڃي ڏيکاريو ته هن لکيل 30 صفحن مان 15 صفحن جي ايڊٽ ڪندي ٻيهر لکڻ لاءِ چيو. هاڻي سوچيان ٿو ته ڪمپيوٽر تي ويهي ڪمپوز ڪيان ها ته بهتر هيو. اڄ خبر پئي آهي، ته قلم ڪيئن ڪلها ٿو ونڊي...!

لنچ دؤران ڪئنٽين ۾ خبر ناهي، اها ڳالهه ڪنهن هُلائي ڇڏي، ته اڳلي آچر تي ايشيا ۽ آفريقا وچ ۾ سيڪشئل دنگل ٿيڻو آهي. مرد پارٽيسپنٽس وچ ۾ عقيان شاه جي لئي ٿي وئي. گهٽن ته ڪيس هُشي پئي ڏني،"ان ريسلنگ ۾ توکي مردانگي جي لڄ رکڻي آهي. متان گهٽ ڪئي ٿي!"

" If Allah wills it! (انشا الله!)"، اهو چئي، عقيان شاه سينڊي کي پڪ پئي ڏياري....

30 اپريل، اڱارو

جيئن ته نگستي جي ذهن تان جاسوسي واري فڪرات ختم ٿي چڪي هئي. مان ان خوشيءَ ۾ شام جو وائن شاپ تان 'فرائسڪ هينڊر ڊچ مالٽ وهسڪي' جي بوتل وٺي سنڊس روم تي ويس.

هن ڏسي هڪدم پڇيو"ڪهڙي خوشيءَ ۾؟"

"تنهنجي پريشاني ختم ٿيڻ جي ۾!"

"مان ته ان ڪري پيئڻ شروع هيو جو مون کي منهنجو ضمير ملامت ڪندو هيو ته مزاحمت جو دڳ ڇڏي، مفاهمت جي واٽ ڇو ورتي اٿم. پر تون ڪهڙي خيال کان پيئندو آهين؟"

"بس، ائين، دل وندرائڻ خاطر!" وراڻيم.

"ان جو مطلب ته تون اڃا محبت جي نشي کان نا آشنا آهين!"

"محبت جو نشو؟"

"محبت جو نشو ئي دنيا جو اُتم نشو آهي. جڏهن اهو حاصل ٿئي تہ پوءِ بي نشي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت ؟"

ائين چئي نگستي وهسڪي جي بوتل ڪٽي شينڪ (Shank) ۾ هاري اچي سامهون ٽي ويٺي. جڏهن مست نگاهن سان نهارينديءَ گر لڳي، تہ جڻ سڄو آفريقا، ايشيا جي يا ايشيا، آفريقا جي آغوش ۾ اچي ويو .... پهريون دفعو خبر پئي، تہ اکيون اکين سان ڪيئن ڳالهائيندیون آهن...چپن جي ساغر مان امرت ڪيئن پيئبو ۽ اوتبوآهي... دل دل سان ملي ڪيئن تال ميل کائي ڏڙڪندي آهي....بن ساهن جي خوشبو ملي جُلي، مشڪ ۽ عنبر کان بہ وڌ ڪيئن ٽي ويندي آهي.... پهريون دفعو احساس ٿيو تہ جِسم جِس سان ۽ روح روح سان ڪيئن ملندو آهي....نامڪمل وجود، ڪيئن مڪمل ٿيندا آهن....

دل چاهيو پئي، تہ جيڪر زندگي نگستيءَ جي آغوش ۾ گذري وڃي. پر اوچتو نگستي پاڻ ڇڏائيندي چيو " بس، ڪافي ٽي ويو!" ائين لڳو جڻ لئون لئون کي لغام اچي ويو هجي. مون گهڙي ڏني، تہ پورا ٻہ ڪلاڪ جڻ اک ڇنڀ ۾ گذريا هيا. جڏهن نگستي جي روم مان نڪتو پئي آيس، تہ ڏاڪڻ تي ڪنهن نئين پياڪ وانگر ٽيڙ ڪائيندي پئي چڙهيس.

زندگيءَ ۾ پهريون پيرو اڻ پيتي جا نشا چڙهي ويا هيا....

امئي، اربع

نيٺ پهرين مئي بہ اچي وئي. ڪامن ڪچن ۾ عقيان شاه موجود نہ هيو. روزمئري گوشت ناهي کائي پي تہ نوڙوئي باهر نڪتي. باهر صوفن تي ويٺلن کان پڇيائين. " عقيان شاه ڪٿي آهي ؟"

ارنگا جيئن تہ سندس ساڃي پاسي واري 16 نمبر روم ۾ رهي ٿو تنهن شرارت وچان ڏسٽي آگر سان سان ڏس ڏنس تہ : "روم ۾ ويٺو ٿي!"

روزمئري عقيان شاه جي روم آڏو بيهي زور سان چوڻ شروع ڪيو"دروازو کول پيارا، مان تو سان دنگل ڪرڻ لاءِ اچي وئي آهيان!"

عقيان شاه کو جواب نہ ڏنو تہ هن زور سان سندس روم جو دروازو وڃائڻ شروع ڪيو "منهنجا محبوب! مان تنهنجي لاءِ تڙپي رهي آهيان!"

آواز نہ آيو تہ روزمئري زور زور سان دروازو کٽڻ شروع ڪيس :

"دروازو کول ڪوئا ...! ننڍ پيو آهين يا مري ويو آهين؟"

سندس گوڙ ۽ شور تي پرپاسي وارن رومس ۾ ڪچن ۾ بيٺل بہ مزي ڏسڻ لاءِ نڪري آيا ۽ واتن تي هٿ ڏئي ڪلڻ لڳا.

"ڇا مسئلو آهي؟" ياچاءِ شرارتي لهجي ۾ پڇيس.

"اوهان سيني کي خبر آهي تہ عقيان شاه اڄوڪي تاريخ تي، ڏهين وڳي جي هات ڊيٽ ڏني هئي، هاڻي دروازو کولي ئي نہ ٿو!" روزمئري وراڻيس.

"متان ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪري ويو هجي!" ياچاءِ چيس.

"پوءِ ڪميني، مون کي ڏهين وڳي جو ٽائيم ڇو ڏنو هيو؟.."

"اچي تہ پڇجانس، هاڻي وڃي آرام ڪر، پين کي ڊسٽرب نہ ڪر!"

"پڳوڙو باندر ...! هاڻي اهڙو بدنام ڪندي مانس، جو دنيا ڏسندس!" ائين چئي هن زور سان سندس روم کي زوردار ٻہ ٽي لتون ٽوکيون، پوءِ شرارتي انداز ۾ سينڊل ٺهڪائيندي مٽي هلي وئي.....

2 مئي، خميس

انسٽيٽيوٽ وڃي اقبال سليم کي ايڊٽ ٽيل چيپٽر ڏيکاريو تہ هن 'اوڪي!' ڪري چڏيو. جڏهن سندس آفيس مان نڪتو پئي آيس تہ پرسان واقع رابرٽ جي آفيس آڏو مئدلين منهن سامهون ٽپي وئي. ايئروبڪ جي حوالي سان پڇيومانس، "هاڻي ايئروبڪ ڪرائڻ جو پروگرام آهي يا نہ؟"

وراڻيائين، "فائنل رپورٽ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هرڪو پريزنٽيشن جي تياري ۾ لڳندو. بهتر آهي تہ هرڪو پنهنجي روم ۾ هٿ پير هلائي!"

چيومانس، "اتي تہ راسو رام واري مدرا يوگا ئي ٽي سگهي ٽي!" اهو ٻڌي مئدلين وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ رابرٽ جي آفيس ۾ گهڙي وئي.....

3 مئي، جمعو

راڻ جو رڌ پچاءُ ڪرڻ وقت ڪامن ڪچن ٻاهران هرروز جيان، اڄ به ساڳيو تماشو ٿيو. روزمئري پنهنجو سينڊل ڪڙڪائيندي هيٺ لٿي ۽ عقيان شاه جي روم جو دروازو ڪڙڪائي چوڻ لڳي، "هلو عقيان شاه! مقابلي لاءِ تيار آهين يا نه؟"

اندران جواب نه آيو ته ٻين کان پڇيائين، "هي حرامزادو ڪٿي آهي؟"

"شايد، ڪونهي!" "سوباس چيس.

"نه، اندر لڪو وينو آهي. مان تيستائين نه ڇڏيندي مانس، جيسيتائين ٻاهر نه نڪرندو!" روزمئري چيو.

سوباس چيس، "واقعي، جي نڪري پوئي ته؟"

"توهان جي سامهون دسي بچڑو نه ڪيومانس ته منهنجو نالو به روزمئري ڪونهي!"

ڳالهه ته پنهنجي جاءِ تي صحيح هئي، جسماني طور روزمئري آڏو عقيان شاه ائين آهي، جيئن شينهڻ آڏو جهنگ ٻلو هجي.

آخر ۾ روز مئري، کيس گارين جا ڏَس ڏيندي مٿي هلي وئي.

4 مئي، چنچر

موڪل جي ڏينهن تي، گهٽا پارٽيسپنٽس عمومن ناشتو ۽ مانجهاندو گڏ ڪندا هيا. اڄ ڪچڑي منجهند جو مون سميت چار ڇٽا ڪامن ڪچن ۾ بيٺا هيا. ڪلپاج کي ڪٽي ڪنيو جو روزمئري کي ڪلندي چيائين، "هروپرو عقيان شاه جي پٽيان ڇو پئي آهين؟" پوءِ مون ڏانهن ڏسندي اڇل ڏنائين، "عقيان شاه نه ته دلمراد ئي سهي، ان سان ئي ڪٽي دنگل ڪر، اهو به ته سندس هم وطن آهي!"

"هي ٻن ڪنڊن جو مقابلو آهي. تون ڇو نه...؟ تون به ته ايشيائي آهين؟" روزمئري وراٽيس ته ڪلپاج ڪن هٽڻ لڳو.

"ڪن ادريانه کان ڊڄين ٿو؟"

"نہ نہ! منهنجو ادريانہ سان ڪهڙو تعلق؟"

" تہ پوءِ انڊيا ۾ رهندڙ پنهنجي زال کان ڌڃندو هوندين!" ڪلپاج ائين چرڪيو جڙ ڪيس وچؤن ڏنگ هڻي ڪڍيو هجي.

" توکي ڪهڙو ثبوت آهي تہ مان شادي شده آهيان؟"

" مون سريش کان پڇيو ان ٻڌايو!" روزمئري وراڙيس.

" توکي ٻين جي ذاتي معاملن ۾ مداخلت نہ ڪرڻ گهرجي!"

" توکي ٻہ ٻين جي جاسوسي نہ ڪرڻ گهرجي!" روزمئري ٻہ اتي جو اتي ورندي ڏنس.

"ڪير ٿو چوي؟"

"جنهن توکي ٻين جي درن تي جاسوسي ڪندي ڏٺو آهي!"

اهو ٻڌي ڪلپاج ڪچن مان بنا ڪچڙ جي نڪري ويو.

ورونا جيڪا گوشت اوباري رهي هئي، سا هڪدم پريشان ٿي وئي. هن روزمئري کي ڏوراپو ڏيندي چيو" تو مون کي بي مانو ڪري ڇڏيو!"

"مون صحيح ڪيو!"

"خبر ناهي تہ چو مان ڪنهنجي بي عزتي برداشت ناهيان ڪري سگهندي!"

"اهائي تہ مصيبت آ، جو تو جهڙيون عورتون هر زيادتي کي درگذر ڪن ٿيون. ائين ئي تہ مردن جو من وڌي ٿو!"

"روزمئري، توکي ڪلپاج کان معافي ونڊ گهرجي!" ورونا چيس.

"منهنجي وٽيس جُتي...! پهريان اهو نگستي کان معافي ونِي!" روزمئري ٻہ سختيءَ سان وراڙيس، تہ ورونا ڏکاري ٿي نڪري وئي.

راڌا جو سيرا، ڪچهري دؤران ورونا جي غير موجودگي محسوس ڪندي ، روزمئري کان پڇيو "ورونا جي طبيعت تہ ٺيڪ آهي، ايڏا تائين ناهي پهتي؟"

روزمئري جڏهن منجهند وارو قصو ٻڌايس تہ سيرا چيس،" توکي ائين نہ ڪرڻ گهربو هيو!"

"ماٺھو ايڏو بہ حضور شرمر نہ ٿئي، جو ڪنھن کي سچ نہ چئي سگھي!"

"مان اجائي بحث جي موڊ ۾ ناھيان. ورونا پنج منٽ ليٽ ڪئي تہ مان کيس پرچائڻ ويندس!" سيرا چيو.

"ان روئڻي ٻليءَ کي تون ئي پرچائي سگھين ٿي!"

اھا ڳالھ ھلي پئي تہ ورونا منھن ڪيو. سندس پٽيان، ڪلپاج ۽ عقيان شاہ بہ داخل ٿيا. سيرا سيني کي ڪلئي دل سان ڪيڪاريندي ويھاريو.

ٿوري جھٽ جي خاموشي کان پوءِ ورونا ڳالھ کي چوريو "جيڪو ڪجھ بہ ٿيو غلط ٿيو. مون عقيان شاہ ۽ ڪلپاج کي سندن غلطيءَ جو احساس ڏياريو آھي ۽ اوھان کي بہ گذارش ٿي ڪيان تہ پليز پنھنجي غصي ۽ ناراضگي کي ختم ڪيو!" ورونا سيني کي ليلائيندي چيو.

ڪلپاج ھٽ ٻڌي نگستي کي چيو "پليز! مون کي معاف ڪر، مون کان واقعي وڏي غلطي ٿي آھي!" عقيان شاہ بہ ساڳي انداز سان شرمساريءَ جو اظھار ڪيو.

"معاف ڪرڻ، نہ ڪرڻ کان ھزار دفعا بھتر عمل آھي!" سيرا، نگستي کي سمجھائيندي زور پريو.

اھو ٻڌي نگستي غصو پيئندي، ڪلپاج ۽ عقيان شاہ کي چيو" ٺيڪ آھي، مون ورونا ۽ سيرا جي ڪري معاف ڪيو پر اھا حرڪت ھرگز نہ ورجائي ويجي. نہ تہ پوءِ جيڪو بہ ٿيو، ان جا ذميوار پاڻ ھوندءِ!"

چانھ جو دؤر ھلندي، روزمئري، عقيان شاہ ڏانھن ڏسندي چيو "دنگل جو موڊ آھي؟"

"مون تہ سمجھيو ھيو تہ 'رات گئي، بات گئي!'، پر تو تہ مون کي پوري انسٽيٽيوٽ ۾ خوار ڪري ڇڏيو آھي!" عقيان شاہ ڏورا پو ڏنس.

"پرائو گوشت کائڻ سؤلو آھي؟" روزمئري ٽوڪيندي چيس.

"ھاڻي بس بہ ڪر، آزي مجي جھڳڙا تنا!" سيرا، روزمئري کي در آيل مھمانن کي ٽوڪڻ کان روڪيندي چيو.

پوءِ ڪلندي ڳالھائيندي، ھر ڪو ھڪ ٻئي کان موڪلائي ھليو ويو.

5 مئي، آچر

صبوح سان سوير، اهو سوچي، نگستي جي روم جو دروازو کڙڪايم ته کيس ڪراس ڪنٽري ڪرڻ لاءِ ٻاهر وٺي ويندس.

آواز آيو "ڪير؟"

وراٽيم "جاسوس!"

دروازو کليو لڳو ته جڻ ڪچي ننڊ مان اٿي هجي.

"آچر آهي، ڪراس ڪنٽري وسري وئي ٿي چا؟" پچيومانس.

"ويهه ته ٻڌايانءِ ٿي!" آرس پچندي چيائين.

ڪرسيءَ تي وينس ته سنجيدگيءَ سان بيڊ تي وهاٽي کي ٽيڪ ڏئي چوڙ لڳي، "پاڻ کي فٽ رکڻ وارو ٽارگيٽ ته پورو ٿي ويو. هاٽي اصلي ٽارگيٽ پورو ڪرڻو آهي؟"

"اصلي ٽارگيٽ؟"

"اريٽيريا وڃڻ جوا"

"ڪڏهن؟"

"جڏهن پاڻ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه هزار آمريڪي ڊالر ڪنا ڪنداسين!"

"اريٽيريا وڃڻ ۾ ايترو خرچ ايندو چا؟"

"پاڻ اٿوپيا کان ته نه وڃي سگهنداسين. ڇو ته ابرهام پڪ سان اٿوپيا جي انٽيليجنس ايجنسيز کي ٻڌائي ڇڏيو هوندو."

"ته پوءِ ڪيئن هلبو؟"

نگستي اٿي ٽيبل جي دراز مان آفريقا جو نقشو ڪڍي آئي ۽ سمجهائڻ لڳي، "ڏس! هي اريٽيريا آهي. جنهن جي ڏکڻ ـ اوپر ۾ 'جبوتي' آهي. اتان به داخل ٿي سگهجي ٿو. پر داخل ٽيڻ جو رستو بندرگاه 'عصب' آهي، جتي قابض اٿوپيائي فوج تارا ڦاڙيون ويٺي آهي. ان ڪري پڪڙجڻ جو انديشو آهي. سوڊان، اريٽيريا جي اولهه ۾ آهي. ان لاءِ پهريان خرطوم وڃڻو پوندو ۽ اتان اريٽيريا جي سرحد ۾ داخل ٽيڻو پوندو. اهو وقت سيڙائيندڙ سفر آهي.

بهتر آهي تہ پاڻ کي اريٽيريا جي اوپر ۾ يمن کان داخل ٿي، ڳاڙهي سمنڊ کي ٻيڙيءَ جي ذريعي پار ڪري گهرجي."

مون انديشو ڏيکاريندي چيو. "يمن وارا مون کي ويزا نہ ڏين تہ؟"

"جي تون شملان کي، يمن جي سفارت خاني ۾ رفرنس طور ونڊي ٻڌائيندين تہ توکي زبيد شهر جي قديم مسجدن جي عمارتن تي تحقيقات ڪرڻي آهي تہ توکي آرام سان ويزا ملي ويندي!"

"اتي اهڙيون عمارتون آهن ڇا؟"

"ڪي اهڙيون ٿهڙيون، اتي ابو موسيٰ الاشعري جي مشهور جامع الاشاعر جوڙايل آهي. جيڪا يمن جي پهرين مسجد ۽ عالم اسلام جي پنجين تاريخي مسجد آهي. اهڙي طرح ٻيون بہ ڪيتريون پراڻيون مسجدون آهن."

"پوءِ اڳتي جو سفر؟"

"اڳتي جو سفر سٽائو آهي. زبيد شهر جا ماڻهو وڏا سمگلر آهن. اتي آمريڪي ڊالر وڏو ڪم ڪندو. انهن کي چئبو تہ اسان کي جزر دهلاڪ جي ٻيٽن تي پهچايو تہ پهچائڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا."

"جزر دهلاڪ؟"

"سوا سؤ ٻيٽن جو مجموعو آهي. جنهن جو مطلب آهي جهنم ۽ ٻي معنيٰ اٽس جيڪو ويو سو نہ موٽندو!"

ڪلندي چيو مانس، "ڊيڄار تہ نہ!"

"ڊڄڻ جي ڪا ڳالهہ ڪونهي. مان آهيان نہ...! جي خبر پئي تہ ڪنهن ٻيٽ تي اٽوپيائي نيوي جو قبضو ٿي ويو آهي تہ نخدا، نورا، بقا يا درقا جزيرن ڏانهن رخ رکبو. جڏهن مان آئي هيس تہ انهن ٻيٽن تي پيپلز لبريشن فرنٽ وارن جو قبضو ٿي چڪو هيو. اتفاقن جي ڪا مشڪل پيش آئي تہ مرسيٰ فاطمہ ٻيٽ تہ فرنٽ وارن جو مضبوط ڳڙھ آهي، اوڏانهن هليا هلنداسين."

"پر جي زبيد قبيلي وارا اتي پهچائڻ کان لهرائن تہ؟" پڇيومانس.

"شايد توکي خبر ناهي تہ زبيد قبيلي وارا عرب صدين کان موتين سان گڏ انساني سمگلنگ بہ ڪندا رهيا آهن. انهن کي نہ عثماني، اطالوي ۽ نہ

وري برطانوي بحريہ قابو ڪري سگھي هئي. هي قابض اٿوپيائي تہ انهن آڏو ڪجھ بہ ناهن."

مان، نگستي کان موڪلائي جڏهن پنهنجي روم تي آيس تہ سوچيندي، هڪ نگاه شهتير تي وڌم تہ هن بنا پڇڙ جي همدرد ي جتائي، "وري بہ سوچ وڌا ! ائين نہ ٿيئي تہ نگستي جي عشق ۾ ٻئي جهان هليا وڃني!"

"وڃن ٿا تہ وڃڻ ڏين ... !!" چڙبيندي چيومانس.

6 مئي ، سومر

مان رپورٽ جي آخري چيپٽر جا اٺ صفحا لکي ڪو-آرڊينيٽر گائيڊ اقبال سليم کي ڏيکاريا. جنهن ۾ پاليسي فريم ورڪ ، انٽيگريٽيڊ پلاننگ ۽ مئنيجمينٽ فريم ورڪ جي حوالي سان تجويزون ڏنل هيون. اقبال سليم پڙهڻ کان پوءِ هڪ ٻن صفحن جي ايڊٽنگ ڪندي چيو "فائنل رپورٽ جلد پوري ڪري وٺ، تہ جيئن پريزنٽيشن جي تياري ڪري سگھين!"

ڪئنٽين طرف ايندي، انسٽيٽيوٽ جي نوٽس بورڊ تي گلوريا طرفان چنبڙايل عام اطلاع تي نظر پئجي وئي. لکيل هيو تہ: "ايندڙ جمعي، چنچر ۽ آچر تي پئرس گھمڻ جو پروگرام رٿيل آهي. خواهشمند خواتين وحضرات کي گذارش آهي تہ سياٽي تائين بہ سؤ گلڊر ۽ پاسپورٽ جمع ڪرائين، تہ جيئن ڪنهن ٽريول ايجنسي سان رابطو ڪري پروگرام فائنل ڪري چڏجي. ٽارگيٽ صرف ٽيهن ماڻهن جو آهي."

لنچ دؤران مان نگستي کان پڇيو" تنهنجو چا رايو آهي ؟"

چيائين،"سنو موقعو آهي. توسان گڏجي پئرس بہ گھمبي ۽ مان هم وطنن وٽ رهي ڪري، کين مدد لاءِ گذارش بہ ڪندس! "

پارٽيسپنٽس کي پئرس هلڻ جو ايڏو شوق هيو جو گلوريا جو ڪئنٽين ۾ ويٽي ويٽي ٽارگيٽ پورو ٿي ويو. البتہ، پنهنجي سنگت مان روزمئري، سيرا ۽ ورونا هلڻ ۾ ڪا دلچسپي نہ ڏيکاري.

7 مئي، اڱارو

اڄ روزمئري، ورونا، اڌنا ۾ نگستي پراجيڪٽ رپورٽ جي تياريءَ لاءِ، آفريقن اسٽڊي سينٽر لائبريري لائيبن' ڏانهن ويل هيون.

راڻا جو سيراجي روم تي، نگستي ءَ جي غير حاضري ڪري، مون بي قراري محسوس ٿئي ڪئي. گهڙي ڏسندي چيم." ايجا تائين، ڇو ناهن پهتيون؟"

" شايد ته رات اتي رهن!" سيرا ٻڌايو.

" لائيبن کوپري ته ڪونهي، 35 ڪلوميٽر پرتي ته آهي؟"

" لائبريري ۾ گهڙڻ کان پوءِ دل نه چوندي آ ته نڪرجي." سيرا ٻڌايو.

" ايڏي وڏي لائبريري آهي، چا؟"

"آفريقا متعلق دنيا جي وڏين لائبريرين منجهان هڪ آهي. جنهن ۾ لکين ڪتاب، جرنل، سرڪاري رپورٽون، ڊاڪومينٽريز فيچر فلمون ۽ اخبارون موجود آهن."

دل ۾ چيم، "يورپ وارن کي ڪٽي ڪيترو به گهٽ وڌ چئجي، پر مڃڻ مراد آهي ته دنيا جي علمن کي ڪنهي ڪرڻ جو هنرءِ لاڻ پرائڻ خوب ڄاڻن ٿا!"

8 مئي، اربع

مون صبوح جو 7 وڳي کان 11 وڳي تائين ڪنهي ڪيل پوائنٽس پٽاندر ڪوئي يارنهن صفحا بنا ڪنهن ساهي جي لکي ورتا. جنهن ۾ رڃابندي جي حوالي سان متعلق ادارن کي با اختيار ٻڌائڻ جو تجويزون شامل هيون. مواد ڪٽي جڏهن اقبال سليم کي ڏيکاريم ته ڏسي چيائين،"بالڪل صحيح تجويزون ڏنل آهن!"

9 مئي، خميس

ريٽ جو نائين وڳي. ڪامن ڪچن ڏانهن ماني ٺاهڻ وڃي رهيو هيس ته ادنا نگستي، ورونا ۽ روزمئري ڏاڪٽيون چڙهنديون پئي آيون. مٿي پهچي، سيني گهرو ساه کڻندي "هاءِ!" ڪيو.

مون کين صلاحيو" ڪجهه کائبو پيئبو؟"

ادنا، ورونا ۽ روزمئري ٽڪاوٽ جو عذر ڏئي معذرت ڪري چڏي . نگستي به وراڻيو "هاڻ آرام ڪبو جو سياڻي سوير پرو پئرس لاءِ به ته نڪرڻو آهي!"

10 مئي، جمعو

گلوريا جي ڏنل ٽائيم مطابق روٽرڊم جي سينٽرل بس اسٽيشن تان ساڍي اٺين وڳي بس تي چڙهياسين. مان، نگستي سان گڏ ٽين ۽ چوٽين نمبرسيٽ تي ويٺل هيس. پهرين ۽ ٻي نمبرسيٽ تي ادنا ۽ ڊزي پنهنجي راز نياز ۾ لڳا پيا هيا.

پنجن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ، منجهند ڌارا پئرس جي هڪ وڇڙي هوٽل پئلس ڊ ي شئليٽ (Palis de challot) تي پهتاسين، جنهن جي گلوريا اڳواٽ ئي بڪنگ ڪرائي چڏي هئي. ٽپڙ ٽاڙي رکڻ کان پوءِ، هر کو وندجي ورهائجي، پنهنجي مرضي مطابق شهر گهمڻ لاءِ نڪتو. شام جو نگستي ۽ مان مولن روش (Moulin Rouge) ٿيٽر وياسي. ٿيٽر ۾ ميوزيڪل ڊراميٽي هليو. مون جهوٽا کائيندي ڊرامو ڏٺو ڪجهه سمجهه ۾ آيو ڪجهه نه آيو....!

11 مئي، چنڇر

صبوح جو ورسائيلہ شتو مدي (Vesailles le chateau midi) محل ڏٺوسين. شام جو لور ميوزم (Muse de Louvre) گهميوسين. جتي سميري، مصري، آشوريائي، ايراني، يوناني ۽ رومي تهذيبن جا نوادرات سجايل هيا. ميوزم جي آرٽ گئلري ۾ گهٽي رش هئي، خاص ڪري جتي مونالیزا جي

پينٽنگ پئي هئي. سيڪيورٽي گارڊس جي جهلڻ باوجود بہ ٽوئرسٽ فوٽو ڪيڻ کان نہ پئي مڙيا.

منجهند ڏارا پئرس جو نئون حصو'لا ڊفينس' (La defence) ڏسڻ لاءِ نڪتاسين. ٽن ڪلوميٽرن تي مشتمل بزنس ايريا هئي. گهمندي ڦرندي گرانڈ آرڪ تائين پهتاسين.

شام جو پئرس جي مشهور آرڪ دي ٽريوئمف (Arc de triomphe) کي ڏسڻ کان پوءِ ايفل ٽاور تي چڙهياسين. چڙهڻ کانپوءِ مون ائين محسوس ڪيو جڻ منهنجي ننڊيڙ جي لڪل خواهش پوري ٿي وئي هجي.

چيو ويندو آهي تہ مرڻ کان اڳ پئرس جا سئنڊوچ ضرور کائڻ گهرجن. وات سان مشهور پڪنڪ سئنڊوچ 'پوئن بٹنيا' کائي، پيرين پنڌ هوٽل تي پهتاسين. روم ۾ پهچي، جيئن ئي بسترن تي ليٽياسين تہ خبر ئي نہ پئي، تہ اک اک سان لڳي وئي.....

12 مئي، آچر

منجهند جو 3 وڳي هوٽل مان نڪري، بس تي چڙهڻ کان اڳ نگستي کان موڪلائيندي، پڇيم،"موتندينءَ، ڪڏهن ؟"

"ٽي چار ڏينهن تہ لڳي سگهن ٿا."

"ايترا ڏينهن ؟"

"اهي ڪي وڌا تہ ناهن ؟ "

"منهنجي نظر ۾ تہ زندگي ئي چار ڏهاڙا آهي."

نگستي کان کل نڪري وئي،"ڪم آن، نائس گاءِ...! مبالغي آرائي جي بہ ڪا حد ٽيندي آهي!" پوءِ تاڪيد ڪندي چيائ ن، تہ: "شملان کي ريفرينس طور سفارتخاني ضرور وٹي وڃجانءِ!"

"بالڪل ياد آهي!" وراٽيم.

الوداع ڪرڻ کان اڳ، ڪا ڳالهہ ياد آيس،"جڏهن بہ پنهنجي روم کان ٻاهر وڃين تہ چابيون 'مني پلانٽ' جي ڪوندبيءَ هيٺان رکجانءِ. مان موتندس تہ پهريان تنهنجي روم تي ايندس. حال احوال وٹي ڏئي، پوءِ آرام ڪندس!"

"نيڪ آ!"

ويندي ويندي وري مڙي چيائين، "ٻڌ، نائيس گاءِ! جيڪي ٻه توسان گڏ نڪتل فوٽن جون پازيٽويا نيگيٽو ڪاپيون هجن، اهي ساڙي ڇڏجاءِ!"

"چو؟" حيرانگيءَ مان پڇيومانس.

"اريٽيريا ويندي انهن فوٽن سبب پڪڙ پچاڙ ٿي سگهي ٿي. پاڻ يمن ڏانهن اجنبين وانگر سفر ڪنداسين. جيترو پاڻ لڪائجي اوترو بهتر آهي!"

پوءِ هن منهنجي ٻنهي ڳڻن تي الوداعي چميون ڏيندي موڪلايو ته خمارجي ويس. دل ۾ چيم، "هي ته رڳو فوٽو آهن، مان ته پرواني جيان، پاڻ ساڙڻ لاءِ ٻه تيار آهيان!"

13 مئي، سومر

رپورٽ جو آخري چيپٽر مڪمل ڪري اقبال سليم کي ڏيکاريم. جنهن ڏسي 'اوڪي!' ڪري ڇڏيو. ائين محسوس ڪيم جڙ ڏهن تان بار لهي ويو هجي. ڪئنٽين ۾ لنچ ڪرڻ کان پوءِ تڪڙو هاسٽل طرف رخ رکيم ته جيئن انٽروڊڪشن ۽ ببلوگرافي وارو ڪم ٻه اڪلائي ڇڏيان. ڊيناڪ پهچي، پهريان بئسمينٽ ۾ وڃي، ميل باڪس ۾ جهاتي هنيم. اتي اختيار طرفان موڪليل هڪ وڏو لفافو پيو هيو. روم تي اچي کوليم ته ان ۾ خط سان گڏ هڪ فوٽو ٻه وڏل هيو. خط ۾ خير وعافيت پڇڻ کان پوءِ لکيل هيو ته:

ادا پائو!

چاچو رمضان، پاڇائي هاجره کي اسان جي گهر اهو چئي ڇڏي ويو آهي، ته هاڻي نڪاح وجهي پنهنجو ڪيوس يا ڳيا ڳيا ڪري درياه ۾ اڇلايوس. مان پنهنجي ميار لاتي....

ادا پائو!

جيترو هاجره روئي ٿي، اوترو امان خوش ٿئي ٿي. هاجره هر روز مون کي ليلائيندي چوي ٿي

ته : پاءُ کي چئو ته هڪ دفعو اچي پنهنجن هٿن
سان گهٽو ڏئي وڃي. ته جيئن روز روز جي مرڻ
کان جان ڇٽي پوي. مون کي پڻ آهي ته ڪٽي
هاجره خود ڪشي نه ڪري وڃهي.
ادا پائو
هاجره جو فوٽو ڪيڊي موڪلياتو ٿو ڏسي پاڻ
سندس حالت جو اندازو ڪيو. ٿورو لکيو گهٽو
سمجهندا ...!

پارسل ۾ هاجره جو فوٽو پيل هيو. ڏٺم ته ڪنهن قرباني جي جانور جيان، سير پوڻ کان اڳ ڪاساڻيءَ کي رحم طلب نظرن سان ڏسندي هجي. فوٽوءَ جي هيٺان اختيار پنهنجي انگريزي جهاڙائيندي لکيو هيو :

Dear brother,
Your Fiancee Hajraan, is waiting for mercy killing!

اهو پڙهي، مون کي ته باهه وٺي وئي. دل ۾ چيم، " چا مان کو پنهنجن وڏن جي ڪڍين رسمن جو غلام آهيان ...؟ هر انسان کي حياتي هڪ دفعو ملي ٿي، اها به ٻين جي مرضي مطابق گذارجي ته پوءِ ڪهڙي ڪم جي!"

ڪڍهن غصي وچان ته ڪڍهن سمجهائڻ واري انداز ۾ خط جو جواب لکندو ۽ ڦاڙيندو رهيس. پر کو مناسب نه پئي لڳو. پوءِ شهتير کان پڇيم: "هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ته گهر پاتين کي ڪيئن سمجهايان؟"

ائين لڳو ته کا صلاح ڏيڻ بجاءِ طنز ڪئي هجائين، ته: "اوهان کي سمجهائڻ ائين آهي، جيئن پتين سان ٽڪر هٽڻ ...!"

دل ۾ آيو ته جيڪر لاهي ونائيس. پر پوءِ سوچيم ته مان ئي ته پڇ ٻڌي، مهري ڪيو اٿمانس ....!

ڪافي دير تائين ٻڌتر ۾ رهيس. نيٺ ان ڳالهه تي اچي بينس ته جڏهن اريٽيريا پهچجو ته پوين کي خط ذريعي حال حقيقت بيان ڪري ڇڏبي. پاڻهي ٻوڏ ۾ لڙهي ويل ٻار جي مائٽن جيان، روئي پٽي صبر ڪري ويندا. پوءِ فوٽوءَ ۽ خط کي ڏکار وچان استبدي ٽيبل جي دراز ۾ اڇلائي ڇڏيم.....

14 مئي، اڱارو

هفتو اڳ انسٽيٽيوٽ جي ڏنل شيڊيول مطابق، پارٽيسپنٽس وچ ۾ ليڪچر هال ۾ جنرل ڊبيٽ جو بڌايل هيو. ان حوالي سان ٽي گروپ ناهيا ويا. موضوع هيو:

" Effective ways to reach the poor "

اڄ ليڪچر هال ۾ هر گروپ پنهنجو مؤقف پرپور انداز سان پيش ڪيو. پهرين گروپ جي سرواڻ پاڻ هئي. جنهن جو خيال هيو ته غريبن کي امداد ڏيڻ بجاءِ خانگي ادارن کي رعايتون ڏئي، صنعتن کي فروغ ڏنو وڃي ته جيئن عام ماڻهو روزگار سان لڳن. ٻي گروپ جي اڳواڻي گلوريا هئي، جنهن جو مؤقف هيو ته غير سرڪاري ادارن جي ذريعي اهڙا پروگرام شروع ڪرايا وڃن، جن سان عام ماڻهو پاڻ پرا ٿين. ٽين گروپ جي روزمئري قيادت پئي ڪئي، تنهنجو نقطہ نظر هيو ته سرڪار ئي مائي باپ آهي، ان کي ئي غربت جي خاتمي لاءِ ڪوششون ونڊ گهرجن. روزمئري پوري تياري سان پنهنجو مؤقف سلائيڊس ذريعي پيش ڪيو. هن هڪ سلائيڊ ۾ ڇڪتون جي اسڪيچ کي تمثيلي انداز ۾ سرڪار ڪري ڏيکاريو جيڪا ٽيڪس جي صورت ۾ گاهه کائي رهي آهي ۽ سندس ٽٽن ۾، خانگي ۽ غيرسرڪاري ادارا ڦرن جيان چنبڙيل آهن.

ماڊريٽر جي حيثيت سان پروفيسر ڊيوڊسن طرفان حاضرين کي چيو ويو ته اهي ٽنهي گروپن جي ڏنل مؤقف تي شد ۽ مد سان تنقيد ڪن. جيئن ته حاضرين مان هيس، اٿي چيم ته: "روزمئري کي گذارش آهي، ته ڇڪتون وارو اسڪيچ ٻيهر ڏيکاري!" هن جيئن ئي اها سلائيڊ ڏيکاري ته مون اسڪيچ ڏانهن حاضرين جو ڌيان ڇڪايو "مهرباني ڪري غور سان ڏسو ٽڙ ڇا اها ڪراڙي ڇڪتون نه ٽي لڳي، جيڪا هاڻي نه ڏهڙ جي آهي ۽ نه ڪهڙ جي؟"

جڏهن حاضرين غور ڪيو ته هال ۾ ٿهڪڙو مچي ويو. روزمئري کي جڏهن احساس ٿيو ته سندس ناقص اسڪيچ تي حاضرين جي ڪل نه ٽي ٻيهي ته هن تڪڙ ۾ سلائيڊ آف ڪري ڇڏي. رهندو سهندو هال ۾ وڌيڪ

ٿهڪ گونجڻ لڳا. پوءِ پنهنجي راءِ ڏيندي چيم" جيئن ته دنيا جي اڪثر ملڪن جي سرڪار سگوري هاٿي ڪنهن وهڪيل ڳئون مثل آهي، جيڪا عام ماڻهن کي فائدو گهٽ ڏئي ٿي ۽ ٽيڪس گهڻو ٿي وصول ڪري، ان ڪري خانگي ۽ غير سرڪاري ادارن کي هٿي ڏيڻ گهرجي، ته جيئن اهي عام ماڻهن کي روزگار ڏيڻ جي حوالي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. حاضرين جي راين کان پوءِ جج صاحبان اهو نتيجو ڪڍيو ته منهنجي تنقيد ٽُڙ هئي. ان ڪري حاضرين مان مون کي اسپيشل پرائز جو حقدار قرار ڏنو ويو. جيئن ته مجموعي طور تي روزمئري، ٻين جي مقابلي ۾ ترتيب سان پريزنٽيشن ڏني هئي، ان ڪري سنڊس گروپ کي ونر قرار ڏنو ويو. پاؤلا واري گروپ کي ٻيو نمبر ۽ ٽيون نمبر گلوريا واري گروپ کي مليو.

باوجود، ان جي ته روزمئري ونر ٿي هئي، پر پارٽيسپنٽس ۾ اولڊ ڪائو Old Cow جي نالي سان مشهور ٿي وئي....

15 مئي، اربع

شام جو ڪافي پارٽيسپنٽس هاسٽل ۾ ڳوليا نه پئي ليپيا. ان جو سبب روٽرڊم جي اسٽيڊيم 'فيئنورڊ' ۾ مانچيسٽر يونائيٽيڊ ۽ بارسلونا ڪلبن وچ ۾ يورپين ڪپ جي فائنل مئچ ٿي رهي هئي. نگستي هجي ها ته اسٽيڊيم ۾ وڃي ڏسئون ها. اسڪرين تي ۽ سامهون ڏسڻ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. پوءِ به ٽي وي لائونج ۾ اٽين وڃي اڇي ويهي رهيس. سوا اٽين وڃي مئچ شروع ٿي. ڪمينٽيٽر ٻڌايو پئي ته اسٽيڊيم ۾ چاليهه هزارن کان مٿي ماڻهن جو تعداد آهي. ٽي وي لائونج ۾ مون سان گڏ صرف ظاهر، سوباس ۽ ارنگا ويٺا هيا. ڏيڍ ڪلاڪ جي راند ۾ سخت مقابلو ٿيو. بهرحال، مانچيسٽر يونائيٽيڊ، بارسلونا ڪلب کان 2- 1 گولن تان کٽي ورتو.

16 مئي، خميس

سوا سؤ صفحن تي مشتمل فائنل رپورٽ تيار ڪري، وڃي اقبال سليم کي ڏيکاريم. هن راءِ ڏيندي چيو "دلمراد! ٻين جي مقابلي ۾ تنهنجي رپورٽ

تفصيلي آهي. جي تو سڻي نموني سان پريزنٽيشن ڏني تہ تنهنجو ' پوسٽ گريجيويٽ ڊپلوما وِٿ ڊسٽنڪشن' Post-Graduate Diploma with Distinction پڪو آهي."

ان راءِ منهنجي اندر ۾ ويتر جوش ۽ اتساه پري ڇڏيو. ڇو تہ 40 سيڪڙو نيومريڪل اسڪور رپورٽ ۾ ان جي پريزنٽيشن تي رکيل آهي. جڏهن تہ ڪورس يونٽس جي اسائنمينٽس ۽ ڊسڪشن تي 35 سيڪڙو ۽ 25 سيڪڙو جنرل پرفارمنس تي رکيل آهي.

مان جلدي فائنل رپورٽ جون لائبريريءَ مان ڏهہ ڪاپيون فوٽو اسٽيٽ ڪرائي، بوڪ بائنڈنگ روم ڏانهن هليو ويس. جتي اهو ڪم بوڪ بائنڈر مس 'جنيڪ وان' ڪندي آهي. فائنل رپورٽ ڪتابي شڪل ۾ اڇڻ کان پوءِ اٺ ڪاپيون واسطيدار ڏرين کي ڏنم. ائين لڳو تہ جڻ اٺ تري ويو آهي، باقي پريزنٽيشن واروڀاڙ بچيو آهي....

17 مئي، جمعو

جيئن تہ ٻہ ڏينهن اڳ، پنجين سوشل ايوننگ منعقد ٿيڻ جو اطلاع مليل هيو. هميشہ وانگر تڪ ان ڪئنٽين جي ڊانس فلور تي موسيقي پئي هلي، جنهن تي ڊانس جي شوقينن جهمريون پئي هنيون. ان وقت مون کي نگستي جي ڪيل تاڪيد ياد اچي وئي، تہ شملان کي ريفرنس طور سفارتخاني ضرور وڃي. ان ڪري سندس تاڙ ۾ هيس، تہ ڪٽي ٿو وجهہ ڏي..!

اڄ بار تي ڪجهہ معمول کان وڌيڪ رش هئي. ڪنهن جوس تہ ڪنهن بيئر يا وائن پئي پيتو. لڳي پيو تہ گهٽا پارٽيسپنٽس پنهنجيون رپورٽون مڪمل ڪري چڪا هيا. ان ڪري ڪنهن حد تائين پرسڪون هيا. مون ڏٺو تہ شملان ريڊ وائن کي مٽو ڏيون بيٺو هيو. مليشيا جي يونس ڪاشف بار تان ايپل جوس وٺڻ کان پوءِ، شملان کي تبليغي انداز ۾ سمجهائي رهيو هيو" اهو جيڪو تون پيئين ٿو، سو حرام آهي!"

پر هو بہ يماني رند هيو تنهن جواب ڏنس، " اهو حرامين لاءِ حرام آهي."

"ڇا تون شريعت جي برخلاف ويندين؟" يونس ڪاشف پڇيس.

"مان معرفت جو ماڻهو آهيان!" شملان وراڻيس.

پوءِ ته شريعت ۽ معرفت جو مناظرو شروع ٿي ويو. خاص ڪري سعودي عرب جي صالح ۽ اردن جي عادل، ٻنهي کي ٽيڪرون پئي ڏنيون.

يونس ڪاشف چيس پئي،" اها امر الخبيث آهي."

شملان وراڻيس،" اها صرف خبيثن لاءِ خبيث، پرشريفن لاءِ شريف آهي!"

يونس ڪاشف ڏٺو ته هي يماني رند تري تيل لائڻ نه ڏيندو ته مايوس ٿي پنهنجي ڇڇي ڏاڙهيءَ کي ٻن آڱرين سان سنواريندي هليو ويو. مان موقعي جي مناسبت سان بار مبد وٽلنسيه کان، گذريل سوشل ايوننگ تي تيل بدمزگيءَ جي معافي ونڊ کان پوءِ گذارش ڪئي، "منهنجي طرفان، عزت ماب شملان کي ريڊ وائن جا ٻه پيگ پيش ڪري ڇڏا" ائين چئي مون هن کي چار گلبر ڏئي ڇڏيا. اهو ٻڌي شملان، مون کي ڳلي لڳائيندي،" جزاک الله خيرا !" چئي پڇيو.

" منهنجي لاءِ ڪو ڪم ڪار؟"

"مون سان گڏ توکي يمن جي سفارت خاني هلڻو پوندو!"

"خير ۾؟"

" توهان جي ملڪ جي عمارتي ورثي تي تحقيق ڪرڻي آهي. ان حوالي سان توکي رفرنس طور پيش ڪري ويزا ونڊي آهي."

شملان جهومندي مڙساڻو هٿ ڏيندي چيو "يعدا (واعدو) مان توسان ضرور هلندس."

مون کيس پڪي ڪرڻ لاءِ ايجا وڌيڪ ٽيڪر ڏني، "مون کي يقين آهي ته يماني رند پنهنجي واعدي کي پاڻي ضرور ڏيندو!"

شملان وراڻيو "والله! يماني اصل العرب آهن، اهي ڪڏهن به واعدي خلافي ناهن ڪندا."

18 مئي، چنچر

اڄ نگستيءَ جي پيرس ۾ ڪيل تاڪيد ياد اڇي وئي ته ساڻس گڏ نڪتل سيئي نيگيٽو ۽ پازيٽو فوٽو ساڙي ڇڏيان. آڏيءَ جو اٽي ڪامن ڪچن ۾ ويجي برنر Burner تي رکي هڪ هڪ ڪري ساڙيم. ائين پئي لڳو جڙ ڪنهن شمشان گهاٽ ۾ زندگيءَ جي خوبصورت يادن کي جلائيندو هجان...

19 مئي، آچر

واندڪائي وارو ڏينهن هيو. ان ڪري شيخ چلي وانگر ڏينهن ڏئي جا خواب پئي لڏم. ڏينهن جي خوابن جي خوبي اها آهي ته پنهنجي هٿ وس هوندا آهن. ماٺهو جيڪو ڏسڻ چاهي، ڏسي سگهي ٿو. مان سڄو ڏينهن خوابن ۽ خيالن جي دنيا ۾ گم رهيس. ڪڏهن نگستيءَ سان گڏ اريٽيريا ۾ هٿياربند جدوجهد پئي ڪيم ته ڪڏهن ڳاڙهي سمنڊ ۾ منهن ڪائو ڏئي موتين واريون سپون پئي ڪڍيم. ائين تصور جي اک سان اهو ڪجهه ڏٺم، جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪجي، ته نه ٿو ڪري سگهجي...

20 مئي، سومر

لنچ ٽائيم ڪان پوءِ، شملان واعدي مطابق، مون سان'دي هيگ' شهر ۾ واقع ريپبلڪ آف يمن جي سفارت خاني ۾ هليو. مان فارم ونڊي شملان جي صلاح سان 90 ڏينهن جي ويزا لاءِ اپلاءِ ڪيو. جڏهن سفارت خاني جي هڪ ڪارنده شملان کان هڪ گيرنٽي فارم پرائيوٽ ڪان پوءِ سندس ائڊريس پڙهي، ته هو سندس صنعاء شهر جي السبعين ڊسٽرڪٽ جو نڪري پيو. پوءِ ٻنهي هڪ ٻئي کان خوب عربي ۾ حال احوال ورتا. ان دؤران سفارتخاني جي عملي اسان کي يماني گرماگرم چانهه 'قشر' پياري. شملان جي طفيل مون کي ٻن ڪلاڪن اندر 90 ڏينهن جي ويزا ملي وئي.

21 مئي، اڱارو

انسٽيٽيوٽ ۾ ڪو به ڪم نه هيو. صرف بوريت مٽائڻ لاءِ چڪر هنيم ظاهر جو خالي هٿين ڏٺو ته پچيائين، "واندو ٿي وئين چا؟"

وراٽيم، "جي!"

چيائين، " فائنل رپورٽ سيٽ ڪرائڻ ۾ ته مدد ڪراءِ!"

مان ساٽس هڪ استڊي ڪيبن ۾ ٿي وينس، جتي هو پنهنجي هٿ سان لکيل رپورٽ جي نمبرنگ ڪندو پئي ويو. مان ته سندس اکر ڏسي حيران ٿي ويس. ائين لڳو ته جڙ ڪنهن استينسل رکي لکيا هجن. دل ئي دل ۾ اعتراف ڪيم ته يلان پلي‌ءَ جو چيهه ئي ڪونهي. ساراه ڪرڻ تي مجبور ٿيس، " ظاهر، تنهنجي هينڊ رائٽنگ ته ڪمال جي آهي!"

هن انڪساريءَ وچان وراٽيو" نه، اهڙي ڪا ڳالهه ڪونهي!" ۽ پوءِ هڪ عجيب ڳالهه ڪيائين، " ڊيئر دلمراد! هڪڙي ڳالهه چوان؟"

"چئه!" پچيومانس.

" نگستي جي دل نه ڏکوئجان!"

" تون ائين چو ٿو چئين؟"

"ان ڪري جو هوءَ ان راه جي راهي آهي، جنهن تان اسان گذري چڪا آهيون!"

ظاهر، رپورٽ جي سيٽنگ ڪرائڻ کان پوءِ شڪريو ادا ڪندي، بائنڊنگ ڪرائڻ لاءِ اٿي ويو.

سندس لفظن ته مون کي ڪافي دير تائين ويچار ۾ وجهي ڇڏيو.....

رائونڊ بلڊنگ مان نڪرڻ کان اڳ ميل باڪس ۾ جهاتي هنيم ته 22 مئي تي، ملاحن جي هڪ ڪلچرل وليج 'وولنڊم' ۾ ڪوڪنهاف گارڊن جي ٽرپ Trip جو اطلاع ڏنل هيو. اهو پڙهي مون کي نگستي جو اونو ٿي پيو، ته خبر ناهي ته وقت سر پهچندي به الائي نه...؟

شام جو جيئن ئي ڊيناڪ هاسٽل تي پهتس تہ نگستي کي پنهنجي روم تي ويٽل ڏٺم. پچيومانس، "ڪنهن مهل اچڻ ٿيو؟"

"ڪافي وقت ٿيو آهي!"

مان هڪدم الماري جي خاني مان پاسپورٽ ڪڍي ڏيکاريومانس، جنهن تي يمن جي 90 ڏينهن واري ويزا لڳل هئي ۽ اهو بہ ٻڌايومانس تہ سندس چوڻ مطابق نڪتل سيپ فوٽو ساڻي چڏيا اٿم. پر نگستي کا دلچسپي نہ ڏيکاري، سياٽي تي وولنڊم ۽ ڪوڪنهاف جي ٽرپ جي باري ۾ ٻڌايومانس، تہ هن صرف ايترو چيو "ها،ضرور هلبو!"

سوچيم تہ 'شايد گهٽي ٽڪل هجي، ان ڪري گرمجوشي نہ ٿي ڏيکاري. نگستي ٽوري جهت ويئي ۽ پوءِ چيائين، "مان روم تي آرام ڪرڻ ٿي وڃان!"

"پلي، پر سياٽي سادي نائين وڄي رائونڊ بلڊنگ جي پورچ ۾ پهچڻو آهي!"

ٽڏو ساهہ پريندي "اوڪي!" چئي هلي وئي.....

22 مئي، اربع

ٻہ ٻسون، صبوح جو ڏهين وڄي وولنڊم ڏانهن روانيون ٿيون. سيئي پارٽيسپنٽس هڪ ٻئي سان پوڳ ٽڪاءَ ۾ مصروف هيا. پر نگستي جي پراسرار خاموشيءَ جو ڪارڻ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو.

پچيومانس، "طبيعت ڪيئن ٿي؟"

وراٽيائين، "ٺيڪ آهي!" پر سندس لفظن ۾ سرد مهري هئي.

سوا ڪلاڪ جي سفرکان پوءِ ملاحن جي بستي 'وولنڊم' پهتاسين. گهمندي ائين پئي لڳو تہ جڻ سترهين صديءَ واري نيڊرلينڊس ۾ پهتا هجون. ڊڇ چوڪرين کي مٿي تي ڪلنگي نما ڪاري ٽوپي پاتل، سونهري ڪمر بند ٻڌل، جنهن ۾ نيرن پٽين سان پيش دامن ڦاٽل، رنگين ڏاريدار پڙو ڪاڻ جي چمڪندڙ ڪارن سينڊلن سان ڪٽ! ڪٽ! ڪندي پئي گذريون تہ ازخود ڪنڌ ڦري پئي ويا. جڏهن وري ڊڇ نوجوان، ڊلي پتلونون ۽ ڪارا

کليل ڪوٽ ڪيون، سينا تاڻيون، ڳاٽ اوچا ڪيون، ڪاٽ جي گل ڇاپ جوتن سان نڙاڪ! نڙاڪ ! ڪندا پئي لنگهيا تہ لڳو پئي، ڪنهن ڇاڪ و ڇؤبند فوجي دستي جيان پريد ڪندا ويندا هجن.

ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙو ميوزم به هيو جنهن ۾ وولنڊم بابت مختلف شين سان گڏ سؤ سوا پينٽنگس انهن مصورن جون به هيون، جيڪي مختلف وقتن ۾ اچي ناهي ويا هيا. هڪ پينٽنگ جنهن مون کي ڪجهہ پل بت بڻائي ڇڏيو اها هئي هڪ اداس چوڪريءَ جي، جيڪا پڳهہ پاسي ويٺل هئي.خبر ناهي تہ سامونڊين جو اوسيئڙو هيس يا ڪا ٻي چنتا ...؟الائي ڇو ان ۾ مون کي هاجران جي شبيهہ نظر پئي آئي. مان هاجران کي ذهن مان ڪيڙ لاءِ ميوزم گائيڊ ڏانهن ڏيان ڏنو جيڪو ٻڌائي رهيو هيو تہ: "ڪجهہ سال اڳ، وولنڊم چگو خاصو بندر هيو. پر جڏهن کان ڊچ سرڪار وولنڊم وڃان، سمنڊ سُڪائي زمين حاصل ڪرڻ لاءِ بند ٻڌڻ شروع ڪيا آهن، تڏهن کان اتان سمنڊ چارون ۾ ڇڇ ٿيندو پيو وڃي. توٽي جو سرڪار ملاحن کي متبادل روزگار مهيا ڪري ڏنو آهي. پر پوءِ به وولنڊم جا ملاح هوڙا ۾ ٻيڙا هاڪاري سمنڊ اندر هليا وڃن ٿا. سندن چوڻ آهي، تہ جيسين سندن پر ۾ پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به آهي، تيسين ڇار سندن ڪلهن تي هوندا...!

گهمندي ڦرندي، جڏهن ملاحن جي پراڻي طرز وارن ٺهيل نمائشي گهرن تي نظر پئي تہ سيني ڪٽي اوڏانهن ڊيهڙو ٻڌو. گهر ڪاٺ جا ٺهيل، سيمنٽ جي پاون تي پاڻيءَ جي سطح کان ڪافي مٿي بيٺل هيا. ان طرز تعمير جي حڪمت عملي اها هئي، تہ جي سامونڊي ويہ چڙهي تہ گهرن هيٺان گذري وڃي. نمائشي گهر مان نڪرڻ کان پوءِ بندر تي پهتاسين. اتي هڪ جديد قسم جو ٻيڙو ٻيٽ تي ٺهيل مارڪن (Marken) ڳوٺ ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار بيٺو هيو. سياح قطارن ۾ هلندي چڙهندا پئي ويا. مان نگستي کي اوڏانهن هلڻ جو چيو تہ انڪار ڪري ڇڏيائين.

ڏيڍ وڳي، ايوا پري کان پارٽيسپنٽس کي ڏسندي رڙ ڪئي،

" بسن تي نہ چڙهندءِ چا ...؟ ڪوڪنهاف به هلڻو آهي!"

مان نگستي کي ٻانهن کان وٺي وک وڌائي تہ هوءَ ڪنهن رٽل ٻار جيان گهلبي پئي آئي. سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڪيس ڇا ٿي ويو آهي...؟

پوڻي ٻي وڳي بسون زوڪات ڪنديون ڪوڪنهاف ڏانهن ڊوڙڻ لڳيون. ڪلاڪ اندر ڪوڪنهاف پهتاسين. سترايڪڙن تي پکڙيل باغ جڻ جنت نظيرهيو. جنهن ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون نهرون، خوبصورت پيچرا ۽ باغيچا هيا. جن ۾ رنگ برنگي گل لالہ ، سنبل ۽ نرگس اوچا ڇات ڪيون جهومي رهيا هيا. باغ ۾ نہ صرف گلن ڦلن جي رنگيني هئي، پر ٻيو بہ گهڻوڪجهہ هيو. پراڻي زماني واريون هلندڙڪاٺ جون پن چڪيون، گرين هائوس، ٽروپيڪل گارڊنس، بہ پولين جتي مصنوعن ۽ سنگتراشن جي تخليقن جون نمائشون لڳل هيون. تنهن کان سواءِ باغ ۾ سيلف سروس ريسٽورنٽ، جتان ڪافي، چانهہ، بيئر، چاڪليٽ، چپس، بسڪوٽ، جوس، کير ۽ ماکي ملي رهي هئي. مون تہ پورو پورو لطف پئي ورتو. پر نگستي ڪنهن ٻي دنيا ۾ گم هئي. سوچيم تہ هاسٽل پهچي ڪائنس ايڊي وِسامَ جو سبب پڇندس. ائين تہ ناهي تہ سندس پئرس ۾ رهندڙ دوستن ڪيس مايوس ۽ بد دل ڪيو هجي...؟

هاسٽل ۾ پهچڻ کان پوءِ ، هن اوچتو بيزاري وچان " باءِ !" چوندي، پنهنجي روم ڏانهن تڪڙيون وکون کڻندي هلي وئي ۽ مان ڪيس حيرت وچان تڪيندو رهجي ويس...!

23 مئي ، خميس

شام جو ٻڌل دل سان نگستيءَ جي روم تي ويس. هوءَ جڻ چپ جو روزو رکيون ويٺي هئي. پڇيومانس،"سچي ٻڌاءِ، ايڏي خاموش ڇو آهين؟"

"ڪڏهن ڪڏهن خاموش رهڻ ۾ پلائي آهي!" نگستي وراڻيو.

"پر، گنگ ٿوڙ خاموشيءَ جو سبب؟" پڇيو مانس.

عجيب جواب ڏنائين،"باهہ جيڪا تڏي پاڻيءَ کي گرم ڪندي آهي، اهوئي پاڻي جڏهن ابري باهہ وسائي تہ ڏوهہ باهہ جو آهي، نہ ڪي پاڻيءَ جو!"

نگستيءَ جو اهو ڊائلاگ منهنجي متان گذري ويو.

چيومانس،" اڄ تہ تون شاعرائن واريون ڳالهيون ٿي ڪرين. لڳي ٿو تو مٿان 'ربڪا' جو گهٽو اثر ٿي ويو آهي. تڏهن تہ چيو ويندو آهي تہ اديبن کان پاسو ڪجي، جو اهي پاڻ تہ اڏ چريا، پر ٻين کي بہ ڪري چڏيندا آهن."

"منهنجي دل بہ چوي ٿي تہ شاعري ڪندي اڏ چري ٿي وڃان!" نگستي عجيب جواب ڏنو.

"خير، جڏهن شعر لکين تہ مون کي ٻڌائجان!"

"ضرور ٻڌائيندس!"

"ڪڏهن ؟"

"پئرس مان موٽي اچان!"

"وري پئرس ؟" مون کان چرڪ نڪري ويو.

"ها، ڪم اڏورو چڏي آئي آهيان."

"ڪهڙو؟"

"موٽڻ کان پوءِ ٻڌائيندي سانءِ!"

"توکي تہ پراجيڪٽ رپورٽ پوري ڪري، پريزنٽيشن جي تياري بہ ڪرڻي آهي ؟"

"پاڻهي ٿي ويندي. هاڻي تہ هٿ سان بہ لکڻ جي اجازت آهي !"

"ڪڏهن ٿي وڃين ؟"

"ربڪا سان رابطي ڪرڻ کان پوءِ خبر پوندي!"

"موٽندينءَ ڪڏهن ؟"

"جلدي!"

"پوءِ بہ ؟"

"ڪم تي انحصار آهي!"

وڌيڪ پڇڻ مناسب نہ سمجهيم. خبر آ تہ هٿيلي آهي...!

24 مئي، جمعو

صبوح کان منجهند تائين پريزنٽيشن جي حوالي سان ڪمپيوٽر سيڪشن ۾ ويهي، ٽرانسپرنسي شيٽس، نقشا، ٽيبلس ۽ ڊائگرام تيار ڪري ورتم. ان ڪم کان فارغ ٿي، ميل باڪس جاچيم ته انسٽيٽيوٽ طرفان 'ڪلچرل ايوننگ' جو اطلاع نامو پيل مليو. جنهن ۾ ڄاڻايل هيو ته: "7 جون جو شام تي پارٽيسپنٽس جي مختلف ڪلچرل گروپس وچ ۾ چٽاپيٽي ٽيندي، پهرين نمبر اچڻ واري گروپ کي ٻه هزار گلبر ڪئش پرائز ملندو. هرهڪ گروپ کي روايتي ڪاڏي، موسيقي، فيشن شو نائڪ ۽ ڊانس جا آئٽم پيش ڪرڻا آهن!"

لنچ خاطر ڪئنٽين ۾ پهتس ته سيني پارٽيسپنٽس اهو اطلاع نامو غور سان پڙهيو ۽ کي ته پارٽيسپنٽس آفيسر کان پورو تفصيل وٺي آيا هيا. ڪلچرل ايوننگ واري پروگرام، ڪئنٽين ۾ اچڻ ته هلچل مچائي ڇڏي هئي. لنچ دوران پارٽيسپنٽس مختلف ڪلچرل گروپس جوڙڻ ۾ جنبي ويا. ائين محسوس پئي ٿيو جڻ انسٽيٽيوٽ ۾ پهرين ڏاڻن واري گرمجوشي موٽي آئي هجي. پروگرام جو 'موٽو' ٻه ڊاڏو پُرڪشش هيو:

Culture is the expression of Art, Love and peace

ڪئنٽين ۾ ويٺي ويٺي پارٽيسپنٽس جا چار ڪلچرل گروپ، يعني ايشئن، مڊل ايسٽ، آفريقن ۽ آمريڪن ٺهي ويا. هر گروپ پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪرڻ شروع ڪري ڏني ته هن ڪلاڪن اندر ڪين ڪهڙيءَ ريت ثقافتي آئٽم پيش ڪرڻ گهرجن. ايشين گروپ جي سرواٽي ياچاءِ، آفريقن گروپ جي ادنا، آمريڪن گروپ جي پاڻ، جڏهن ته مڊل ايسٽ گروپ جي عابيہ پئي ڪئي.

هاسٽل ڊائنهن موتندي پڪو پهه ڪيم. ته اڄ ڪيئن به ڪري نگستيءَ جو انت ڪيبو. جڏهن روم تي پهتس ته دروازي جي هينڊل ۾ هڪ چٺي اٽڪي پئي هئي. "نائس گاءِ ...! مان پئرس پئي وڃان. ڪجهه ڏينهن لڳي ويندا. تون پريشان نه ٿجانءِ ...!"

چٺي پڙهندي ئي ڏکر چڙهي ويا.

سمجھ ۾ نہ ٿو اچي ته پئرس ۾ ڪا اؤر پوريل اٽس، يا ٻيو ڪجھ ...؟
سچي پچي، مون کي ته هاٿي پئرس ۽ ربڪا، ٻنھي کان ڇڙَ ٿي وئي آهي!!

25 مئي، چنچر

اڄ ڏاڍي ماندڪائي محسوس پئي ٿي، ڊائري لکڻ تي دل ئي نہ پئي ڪيئيو پر پوءِ ٻہ لکڻ کان نہ مڙيم. شايد هاٿي ان ڀھاڪي وانگر پکي پختي عادت پئجي وئي آهي، ته 'عادت نہ مٽي، عادتي علت مور نہ جاءِ، اٺ پوي ڪٽڪ ۾ چڙ چڙ ڪندا ڪاءِ...!' رکي رکي، سوچيم پئي ته ڇا مان ٻہ نگستيءَ سان ائين اڙجي ويو آهيان، جيئن مامو مرحيات ، 'نٽي' باگڙياٽي سان اڙيو هيو...؟

جڏهن سانير سان هيس ته اها ڳالھ هلندڙ هئي، ته هڪ ڏينهن نٽي ڳوٺ مان اوچتو گم ٿي وئي هئي. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ رات پيٽ ۾ باگڙين جو ويڑهو ٻہ لڏي ويو هيو. مامي گھٽي ڳولها ڪئي. پر سِرو ئي هٿ نہ آيس. جڏهن صفا مايوس ٿيو ته ماستري چڏي، وچ درياءَ جي ننڍڙي ٻيٽ تي سِيرَ ڏٽي، 'شاه ترهي' جي مزار تي سوالي ٿي ويهي رهيو. جڏهن وڏي ٻوڏ آئي، ته سير ڏٽي پاڻ ئي لڙهي ويو ته مامو ٻہ فقير ٻڌجي ڳوٺ واپس اچي اوتارو اڏي ويٺو.

گرمين جي موڪل ۾ اڪثر ڪري مان پنجين درجي جو انگي حساب ڪٽي ڪائنس حساب سمجھڻ ويندو هيس. هڪڙي ڏينهن اوتاري تي مامو ڏاڍو ملول پئي لڳو ، ته سندس حجائتي دوست ماستر محمد اسحاق ڪائنس پڇيو" خير ته آهي، عشاق علي ؟"

وراٽيائين، ته: " ادا، محبوبن جي جدائي جيءُ جهوري وڏو آهي! "

"تون الله لوڪ فقير ٿي ڪري، شاه سائين جو اهو بيت چو وساري ويٺو آهين، ته :

صبر گھٽون سَفرو، ٻي جڳائي مانڌ
پيو لتاڙج لطيف چئي، ڇُرج مَ اڳيان چانڌ
ته ڏڃڻ پون ڪاڌ، سڃڻ ٽين سامھان .

جواب ۾ مامي وراڻيو هيس، " اسحاق! شاھ سائين، اھو بہ تہ فرمايو آھي:

صبر ۽ شڪر کي، ڪاڏي آءُ ڪندي
آھيان جنھن سندي، سو تہ گھرجي ساڻ مون..

26 مئي، آچر

مڙٺو پيو تہ راند ۽ عشق ۾ وڏو فرق آھي. راند ۾ ھار ائٽ باوجود بہ ماڻھو ھمت نہ ٽو ھاري. راندين جا استاد ھميشہ اتساھيندي چوندا ھيا تہ:

Try and Try again is the gift of play ground

پر عشق جو معاملو ڪوالٽ آھي. پٽائي جو اھو بيٽ ھاڻي سمجھہ ۾ آيو آھي، تہ:

عشق ناھي راند ، تہ کي کنس ڪيرو ،
جي جُسي ۽ جان جي ، ڀچي جو ھيڪاند،
سسي نيزي پاند، اڇل تہ اڏ ٽڻي.

27 مئي، سومر

ياچاءِ جي گذارش تي انسٽيٽيوٽ آيو ھيس، تہ جيئن ايشين ڪلچرل گروپ جي ٽيندڙ ريھرسل ڏسي. ڪيس ڪا صلاح ڏيان. مون کي تہ ڪا ڪمي بيشي نظر نہ آئي. سندن ھمت افزائي ڪرڻ کان پوءِ ميل باڪس وڃي جاچيم. خبر پئي تہ اسان جي ڪلاس جي پريزنٽيشن جو ٽائيم ٽيبل ۾ ڊراپ ٽيل آھي. جنھن مطابق منھنجي پريزنٽيشن 30 مئي تي. منجھند جو 12 وڳي ٽيٽي آھي. مون کي اندازو آھي تہ گلوريا ۽ مان ويھہ اوٽويھہ آھيون. ڊسٽنڪشن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻنھي جو دارومدار سڀي پريزنٽيشن تي آھي. پر مون کي نگستي جي سؤداءَ منجھائي ماريو آھي. تہ آخر ڪار مون ۾ ڪھڙي ڪمي ھئي؟ مان تہ سندس پيار ۾ ھر حد اورانگھڻ لاءِ تيار ھيس. پوءِ بہ.....!

سوچيان ٿو تہ جي پريزنٽيشن واري ڏينھن بہ اھا حالت رھي تہ ڊسٽنڪشن ڪيئن حاصل ڪري سگھندس....؟

هاسٽل ۾ موٽڻ کانپوءِ گهٽي کوشش ڪيم ته پريزنٽيشن جي حوالي سان، روم ۾ ويهي ريهرسل ڪيان پر چيتو جاءِ نه ٿي سگهيو.....

28 مئي، اڱارو

گذريل رات اهڙا خواب ڏٺا اٿم جن مون کي ڊيڄاري ڇڏيو آهي. ڇا ٿو ڏسان. ته منهنجو پيشرو چيني پارٽنسپنٽ فينگ (Feng) استڊي ٽيبل جي سامهون ڪرسيءَ تي پنهنجي بت کان بيزار لڳو ڊبرندي چوي ٿو "زندگيءَ جو هر پل عذاب بڻجي ويو آهي. جنهن کي وڌيڪ پوڳي نه ٿو سگهان. پلائي ان ۾ آهي ته جيترو جلد ٿي سگهي، ان پوڳنا مان جان آجي ڪيان!" هو پهريان الماري مان رسو ڪڍي سرڪڻ ڦاهي ٺاهي ٿو. پوءِ ٽيبل مٿان ڪرسي رکي، رسي کي شهتير ۾ اٽڪائي، ڪچيءَ ۾ ڦاهي وجهي، زور سان ڪرسيءَ کي لت هڻي ڪڍي ٿو. ڪرسي " ڏڙامر!" جي آواز سان هيٺ ڪري ٿي. مان چرڪ پري جاڳي پوان ٿو.

لائيٽ آن ڪري ڏسان ٿو ته ڪرسي پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. سمجهي ويان ٿو ته اهو محض خواب هيو. ٽائيمر تي هڪ نظر وجهان ٿو ته رات جا ٻه ٿي رهيا هيا. ڪمبل ٽاڙي وري سمهي پوان ٿو.

ڪا گهڙي نه گذري ته ساڳي قسم جو خواب ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

فينگ استڊي ٽيبل جي دراز مان هڪ چوڪريءَ جو فوٽو ڪڍي، ان کي مسلسل گهوريندو رهي ٿو. پوءِ ٽڏو شوڪارو پريندي چوي ٿو " عشق گوبي صحرا ۾ پيرين اگهاڙي پنڌ جيان آهي. جنهن جو انجام واريءَ جي طوفان ۾ پٽڪي مرڻ آهي. اهڙي مرڻ کان بهتر آهي ته هڪ دفعو مري جان ڇڏائجي! "

پوءِ هو خاموشيءَ سان الماريءَ مان رسو ڪڍي، ڪچيءَ ۾ وجهي، ڪرسيءَ کي لت هڻي، پاڻ ڇڏي ڏي ٿو. سندس ڪنڌ هڪ پاسي ڍرڪي پوي ٿو. مان چرڪ پري اتي ويهان ٿو. ٽائيمر تي نظر وجهان ٿو ته رات جا ٻه ٿي رهيا هيا.

ٿوري جهت کان پوءِ آهستي آهستي وري اکيون ننڊاکڙيون ٿي پورجي وڃن ٿيون.

ويرم ئي نہ گذري ته کجهہ فرق سان فينگ وارو خواب وري شروع ٿئي ٿو.

هن پيري ڏسان ٿو ته فينگ بي فکرو لڳو وينو آهي. هو مرکندي ، مون کي پيار سان سمجهائيندي چوي ٿو: "مسٽر دلمراد! آپگهات ڪرڻ کو برو عمل ناهي. اهو به هڪ قسم جو پر امن احتجاج آهي. تون به ڪري ڏس، ته جيئن زندگيءَ جي ڪشت مان مڪتي حاصل ڪري سگهين.....!"

پوءِ هو پوري اطمينان سان مشکندي خودڪشي وارو عمل ڪري چڏي ٿو. سندس اکيون ڪليل، زبان نڪتل ۽ جُسو رسي ۾ جهولندو ڏسي مان درڙي پري اڇي پوان ٿو. ٽائيمر تي نظر وجهان ٿو ته چار ٽي رهيا هيا. پوءِ منهنجي اکين مان ننڊ ڪنهن ڏنل پنجيءَ جيان پڙڪو ڏئي اڏامي وڃي ٽي.

اڄ سجو ڏينهن، ان تور تڪ ۾ گذري ويو ته فينگ جو خوابن ۾ اچڻ جو ڇا مطلب ٿي سگهي ٿو...؟ اها حقيقت آهي، ته مون کي خوابن جي تعبير جي علم جي ڪا ڄاڻ ناهي. البته رات وارن خوابن، مون کي وسوسا ڏئي چڏيا آهن.

29 مئي، اربع

صبوح جا ڏهہ ٽي رهيا هيا. مان بيڊ تي ليٽي مسلسل سوچيندو رهيس، ته آخر ڪهڙي سبب، نگستي پهريان جيءَ ۾ جاءِ ڏئي، پوءِ دل کڻي وئي...؟ ڇا ندورائپ منهنجي نرڙ تي لکيل آهي يا ڪنهن ترڙ نياڳي جي منهن پيل آهيان، جو ڪنهن تي سائٽ ئي ڪونهي....؟

چت کي مسلسل تکيندي ذهن ۾ عجيب قسم جو وهم پيدا ٿيو ته ان جو ڪارڻ اهو ٽيڏو شهتير ته ناهي، جيڪو ڏينهن رات منهنجي متان ٽينگريو بيٺو آهي....؟ مسلسل گهوريندي اهو گمان گهر ڪري ويو ته منهنجي بدنصيبي جو سبب، ٻيو ڪو نہ پر اهو ئي ٽي سگهي ٿو. جنهن کي ڪنهن اذيت پسند عمارت سان سيڙهہ جي ڪندي جيان پتين ۾ ٽنبيو آهي.

جيئن ڪيس ڏسڻ لڳس، تيئن وهم وڌندو ويو. خبر ئي نہ پئي، تہ جوش ۾ اچي، هوش وڃائي ويٺس، نہ ڪيم هم نہ تم، جوگر ڪٽي اچي ورتومانس. جهٽ نہ گذري تہ دروازو کڙڪيو. کوليم تہ سامهون سيرا بيٺي هئي.

پڇيائين، "چا ٿي رهيو آهي؟"

"الماري جو ڪوڪو ٺيڪ پئي ڪيمر!" پاڻ سنپالينديءِ جواب ڏنم.

"آهستي ٽوڪ ! مان پريزنٽيشن جي تياري پئي ڪيان." ائين چئي، هوءَ هلي وئي.

ڪجهہ دير تائين مٿي ڪي هٿ ڏئي پاڻ کان پڇا ڪندو رهيس، تہ: "چا مان جنوني ٿي ويو آهيان يا سپاٽي پريزنٽيشن واري ميدان ۾ لهڻ کان اڳ، گلوريا کان ذهني طور تي شڪست تسليم ڪري ورتي آهي...؟"

پوءِ من کي متيون ڏيندو رهيس، تہ : " اهو تہ ڪنهن ايٿليٽ جو وڙ ئي ناهي، جو ميدان کان لهڻ کان اڳ هار مڃي وڃي...! چا مون کان اسپورٽس جي استادن جو ڏنل اهو سبق وسري ويو آهي، جيڪي ميدان ۾ لهڻ کان اڳ ڪنهن منتر جيان ورجائڻ لاءِ چوندا هيا، تہ :

I am an Athelete

(مان راندیگر آهیان)

Its in my blood to compete

(منهنجي خون ۾ مقابلو ڪرڻ شامل آهي.)

I am determined

(مان ثابت قدم آهيان)

And I am focused

(۽ پورو ڌيان سان آهيان)

جيئن ئي انهن جملن کي دهرائڻ شروع ڪيم، تہ ازخود تن ۾ من ۾ تازائي ۽ توانائي ايندي وئي.

پوءِ مان پريزنٽيشن لاءِ ٻرپور تياري شروع ڪري ڏني....

30 مئي، خميس

اسان جي ڪلاس جون گذريل ٻن ڏينهن دؤران ڏهه پريزنٽيشن ٿي چڪيون هيون. اڄوڪي ڏينهن تي آخري چار پريزينٽيشنس ٿيون. پهرين پريزنٽيشن 'سرجيو' جي ڪيوبا جي شهر سانتا ڪلارا (Santa Clara) جي رٽابندي بابت هئي. هن سڀني انداز ۾ ٽيهن منٽن اندر پريزنٽيشن ختم ڪئي. پر سوالن جوابن جي سيشن دؤران ڪٽل جواب ڏنائين. ان کان پوءِ پاؤلا جو وارو هيو جنهن جو موضوع برازيل جي هائوسنگ بئنڪس (Housing Banks) متعلق هيو. جنهن ٽيهن منٽن اندر گهٽي حد تائين موضوع سان نياپو.

ٽين پريزنٽيشن منهنجي، سنڈ جي ڊيولپمينٽس پلانس Development Plans بابت هئي. جڏهن ڊسپلي بورڊ تي چارٽ هٽي، سلائيڈس ۽ ٽرانسپرنسي شيٽون جاچيم تہ ڪاري وارا ڪڪ هيا. ياد آيو تہ اُهي بي ڊيانيءَ وچان استعڌي ٽيبل تي وساري آيو آهيان. صرف اها شولڊر بئگ کڻي آيو آهيان، جنهن ۾ صرف نقشن ۽ چارٽ موجود آهن. مجبورن صرف چارٽس ۽ نقشن جو سهارو ونڊو پيو. جيڪي مون ڊسپلي بورڊ تي هٽي. پوائنٽر استعڪ سان مڙئي ڪم ٽپائي ويس. سلائيڈس ۽ ٽرانسپرسي شيٽس جي عدم موجودگيءَ ڪري سوالن جا جواب ۽ اڌورا ۽ بي ترتيبي سان ڏنم...!

گلوريا جو موضوع، منيلا جي هائوسنگ پراجيڪٽس متعلق هيو. هوءَ زبردست نموني جي تياري ڪري آئي هئي. ملٽي ميڊيا جو خوب استعمال ڪيائين. پڇيل سوالن جا جواب اهڙي تڪيل توريل انداز ۾ ڏنائين، جو حاضرين تاڙيون وڄائڻ تي مجبور ٿي ويا.

پريزنٽيشن ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن سڀ ڪلاس ميٽس ڪئنٽين ۾ لنچ ڪرڻ لاءِ پهتا تہ مان، گلوريا کي ڊسٽنڪشن حاصل ڪرڻ جي اڳواٽ ئي مبارڪ باد ڏئي ڇڏي.

"مان تنهنجي ڪهڙي خدمت ڪيان؟" گلوريا مشڪندي پڇيو.

پرسان ويئل مئدلين چيس،"وات ويڙهائي چڏيس!" گلوريا کلندي منهن ڦيرائي چڏيو.

"منهن چو ڦيرايئي؟"مئدلين پڇيس.

"ان تي نگستيءَ جا حق واسطا آهن!"

مئدلين کلندي چيس، "ڳالهه نه بدلاءِ!"

" تون مطمئن رهه، شريف ماڻهو آهي."

" تو شرافت آزمائي ٿس؟"

گلوريا، مئدلين کي جواب ڏيڻ کان لنوائيندي، مون کان پڇيو"اڄکلهه نگستي نظر نه ٿي اچي؟"

مون ٽڏو ساهه پريندي چيو" پئرس وئي آهي!"

ابرهام وچ تي ٽنبڪو هنيو "پئرس ۾ اسائلم ونڻ وئي هوندي!"

مئدلين پڇيس، "چو؟"

"جيئن اٽوپيائي حڪومت خلاف پروپيگنڊه ڪري سگهي، ته اها اريٽيريائين سان ظلم ڪري رهي آهي."

مون کي ابرهام جي ڳالهه سؤ سيڪڙو صحيح لڳي. مون دل ۾ چيو "پڪ سان ڊونگڻ پئرس ۾ پناه ونڻ وئي هوندي..!"

31 مئي، جمعو

خبر ناهي، ڇو صبوح کان وٽي پنهنجي وڏي پيٽ نصيبه جي خودڪشي وارو واقعو بار بار ياد پئي آيو. جنهن بابت مختلف ڳالهيون ٻڌيون هيم. ڪو چوندو هيو ته ڪوئن مار دوا پاڻيءَ ۾ ملائي پيتي هيائين ۽ ڪو ٻڌائيندو هيو ته پاڻ کي ڦاهو ڏئي انت آندو هيائين. امان چوندي هئي ته ڪيس گهٽو ڏئي ماريو ويو هيو.

ان واقعي وقت مون چاهيو پئي ته امان ۽ بابي سان گڏجي ڳوڻ وڃان ۽ پيٽ جو منهن ڏسان. پر بابي ڳوڻ وٽي وڃڻ کان انڪار ڪري چڏيو ته متان مان جذبات ۾ اچي ڪو فساد نه کڙو ڪري وجهان. خاندان جا ماڻهو اتي ئي ڪيس چپ چپات ۾ قبرستان ۾ دفنائي آيا. اهو چئي ڪري ته حرام ٿي

مئي...! ان ڏينهن کان پوءِ مون کي ڳوٺ وڃڻ کان نفرت ٿي وئي. ڪڏهن سؤٽ کي ته ڪڏهن چاچي سان جهيڙڻ جو سوچيندو هيس. پر اهڙين سوچن ۾ گهٽتائي تڏهن آئي، جڏهن ڪاليج جي زماني ۾ ايٽليٽڪ ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيم. خاص ڪري لانگ ريس واري ايونٽ. مون کي گهٽو ڏيرج وان ڪيو پر اهو سوال سدائين ذهن ۾ رهيو ته سندس خودڪشي جو آخر ڪارڻ ڪهڙو هيو...؟

مون کي هن سان ڏاڍو پيار هيو...هڪڙي ئي ته پيٽ هئي....!

ائين ٿو لڳي ته منهنجو دماغ، اڇڪلهه خودڪشي وارن واقعن متعلق گهٽو سوچڻ لڳو آهي.....

1 جون، چنچر

هڪ ڊسٽنڪشن حاصل نه ڪري سگهڻ وارو افسوس ۽ ٻيو نگستيءَ جي ڏنل ڊوئنسن، ذهني اذيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. ڪڏهن مٿائنس ڪاوڙ پئي آئي، ته ڪيڏي نه ڪنور آهي، جو هاسٽل جي فون نمبر هڻڻ باوجود به رابطو نه ٿي ڪري...! ڪڏهن پنهنجي ايڊريس بڪ ۾ چوهه چنبيم. ته کائنس ڪانٽيڪٽ نمبر چو نه ورتو هيو...؟ ڪڏهن دل گائون مائون پئي ٿئي، ته خدا نه ڪري ته کو ساٽس حادثو پيش آيو هجي...؟ ڪڏهن شڪي مرد ٿي سوچيم پئي ته کهڙي خبر ڪنهن سان لڳي وئي هجي...؟

ائين سڄو ڏينهن ٻه چتائيءَ ۾ گذري ويو.....

2 جون، آچر

نگستي منهن ڇا مٽيو جڙ دنيا مٽي وئي هئي. ٻيا ته ڇڏيو پر سيرا ٻه پلجي ليئو نه پئي پاتو. سياڻن سچ چيوآ ته : "بيني جو هرڪو ڪِرئي جو ڪو ناهي! "

ڪاش ! مان دمساز جي چار ڏينهن چاهه جا، پوءِ وٺ پاسا واهه جا' واري نظريي تي هلان ها ته اهي ڏکيا ڏينهن نه ڏسان ها. ان گهڙيءَ دمساز ڏاڍو ياد آيو....

گھٹي متا ڪٽ ڪان پوءِ اهو حل ڪڍيم. ته چو نہ باهر ڪنهن بار ۾ ويهي مئي نوشي ڪندي، غم غلط ڪيان. اهو ارادو ڪري اڃا اٺيس مس ته دروازي تي ناڪ ٿي، نہ چاهيندي بہ کوليم. سامهون ورونا، سيرا ۽ ڪافي پارٽيسپنٽس هڪ ٻئي پٽيان بيٺل نظر آيا. جن جي هٿن ۾ ٽوڪٽا ۽ تحفا هيا.

هڪ ئي وقت سيني زوردار آواز ۾ روش Wish ڪيو:

"هئپي برٿ ڊي ٽويو دلمراد !!! "

منهن تي زوري مرڪ آڻيندي "ٿينڪس!" چئي ڪائنٽ تحفا ورتم ته ورونا چيو" ٽي وي لائونج ۾ جلدي تيار ٽي اچ، جو اسان ڊنر جو بندوبست ڪيو آهي!" اهو ٻڌي حيران ٽي ويم.

جڏهن تيار ٽي، ٽي وي لائونج ۾ پهتم، ڏٺم ته نہ صرف ڊيناڪ جا، پر استيٽنڊم هاسٽل جا بہ ڪجهہ ٻئچ مئٽ آيل هيا. جن ۾ مارسيہ، مئڊلين ۽ پائولا بہ شامل هيون. چوڏاري رنگبرنگي ٽوڪٽا ۽ جهنڊيون ٽنگيل هيون. هڪ ٽيبل تي طرحين طرحين ڊشز ۽ بيوريج سجايل هيا. پي تي برٿ ڊي ڪيڪ رکيل هيو. مون ايڏو اهتمام ڏسندي پڇيو ،"ايڏو تڪلف ڪنهن ڪيو آهي؟"

" ڪيڪ مارسيہ طرفان، بيوريج ارنگا، ظاهر ۽ سوباس طرفان ۽ ڊنر جو انتظام آفريقي ۽ انڊونيشيائي دوستن ڪيو آهي. " ورونا ٻڌايو.

ڪيڪ ڪٽجڻ ۽ ماني کائڻ کان پوءِ ميوزڪ ۽ ڊانس جو سلسلو شروع ٽيو ته مارسيہ پاڻ مرادو ڇيلهہ ۾ هٿ وجهي ڊانس ڪندي پڇيو"دلمراد، تنهنجو منهن لٽل چو آهي ...؟ عشق جي چڪر ۾ ته نہ اچي ويو آهين ؟"

وراٽيم." نہ نہ ...! لانگ ريسرس جا منهن ئي سڪل هوندا آهن."

"مون ڪٽي پڙهيو آهي ته هڪ راندگر، عشق کي بہ راند سمجهي کيڏندو آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن اها راند سندس ڪچيءَ ۾ پٽجي ويندي آهي!"

مون کي لڳو تہ هن منهنجو اندر پڙهي ورتو آهي. جواب ڏيڻ کان لنوائيندي، پرسان بينل ورونا کان پڇيم، "عقيان شاه نظر نہ ٿو اچي؟"

"ٻہ دفعا سندس روم تي وڃي دروازو ناڪ ڪيو اٿم. پر ڪو جواب نہ ٿو ملي!"

"روزمئري جي پؤ ڪري نہ ايندو هوندوا" ياچاءِ چيو.

روزمئري هڪدم وراٽيو، "جي اچي ها. تہ چا مان ڳڙڪائي ويجانس ها!؟"

هال ۾ ٽهڪڙو مچي ويو.....

منهنجون نظرون الائي چو بار بار ٽي وي لائونج جي دروازي ڏانهن پئي ويون. تہ اوچتو نگستي منديءَ ڪيڪ سرپرائز ڏئي چوندي :

Happy Birthday my Love...!

3 جون، سومر

گذريل راتہ ديرتائين هلندڙ سالگره پروگرام جي ڪري ديرسان اٿيم. ڪامن ڪچن ۾ 12 وڳي ناشتو ۽ مانجهاندو گڏي ڪرڻ کان پوءِ جڏهن موٽيس، تہ غير ارادي طور منهنجيون نظرون شهتير ڏانهن هلي ويون، تہ وري خودڪشي واري پوئنري متي ۾ اچي ويٺي.

سوچيم پئي، 'موت تہ هڪ ڏينهن آوس اچڻو آهي. پر ڪيئن ايندو ڪنهن کي ٻہ خبر ڪونهي. پر خودڪش ان معاملي ۾ ڪل مختيار آهي، جو ڪيس عزرائيل جي ڪاڻ ڪيڏي نہ ٽي پوي. پلا زندگيءَ ۾ هاٿي چا رهيو آهي، جو موت کان ڊججي...؟

ڪالهہ نگستي جو نہ اچڻ جو مطلب، ان کان سواءِ ٻيو چا ٿو ٿي سگهي، تہ هن مون کي هميشہ لاءِ وساري چڏيو آهي...!

شايد، تہ منهنجي ٻہ مسٽر فينگ وانگر قتل آهي.

ان گهڙي مختلف قسم جي خيالن ٻہ ڏونڊاڙڻ شروع ڪيو تہ چا هڪ اسپورٽس مين جو آپگهات ڪرڻ پاڙيائپ وارو عمل تہ ناهي؟.. جن جو مول متو آهي، تہ هارڪت راند جو حصو آهي، ان ڪري گهبرائڻ بزدلي آهي...

زندگي ۾ ته هڪ راند آهي يا نه؟...

جي سڀ جي، ته راند آهي، ته پوءِ ٽرئڪ تي ڇڪندي اوچتو ڪنهن ڊڪندڙ(Racer) کي ڳڊي پئجي (Muscle Pull) وڃي، ته ڇا ان لاءِ بهتر نه ٿيندو ، ته شرافت سان هار تسليم ڪري زندگيءَ جي ٽرئڪ مان نڪري وڃي؟...

هونئن ته هارائڻ ڪير به ناهي چاهيندو پر هارائي ته ويندو آهي. تڏهن ته چيو ويندو آهي، ته : 'هيءَ جڳ مڙئي جوا بازي، ڪن ڪٽي ڪن هاري...!' سچي پچي ته عشق بازي سيني بازين کان ڏکي آهي....

آخرڪار ان نتيجي تي پهتم ته جي خودڪشي ڪبي، ته ربط ۽ ترتيب سان ڪبي. جيئن پروفيسر ڊيوڊسن پنهنجي هڪ ليڪچر ۾ سمجهايو هيو ته: "نه صرف هڪ شهر، پر ذاتي زندگي ۾ به Integrated Planning (ربط واري رٿابندي) جو هجڻ ضروري آهي."

پوءِ ان تحت سوچن جو سلسلو شروع ٿي ويو ته جيڪڏهن خودڪشي ڪجي، ته ڪيئن، ڪهڙي وقت ۽ ڪهڙي تاريخ بهتر رهندي؟....

اهڙي ئي ڳڻ ڳوت ۾ هيس، ته سيرا جا سڏ شروع ٿي ويا. بيزاري مان اٿي دروازو کوليم ته پڇيائين،"چا، توکي انسٽيٽيوٽ طرفان فائنل ڪورس اواليوشن جو ڏنل سوالنامو پري جمع ناهي ڪرائڻو؟"

"مون کي ته خبر ئي ڪونهي!" وراڻيم.

"گذريل جمعي تي انسٽيٽيوٽ نه ويو هئين چا؟"

"نه!"

"تنهنجي ميل باڪس ۾ ان سوالنامي سان گڏ، هڪ ٻيو هدايت نامو به ڊراپ ٿيل هوندئي، ته جن پارٽيسپنٽس کي جلد وطن واپس ورڻو آهي، سي پنهنجا پاسپورٽ جمع ڪرائن!"

سوچيم ته مون کي ڪهڙو واپس ورڻو آهي، جو پاسپورٽ جمع ڪرايان . پر پوءِ سوچيم ته 'نه' کان 'ها 'ڇگي آهي. ائين نه ٿئي ته ڪنهن کي شڪ پئجي وڃي ۽ خودڪشي واري رٿابندي رد ٿي وڃي.....

وراڻيومانس،" ها، پندرنهن منٽن ۾ اچان ٿو!"

"تنهنجو انتظار ٿي ڪيان!"

تيار ٿي، سيرا سان گڏ ٽرام تي چڙهي رائونڊ بلڊنگ ۾ پهتس ۽ 'فائنل ڪورس ايواليوشن' جو سوالنامو پري جمع ڪرائي ڇڏيم. ميل باڪس ۾ جهاتي هنيم، ته خبر پئي ته سياٽي پارٽيسپنٽس مان، ان نمائنده جي چونڊ ٿيٽي آهي، جنهن کي هي ڏيهاڙي تي، ري انٽري سيمنار پلينري سيشن ۾ فائنل اسپيچ ڏيڻي آهي.

4 جون، اڱارو

اڄ وري صبوح کان خودڪشي وارن خيالن جي ڳست شروع ٿي وئي.

مامي عشاق علي جو مثال ياد پئي آيو. جڏهن ڪيس وائيندي خبر پئي هئي ته نٽيءَ کي چاچي ۽ بابي کنهن پاڻيلي هٽان مارائي درياه داخل ڪرايو هيو ته اهڙو ڳٽتين ڳوڙهو متين موڙهو ٿي ويو جو کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنائين. مٽ مائٽ، دوست احباب گهٽو سمجهايس. پر جواب ۾ سانوڻ فقير جي بيت جي اها ست ٻڌائيندي، خاموش ٿي پئي ويو ته: "پاڻو ساڃو نه ٿئي، هڪ موتي ٻيو من!"

پوءِ ستت ئي رضا ڪري ويو. ڇا مامي جو ائين مرڻ، هڪ قسم جي خودڪشي نه هئي...؟ پلا هڪ مايوس انسان، خودڪشي ڪانسواءِ ٻيو ڪري به ڇا ٿو سگهي...؟ تڏهن ته چيو ويندو آهي، ته بيوس بار ائن به ڇڏيا.

مان سندس مرڻ تي ڏاڍو رنو هيس. هو نه صرف مامو هيو پر هر حوالي سان استاد به هيو جنهن نه صرف لکڻ پڙهڻ، پر ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو ڍنگ به سيکاريو. اڄ تائين سندس اهي لفظ دل تي نقش آهن، ته: "جيڪو به هنر، فن يا علم جا به اکر سمجهائي، ته ان کي استاد سمجهي عزت ڏجي!"

ان حوالي سان ڏسجي، ته فينگ به منهنجو استاد آهي. جنهن خوابن وسيلي پل پل جي پيڙا جي خاتمي جو سهل ۽ آسان طريقو ٻڌايو آهي.

اهڙي قسم جا خيال آوليم پئي ته دروازي تي روز مٿري جي سڏن ڊسترب ڪري ڇڏيو. مجبورن دروازو کولڻو پيو ته گهوريندي چيائين، "انسٽيٽيوٽ، نه هلڻو ٿي چا؟"

" هروپرو چا هلي ڪجي ؟" وراڻيم.

"اڄ سيني پارٽيسپنٽس جي نمائنده جي چونڊ ٿيڻي آهي. جنهن کي سياڻي فائنل اسپيچ ڏيڻي آهي."

" پوءِ مان چا ڪيان ؟" وراڻيم.

" اسان فيصلو ڪيو آهي. تہ توکي ووٽ ڪندا سين!" سيرا ٻڌايو.

" پر مان نمائنده ٿيڻ جي لائق ناهيان." وراڻيم.

" اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ڪونهي. تون هروپرو لهرائين ٿو!" اڌنا ٿوڪيو.

" چا تون اسان سيني جي دل ٽوڙيندين؟" سيرا پڇيو.

" تو مان اها توقع نہ هئي!" ورونا بہ ناراضگي ڏيکاريندي چيو.

مون سوچيو تہ حال في الحال هنن سان منهن ڏجي. نہ تہ پيون مٿو کائيندیون. سو ساڻن گڏجي انسٽيٽيوٽ ۾ پهچي. نامينيشن فارم پري ڇڏيم.

ووٽنگ ٿيڻ کان اڳ گلوريا کي خبر پئي تہ مان سندس مد مقابل آهيان تہ اچي چيائين، "ڪو-آرڊينيٽرس رابرٽ ۽ اقبال سليم زور پريو هيو تہ فائنل اسپيچ ڪيان. جي تون چوين تہ مان هٽ ڪٽان!"

"اعتبار ڪر تہ مان توکي ووٽ ڪندس!" وراڻيو مانس.

"پوءِ تو چو فارم پريو؟"

" مان بہ تو وانگر، ڪن جي اصرار تي پريو آهي!"

"هڪ ٽين اميدوار راسو رام بہ فارم پريو آهي. مقابلو دلچسپ ٿيندو!" اهو ٻڌائي، گلوريا هلي وئي.

اليڪشن ٿيڻ کان اڳ، مون ڪنهن کي بہ حمايت ڪرڻ لاءِ نہ چيو. چپڙي ڪري، هڪ استڊي ڪيبن ۾ وڃي ويهي رهيس. جڏهن 2 کان 4 وڳي تائين ووٽنگ هلي ۽ رزلٽ آئي. تہ گلوريا مون کان هڪ ووٽ تان سوياري ٿي. راسو رام کي صرف بہ ووٽ مليا.

5 جون، اربع

ليڪچرهال ۾ گلوريا کي ري انٽري سيمنار پليٽري سيشن ۾ فائنل اسپيچ ڏيڻ لاءِ وڏي عزت ۽ مان ڏئي گهرايو ويو. گلوريا سڄي تياري ڪري آئي هئي. هن پهريائين ڪو-آرڊينيٽرس ۽ انتظاميہ جي ورتاءَ جي واکاڻ ڪئي. پوءِ مطالعاتي دؤرن مان مليل ڄاڻ اهميت تي روشني وڌائين. آخر ۾ 57 انٽرنيشنل ڪورس بابت اطمينان جو اظهار ڪندي چيائين، تہ: " ارازمس يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ مان ملندڙ وقتاڦتي معلومات کي پنهنجي ملڪ ۾ وڃي اپلاءِ ڪندس، تہ جيئن شهري رڦابندي کي پنهنجن شهرن ۾ قابل عمل بڻائي سگهان!"

ان تي هال ۾ زوردار تاڙيون وڄيون. دل ئي دل ۾ اعتراف ڪيم تہ ڏهني انتشار جي ڪري ڪنهن بہ صورت ۾ گلوريا کان بهتر اسپيچ نہ ڪيان ها...!

آخر ۾ گلوريا سيني جو شڪريو ادا ڪندي چيو "اوهان سيني جي مهرباني! جن مون کي ٻڌو. ۽ سيني کان وڏي مهرباني دلمراد جي، جنهن مون کي ووٽ ڪري هڪ ووٽ تان کٽايو ۽ فائنل اسپيچ ڪرڻ جو موقعو ڏنو!"

سيئي پارٽيسپنٽس مون کي حيرت وچان تڪڻ لڳا ...!

راتہ جو يارنهين وڄي روزمئري، مون کي روم مان هٽ کان وٽي ڇڪي باهر ڪڍي آئي ۽ سيرا جي روم تي پهچائي عدالت لڳائي."اسان سان غداري ڪرڻ جو حساب ڏي؟"

"دراصل، مان تياري نہ ڪري سگهان ها. توهان سمجهو ڇو نہ ٿيون ؟"

مون کين پنهنجي مجبوري ٻڌائي.

"ڇو نہ تياري ڪري سگهين ها...؟ اسان تياري ڪرايون ها!" سيرا وراڻيو.

"پر اسپيچ ائين مختصر ۽ جامع نہ هجي ها، جيئن گلوريا جي هئي!"

"گلوريا مٿئون لهي آئي هئي ڇا ...؟ توکي حساب ڏيڻو پوندو!" روزمئري غصي ۾ چيو.

"او چتي ، تنگ نه ڪريس!.. مان توکي چانهه پياري فريش ڪيان ٿي!" سيرا، روزمئري کي سمجهائيندي چيو.

" مان چانهه نه پيئندس! مون الائي ڪيترن پارٽيسپنٽس کي، دلمراد کي ووٽ ڪرڻ لاءِ ڪنوينس ڪيو هيو. هن منهنجي محنت ئي ضايع ڪري ڇڏي!" روزمئري ناراض ٿيندي چيو.

"هاڻ جيڪو ٿي ويو سو ٿي ويو. تون ٻڌاءِ، ڏنڊ ۾ توکي ڇا کپي؟" پچيومانس.

" ڏنڊ طور سيرا لاءِ ٻه ڪولڊ ڊرنڪس، ٻين لاءِ ٻه ٻه الڪولحڪ بيئر جون ٽنس ۽ مون لاءِ ٽي آٽجانءِ ته جيئن دماغ جاءِ تي اچي!"

مان هڪدم اٿيس، جو خبر هئي ته ائين ڪو نه ڇڏيندي. تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي، ڊيناڪ جي پر ۾ واقع، ڊپارٽمينٽل اسٽور مان گهربل شيون وٺي آيس.

پوءِ رات جو ٻارنهين وڳي تائين گذريل گهڙين جون ڳالهيون هلنديون رهيون. پر مجال آهي جو ڪٿي به نگستي جو ذڪر اچي. سوچيندو رهيس، ته مان پنهنجي رنج کي لڪائڻ خاطر نگستي جو ذڪر نه ٿو ڪيان، پر هنن کي ڇا ٿي ويو آهي، جو پلجي به ڪيس ياد نه ٿيون ڪن ...؟

6 جون، خميس

رزلٽ اچي چڪي هئي. خبر پئي ته سيني پارٽيسپنٽس ۾ صرف عقيان شاه ۽ نگستي پوسٽ گريجويٽ ڊپلوما وٺي نه سگهيا. نگستي کي ته مسلسل غير حاضري جي ڪري پوسٽ گريجويٽ ڊپلوما نه ملي سگهيو پر عقيان شاه جي ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي. مون ڪيس ليڪچر هال ۾ تلاش ڪيو پر نظر نه آيو. سندس هم ڪلاسين ٻڌايو ته هو رپورٽ فائنل نه ڪري

سگھيو هو ان ڪري سندس پريزنٽيشن نہ ٿي سگھي. سيني ڪامياب پارٽيسپنٽس کي ڪلوزنگ سيرمني دؤران سرٽيفڪيٽ مليا. هرڪو پنهنجي ڪاميابي تي مطمئن نظر پئي آيو.

جڏهن سيني ڪو آرڊينيٽرس ۽ پارٽيسپنٽس کان موڪلائڻ کان پوءِ، آخر ۾ اقبال سليم کان موڪلايم تہ چيائين،" تنهنجي اوور آل پرفارمنس بهتر هئي، بس پريزنٽيشن ۾ مار کائي وئين. خير، ڪاميابي سان پوسٽ گريجويٽ ڊپلوما تہ حاصل ڪري وئين. ڪانگريچيولیشنس!"

" ان ۾ اوهان جي همت افزائي شامل آهي!" وراڻيم.

شام جو هاسٽل تي موٽيم تہ عقيان شاه جي روم جو دروازو کڙڪايو هن در کولي منڊي ڪڊي پچيومانس،"مون اوهان کي ڊسٽرب تہ نہ ڪيو؟"

"مان واپس وڃڻ جي تياري ٿو ڪيان. رات جو ڏهين وڳي فلائيٽ آهي."

پوءِ روٺڻهارڪو ٿي چيائين:

"ڏس! ڪافرن، ڪيئن نہ تعصب جو مظاهرو ڪندي، مون کي پوسٽ گريجيويٽ ڊپلوما کان محروم ڪري ڇڏيو...؟ "

"مون کي بہ ڏک آهي. پر مون ٻڌو آهي تہ تون رپورٽ فائنل نہ ڪري سگھيو هئين؟" پچيومانس.

"دراصل مون کي هندوستاني راسو رام غلط ڪورس يونٽس ۾ ورڪ شاپ ڪٽائي سازش ڪئي. افسوس جو انهيءَ دؤران تو بہ سازش کان خبردار نہ ڪيو!"

ياد ڏياريومانس،" بقول تنهنجي، تہ تون استخاره ڪڊي ڪورس يونٽس ۾ ورڪ شاپ جي چونڊ ڪئي هئي ۽ بالڪل مطمئن هئين، تہ پوءِ ٻين تي ڏوهہ چو ٿو ڏين ؟"

" تون اها ڳالهہ نہ سمجهندين! " ائين چئي هن دروازو بند ڪري ڇڏيو....

7 جون، جمعو

جيئن تہ انسٽيٽيوٽ طرفان اڄوڪي ڏينهن تي ڪلچرل ايوننگ جو پروگرام رٿيل هيو. سيرا، روزمئري، ورونا ۽ ادنا پوري تياري سان آفريقي لباس ۾ ڳهه ڳڻا پهريون اچي در تي بيٺيون. مان به چاهيو پئي تہ اهو الوداعي ايونٽ اٽينڈ ڪري، هڪ دفعو هن دورنگي دنيا کي پنهنجين اکين سان ڏسي ونجي. ان ڪري ساٽن گڏجي ٽڪ ڪئنٽين ۾ پهتس.

اڄ ڪئنٽين ڄڻ تہ جادونگريءَ جو ڏيک پئي ڏنو. آفريقي چوڪريون چهڄ ساون، ڳاڙهن ۽ گهاٽي نيري رنگ جي ڪپڙن ۾ ملبوس مٿي تي پٽاپٽي رومال ويڙهيون، هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦريون. زبان کان وڌيڪ سندن جسم جي انگن پئي ڳالهايو. ايشيائي چوڪريون جن کي رنگبرنگي نفيس ڪپڙا پهريل هيا، سي ڄڻ لوڪ آڪاٽين واريون اپسرائون پئي لڳيون. مدل ايسٽ جي چوڪرين به وسان کين گهٽايو هيو. مختلف خوشبوئن ۾ واسيل انگن جي هڪاءَ سيني مردن کي گهرن ساهن کڻڻ تي مجبور پئي ڪيو. لاطيني آمريڪي چوڪرين جي خوش رنگ ڍولائتن انگن ۾ مرداڻيون اکيون اٽڪي اٽڪي پئي پيون. ان هوندي به منهنجي دلچسپي واجبي هئي. ڪنهن جي "هلو! هاءِ!" ڪرڻ تي ڪمرشل انداز ۾ مرڪي جواب پئي ڏنم. سواءِ چند جي، باقي ٻيا مرد تہ پؤنرن وانگر پئي پريا. سيئي هڪڙي ئي جستجو ۾ رڌل هيا تہ ڪهڙي ريت به ڪنهن پدمٽيءَ سان پاسو هٽي فوٽو ڪيرائن. ڪيمرائن جي فليش جي ايتري پرمار هئي، جو ڪنهن کي به پتو نہ پئي پيو تہ ڪير ڪنهن سان ۽ ڪنهن جو فوٽوڪيڊي يا ڪيرائي رهيو آهي.

ڪئنٽين جي بار رش جي ڪري ڪنهن وڌي جام جيان ڇلڪي رهي هئي. اُتان هر ڪنهن هڪ ٻئي کي ڏکي مکي بيئر، وائن يا جوس پئي ورتو. اڄوڪي ڪلها گس تي ڪنهن کي به اعتراض نہ هيو.

ڊانس فلور تي انڊلئي روشنيون، پنڌت روي شنڪر جي ستار تي وڄايل ڌن تي ڦيرائيون پائيندي، ثقافتي چٽاپيٽي جي آخري آئيٽم جو

انتظار ڪري رهيون هيون. جيتوڻيڪ ڪافي وقت ٿي چڪو هيو. پر پارٽ پنٽس جي چهرن تان ايڏا ٽڪاوٽ جا آثار نظر نه پئي آيا. ان جو سبب اهو ٿي پئي سگهيو ته مقابلو نهايت دلچسپ مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو هيو. هر ڪلچر گروپ جون پوائنٽس لڳ ڀڳ هڪ جيترين هيون. جي روايتي ڪاڏي جي مقابلي ۾ مڊل ايسٽ گروپ اوليت حاصل ڪئي هئي ته ايشيائين موسيقي ۾ سيني ڪي مات ڏني هئي. لاطيني آمريڪين جيڪڏهن فيشن شو ۾ڪٽيو هيو ته ناٽڪ رنگ جي مقابلي ۾آفريقن سيني ڪي ماري مڃايو هيو. هر گروپ پندرنهن منٽن جي وقفي دوران آخري ڊانس آئٽم پيش ڪرڻ جي تياري ۾ مصروف هيو. چو ته انهيءَ جي ڪارڪردگي ئي ڪين هن هزار گلبرن جي ڪئش پرائيز سان گڏوگڏ ثقافتي برتري جو احساس به ڏياري پئي سگهي.

هر پارٽيسپنٽ ڏوڪ ۾ شوڪ جي تصوير بٽيل هيو. سواءِ هن بدڏوڪن جي، جيڪي دنيا ۾ عاقبت ڪي مئي سان پريل ساغر ۾ پاڻ ٻوڙي رهيا هيا. هڪ هيو فلپائن جو بونگ جنهن ڪي مڊلين جي بي وفائي پيڇي لاٿو ۾ ٻيو هيس مان جنهن ڪي نگستي جي غم گهائل ڪري وڏو هيو.

ايوا، ثقافتي چٽاپيٽي جي آخري آئٽم جي مقابلي جو اعلان ڪري ڇڏيو. پهريائين ايشيئن گروپ مان، ناچ ڊيڪارڻ لاءِ انڊونيشيا جو اگنگ ۾ ٽائيلينڊ جو نات بانس جي هن لڪڙن سوڌا ڊانس فلور تي پهچي ويا. ٽائي موسيقي جي پس منظر ۾ ٻنهي ڇڻن بانس جا لڪڙا هٿن ۾ جهلي فرش تي ويهي، 'تم تم تاپ!!!' جي لئي تي وڄائڻ لڳا. سندن سامهون ايشيائي چوڪرن ۾ چوڪرين جون اٽ جوڙيون هٿن ڪي نچائيندي ظاهر ٿيون. جن واري واري سان ٻنهي لڪڙن جي وچ مان ڦڙتي سان ائين نچڻ ۾ ٽپڻ شروع ڪري ڏنو ڇڻ وڻن جي لامن تي مورن جا ٻچا ٽپڪيون ڏيندا هجن. تاڙين جي گونج ۾ جڏهن ايشيائن پنهنجو ڪرتب نما ناچ ختم ڪيو ته آفريقن ڪي سڏيو ويو. آفريقن اچڻ سان ئي باه ٻاري ڏني، 'ڪامو واچا مومي وا! ڊونبڪ، ڊونبڪ ڊونبيڪو!' جي رڙين سان ڊانس فلور ڪي مٿي تي ڪٽي ڏنائون. آفريقي دهل جي تال تي روزمئري به ائين ٽٽڪڻ لڳي، ڇڻ ڪنهن

درياهي ٻلهڙ کي پاڻي مان کيڏي تتل واريءَ تي اڇلايو هجي. اڌنا ۾ اوسائو ٻه اڏ ڪنل پنڇين جيان پئي تڙپيون. ٻيون ته ٿهيو پر ورونا ۾ سيرا جهڙيون سنجيده چوڪرين ٻه گوج مڇين جيان وروڪڙ پئي ڪاڌا.....

مدل ايسٽ گروپ جو وارو آيو ته شام جي عابيہ انطون جي دڦ جي تال تي بيلي ڊانس ڪرڻ شروع ڪئي. هي ناچ پهريائين ته آهستگيءَ سان ٽيڙ لڳو. پر جيئن ئي عرب پارٽيسپنٽس تاڙين جي تال سان چوڙ شروع ڪيو "حبيتڪ وانا ما اعرفڪ... حبيتڪ وانا ما اعرفڪ !" ته منجهس هڪ عجيب تيزي اچي وئي. ڏسندڙن کي ائين پئي محسوس ٿيو جڙ ڪا نانگڻ وڻ ست ڪائيندي صحرائي پٽن تي تيزيءَ سان چڙهندي لهندي هجي. تاڙين جي ٿهڪي سان جيئن ئي ناچ ختم ٿيو ته پس منظر ۾ فِلمنگو ميوزڪ شروع ٿي وئي. جنهن مان هرڪنهن کي اندازو ٿي ويو ته هاڻي لاطيني آمريڪي جوهر ڏيکارينداِ. پوءِ 'بابي شورا' جي آوازن تي ڦيراٽيون پائڻ شروع ڪري ڏنائون. ائين پئي لڳو ته جڙ نچندڙن جا سينا ۾ نهايون ڪنهن ٽنيڙ سان چنبڙائي چڏيا هجن. جڏهن باهر بينڊ ساڻين کين 'ايايائي ! ايايائي!' جي نعرن سان داد ڏيڻ شروع ڪيو ته هال ۾ وينڊ ٻين ٻه سندن پيروي ڪندي 'ايايائي ! ايايائي!' جا نعرا هنيا.

ڪير پڪ سان نه پئي چئي سگهيو ته ڪيرڪٽندو...؟البتہ هر گروپ کي پنهنجي ڪڙ جو يقين هيو. ثقافتي چٽاپيٽي جي منصفن جڏهن مٿا جوڙي پوائنٽس جي ڳڻپ شروع ڪئي، ته نتيجي جي انتظار ۾ هر ڪو پنڊ پهڙ ٿي ويو. جڏهن انهن نتيجو ٺاهي ايوا کي هٿ ۾ ڏنو ته هر ڪنهن جو نظرون سندس چهري تي ڪپي ويون. ايوا نتيجي ٻڌائڻ لاءِ مائيڪ هٿ ۾ڪيو ته پارٽيسپنٽس جي چهرن تي بي قراري جا آثار نمايان ٿيڻ لڳا. ائين محسوس ٿي رهيو هيو ته هو هڪ وڏي خوشيءَ جي اظهار ڪرڻ يا مايوسي کي منهن ڏيڻ جي تياري ڪندا هجن. ايوا تجسس کي وڌائڻ خاطر هاسڪار آهستي آهستي نتيجن جو اعلان ڪرڻ لڳي:

"ليڊيز اينڊ جينٽلمين! آخري آٽٿم جي نتيجي ملڻ کان پوءِ ڪلچرل گروپس جو مجموعي نتيجو پڌرو ڪيو ويجي ٿو. آفريقن ڪلچرل گروپ

ٽوٽل 80، مڊل ايسٽ گروپ ٽوٽل 83، لئٽن آمريڪن 84 ۽ ايشئن ڪلچرل گروپ 87. پوائنٽس ڪنيون. ان ڪري ڪئش پرائيز جو حقدار ايشيئن گروپ ٿي ويو!"

ايشين گروپ خوشي وچان تاڙيون وڄائيندي، "هِپ هِپ هري ...! هِپ هِپ هري...! لانگ لو ايشئن!" جا نعرا هنيا. رد عمل ۾ ٻين ڪلچرل گروپس جا پارٽيسپنٽس خاموش رهيا. پر اڌنا کان برداشت نہ ٿي سگهيو. احتجاج ڪندي چيائين، "اسان آفريقن سان بي انصافي ٿي آهي!"

عابيہ بہ ساٿس سات ڏنو. "سراسر جانبداري ٿي آهي!"

پاؤلا بہ اتفاق ڪندي چيو" بالڪل انصاف ناهي ٿيو!"

ياچاءِ هڪدم ورندي ڏني،" توهان ايشين ڪلچر کان سڙو ٿا، ان ڪري الزام ٿا هٽو!"

پوءِ سينڊلن جو ڪڙيون فرش تي ٺهڪڻ لڳيون، هڪ ٻئي تي آڳريون کڄڻ لڳيون. اهڙي طرح ڪلچرل ايوننگ جي پڄاڻي بدمزگي جو شڪار ٿيڻ لڳي. انهيءَ وقت ورونا وچ ۾ ٻيهي چيو "ڊيئر فرينڊس! افسوس آهي تہ اسان چند گلدرس جي خاطر، پنهنجين اٽاه محبتن کي وڃائيندي موڪلايون ٿا. پليز ائين نہ ڪيو!"

پوءِ اکين تي هٿ رکي روئڻ لڳي تہ ياچاءِ کي سمڪ اچي وئي. هن هڪدم ڪئش پرائز کٽي وچ تي ٻيهندي چيو"مان ڪئش پرائز کي پورن چئن حصن ۾ ورهايان ٿي، چا سيني کي قبول آهي ؟"

"قبول آهي قبول آهي!"سيني پارٽيسپنٽس رڙيون ڪندي حمايت ڪئي.

پوءِ کل خوشيءَ سان ڪئش پرائز چئن ئي گروپن ۾ ورهائجي ويو.

ورونا جيڪا ڪالهاري صحرا جي جهنگلي قبيلي 'بش مئن' سان تعلق رکي ٿي، اج هن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هوءَ سيني کان وڌيڪ مهذب آهي.....

8 جون، چنچر

اڄ سڄو ڏينهن نراسائي ۽ نااميدي جي گهيري ۾ رهيس. ائين پئي لڳو جڙ وقت بيهجي ويو آهي. هر شئي بي معنيٰ محسوس پئي ٿي. زندگيءَ جا سڀ رشتا ناتا اجايا پئي لڳا. ائين پئي سمجهيم تہ هن دنيا ۾ هر ڪو خود غرض ۽ مطلبي آهي. پيار محبت، همدردي ۽ سچائي صرف حوالَ آهن... عشق بي پاڙي ول مثل آهي، جنهن سائي وڃ تي چڙهي ان کي سڪائي ڇڏي...!

منتشر خيالن جي يلغار کان بچڻ لاءِ سوچيم تہ لائونج ۾ وڃي ٽي وي ڏسان. پلا خودڪشي ڪرڻ کان اڳ من ۾ چوا اجايو مانڊاڻ وجهجي...؟

جيئن ئي روم مان ٻاهر نڪتم تہ اڌنا جي روم مان روچ راڻو ٻڌڻ ۾ آيو. مان بغير ناڪ ڪرڻ جي، اڌنا جي روم جي در کي هلڪو ڏڪو ڏئي داخل ٿيس. سيرا، روزمئري ۽ ورونا کيس پرچائي رهيون هيون، اڌنا روئيندي بار بار پئي ورجايو "هن تہ مون سان ڪمپالا ۾ سڀي چرچ ۾ شادي ڪرڻ کان پوءِ، بوتسوانہ وڃي وڃڻ جو واعدو ڪيو هيو. جي وڃڻو هيس تہ چورن وانگر چو ويو؟"

"اهو سڀ ٿيو جو توکي هاڻي ئي خبر پئجي وئي!" سيرا سمجهايس پئي.

"هو بار بار سواحلي ۾ اهو چو چوندو هيو تہ : 'ننڍا ڪووانا وُئيوئي مليلي؟"

"هر مرد، عورت کي ائين چئي ڏوڪو ڏيندو آهي، تہ مان توسان هميشہ گڏ رهڻ چاهيان ٿو. شايد تو سواحليءَ جي اها مشهور چوٽي وساري ڇڏي تہ پيار لفظن جو نہ، پر عمل ڪرڻ جو نالو آهي." روزمئري ٻڌايس.

"چا منهنجو اعتبار ڪرڻ سٺ هيو؟" اڌنا مسلسل ڪنهن ٻار وانگر سڏڪا پريندي چيو.

"تنهنجو مثال ان اٻهري 'مڪزي' مڇيءَ وارو هيو جيڪا مهاڻي جي ٻيڑيءَ ۾ ان ڪري ٽپو ڏيندي آهي تہ جيئن کيس زندگيءَ جي ضمانت ملي. شڪر ڪر جو بچي نڪتيءَ ...! هاڻي جيڪو بہ فيصلو ڪرين، سوچي سمجهي ڪجانءِ!" روزمئري سمجهائيندي چيس.

"ان جو مطلب ته هڪ عورت جيڪا، مرد تي اکيون ٻوڙي اعتبار ڪري ٿي، ان جو نصيب ذلت ۽ خواري آهي!" اڌنا ڏينڌڪار ڏيندي چيو ته روزمئري سمجهايس، "پياري اڌنا، روئڻ بجاءِ پاڻ تي پروسو ڪر! مان ته بمبا هوليءَ جي ان چوٽيءَ تي هلندي آهيان ته 'جڏهن پاڻ جِي سگهان ٿي ته ڪنهن ٻي جي ڪاڻ ڇو ڪيان!'"

"چا ٿيو آهي، اڌنا سان؟" مون آهستگيءَ سان ورونا کان پڇيو.

"ڏزي، اڌنا سان ڏوڪو ڪري ويو. ويچاريءَ کي تڏهن خبر پئي، جڏهن هوءَ صبوح سان ڏهين وڳي سندس روم تي وئي ۽ مسلسل دروازو کڙڪائيندي رهي ته 'اگنگ' ٻڌايس ته هو جڏهن ستين وڳي باٿ روم ڏانهن پئي ويو ته ڏزي پنهنجي روم مان سامان کڻي نڪري رهيو هيو پڇاڻ تي ٻڌايائينس ته هو 9 وڳي واري فلائيٽ ۾ آسٽريليا ويڄي رهيو آهي!"

مون کان رهيو نه ٿيو، طنز ڪندي چيم، "ڪٿي مرد ڏوڪيباز ته ڪٿي عورت...! واقعي ڏک اهو ٿو ڏسي، جيڪو اعتبار ٿو ڪري!"

ان جملي تي سيرا، مون کي حيرت وچان ڏٺو، جڪو اعتبار ٿو ڪري!"

پوءِ اتان نڪري تي وي لائونج ۾ وڃي بي چينيءَ منجهان مختلف اسپورٽس چينل بدلائيندو رهيم. ايستائين، جيستائين اکيون ڏسي ٽڪجي نه پيون....

9 جون، آچر

اڄ خودڪشي جي پوري رٽابندي ڪري چڪو هيس، ته 15 جون جي رات جو ڏيڏ وڳي، جڏهن هئو مئو ٿري ويندو. ان وقت هن بي درد دنيا کي الوداع ڪري چڏبو. پوءِ نه رهندو بانس، نه وڄندي بانسري....

منجهند جو هارڊ ويئر جي دوڪان تان، پلاسٽڪ جو هڪ مضبوط رسو خريد ڪري آيس ۽ الماري ۾ رکي چڏيم. پوءِ شيشي جي دريءَ جا پردا پرتي ڪري چڏيم، ته جيئن زندگيءَ جا رُهيل چند ڏينهن روٽربم جو

آسمان تڪيندي وقت ڪاڻيان. دريءَ کان ٻاهران تيز هوا جا گهوگهٽ ٻڌڻ ۾ پئي آيا.

شام تائين، مينهن وقفي وقفي سان وسندي، دريءَ جي شفاف ڳلن تي لڪيرون ٺاهيندي گونگا ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو. ائين پئي پاڻيءَ تہ جڻ منهنجي خودڪشي واري ايونٽ جي اوپننگ سيريمني ٿيندي هجي. ذهن ۾ آسمان تي تيزيءَ سان گڏرندڙ گهنگهور گهٽائن جيان خيال آيا ويا پئي. مثلن، مرڻ کان پوءِ منهنجي لاءِ ٻہ تہ ماڻهو ائين چوندا، تہ حرام ٿي مئو...! پر امڙ ڪڏهن ٻہ اها ڳالهہ تسليم نہ ڪندي تہ مان خودڪشي ڪئي آهي. خبر ناهي تہ ڇو مائرون پنهنجي اولاد لاءِ ايترو جذباتي ٿيندیون آهن...؟

پر ان ڳالهہ کي ٻہ رد نہ ٿو ڪري سگهجي تہ صرف خودڪشي ڪندڙ پنهنجي موت جو ذميوار نہ هوندو آهي، ڪجهہ ٻيا لڪل ڪردار ٻہ هوندا آهن جيڪي ڪيس مجبور ڪندا آهن. پر مان خودڪشي ڪرڻ کان اڳ پنهنجي درد ڪٿا جو اهڙو پرپور ڊرافٽ تيار ڪندس، جيڪو نگستيءَ جي بي وفائي ۽ بي حسيءَ جو ڪچو چٺو هوندو. جيڪو ٻہ پڙهندو، تہ سندس خود سري ۽ بي مروتيءَ تي چار حرف ضرور وجهندو....!

جڏهن ڀين پنو ڪٽي ڊرافٽ لکڻ ويٺس تہ خبر ناهي ڇو مطمئن نہ پئي ٿيس. پوءِ ڪيئي دفعا ڊرافٽ لکيم ۽ ڦاڙيم.

انهيءَ ٻڌڻ ۾ سج لهي ويو.....

سومهياڻي مهل سيرا جو سڏ ٿيو. توڻي جو دل تہ نہ پئي ڪيو. پر اهو سوچي نڪتم تہ آئي پائي تي ڪهڙو ڦٽائجي. جڏهن سندس روم تي پهتس تہ سيڻي مُڇي ڪيون ويٺيون هيون.

چانهہ جو دؤر شروع ٿيو تہ سيرا پڇيو "ڪڏهن وڃڻ جو ارادو آهي؟"

"اڄا فيصلو ناهي ڪيو گهٽو ڪري تہ 16 جون جي رات جوا"

"منهنجي فلائيٽ تہ صبوح جو 13 تاريخ تي، جڏهن تہ ورونا ۽ روزمئري جون فلائيٽس ساڳئي تاريخ تي شام جو آهن. ڇا تون سڄي بلڊنگ ۾ اڪيلو رهي سگهندين؟"

"اڀنا بہ تہ اتي آهي!" مون اڀنا ڏانهن ڏسندي چيو.

"هاڻي، هتي چا رهي ڪندس. مان بہ ٽڪيٽ جي تاريخ تبديل ڪرائڻ لاءِ سياڻي پارٽيسپنٽس آفيسر سان ملندس. ڪوشش ڪندس تہ 12 يا 13 تي نڪري وڃان!" اڀنا وراڻيو.

اهو ٻڌي اطمينان ٿيو تہ هاڻ کو بہ ڊسٽرب ڪرڻ وارو نہ هوندو.

جيئن ئي چانهہ جون ڪوپ خالي ڪيم تہ سيرا هڪ گلابي لفافو ڪڍي هٿ ۾ ڏنو" هي نگستيءَ جو تو لاءِ ڏنل خط آهي. هن تاڪيد ڪئي هئي تہ وڃڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ توکي ڏئي ڇڏيان!"

مون کي هاڻي سمجهہ ۾ آيو تہ هي آفريقي چوڪريون ڪيڏيون نہ ميسٽيون آهن، تڏهن تہ نگستي بابت ٻاڦور نہ پئي ڪيائون. خط ۾ چا هوندو سواءِ ڀهاني بازي جي.

لفافو ونڊي، خط ڪڍي بيزاريءَ منجهان پڙهڻ لڳس:

" ڊيئر نائيس گاءِ...!

خبر ناهي چو مون کي پهرين ملاقات ۾ ائين لڳو هيو تہ تنهنجي نظر منهنجي جسم تان ٽيندي، هڪ ڏينهن منهنجي روح جي گهرائي تائين لهي ويندي.

هر اها عورت جنهن زندگي ۾ گهٽو ڪجهہ سٽو هوندو آهي، سندس اک ماٺهو ماٺهوءَ کي سڃاڻڻ جي سگهہ رکندي آهي. ان ڪري ئي مان توتي پروسو ڪندي ويجهو ٿي هيس. تہ تون هڪ ڏينهن منهنجو پر ڏير ٽيندين .... ۽ پوءِ تو ٿي ڏيکاريو...!

پر جڏهن 16 مئي تي تنهنجي استڊي ٽيبل جي دراز ۾ هڪ خط ڏٺم تہ ان جي پرسان نماٽن نيٽن واري چوڪريءَ جو فوٽو موجود هيو جنهن جي هينان ڏنل ڪيپشن مان خبر پئي، تہ اها تنهنجي مڱيندي آهي. اهو پڙهي، مون سنگتياڻين کان صلاح ورتي، تہ چا ڪرڻ گهرجي..؟

انهن جو چوڻ هيو تہ: 'عورت ذات، بذات خود هڪ مظلوم قوم آهي. جيڪا عورت، ڪنهن ٻي مظلوم عورت جو سهارو نہ ٿي بڻجي، سا انساني سماج ۾ انقلاب ڪيئن برپا ڪري سگهندي.. ؟'

ان ڪري مون سوچي سمجهي توکي پرتي ڪيو. سچ پچ، تہ اهو منهنجي لاءِ ڪٿن مرحلو هيو. پر اسان کي زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کي تسليم ڪرڻ گهرجي.

اميد آهي، تہ تون هاجران کي نگستي، سمجهي 'پنهنجو' ڪندين...!

خط پڙهڻ کان پوءِ محسوس ڪيم تہ جڏ منهنجي زندگيءَ جون سڀ حسرتون ۽ ارمان لڙهي ويا هجن.

پاڻ تي ضبط ڪندي سيرا کان پڇيم "چا هوءَ اريٽيريا پهتي؟"

"ها، پهچي وئي!" سيرا ٻڌائيندي پڇيو "تو تہ اريٽيريا بابت خبرون ٻڌيون هونديون؟"

"نہ!" وراڻيم.

"24 مئي تي اريٽيريا آزاد ٿي ويو!"

"نگستي تہ ٺيڪ آهي، نہ؟"

خبر ناهي چو دل ڏڪاڏڪا ڪرڻ لڳي.

"سندس دوست سبرينا علي، فون تي سندس شهادت جو ٻڌايو هيو. پر اسان نہ پئي چاهيوسي، تہ تو کي ٻڌائي، تنهنجي پڙهائي ۾ رخنو وجهون."

تڙپي پڇيم "سندس شهادت ڪيئن ٿي؟"

"23 مئي تي، اسمارا ڏانهن پيش قدمي ڪندي، جنهن جيپ تي ويٺل هئي، سا هڪ بارودي سرنگ سان ٽڪرائجي وئي!"

اهو ٻڌي ڳوڙهن کي روڪڻ جي ڪيم پر رکجي نہ سگهيا.

ورونا منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو " موت زندگي جو انت آٿي ٿو. پر رشتن جو نہ.....! هوءَ هميشہ تنهنجي دل ۾ رهندي!"

" هڪ وطن پرست چوڪريءَ جي آزاديءَ جو خواب ساڀيان ٿي ويو. نہ تہ اسان جهڙين جا تہ ننڍڙا خواب بہ اڌورا رهجي وڃن ٿا!"

اڀنا ٽڏو ساهہ پريندي چيو.

"نہ وسارڻ جهڙي پر عزم چوڪري!"

سيرا ٽڏو ساهہ پريندي سندس عظمت جو اعتراف ڪيو.

" توکي فخر ڪرڻ گهرجي تہ تنهنجي دوستِ هر حوالي سان مڪمل قوم پرست هئي!" روزمٹري جي ان جملي منهنجو اندر اڌ ڪري وڌو.

پنهنجي روم تي اچي اوچنگار ڏيئي روئڻ لڳس. نگستي سان پيٽيندي، پاڻ کي تمام ننڍڙو ۽ خسيس محسوس ڪيم...

10 جون ، سومر

صبوح سان پارٽيسپنٽس آفيسر ايوا جي آفيس وڃي پاسپورٽ جمع ڪرايو ۽ ڪيس 11 يا 12 جون تي واپس وڃڻ جي حوالي سان ٽڪيٽ بوڪ ڪرائڻ لاءِ گذارش ڪيم.

هن حيرت کائيندي پڇيو" ايڏي تڪڙ...؟ تون 15 جون تائين تہ رهي سگهين ٿو. اهي ڏينهن تہ پارٽيسپنٽس جي مؤج مستي جا هوندا آهن!"

" بس انهن ئي تاريخن تي واپس ورڻ چاهيان ٿو!"

" هونئن بہ ايشيائي جلدي هوم سڪنيس جو شڪار ٿيندا آهن."

ايوا ٽوڪيندي چيو.

ڪيس کو جواب نہ ڏنم تہ هن چيو.

"مان ڪوشش ڪندس تہ توکي انهن تاريخن تي واپسي جي ٽڪيٽ ڏياريان. سيٽي آفيسر جو چڪر ضرور هٽجانءِ!"

" اوڪي!" چئي، سندس آفيس مان نڪري آيم.

جڏهن ڊيناڪ هاسٽل ۾ پهتس تہ روم جو دروازو بند ڪرڻ ۽ بوٽ لاهڻ بہ گوارا نہ ڪيم. بيڊ تي ائين بي سڌ ٽي ڪري پيس، جڻ ڪو بيسٽ لوزر ايٿليٽ (Best looser Athlete) هجي.....

11 جون، اڱارو

ڊيناڪ 109 جي عمارت جڻ پوت بنگلو ٻڌجندي پئي وئي. ڪالهہ ڪان وٺي، اڄ صبوح تائين ياچاءِ، الوزيا، ڪيدار، رميش، ارنگا، ظاهر ۽ سوباس بہ واري واري سان آيا ۽ موڪلائي ويا. لڳو پئي تہ گهٽن پارٽيسپنٽس ڪي گهر وڃڻ جي گهٽي تڪڙ هئي، يا وري سندن منهن ڪنهن نئين دنيا ڏانهن هيو.

منجهند ڏارا ايوا جي آفيس ۾ پهتس تہ هن پاسپورٽ ۽ واپسي ٽڪيٽ ڏيندي ٻڌايو تہ " 12 تاريخ تي تنهنجي فلائيٽ جو بندوبست ٿي چڪو آهي!"

جڏهن رات جو سيني کي ٻڌايم تہ کين يقين نہ پئي آيو.

سيرا پچيو" واقعي، سياڻي تنهنجي فلائيٽ آهي؟"

" ها!"

"ڪائين وڃي ؟"

"ٻي وڃي!"

"ايڏي تڪڙ؟"

"هاڻي، وڌيڪ رهڻ مشڪل آهي! "

سيرا ٿڏو ساهہ پريندي وراڻيو"هيءَ دنيا بہ هڪ هاسٽل مثل آهي. هرڪو هڪ ڏينهن هليو ويندو. سپ رنج رساما، ڏک سور هتي رهجي ويندا..."

12 جون، اربع

ايمسترڊم جي هوائي اڈي 'اسڪيپول' تان KLM جي فلائيٽ هئي. مون کي پهريان ٽرام تي چڙهي، سينٽرل اسٽيشن پهچڻو هيو ۽ اتان وري ٽرين ذريعي ايمسترڊم.

ٿهي سنبري، ڏهين وڳي صبوح جو روم جي ٽيڈي شهتير تي الوداعي نظرون وڌيون ته ساڻس پنهنجي ڪيل زيادتي تي شرمساري ٿي. ڪرسيءَ تي چڙهي، ڪائنس موڪلائيندي چيم"حقيقت ۾ ته تون بي جان شهتير نه، پر منهنجوحال پائي ٿي رهين. مان توکان پنهنجي ڪيل زيادتيءَ جي معافي ٿو وٺان!"

جڏهن ڪرسيءَ تان لٿم ته محسوس ڪيم جڙ چيو هجائين ته: "مان ڪٿي هيس؟.... اهو ته تون پاڻ ئي هئين.... !"

شولڊر بيگ ڪلهي ۾ وجهي ، بي هٿ سان ٽرالي بيگ گهليندو روم مان ٻاهر نڪري، سيرا جي روم جو دروازو ڪڙڪايم. دروازو ڪليو ته اتي اڌنا، روزمئري ۽ ورونا به موجود هيون. سيني کي ڏسي چيم،

" مان وڃي رهيو آهيان، خدا حافظ! "

" اسان توکي هيٺ الوداع ڪرڻ هلنديون سين!" ورونا اٺندي چيو.

پوءِ چارئي ڄڻيون الوداع ڪرڻ لاءِ هيٺ لهي آيون. پري کان ٽرام نمبر 4 کي ايندو ڏسي، اڌنا موڪلائيندي چيو"اوڪي ڪلاس ميٽ، وش يو گوڊ لڪ!"

ورونا گرمجوشيءَ وارو الوداعي هٿ ملائيندي چيو"اميد ته تون پنهنجي خاندان جو پر جهلو ٿيندين!"

سيرا به ٽڏو ساه پريندي چيو"مون کي يقين آهي ته تون اسان کي هرگز نه وساري سگهندين!"

"ڪيئن وساريندس انهن کي، جن ساڃاه جا سبق ڏنا!"

مون گهرو ساه ڪٽندي وراٽيو.

ٽرام اسٽاپ جي پرسان اچي چڪي هئي.

" ظالمر! دل دل سان تہ ملاءِ ، پوءِ الائي ڇا حياتي!" ائين ڇئي، روزمٹري پري پاکر وڏو تہ سيئي ٽهکن ۾ پئجي ويون.

جڏهن ٽرام تي چڙهيم تہ يقين ٿي ويو تہ بي غرض محبت جو ڪو ڇيهہ ئي ناهي، جنهن تان هزارين جنسي لذتون قربان ڪري سگهجن ٿيون....



موجوده ناول "ڊي ناڪ 109" جو ميدان ادب کي ٺهيل ٽڪيل مليو هيو. اتي تعليم ۽ تربيت جي گڏيل مقصدن جي حصول لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن مان جوان ۽ اڌ عمر ڪردار به اچي گڏ ٿيا. ادب پاڻ به انهن مان هڪ هيو. اها حقيقت هئي. ان حقيقي دنيا ۾ ادب جنم ٿو ونڊي... هاڻي ادب لاءِ ڪجهه سرحدون اهڙيون هيون جن جي حدن ۾ رهڻو به ضروري هيو. ۽ وري انهن حدن جي اندر رهندي فني قدرن تي ڪاربند رهڻ واري سختي به ادب کي سهڻي پئي. منظور کوهيار خوشگوار موسم ۾ ڪانڊيرن وچ ۾ سنياڻي سنياڻي و ڪون ڪنيون، ۽ پڙهندڙ اهو محسوس ڪندو ته هو نه صرف وڃي پار پيو، بلڪ هڪ فن پاره تخليق ڪري ويو آهي.

"ڊيناڪ 109" جي صورت ۾ ڪوهيار جن تجربن جي بنياد تي داستان کي ڪنيو آهي اهي قاري کي اوپرا نٽا لڳن، جو اهي اعليٰ تعليمي اداري جي ڏنل واڌل اڳڻ تي پيش ٿا اچن. ادب اهڙو ميدان آهي جيڪو هرانسان اندر غير محسوس طريقي سان جذبن جي وڏي پنڌار کي وائڙ ۾ مدد ڪري ٿو. اهو داڻي ۽ بهه کي جدا جدا ڪري ٿو. اهڙي طرح انسانن جون ناتمام خواهشون، جن جو سور ۽ اذيتون لاشعور ۾ هر دم موجزن هونديون آهن، انهن سورن تي ٽاڪور ٽيو وڃي، ۽ رهجي ويل زخمن تي ڇڻ ته پهو پٽجي ٽو وڃي.

ڪليم الله لاشاري

"ڊيناڪ 109" ناول ڪردار نگاري ۽ مقصديت جي حوالي سان هڪ بهترين ناول آهي. جنهن جا هڙئي ڪردار انساني ورتاءَ جي حوالي سان پنهنجا اصلي رنگ روپ ۾ ظاهر ٿين ٿا. هي ناول هڪ اهڙي اسپورٽس مئن جي مرڪزي ڪردار تي آڌاريل آهي، جيڪو اسپورٽس مئن اسپرٽ Sportsman spirit جو ته قائل آهي، پر مرداڻي معاشري جي ڏنل ترغيب Temptation تحت، هو عورت ذات کي عاميانه اک سان ڏسي ٿو. پر جڏهن سندس واسطو بين الاقوامي ليول تي سڃاڻ عورتن سان پوي ٿو، ته سندس روايتي رويي ۾ تبديلي اچي وڃي ٿي.

صوفي ذلف علي

ISBN 978-969-2252-27-0

Digitized By M. H. Panhwar Institute
Of Sindh Studies, Jamshoro.

Rs:600